# اِتهاس ۽ راجيہ شاستر

## درجو نائون



# ڀارتيہ سنوڌان

## باب - چوٿون الف

## بنيادي فرض

**قلم 51A**

**بُنيادي فرض : ڀارت جي هرهڪ ناگرڪ جو فرض آهي تہ :**

(الف) هوُ ڀارت جي سنوڌان کي مڃيندو، اُن جي قومي جهنڊي، قومي تراني، آدرش ۽ سنسٿا جي عزت ڪندو.

(ب) آدرش ويچارن، جن آزاديءَ جي لڙائيءَ لاءِ همٿايو ۽ اُتساهہ ڦوڪيو، اُنهن جي سنڀال ۽ پوئواري ڪندو.

(ٻ) ڀارت جي ايڪتا، اکنڊتا ۽ سمپورڻتا جي رکشا ڪندو.

(ڀ) ديش جي حفاظت ڪندو ۽ وقت پوڻ تي ديش سيوا ۾ ٽپي پوندو.

(پ) سڀني ماڻهن ۾ هڪ ايڪتا جي ڀاونا پئدا ڪندو، جيڪا ڌرم، ڀاشا، کيترواد جي ڀيدڀاءُ کان پري هوندي. اَهڙيون رسمون جيڪي عورت ذات خلاف هونديون، اُنهن جو بهشڪار ڪندو.

(ت) ڀارت جي جامع سنسڪرتي ۽ شاندار ورثي جي حفاظت ڪندو ۽ مُلهہ سمجهندو.

(ٿ) قدرتي ماحول جهڙوڪ جهنگل، ڍنڍون، نديون، جهنگلي-زندگي اِنهن جو بچاءُ ڪندو ۽ سڀني پراڻين لاءِ دردمندي رکندو.

(ٽ) وگيانڪ درشٽي، اِنساني مُلهہ، جاچ جوُچ ۽ سڌاري جي ڀاونا کي اَهميت ڏيندو.

(ٺ) عام ملڪيت کي سلامت رکندو ۽ هنسا کان پري رهندو.

(ٽ) شخصي ۽ گڏيل مشغولين جي سڀني کيترن ۾ اَڳتي وڌڻ جي لڳاتار ڪوشش ڪندو جئن ملڪ اَڳتي وڌندو رهي ۽ ڪاميابيءَ جي اوچاين کي ڇُهي.

(ڪ) ماءُ يا پيءُ يا پالڪ آهي تہ اُهو ضرور ڏسي تہ پنهنجي ٻار کي تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو ڏيندو. جنهن جي عمر ڇهن ۽ چوڏهن سالن وچ ۾ هجي.

سرڪاري فيصلو نمبر: اڀياس ٢١١٦ (پر.ڪر ١٦ / ٤٣) ايس.ڊي.٤. تاريخ ١٦.٤.٢٥ موجب اسٿاپت ڪيل
ڪو آڊرينٽينگ ڪاميٽيءَ جي تا. ١٧.٣.٣جي ميٽنگ ۾ هي درسي ڪتاب طيءِ ڪرڻ لاءِ مختصر منظوري ڏني ويئي.

# اِتهاس ۽ راجيہ شاستر

## درجو نائون

مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پستڪ نرمتي و اَڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي.

پر واري ’ڪيو آر ڪوڊ‘ کي سمارٽ فون ذريعي اسڪين ڪري سگهجي ٿو. ان وسيلي توهانکي پڙهڻ / پڙهائڻ لاءِ ڪارائتيون لنڪس (URL) ملنديون.

MTILFM

پهريون ڇاپو : ۲۰۱۷
سڌاريل ڇاپو: 2022

© : مهاراشٽر راڄيہ پاٺيہ پُستڪ نرمتي و اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي-۴۱۱۰۰۴

مهاراشٽر راڄيہ پاٺيہ پستڪ نرمتي و اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، وٽ هن ڪتاب جا سڀ حق واسطا محفوظ آهن. هن ڪتاب جو ڪوبہ حصو سنچالڪ، مهارشٽر راڄيہ پاٺيہ پُستڪ نرمتي وَ اَڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل جي لکيت ۾ منظوريءَ کان سواءِ ڪڍي نٿو سگهجي.

**اِتهاس وشيہ ڪاميٽي:**

ڊاڪٽر سدانند موري، اڌيڪش
شري موهن شيٽي، ميمبر
شري پانڊورنگ بلڪوڙي،- ميمبر
پروفيسر شواني لميي
شري باپو صاحب شندي، ميمبر
شري بالڪرشڻ چوپڙي، ميمبر
شري پرشانت سروڊڪر، ميمبر
شري موگل جاڌوَ، ميمبر - سيڪريٽري

**اِتهاس ۽ ناگرڪ شاستر اڀياس گٽ:**

| | |
|---|---|
| شري راهول پريوُ | شريمتي ميناڪشي اُپاڌيايہ |
| شري سنجيہ وجريڪر | شريمتي ڪانچن ڪيتڪر |
| شري سياش راڻوز | شريمتي شوڪنيا پٽوي |
| شريمتي سنيتا دڙوي | ڊاڪٽر اَنيل سنگهاري |
| **ڊاڪٽر شواني لميي** | ڊاڪٽر راو صاحب شيرڪي |
| شري پائو صاحب اُماٽي | شري مريبا چندنشوي |
| ڊاڪٽر ناگناٿ ييولي | شري سنتوش شندي |
| شري سدانند ڊونگري | ڊاڪٽر ستيش چاپلي |
| شري رويندر پاٽل | شري وشال ڪلڪرني |
| شري وڪرم اڙسور | شري شيبڪر پاٽل |
| شريمتي روپالي گرڪر | شري سنجيہ مهتا |
| ڊا. اجيت آپٽي | شري رامداس ٺاڪر |
| ڊا. موهن ڪرسي | شريمتي شوڪنيا ڪديڙڪر |
| شري رويندر جندي | شري گوتم ڊانگي |
| شري پرڀاڪر لونڊي | ڊ. وئنڪٽش ڪرات |

**ناگرڪ شاستر وشيہ سمتي :**

ڊاڪٽر شريڪانت پرانجپي، اڌيڪش
پروفيسر ساڌنا ڪلڪرڻي، ميمبر
ڊاڪٽر موهن ڪاشيڪر، ميمبر
شري، ويجناٿ ڪاڙي، ميمبر
شري موگل جاڌو، ميمبر سيڪريٽري

**ترجمو ڪندڙ:**

شري ٺاڪرداس لوهاڻا

**چڪاس ڪندڙ:**

شري وجيہ منگلاڻي

**سنيوجڪ:**

شري موگل جاڌو، وشيش اڌڪاري
اِتهاس ۽ ناگرڪ شاستر
شريمتي ورشا سرودي،
سهايڪ وشيش اڌڪاري: اتهاس ۽ ناگرڪ شاستر

**ليکڪ:**

شري گڻيش رائوت
ڊاڪٽر. وئيوي پرسوُلي

**سنيوجڪ:**

شريمتي ڪيتڪي جاني
(اِنچارج آفيسر سنڌي)

**سنيوجن سهايہ:**

شريمتي گيتا گڻيش ٺاڪر
(ڪاپي رائيٽر سنڌي)

ٽائيپ سيٽنگ : ڪرشنا اِنٽرپرائيز ڪئمپ، پوني
اَنيتا ماکيجا، جانڪي موٽواڻي M. 9823771313

**ڪور پيج ۽ سجاوٽ :**

شري مُڪيم شيخ

**نرمتي :**

شري سچيتانند آڦڙي، مکيہ نرمتي آفيسر
شري پرڀاڪر پربُ، نرمتي اَڌڪاري
شري ششانڪ ڪڻڪدڙي، نرمتي سهايڪ

**نقاشڪار :**

شري رويڪرڻ جاڌو

**پرڪاشڪ:**

شري وويڪ اُتم گوساوي،
ڪنٽرولر پاٺيہ پُستڪ نرمتي منڊل،
پرڀاديوي، ممبئي - ۲۵.

| | |
|---|---|
| ڪاغذ : | ۷۰ جي. ايس. ايم. ڪريم وو |
| ڇاپيندڙ : | |
| ڇپائي آرڊر : | |

# ڀارت جو سَنوڌان

## ديباچو

اَسين ڀارت جا لوڪ، ڀارت کي هڪ مُڪمل طور خودمُختيارُ سماجوادي سَرو ڌرم ۽ سَم-ڀاوَ وارو لوڪشاهي گڻراجيہ بڻائڻ لاءِ گنڀيرتا سان فيصلو ڪري ۽ اُنهيءَ جي سڀني ناگرڪن کي:

سماجڪ، آرٿڪ ۽ راڄنيتڪ نياءُ. ويچار، اظهار، وشواس، شرڌا ۽ اُپاسنا جي آزادي؛ درجي ۽ موقعي جي سمانتا، خاطريءَ سان حاصل ڪرائڻ ۽ اُنهن سڀني ۾ شخصي سؤمان ۽ راشٽر جي ايڪتا توڙي اَکنڊتا جي خاطري ڏيندڙ ڀائيچارو وڌائڻ لاءِ.

اسان جي هن سنوڌان سڀا ۾ اَڄ تاريخ چويهين نومبر، ۱۹۴۹ع جي ڏينهن، هن ذريعي هيءُ سنوڌان سويڪار ڪري، اُن کي قانون جي روپ ۾ پاڻ کي ارپڻ ڪريون ٿا.

## راشٽر گيت

جَنَ گَڻَ مَنَ اَڌينايَڪ جَيَہ هي،
ڀارَتَ ڀاڳِيہ وڌاتا
پَنجابَ، سِنڌ، گُجراتَ، مَراٺا،
دراوڙَ، اُتڪلَ، بَنگَ،
وِنڌيَہ، هِماچَلَ، يَمُنا، گَنگا،
اُڇَلَ، جل ڌِ تَرَنگَ،
تَوَ شُڀَ نامي جاڳي،
تَوَ شُڀَ آشيس ماڳي،
ڳاهي تَوَ جَيَہ - ڳاٿا،
جَنَ گَڻَ - مَنگَلَ دايَڪ جَيَہ هي
ڀارت ڀاڳِيہ وڌاتا،
جَيَہ هي، جَيہ هي، جَيَہ هي،
جَيَہ جَيَہ جَيَہ جَيَہ هي.

## پرتگيا

’ڀارت منهنجو ديش آهي. سڀ ڀارتواسي منهنجا ڀائر ۽ ڀينر آهن.
مونکي پنهنجي ديش لاءِ پيار آهي ۽ مونکي ان جي شاندار ۽ طرح طرح جي ورثي تي گَوُرو آهي. مان سدائين ان جي لائق ٿيڻ جو جتن ڪندو رهندس.
مان پنهنجن مٽن، مائٽن، اُستادن ۽ سڀني بزرگن جو سنمان ڪندس ۽ هر ڪنهن سان فضيلت ڀريو ورتاءُ ڪندس.
مان پرتگيا ٿو ڪريان تہ مان پنهنجي ديش ۽ ديشواسين سان سچو ٿي رهندس. انهن جي ڪلياڻ ۽ آسودگيءَ ۾ ئي منهنجو سک سمايل آهي.‘

# پرستاونا

وديارٿي دوستو،

درجي نائين جي اِتهاس درسي ڪتاب ۾ عيسوي سنه ۱۹٦۱ کان ۲۰۰۰ تائين وارو عرصو شامل هوندڙ هيءُ ڪتاب توهانجي هٿن ۾ ڏيندي اَسانکي خوشي ٿئي ٿي. اِتهاس جو اَڀياسڪرم وڌ ۾ وڌ جديد ڪرڻ جي ڪوشش جو هڪ حصو معنيٰ هيءَ درسي ڪتاب آهي.

هن درسي - ڪتاب ۾ ۱۹٦۱ کان پوءِ واري وقت ۾ ڀارت ۾ ٿيل سماجڪ، سانسڪرتڪ ۽ ٻين کيترن ۾ واڌاري جو جائزو ورتو ويو آهي. اِهو جائزو مڪمل برابر نه آهي، ڪتاب جي صفحي جي مريادا ڌيان ۾ رکندي هيءُ چاليهه سالن جو فوري جائزو آهي. اُديوگ - ۽ ٽيڪنالاجيءَ ۾ ايندڙ تبديلين جي ڄاڻ ڏيندڙ، عورتن کي قابل بڻائيندڙ ۽ سماج جي آخري جُزن سان سنبنڌ رکندڙ، واڌارن جي درج هن ڪتاب ۾ آهي. هيءُ وشيه چٽيءَ طرح سمجهه ۾ اَچي اُن لاءِ نقشن، تصويرون، اَنگه - اکرن، اُن کان سواءِ اَلڳه - اَلڳه مشغوليون پڻ ٻڌايل آهن.

هن درسي - ڪتاب دواران توهين مستقبل ۾ ايندڙ چٽاپيٽي - اِمتحانن جو اَڀياس ۽ اِتهاس جو کيتر ۾ اوچ سکيا جو بنياد رکي سگهو ٿا. توهانجا مائٽ هن اِتهاس جا شاهد آهن. اُنهن وٽان توهين درسي ڪتاب وڌيڪ وستار سان سمجهي سگهو ٿا.

راجيه - شاستر وشيه جي اَندر ۱۹۴۵ کان جڳه ۾ ٿيل مکيه وهڪرا ڀارت جي پرڏيهي - نيتيءَ جو سفر، ڀارت جو بچاءُ سرشتو ۽ ڀارت جي بچاءُ سرشتي اَڳيان ايندڙ للڪارون، اِنهن جو اَڀياسُ ڪرڻو آهي. ڀارت ۽ ٻين ديشن جا سپاهي سنبنڌ متحد جماعت راشتر ۽ متحد جماعت راشٽرن جي شانتيءَ جي بچاءُ لاءِ کيل ڪمن ۾ ڀارت جو يوگدان وغيره وشين تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ويئي آهي.

ساڳيءَ طرح اِنساني حقن جي بچاءِ پسگردائيءِ جو بچاءُ ۽ دهشتواد اِنهن جهڙن ڪجهه اَنترراشٽر مسئلن جي سڃاڻپ هن درسي - ڪتاب ۾ ڪئي ويئي آهي. اَنتر راشٽريه سطح جون گهٽنائون سمجهڻ ۾ هن درسي ڪتاب جو مواد ڪمائتو ٿيندڙ آهي.

اِتهاس جي اَڀياس سان زمان - ماضيءَ جو اَحساس ٿئي ٿو ۽ زمان - حال جي سُڌ پوي ٿي. راجيه - شاستر جي اَڀياس زمان مستقبل ۾ ڪهڙي طرف سفر ڪجي، اهو سمجهه ۾ اَچي ٿو. اُن لاءِ هيءُ گڏيل درسي ڪتاب هڪ آڌار - آهي.

(ڊاڪٽر سُنيل مگر)

سنچالڪ

مهاراشٽر راجيه پاٺيه پستڪ

نرمتي وَ اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل - پڻي.

پڻي،

تاريخ -۲۸ اَپريل ۲۰۱۷، اکڻ ٽيج

ڀارتيه سوريه تاريخ : ۸ ويساک، ۱۹۳۹

# - ماسترن لاءِ -

سڀ کان پهرين مان توهان کي واڌيون ٿو ڏيان ڇاڪاڻ تہ توهين اِتهاس وشيہ پڙهايو ۽ پڙهو ٿا. هن سال سنہ ١٩٦١ کان ٢٠٠٠ تائين جو عرصو توهان کي درجي نائين جي ڪتاب مان سيکارڻو آهي. هيءُ ڪتاب سيکارڻ توهانجي لاءِ وڏيڪ خوشي ڏيندڙ آهي ڇاڪاڻ تہ هن ڪتاب ۾ ڇاٽايل گهٽنائن نسبت توهين پاڻ گواهہ آهيو. جيڪي گهٽنائون توهانجي چوڱرد ٿي گذريو آهن، اُهي گهٽنائون هن ڪتاب ۾ شامل ڪيون ويون آهن.

هيءُ ڀارت جو سيني کي سمائيندڙ اِتهاس آهي. درسي ڪتاب لاءِ ٿيندڙ صفحن جي مريادا ڌيان ۾ رکي چاليهہ سالن کان لاڳيتو ۽ سمورو اِتهاس درسي - ڪتاب ۾ ڏيڻ ڏکيو ڪم آهي. وديارٿين جي عمر جي گروپ کي ڌيان ۾ رکي، اُنهن کي وڻندڙ گهٽنائن کي هن ڪتاب ۾ شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. ڪن خاص گهٽنائن جو سهارو وٺي ٻين گهٽنائن جي معلومات توهين وديارٿين کي اِنٽرنيٽ جي مدد سان سمجهڻ لاءِ تيار ڪري سگهو ٿا.

هن درسي - ڪتاب جو مرڪزي مطلب - ويڇهڙائيءَ ۾ آزاد ٿيل ديش واڌاري ڏانهن کهڙي نموني سفر ڪري ٿو، اِهو آهي. جڳہ ۾ سيني کان وڏي لوڪشاهي سرشتو عمل ۾ آڻڻ وارو هيءُ ديش آهي. اِنهيءَ ديش جي سفر ۾ سياسي اَڳواڻي، ڪاروباري اڳواڻي، سائنسدانن تعليم جي ڄاڻڻ، ڪلاڪارن، فنڪارن جو کهڙو يوگيدان آهن، اُن کي داخل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. اُن سان گڏ ڀارت ۾ رهندڙ نگرواسين جو لوڪشاهيءَ ۾ شرڌا ۽ اُن جي بچاءُ لاءِ عوام جي هلچل، هن ڪتاب ۾ اَهميت رکندڙ حصو آهي. شخص کان وڏيڪ سماج سريشٽ آهي. سياسي اَڳوانيءَ کان ديش وڏو آهي. اِهو ئي سنديش آزاديءَ کان پوءِ ڀارت ۾ جنتا ڏنو آهي. گهٽنا جي پنيان آيل مطلب کي وديارٿين سامهون رکڻ، هڪ وڏي للڪار اَسانجي سامهون آهي. اَڄ جي وقت ۾ جديد - ٽيڪنالاجي جي مدد سان اِها للڪار اُستاد سوَلائيءَ سان ڪٽي سگهندا، اِهو وشواسُ اَچي ٿو.

اَسان جيڪو وقت آزمايو، اُهو سيکاريون، اِهو ڪم پهريون دفعو ٿيڻ وارو آهي. اِهو هڪ اِتهاسڪ ڪم آهي. آزاديءَ کان پوءِ ڀارت کي ٻڌڻ ۽ تيار ڪرڻ لاءِ توهين بہ يوگدان ڏيئي سگهو ٿا، اِها اِهميت رکندڙ فلاسافي وديارٿين جي من ۾ جمائڻ لاءِ هيءُ ڪتاب ڪارگر ثابت ٿيندو. اُن لاءِ نقشا تصويرون، چوڪندا ۽ مشغوليون اِهي ساڌن طور واپرايا ويا آهن. پر اَسانجي حاصلات صرف 'ساري جهان سي اَڇا، هندوستان همارا آهي. اِها مطلب جي ڳالهہ شاگردن جي سامهون اَثردائي نموني رکڻي آهي.

راجيہ - شاستر وشيہ جي اَندر اسان هن درجي ۾ 'ڀارت ۽ جڳہ' وچ ۾ آيل هڪ ٻئي سان سنٻنڌن جو جائزو وٺڻ وارو آهيون. اَڄ جي وقت ۾ جڳت ۽ اَنترراشٽريہ سطح تي ٿيندڙ اُٿل - پٿل جو اَثر سڄي ديش تي پوي ٿو. ڄاڻ ۽ ٽڪنيڪ جي کيتر ۾ ٿيل ترقيءَ سبب راشٽرن ۾ وهنواري ڏي - وٺ وڌي آهي. ڀارت کي مرڪز ۾ رکي اِنهن منجهيل، پيچيدن اَنترراشٽريہ سنٻنڌن جي ڄاڻ اَسانکي وديارٿين کي ڏيڻي آهي. اُن جي شروعات معنيٰ نزديڪ واري اِتهاسن ۾ آيل اَهميت ڀريل انترراشٽريہ اُٿل - پٿل، رفتار جو گيان ڏيڻ - هن درسي ڪتاب جو مطلب نئون آهي اُن کي سولائيءَ سان سمجهائڻ، گيان - رچنا وادي نظر سان مطلب پيش ڪرڻ آهي. وشيہ ۾ آنند پئدا ڪرڻ لاءِ اُن مطلب کي اَلڳہ - اَلڳہ طريقن سمجهايو ويو آهي. اَنترراشٽريہ سنٻنڌ سمجهڻ لاءِ وديارٿي پهريون ئي ڪوششون ڪندا آهن. اُستادن کي سيکارڻ وقت اَلڳہ اَلڳہ، طرح - طرح، قسمن جو سهارو وٺڻ گهرجي. پرمپرائن کي ڇڏي نئين ڍنگہ سان سکيا ڏيڻ گهرجي. اَهڙي قسمن جي طريقن جو اَثر ڪندڙ اُپاءُ جو پيش ٿيل درسي ڪتاب ۾ ڀرپور واءُ آهي. جڳت جي شانتي ۽ بچاءُ لاءِ ڪوششون، اِنساني - حقن بابت آدر - سنمان، شانتي ۽ هڪ ٻئي تي وشواس، اِنهن مُلهن ۽ اُن نسبت ڪمن ۾ پڪو وشواس آڻڻ جي ڪوشش اُستاد ڪندا، اِهائي اُميد آهي.

# فهرست

## آزادي کانپوءِ وارو ڀارت

## (عيسوي سن ١٩٦١ کان عيسوي سن ٢٠٠٠)


| باب جو نالو | صفحو نمبر |
|---|---|
| ١. اِتهاس جا ساڌن | 1 |
| ٢. ڀارت : ١٩٦٠ کان پوءِ جون گهٽنائون | 5 |
| ٣. ڀارت اَڳيان اَندروني للڪارون | 10 |
| ٤. آرٿڪ - واڌارو | 15 |
| ٥. تعليمي - سفر | 23 |
| ٦. عورتن ۽ پين ڪمزورگٽن کي سمرٿ بڻائڻ | 31 |
| ٧. سائنس ۽ ٽيڪنيڪي گيان | 37 |
| ٨. اُديوگ ۽ واپار | 43 |
| ٩. بدلجندڙ جيون : ڀاڱو ١ | 47 |
| ١٠. بدلجندڙ جيون : ڀاڱو ٢ | 52 |



**S.O.I. Note :** The following foot notes are applicable : (1) © Government of India, Copyright : 2017. (2) The responsibility for the correctness of internal details rests with the publisher. (3) The territorial waters of India extend into the sea to a distance of twelve nautical miles measured from the appropriate base line. (4) The administrative headquarters of Chandigarh, Haryana and Punjab are at Chandigarh. (5) The interstate boundaries amongst Arunachal Pradesh, Assam and Meghalaya shown on this map are as interpreted from the "North-Eastern Areas (Reorganisation) Act. 1971," but have yet to be verified. (6) The external boundaries and coastlines of India agree with the Record/Master Copy certified by Survey of India. (7) The state boundaries between Uttarakhand & Uttar Pradesh, Bihar & Jharkhand and Chattisgarh & Madhya Pradesh have not been verified by the Governments concerned. (8) The spellings of names in this map, have been taken from various sources.

## اِتهاس وشيہ لياقتون: درجو نائون

### درجي نائين جي آخر ۾ شاگرد هن ڏنل لياقتن ۾ قابليت حاصل ڪن، اِها اُميد آهي.

| نمبر | يونٽ | لياقت |
| --- | --- | --- |
| ١. | اِتهاس جا ساڌن | - اِتهاسڪ ساڌنن جي درجيوار رکڻ اَچڻ گهرجي.<br>- اِتهاسڪ ساڌنن جي اَڀياس ۾ اُن وقت جي گهٽنائن جي ڪلپنا ڪرڻ اَچڻ ۽ اَندازو لڳائڻ.<br>- اِتهاس نسبت نيڪ پڙهي اُن جي معنيٰ ٻڌائڻ.<br>- اِتهاسڪ شيون، ڪاغذ - پٽ، ناڻو ۽ اِليڪٽرانڪ معلوميت گڏ ڪري اُن جو سنگرهہ ڪرڻ اَچڻ. ساڳيءَ طرح اُن جو ورگيڪرڻ اَلڳہ - اَلڳہ ريتين سان ڪري سگهڻ.<br>- اِتهاسڪ گهٽنائن جي معنيٰ حقيقي - ريت سان لڳائڻ - اَچڻ |
| ٢. | راشٽريہ - نرماڻ جي للڪار ڀاڱو - ١ | - ڀارت جي آزاديءَ کان پوءِ جي سفر ۾ اِتهاسڪ گهٽنائن جو سلسلو ٺيڪ ريت سان ٻڌائي سگهڻ.<br>- ڀارت جي اَندروني للڪارن جو چڪستڪ اَڀياس ڪرڻ.<br>- ڀارت ۾ آرٿڪ مالي نيتي وقت موجب بدلجندي ويئي. اِهو چٽيءَ طرح سمجهڻ.<br>- گلوبلائيزشن - جاڳتيڪرڻ سبب ڀارتيہ مالي سڌارن جو جائزو وٺڻ.<br>- خانگي - ڪرڻ، اُداريڪرڻ، جڳتواد سبب ڀارت جي مالي بندوبست ۾ آيل تبديلين جي نسبت جي چڱيءَ طرح ڇنڊ - ڇاڻ ڪرڻ. |
| ٣. | راشٽريہ نرماڻ جي للڪار ڀاڱو - ٢ | - ڀارت جي تعليم سرشتي جي واڌاري جا ٽپ ٻڌائڻ.<br>- اَلڳہ - اَلڳہ سماجڪ مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ تعليم اِهو اَهميت رکندڙ ماڌيم آهي، اِها ڳالهہ ٻڌائڻ.<br>- سماج ۾ آيل ڪمزور ڳُٽن جي واڌاري لاءِ اَلڳہ - اَلڳہ ڪوششون ۽ اُنهن جي اَهميت سڃاڻڻ.<br>- آزاديءَ کان پوءِ ڀارت ۾ وگيان سائنس ۽ تڪنيڪي گيان - ٽيڪنالاجيءَ ۾ ٿيل ترقيءَ جا مثال ڏيڻ.<br>- اُديوگہ ۽ واپار کيترن سان سنبنڌت رکندڙ سگهنن جي معلوميت هٿ ڪري اُن جي ڀارت جي آرٿڪ سرشتي تي ٿيل نتيجي کي ٻڌائڻ.<br>- وگيان ۽ تڪنيڪي ترقيءَ جي بابت فخر هئڻ<br>- اِنٽرنيٽ جي مدد سان نين کوجنائن جي معلوميت ڪرڻ. |
| ۴. | بدلجندڙ جيون | - رعيت ۾ ويچارن فرماڻ ڪرڻ لاءِ شهري سماج کي سڃاڳہ ڪرڻ لاءِ ڦهلاوَ ماڌيم جي ڀومڪا ۽ جوابداريون سڃاڻڻ.<br>- شهريڪرڻ ۽ ڳوٺاڻي جيون جي ڀيٽ ڪرڻ.<br>- سماجڪ سمتا هڪ جهڙائي جي قدر شناسي ڪرڻ جي وشيہ ۾ جاڻ نرماڻ ڪرڻ.<br>- وگيانڪ نظريو قبول ڪرڻ. |

# ١ اِتهاس جا ساڌن

هاڻي تائين اَسان پراچين، وچولي زماني جي ۽ هاڻوڪي ڀارت جو اَڀياس ڪيوسين. هن سال اَسانکي آزاديءَ کان پوءِ واري ڀارت جي اِتهاس جو اَڀياسُ ڪرڻو آهي. هاڻوڪي وقت ۾ اِتهاس جا ساڌن پراچين ۽ وچولي زماني جي ساڌنن کان اَلڳ آهن. لکيل ساڌن، ڀوُتڪ ساڌن، زباني - ساڌن، ڏسڻ ۽ ٻُڌڻ جي وسيلن جا ساڌن اِنهن ساڌنن جي ذريعي اِتهاس جو اَڀياس ٿئي ٿو. اَڄ جي وقت ۾ اَسانکي پراديشڪ، راڄيہ - سطح، راشٽريہ ۽ اَنترراشٽريہ سطح تي ساڌنن جو دُرج ٿيل، ڇاٽل - سڄاڻل سهارو وٺڻو پوندو. اِنهن ساڌنن جي مدد سان اَسان اِتهاس جي لکڻ جو ڪم ڪري سگهنداسين.

**لکيل ساڌن:** هيٺيان ساڌن لکيل ساڌنن ۾ شامل ڪيا ويندا آهن.




**ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

اِتهاسڪ دستاويز جنهن جڳهہ تي حفاظت سان رکيا ويندا آهن، اُن جڳهہ کي ڪاغذ - پٽ جو دفتر چئجي ٿو. ڀارت ڪاغذ پٽن جو دفتر نئين دهليءَ ۾ آهي. هيءُ ايشيا کنڊ ۾ وڏي ۾ وڏو ڪاغذ - پٽن جو دفتر آهي.

اَڄڪلهہ جي وقت ۾ اِخبارون لوڪشاهيءَ جو ٿنڀو آهن، ڄاڻ ڏيندڙ مکيہ ساڌن بہ آهن. ١٩٦١ کان ٢٠٠٠ اِنهيءَ عرصي جو ويچار ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ شروعات ۾ ڇپيل ماڌيم خاص ڪري اِخبارن کان سواءِ ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو ڪوبہ ماڌيم نہ هو. ڀارت ۾ اُڌار نيتي شروع ٿي ۽ اِنٽرنيٽ جو هرهنڌ ڦهلاءُ شروع ٿيڻ سبب ڇپيل ماڌيم بدران ڄاڻ جو هڪ ٻيو ذريعو وڌيو. اُن هوندي بہ ڇپيل سامگريءَ جي ڦهلاءُ ماڌيم جي سمرٿي اَڃا قائم آهي.

**اِخبارون:** اِخبارن مان اَسانکي راشٽريہ ۽ اَنترشٽريہ اُٿل - پٿل، سياست ڪلا، راندين، ساهتيہ سماج ۽ سنسڪرتيءَ ۾ ٿيندڙ اُٿل - پٿل جي ڄاڻ پوي ٿي. اِنساني - جيون سان سنبنڌ رکندڙ ڳالهيون اِخبارن ۾ اَچن ٿيون. راشٽريہ سطح تي ڪم ڪندڙ اِخبارن پنهنجا پراديشڪ ڇاپا بہ ڪڍيا آهن. اُنهن ۾ اَلڳہ اَلڳہ وشين جي ڄاڻ ڏيندڙ ضميما بہ هوندا آهن. ڇپيل ماڌيم ۾ تحرڪ جا مُکہ - پٽر، سياسي - پارٽين جا روزناما، هفتيوار، ماهوار ۽ ساليانا مخزن اَهميت رکن ٿا.

ڪجهہ اِخبارون سال جي آخر ۾ سڄي سال ۾ اَهميت ڀريل واقعن جو جائزو ڏيندڙ ضميما ڪيڊنديون آهن. اُنهن مان اَسانکي سال ۾ ٿيل مکيہ گهٽنائن، کي سمجهڻ ۾ مدد ٿئي ٿي.

**پريس ٽرسٽ آف اِنڊيا (PTI):** ١٩٥٣ کان پوءِ ڀارت ۾ گهٽيل اِخبارن لاءِ سيني اَهميت رکندڙ گهٽنائن جي شروعاتي تفصيل، اَهميت رکندڙ وشين تي ليکہ لاءِ پريس ٽرسٽ آف اِنڊيا اِهو اَهميت رکندڙ وسيلو آهي. پريس ٽرسٽ آف اِنڊيا ليکہ، چٽر، آرٿڪ، وگيانڪ وشين تي ليکہ اِخبارن کي ميسر ڪرايا آهن. هاڻي پي ٽي آءِ آن - لائين - شيوا بہ شروع ڪئي آهي. ١٩٩٠ جي ڏهاڪي ۾ پي.ٽي. آءِ ٽيلي - پرنٽرس جي بدران اُپ گرهہ پرسارڻ معرفت ڦهلاءُ جي ٽڪنيڪ سان ديش ۾ خبرن پهچائڻ جي شروعات ڪئي آهي. اَڄ جي ڀارت جي اِتهاس لکڻ لاءِ اهو مواد اَهميت رکي ٿو.

## ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

ڇپيل ماڌيم ۾ ڀارت سرڪار جي پرڪاشن وڀاڳ طرفان نڪرندڙ سالياني مخزن ۾ ڏنل ڄاڻ پروسي مند هوندي آهي مثال: ڄاڻ ۽ ڦهلاءُ کاتي طرفان نڪتل INDIA 2000 اِنهيءَ سالياني حوالن جو ڪتاب ۾ ڇاپيو آهي. اِهو ڪتاب ’سنشوڌن، سندرڀ ۽ پرشڪشڻ‘ وڀاڳ تيار ڪيو آهي.

اِنهيءَ ڪتاب ۾ زمين، ماڻهو، راشٽريه نشان سياسي سرشتو، بچاءُ، تعليم، سانسڪرتڪ گهٽنا، وگيان، ٽڪنيڪي گيان ۾ آيل بدل - سدل، پسگردائي، صحت ۽ ڪٽنب - ڪلياڻ، سماج - ڪلياڻ، پرسار جا ماڌيم، بنيادي آرٿڪ ڄاڻ، مالي رسد، کيتي، پاڻيءَ جي حفاظت، ڳوٺن جو وڪاس، اَناج ۽ شهري رسد پهچائڻ شڪتي ڪارخانا، واپار منتري آمدرفت، پورهيو، نياپن جي ڏي وٺ، گهر يوجنا، نياءُ، قائدو، جوان ۽ راندين جو وڀاڳ وغيره گهٽنائن جو جائزو وٺڻ، سيني لاءِ ڪم ايندڙ ڄاڻ اِن ۾ شامل آهن. اِنهيءَ ڄاڻ جي سهاري آسانکي اِتهاس لکڻ ممڪن ٿئي ٿو.

ويب - سائيٽ: www.publicationsdivision.nic.in

**ٽپال جون ٽڪليون:** ٽپال جون ٽڪليون پاڻ ڪجهه به نه ٿيون ڳالهائن، تہ بہ اِتهاسڪار اُنهن کان ڳالهرائي سگهي ٿو. ڀارت آزاد ٿيڻ کان پوءِ اُنهن ٽپال جي ٽڪلين ۾ اَلڳہ - اَلڳہ بدل - سدل ڪئي ويئي آهي. ٽڪلين جي شڪلين ۾ بہ ڦيرڦار، نوان وشيہ، رنگن ۾ ميلاپ اِنهن سبب ٽپال - ٽڪليون آسانکي تبديل ٿيل وقت بنسبت ٻڌائن ٿيون.

ٽپال - کاتو، سياسي نيتائن، گلن، جانورن ۽ پکين، ڪنهن گهٽنا، ڪنهن گهٽنا جي، سِلور، گولڊن ۽ پلئٽينم سينچوري، ڊبل سينچوري ۽ ٽرپل سينچريءَ جي بنسبت ٽڪليون ڪڍي ٿو. اِها اِتهاس لاءِ قيمتي اَمانت آهي.

## ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

۱۹۷۷ع ۾ ڀارت - سرڪار جال ڪوُپر ٽپال ٽڪلي پڌري ڪئي. جال ڪوپر ’ٽپال ٽڪلي‘ وشيہ تي جڳہ جي سطح جو اَيياس ڪندڙ هو. ممبئيءَ ۾ پارسي ڪٽنب ۾ جنم وٺندڙ ڪوپر اِنڊين اِسٽئمپ ’جرنل‘ جو سمپادن ڪيو. ڀارت ۾ پهريون ٽپال ٽڪلين کي سنگرہ ڪندڙ بيورو جو هوُپايو وجهندڙ هو. (First Philatelic Bureau) هن اِمپاير آف اِنڊيا فِلاٽيلڪ سوسائٽي برپا ڪئي. اَڳتي هلي هن شخص اِنهيءَ وشيہ تي ڪتاب لکيا. اِنهيءَ شونق کي هن ترتيب وار روپ ڏنو. ڀارتيہ ٽپال - ٽڪلين جو اَيياس جڳہ جي سطح تي ڪٽي وڃڻ ۾ هن جو وڏو ڪم آهي. ٽپال ٽڪلين کي گڏ ڪندڙ ڪمن جي شروعات ڪري جڳہ جي سطح تي پهچڻ واري ڪوُپر جو يوگدان سمجهڻ لاءِ ٽپال - ٽڪلي اَهميت ڀريو ساڌن آهي.




جال ڪو پر ٽپال - ٽڪلي

**طبعي (ڀؤتڪ) ساڌن:** هيٺ ڄاڻايل ساڌن ڀؤتڪ ساڌنن ۾ شامل آهن.

**طبعي ساڌن**

- راڄ - مهر
- روز مرهہ جوُن شيون
- پرارٿنا هنڌ
- سِڪا
- هاٿوڪي جاين جي اَڏاوت
- پوشاڪ
- وسٽو - سنگرهاليہ
- زيور

**سڪا:** سڪن ۽ بدلجندڙ نوٽن جي ڇپائيءَ مان اَسانکي اِتهاس سمجهه ۾ اَچي ٿو. نوٽن ڇاپڻ جو ڪم -رزرو بئنڪ آف اِنڊيا ڪري ٿي. اُن جي هيڊ- آفيس مُمبئيءَ ۾ آهي




سڪا

١٩٥٠ کان اڄ تائين جا سڪا، اُن ۾ واپريل ڌاتوُ اُن جي شڪل، اُن ۾ ڇاٽايل اَلڳ - اَلڳ وشيہ، مان اَسانکي ان وقت جي ڀارت ۾ اهميت رکندڙ سوال سمجهه ۾ اَچن ٿا. مثال طور. وڌندڙ آباديءَ تي ضابطو رکڻ لاءِ پيغام ڏيندڙ ناٽا، کيتي ۽ ڪڙمين جي اَهميت پڌائيندڙ ناٽا.

**وستو سنگرهاليہ:** ڀارت جي سيني راڄين ۾ انهن راڄين جي خاصيت پڌائيندڙ وستوُ - سنگرهاليہ آهن . اُن مان اسانکي ان وقت کي سمجهڻ ۾ مدد ٿئي ٿي. ( ممبئي- ۾ ڇترپتي شواجي مهاراج وستو سنگرهاليہ) سرڪاري سنگرهالين کان سواءِ کي سنگرهه ڪندڙ پنهنجا ڪجهه سنگرهاليہ ٺاهيندا آهن. مثال طور سڪا، نوٽ، الڳ الڳ شڪلين جا ڏيئا. سوپاري ڪتڙ جا اوزار ۽ ڪرڪيٽ جو سامان.

**زباني ساڌن:** اِنهن ساڌن ۾ لوڪ ڪٿا، لوڪ گيت، چوڻيون پچن وغيره شامل آهن. مثال طور: گڏيل مهاراشٽر جي تحرڪ ۾ لوڪ - شاهير اڻا ڀائوُ ساٺي شاهير اَمر شيخ. اِنهن جي لوڪ - گيت معرفت لوڪ-سيوڪن جي همت- اَفضائي ٿئي ٿي.

**ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جا ساڌن:** ٽيليويزن، سنيما ريڊيو وغيره ساڌنن کي ڏسڻ - ٻڌڻ جا ساڌن چئجي ٿو. اَلڳ اَلڳ ڏيهي ۽ پرڏيهي چئنل مثال طور: هِسٽري چئنل، ڊسڪوري.

**ڪري ڏسو:-**

ڪنهن واقعي جو ساهتيہ ۾ ڪيئن عڪس اُڀري ٿو ۽ ڪوي ڪنهن واقعي کي ڪيئن ڏسي ٿو، اُن جو هڪ مثال مهان - ڪوي ڪُسُماگرج جي ڪويتا 'آواهن' ڀارت. چين جنگ جي پَس- منظر تي لکيل ڪويتا ۾ آهي.

برف جا ڪنارا ٻرڻ لڳا، شِوَ جا گهر ڌهڻ لڳا
خون جا ڇنڊا، منڙي اَمڙ جا اَچي برف تي پوڻ لڳا
دعيتن جي پرشٽ پير پوڻ سان اَڄ ستيءَ جا پڇ باغ ويا
اَهڙي وقت ڪيرُ نياڳا چُپ رهندا.
جُوالا جوش جي، نہ ڪنهنجي دل ۾ ٿي ٻري
ٺاهه جون ڳالهيون آهن پري، جنگ جي نوٻت ٺڪ - ٺڪ ڪري
خون جا ڇنڊا، منڙي اَمڙ جا اَچي برف تي پوڻ لڳا.

اَهڙي قسم جي اَنيڪ واقعي تي آڌار رکندڙ لکيل ساهتيہ ڳولهيو.

**فلم ائنڊ ٽيليويزن اِنسٽيٽيوٽ آف اِنڊيا (FTII):** ڀارت سرڪار پوني ۾ ١٩٦٠ ۾ ماڻهن کي تعليم ڏيڻ جي مقصد لاءِ فلم اَئنڊ ٽيليويزن اِنسٽيوٽ آف، اِنڊيا، اِها سنستا برپا ڪئي. راڄنيتي سماج نتيي ڪلا، رانديون، ۽ سنسڪرتي اِنهن اَلڳ اَلڳ کيترن ۾ ٿيندڙ واقعن، گهٽنائن تي آڌار رکندڙ دستاويز فلمون اِنڊيا نيوز رويو نالي سنستا تيار ڪيون. سماج جي اڳواڻي ڪندڙ شخصن ۽ اَهميت رکندڙ جڳهين جي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ ڊاڪيومينٽريز هن وياڳ تيار ڪيا آهن.

اَڄ جي ڀارت جي اِتهاس جي اَڀياس لاءِ اِهي دستاويزي فلمون ڊاڪيومينٽريز ڪارائتيون آهن.

ايف. ٽي. آءِ جو ٻوڊ - نِشانَ



**ڪري ڏسو.**

ديش - ڀڳتي وشيہ سان لاڳاپو رکندڙ کھڙيون فلمن جي توھانکي ڄاڻ آھي؟ توھانجي پسند جي ھڪ فلم جو سار پنھنجن لفظن ۾ لکو.

ھاڻي تائين اِسان اَڄ جي ڀارت جي اِتھاس لکڻ لاءِ ڪجھ ڪمائتا ساڌن ڏٺاسين. ايڪويھن صديءَ وارو زمانو ايتري تہ تيز رفتار سان بدلجي رھيو آھي، جو اِھي جي ساڌن -بہ اَڄ پور آھن. اُن سبب ھاڻي سُپاويڪ نموني نوان ساڌن اُڀيان اَچي رھيا آھن: مثال طور: ٽيليفون، موبائيل، اِنھيءَ سفر ۾ 'پيجر' نالي سان ساڌن بہ رابطي لاءِ آيو ھو. اُھو ساڌن جيتري تيز رفتار سان آيو، اوتري تيز رفتار سان ختم بہ ٿي ويو. اِنٽرنيٽ سبب وڏي ڄاڻ جو وڏ ۾ وڏ اِستعمال اِتھاس جي اَڀياس لاءِ ڪري سگھجي ٿو. پر اُن ڄاڻ جي سچائي، اَصليت جي چڪاس ڪرڻي پوي ٿي. اِتھاس جو اَڀياس، سڀني - ساڌن جو سھارو وٺڻ سان سؤلو ثابت ٿيو آھي. ساڳيءَ طرح اِھي سڀ ساڌن اَڄ جي زماني جا ھئڻ سبب اُنھن ساڌن جو ملڻ سولو ٿيو آھي. اِتھاس جيون جي سڀني اَنگن کي ڇُھڻ - وارو ھئڻ سبب اُنھن ساڌنن جي حفاظت جون ڪوششون سڀني سطحن تي ڏسڻ ۾ اَچن ٿيون. اِھي اَسانکي بہ ڪرڻ گھرجن. ايندڙ باب ۾ اَسين اَڄ جي ڀارت ۾ ١٩٦٠ کان پوءِ آيل اُٿل - پٿل معملن جو جائزو وٺڻ وارا آھيون.



## اَڀياس

**١. (الف) ڏنل بيانن مان صحيح جواب چونڊي بيان پورا ڪيو.**

(١) ڀارت جو راشٽريہ - ڪاغذ پَتن جو دفتري رڪارڊ - روم ---- شھر ۾ آھي.

(الف) پٽني (ب) نئين دھلي

(ت) ڪولڪاتا (ڊ) حيدراباد.

(٢) ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جي ساڌنن ۾ ---- ساڌن شامل آھي.

(الف) اِخبار (ب) ٽيليويزن

(ٿ) ريڊيو (ڊ) مقرر وقت تي ڇپجندڙ رسالا

(٣) پوتڪ ساڌنن ۾ ---- ھيءُ ساڌن شامل نہ آھي.

(الف) سڪو (ب) زيور

(ٿ) عمارتون (ڊ) چوڪيون.

**(ب) ھيٺ ڏنل غلط جوڙو سچاڻي لکو.**

| شخص | خاصيت |
|---|---|
| جال ڪوپر | ٽپال ٽڪلين جو اَڀياسُ ڪندڙ |
| ڪُسُا گرج | ڪوي |
| آٽا پاٽو ساني | لوڪ شاھيرُ |
| اَمَرُ شيخ | چترن جو سنگرھ ڪندڙ |

**٢. نوٽ لکو:-**

(١) لکيل - ساڌن (٢) پريس ٽرسٽ آف اِنڊيا

**٣. ھيٺ ڄاڻايل بيان سبب ڏيئي سمجھايو.**

(١) ٽپال، ڪاتو ٽڪلين جي ذريعي ڀارتيہ - سنسڪرتيءَ جي ورثي ۽ ايڪتا جي حِفاظت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

(٢) جديد ڀارت جو اتھاس لکڻ لاءِ ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جا ماڌيم اھميت وارا آھن.

**مشغوليون:-**

(١) اِسڪول جي دستخط / دستاويز تيار ڪيو.

(٢) Archaeological Survey of India اِھو ڀارت - سرڪار جي منظوري ڪيل ويب سائيٽ تي اَلبَم - اَلبَم ڄاڻ ڏيندڙ - فلم ڏسو

(٣) توھان پنھنجي ڳوٺ جي اِتھاس لکڻ لاءِ ڪھڙا ساڌن واپرائيندا؟ اُنھن ساڌنن جي وسيلي توھان پنھنجي ڳوٺ جو اِتھاسُ لکو.

MTSHHA

# ٢ ڀارت: ١٩٦٠ کان پوءِ جون گهٽنائون

عيسوي سن ۱۹۴۷ع ۾ ڀارت آزاد ٿيو. ۱۹۵۰ع ۾ سنوڌان (جوڙجڪ) کي قبول ڪندڙ ڀارت ۾ خود-مختيار لوڪشاهي راشٽر جو نرماڻ ٿيو. ڀارتيه سماج ۾ قسمين - قسمين ماڻهو رهن ٿا. اِنهيءَ سماج ۾ اَلڳ - اَلڳ ڀاشائن، ڌرمن، ونشن ۽ جاتين جا ماڻهو گڏجي رهن ٿا.

آزادي حاصل ڪرڻ کان پوءِ شروعاتي وقت ۾ ڀارت کي آرٿڪ، سياسي ۽ سماجڪ وڪاس جي مسئلن کي سلجهائڻو هو. پلاننگ - ڪميشن جو نرماڻ ۽ هنري ڪارخانا برپا ڪرڻ تي زور ڏيڻ، اِهو آرٿڪ وڪاس حاصل ڪرڻ ۽ ديش ۾ غريبيءَ جو مسئلو دور ڪرڻ جو رستو اپنايو ويو. چونڊن جي ڪامياب بندوست ۽ لوڪشاهي - پرمپرا تي وشواس سبب اَسانکي راجنيتڪ - پختائي حاصل ڪرڻ ۾ سمرٿي آئي. اُن سان گڏ ڪمزور سماج گُٽ جي ترقيءَ لاءِ اَنيڪ ڪاريه ڪرم ۽ نيتيون شامل هوندڙ سماجڪ سُڌار عمل ۾ آڻڻ لاءِ ڪوششون ڪيون ويون.

**۱۹۶۰ جو ڏهاڪو:** ڀارت جي سياسي حالتن تي اَثر وجهندڙ اَنيڪ اُٿل پُٿل جي معاملا ۱۹۶۰ جي ڏهاڪي ۾ ٿيا. پور چوگيز جي راڄ وارا گوئا دمڻ ۽ ديوَ - اِهي پرديش آزاد ٿيا ۽ اُهي ڀارتيه سنگهه راجيه جا حصا بڻيا. اُتر طرف آيل سرحد ريکا بنسبت ڀارت ۽ چين ڀنهي ديشن ۾ ڇڪتاڻ ۱۹۵۰ کان وڌندي رهي. اِنهيءَ تناءَ جو نتيجو آخر ڀنهي ديشن ۾ ٿيل سرحد جي جنگ ۾ ٿيو. اِها جنگ مئڪ - موهن (۱۹۶۲) ريکا جي ڪيتر ۾ ٿي.



پنڊت جواهرلعل نهرو

ڀارت کي آزادي ملڻ کان پوءِ واري وقت ۾ پنڊت جواهرلعل نهروءَ ڀارت جي اَڳواڻي ڪئي. هو ڀارت جي پرڏيهي - نيتيءَ جو سنگتراش هو. ڀارت جي سماجڪ، آرٿڪ وڪاس تي اُن جو ڏنل زور اَنمول آهي. ۱۹۶۴ ۾ ڀارت جي پرڌان-منتري پنڊت نهروءَ جو سرڳواس ٿيو.



اُن کان پوءِ لعل بهادر شاستري ڀارت جو پرڌان منتري ٿيو. اُن جي ايام ڪاري ۾ ۱۹۶۵ ۾ ڀارت ۽ پاڪستان ۾ ڪشمير جي مسئلي تي جنگ ٿي. سوويت - يونين ڀنهي ديشن لاءِ امين ٻٽجڻ جي ڪوشش ڪئي. ۱۹۶۶ ۾ تاشڪند ۾ لعل بهادر شاستري گذاري ويو. 'جئه جوان، جئه ڪسان' اهو نعرو لعل بهادر شاستريءَ ڏنو ۽ اِن ذريعي هن ڀارتيه ڪڙمين ۽ ڀارتيه جوانن جي اهميت ظاهر ڪئي.



شريمتي اِندرا گانڌي

۱۹۶۶ ۾ شريمتي اِندرا گانڌي ڀارت جي پرڌان- منتري ٿي. هن جي اَيام-ڪاريءَ ۾ پاڪستان جي اوڀر پاڪستان نسبتي ظلمي - نيتيءَ سبب اوڀر پاڪستان ۾ وڏو تحرڪ نرماڻ ٿيڻ جو سبب بڻيو. اِنهيءَ تحرڪ جي اَڳواڻي شيخ مجيبر رحمان جي مُڪتي - واهنيءَ ڪئي. اوڀر - پاڪستان جي اِنهيءَ نتيجي جو اَثر ڀارت تي به پيو. اُن سبب ڪروڙين نرواسي ڀارت ۾ آيا.

**۱۹۷۰ جو ڏهاڪو:** ۱۹۷۱ ۾ ڀارت ۽ پاڪستان وچ ۾ جنگ ٿي ۽ اُن جي نتيجي طور آزاد بنگلا - ديش جو نرماڻ ٿيو. شانتيءَ کي ڪائم رکڻ لاءِ اَڻُو شڪتي جو اِستعمال ڪرڻ جي پنهنجيءَ نيتيءَ جي هڪ حصي طور ڀارت ۱۹۷۴ ۾ راجستان جي پوکرڻ ۾ زمين اندر ڪامياب اَڻُو - ٽيسٽ ڪئي. ۱۹۷۵

۾ سِڪم جي جنتا ڀارتيہ سنگهہ راڄيہ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ووٽ ڏنا ۽ اُن مؤجب سِڪم کي ڀارتيہ - سنگهہ راڄيہ جو درجو مليو.

اِنهيءَ ڏهاڪي ۾ سنڪٽ - ڪال ڀارتيہ نگرواسين جي بنيادي حقن تي پابندي وڌي ويئي. سنڪٽ ڪال سبب ڀارتيہ سرڪار بندوبست ۾ اِنتظام آيو. پر ان سان گڏوگڏ اِنساني - حقن ۾ ڪمي آئي. سنڪٽ جو اِهو وقت ۱۹۷۵ کان ۱۹۷۷ تائين رهيو ۽ اُن کان پوءِ ڀارت ۾ عام چونڊون ٿيون.

اِمرجنسيءَ جي پس - منظر اَنيڪ مخالفت - دل گڏجي جنتا - دل جو نرماڻ ڪيو. نئين برپا ٿيل جنتا دل طرفان ڪانگريس - پارٽي جي زبردست هار ٿي. مورارجي ديسائي پرڌان - منتري بڻيو. اَن جي اَڳواڻيءَ هيٺ سرڪار اَندروني متڀيد هئڻ سبب وڌي عرصي تائين ٽڪاءُ نہ ڪري سگهي. اُن کان پوءِ چرڻ سنگهہ بہ پرڌان - منتري ٿيو. سندس سرڪار بہ وڌو عرصو نہ هلي. ۱۹۸۰ ۾ وري چونڊون ٿيون ۽ شريمتي اِندران گانڌيءَ جي اَڳواڻيءَ هيٺ ڪانگريس پارٽي وري ستا ۾ آئي.

**۱۹۸۰ جو ڏهاڪو :** اِنهيءَ ڏهاڪي ۾ ڀارتيہ سياست ۾ نئون للڪارون سامهون آيون. سکن پنجاب ۾ آزاد خلستان راڄيہ جي گُهر لاءِ تحرڪ شروع ڪيو اِنهيءَ تحرڪ وڏيڪ ويانڪ روپ ۾ ورتو. اِنهيءَ تحرڪ تي پاڪستان جي پنيرائي هئي. ۱۹۸۴ ۾ اَمرتسر ۾ آيل سوني مندر ۾ اجهو ونندڙ آتنڪوادين کي ٻاهر ڪڍڻ لاءِ فوڄ موڪلي ويئي. شريمتي اِندرا گانڌيءَ جي سلامتي ڪندڙن مان سِکہ رکشڪ ڦڻ جي هتيا ڪئي. اِنهيءَ وقت ۾ اُتر - اوڀر ڀارت ۾ الفا سنگهٺن جي اَڳواڻيءَ هيٺ وڏو تحرڪ ٿيو.

۱۹۸۴ع ۾ راجيو - گانڌيءَ پرڌان - منتريءَ طور ديش جون واڳون ورتيون. هن ڀارت جي آرٿڪ سرشتيءَ ۽ وگيان، تڪنيڪي گيان جي کيترن ۾ اَنيڪ سڌارا آڻڻ جون ڪوششون ڪيون.


راجيو - گانڌي

شري لنڪا ۾ تمل ٽورائي وارن جا مسئلا ڇڏائڻ لاءِ ڪوششون ڪيون.

شري - لنڪا ۾ ٽورائيءَ واري تمل سماج کي ديش جي اَندر خود - مختياري ڏيئي هڪ سنگهہ شري لنڪا جي ويچار جي ڦڻ پنيرائي ڪئي هئي پر هن کي اِنهيءَ بنسبت ڪيل ڪوشش ۾ ڪاميابي نہ ملي.

اُن وقت ۾ عام چونڊو ٿيون. اِنهي چونڊن ۾ ڪانگريس پارٽيءَ جي هار ٿي. اُن کان پوءِ اَلڳہ - اَلڳہ پارٽيون هڪُ ٿيون. جنتا پارٽيءَ جي وشوناٿ پرتاپ سنگهہ ڀارت جو پرڌان - منتري ٿيو. ٻين پنتي پيل ذاتين لاءِ جايون محفوظ ڪرڻ جي نيتي اِها هن جو ڏنل وڏي ۾ وڏو يوگدان مڃيو وڃي ٿو. پارٽيءَ جي اندروني ووادن سبب هو گهڻو وقت ڀارت جي پرڌان - منتري پد تي نہ رهي سگهيو. ۱۹۹۰ ۾ چندر - شيکر ڀارت جو پرڌان - منتري ٿيو. اُن جي سرڪار بہ ٿوري وقت لاءِ رهي. ۱۹۹۱ ۾ چونڊن جي پرچار وقت شري لنڪا جي لِٽي (LTTE) سنگهٺن راجيو گانڌيءَ جي هتيا ڪئي.

۱۹۸۰ جي ڏهاڪي جي آخر ۾ جمون ۽ ڪشمير ۾ اَسنتوش جي شروعات ڏسڻ ۾ اچي ٿي. آتنڪوادي ڪارروايُن سبب ڪشميري پنڊتن کي ڪشمير مان وڃڻو پيو. اِهو مسئلو وڌندو ئي رهيو ۽ هاڻي اِنهيءَ مسئلي ڀيانڪ دهشتواد جو روپ اِختيار ڪيو آهي.

**۱۹۹۱ کان پوءِ آيل تبديل :** جڳ جي ۽ ڀارت جي اِتهاس ۾ ۱۹۹۱ جو سال اَهميت ڀريل تبديلين جو سال بڻيو. سوويت يونين جو اِنهيءَ عرصي آس - پاس تفرق ٿيو ۽ جڳ ۾ ٿڌي - جنگ جو خاتمو ٿيو. ڀارت ۾ پي.وي. نرسنگهه راوَ جي اَڳواڻيءَ هيٺ آرٿڪ - سرشتي ۾ اَنيڪ تبديليون آيون.

۱۹۹۶ کان ۱۹۹۹ جي وقت ۾ لوڪ - سڀا ۾ ڪنهن به سياسي پارٽيءَ کي صاف گهڻائي نه ملي هئي. اَٽل بهاري واجپاءِ، ايڇ.ڊي. ديوي گوڙا ۽ اندر ڪمار گڏارالا به ڪم ڏنا . ۱۹۹۹ ۾ ڀارتيه جنتا پارٽيءَ جي اَڳواڻيءَ هيٺ راشٽريه لوڪشاهي گُٺ بندن جي سرڪار ستا ۾ آئي ۽ اَٽل بهاري واجپاءِ ڀارت جو پرڌان - منتري ٿيو.



اَٽل بهاري واجپاءِ پاڪستان سان گفتگو ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي، پر اُن کي ڪاميابي نه ملي. ۱۹۹۸ ۾ ڀارت وري ڪجهه اَٽو آزمائش ڪئي. اَن ٽيسٽ جي ڪاميابيءَ کان پوءِ ڀارت کي اَٽو - هٿيار رکندڙ ديش طور اَعلان ڪيو. ۱۹۹۹ ۾ ڪارگل ڪيتر ۾ ڀارت ۽ پاڪستان ۾ ڪشمير جي مسئلي ڪري جنگ ٿي. اِنهيءَ جنگ ۾ ڀارت پاڪستان کي هارايو.

**ڀارتيه آرٿڪ سرشتو :** آرٿڪ سرشتي کي جديد ڪرڻ، آرٿڪ خود - مختياري ۽ سماجڪ اِنصاف سان گڏ سماجوادي سماج - رچنا اِهي ڀارت جي آزاديءَ کان وٺي ڀارتيه آرٿڪ - سرشتي جون خاصيتون رهيون آهن. ڀارت ۾ ڪارخانا شروع ڪرائي ڀارت کي جديد ۽ پنهنجو پاڻ تي ڀاڙيندڙ بڻايو هو. رٿائن ذريعي سماجڪ نياءَ تي آڌار رکندڙ آرٿڪ - سرشتو وجود ۾ آڻڻو هو. اُن سبب يوجنا آيوگ جي رچنا ڪئي ويئي ۽ پنج - ساليانيوجنائون شروع ڪيون ويون.

۱۹۹۱ ۾ نرسنگهه راوَ سرڪار آرٿڪ سُڌارا آڻڻ شروع ڪيا. اِنهن آرٿڪ سڌارن کي آرٿڪ ڪشادڪاري چئجي ٿو. ڀارت جو آرٿڪ سرشتو انهيءَ نيتيءَ موجب تيزيءَ ۾ اَچي اُڏامڻ لڳو. ڀارت ۾ پرڏيهي سيڙپ وڌي. ڪارخانن، وگيانڪ کيتر ۾ ماهر ڀارتين ڀارت جي آرٿڪ - سُڌارن ۾ مدد ڪئي. ڄاڻ تڪنيڪي کيتر ۾ هنرن روزگار لاءِ نوان وجهه نرماڻ ٿيا. ۱۹۹۱ کان پوءِ انهيءَ تبديليءَ جو بيان ’جڳت واد‘ طور ڪيو وڃي ٿو.

**وگيان ۽ تڪنيڪي گيان :** ڀارت پنهنجو پاڻ تي ڀاڙڻ لاءِ جيڪي ڪوششون ڪيون، به اَهميت ڀريون گهٽنائون شامل ڪري سگهجن ٿيون. ۱۹۶۵ ۾ شروع ٿيل سرسبز - ڪرانتي جو جنڪ ڊاڪٽر ايم.ايس. سُواميناٿن هو. هن نئين تڪنيڪ جو اِستعمال ڪري اَناج جي پيداوار وڌائي. ڊاڪٽر ورگيس ڪُرين وڏيڪ کير ميسر ڪرائڻ لاءِ سهڪاري - تحرڪ جا تجربا ڪري ڀارت ۾ وڏي پيماني تي کير ميسر ڪرايو، اُن کي سفيد - ڪرانتي چون ٿا.

اَڻو - شڪتي ۽ پولار سنشوڌن جي کيتر ۾ ڀارت وڏيڪ ترقي ڪئي آهي. ڊاڪٽر هومي ڀاڀا اَڻو - شڪتي ڪاريه ڪرم جو بنياد ڀارت ۾ وڌ. اَڻو - شڪتي جو اِستعمال بجلي پيدا ڪرڻ، دوائون ۽ سلامتي جهڙن شانتيءَ وارن ڪمن ۾ ڪرڻ لاءِ ڀارت جو زور هو. ۱۹۷۵ ۾ ’آريه - ڀٽ‘ اِهو پهريون اُپ گرهه پولار ۾ ڇڏو ويو. اَڄ ڀارت وٽ ڪامياب پولار ڪاريه - ڪرم آهي. اُن سبب اَنيڪ اُپ گرهه ڀارت پولار ۾ ڇڏيا آهن. دُور - سنچار کيتر ۾ ترقي ٿي آهي.

**سماجڪ ڪيتر ۾ تبديل:** ساڳئي اِنهيءَ وقت ۾ ڀارت جي سماجڪ ڪيتر ۾ پڻ اَنيڪ اَهميت ڀريون تبديليون ٿيون آهن.

اِنهن مان ڪجهه تبديليون عوَرتن ڪي سمرت بڻائڻ جي مسئلن سان سنبنڌ رکن ٿيون ته ڪجهه وانجهيل ڳُٽن جي ترقيءَ لاءِ قبول ڪيل نيتيءَ سان سنبنڌ رکن ٿيون. ديش ۾ عورتن ۽ ٻارن جي سموري وڪاس ڪي رفتار ۾ آڻڻ لاءِ ١٩٨٥ ۾ اِنساني ٻال وڪاس منتراليه جي تحت "مهِلا ۽ ٻال وڪاس" نرماڻ ڪيو ويو. عوَرتن ڪي سماجڪ نياءَ جي خاطري ملڻ گهرجي ۽ رتائن جي ڪاروائيءَ ۾ مدد ملي اُن لاءِ جيڪي قاعدا ٺاهيا ويا آهن، اُنهن ۾ ڏيتي - ليتيءَ تي بندش قاعدي ۽ هڪ جهڙي پگهار جي قاعدي ڪي شامل ڪيو ويو هو. جوڙجڪ جي قلم ٧٣ ۽ ٧٤ ۾ دُرستي ڪئي ويئي. اُن موُجب مڪاني سرڪاري سنسٿائن ۾ عوَرتن لاءِ محفوظ جڳهيون رکيون وييون آهن. جوڙجڪ جي رچنا ڪندڙن ڪي ائين پيو لڳي ته جات - سرشتي سبب ڀارتيہ سماج ۾ ڪي سماج - گٽ سنمان ۽ هڪ جهڙي وجهن کان وانجهيل آهن. اِن مسئلي جي اُپاءَ ڪرڻ لاءِ ١٩٥٣ ۾ 'ڪاڪا صاحب ڪاليلڪر ڪميشن' برپا ڪئي ويئي. ١٩٧٨ ۾ بي. پي. منڊل جي صدارت هيٺ پنتي - ڀيل طبقن جي مسئلن لاءِ وري هڪ ڪميشن مقرر ڪئي ويئي. اَلڳ - اَلڳ شيوائن ۽ سنسٿائن ۾ پنتي ڀيل سماج ڪي واجب عيوضيپڻو ميسر ڪري ڏيڻ لاءِ رزرويشن جي نيتي قبول ڪئي ويئي. شيڊيول ڪاسٽ ۽ شيڊيول ٽرائب ڪي اوچي طبقي جي دٻپ، هنسا ۽ ڏاڍ کان آزاد ٿي عزت آتم - سنمان سان پنهنجي زندگي گذارن ڪري سگهي اُن لاءِ ١٩٨٩ ۾ سرڪار اَتياچار جي خلاف (ائٽراسٽي) قاعدي ڪي منظوري ڏني.

**جڳتواد:** جڳتواد سبب آرٿڪ بندوبست راجنيتي وگيان ۽ تڪنيڪي، سماج ۽ سنسڪرتي، اَهڙن سيني ڪيترن ۾ تبديليون آيون آهن. اِنهن مان ڪجهه تبديلين بنسبت بحث اَسين متي ڏنل فقري ۾ ڪيو آهي. جڳت جي سطح تي اَنيڪ ڪيترن ڀارت هڪ اَهميت ڀريو ديش ٿي اُڀريو آهي. (G-20) ۽ **BRICS (Brazil, Russia, India, China, South Africa)** اِنهن جهڙن اَنترراشٽريہ سنگهٽن جو ڀارت اَهميت رکندڙ ميمبر - ديش آهي. دوُر - سنچار ۽ تڪنيڪي ڪيتر ۾ هڪ اَهميت واري ڪرانتيءَ جو ڀارت آزمودو ورتو آهي.

موبائيل ۽ اِنٽرنيٽ سيوا، اُپگره تي آڌار رکندڙ دوُر- سنچار سيوا سڄي ڀارت ۾ پکڙيل آهن. سياسي ڪيتر ۾ به هڪ ٽڪائو لوڪشاهي ڪيئن ڪاميابيءَ سان ڪم ڪري رهي آهي، اِهو ڀارت جڳ ڪي ڏيکاريو آهي. اُن جي نتيجي طور ڀارتيہ ماڻهن ۾ ۽ خاص ڪري نوجوانن جي جيون جيئڻ جي ڍنگ ۾ خوب تبديل آيل آهي. اِها تبديل کاڌي سان واسطو رکندڙ عادتن ۾، لباس ۾، ڀاشا ۾ چاڻ ۾ ڏسڻ ۾ اَچي ٿي. ايندڙ باب ۾ اَسين ڀارت اَڳيان ڪجهه اَندروني للڪارن بابت اَڀياسُ ڪنداسين.



## اَڀياس

### ١. اَلف:- ڏنل جوابن مان مناسب جواب چونڊي بيان پورا ڪريو

(١) شري لنڪا ۾ تمل، ٿورائيءَ وارن جي ------- مسئلي ڪي چڏائڻ لاءِ اَڳواڻي ڪندڙ پرڌان منتري هو.

(الڪ) راجيو گانڌي (ب) شريمتي اِندرا گانڌي

(ٿ) ايچ.ڊي.ديوي گوڊا (ڊ) پي. وِي. نرسمهه راوَ

(٢) ڀارت جي سر- سبز ڪرانتيءَ جو جنڪ ---- هو.

(اَلف) ڊاڪٽر ورگيس ڪُرين

(ب) ڊاڪٽر هومي ڀاڀا

(ٿ) ڊاڪٽر ايم.ايس سوامي - ناٿن

(ڊ) ڊاڪٽر نامين بورلاگ.

(ب) هيٺ ڏنل مان غلط جوڙو سڃاڻي لکو:-

(١) اِندرا گانڌي - راشٽريه سنڪٽ ڪال

(٢) راجيوَ گانڌي - وگيان - ٽيڪنيڪي گيان

(٣) پي-وي نرسنهه راوَ - آرٿڪ سُڌارا

(۴) چندر شيکر - منڊل ڪميشن

## ٢. ڏنل هدايتن موجب ڪم ڪريو

**(الف) باب جي مواد جي آڌار تي پرڌان - منتري ۽ اُن جو عرصو انجو سلسليوار تختو تيار ڪيو.**

(ب) هيٺ ڄاڻايل ويچار سمجهايو.

(١) ڄگتواد

(٢) سفيد ڪرانتي

## ٣. هيٺ ڄاڻايل بيان سبب ڏيئي سمجهايو.

(١) مورارجي ديسائيءَ جي سرڪار ٿوري وقت لاءِ ٽڪي.

(٢) اَمرتسر جي سوني مندر ۾ فوڄ موڪلي ويئي.

(٣) ڀارت ۾ يوجنا آيوگ جو نرماڻ ڪيو ويو.

## ۴. هيٺ ڏنل سوالن جا جواب وستار ۾ لکو.

(١) جڳ ۽ ڀارت جي اِتهاس ۾ ١٩٩١ اهو سال اَهميت وارين تبديلين جو چو آهي؟

(٢) ڀارت جي آرٿڪ سرشتي جون خاصيتون ڪهڙيون آهن؟

**۴. باب جي مدد سان ڀارت اَڳيان اَندروني ۽ ٻاهرين للڪارين ۽ ڀارت جا شڪتي - هنڌ - جو خاڪو پورو ڪريو.**

| ڀارت اَڳيان للڪارون | شڪتي - هنڌ |
|---|---|
| مثال: ڀارت - پاڪستان جنگ | اَنيڪتا ۾ ايڪتا |
| ............................ | ................. |
| ............................ | اَٽو هٿيان جي تياري |
| نفاق واد / اٽڪٽ واد | ................. |

### مشغولي:-

(١) ڀارت - پاڪستان جنگ ۾ بهادريءَ ڏيکاريندڙ ڀارتيه ”سپاهين جي ڄاڻ حاصل ڪيو.

(٢) ڪارگل - جنگ ۾ بهادر سورمن جا فوٽو (تصويرون) گڏ ڪيو.

(٣) اَڄ تائين ٿيل ڀارت جي پرڌان - منترين جون تصويرن جو سنگره ڪيو.

(۴) ڊاڪٽر هومي ڀاڀا اَٽومڪ شوڌن جي مرڪز جي ڄاڻ حاصل ڪيو.

(۵) ڪير جي پيدائش مان ڪهڙا - ڪهڙا ڌنڌا هلن ٿا. اُنهن بابت فوٽن سان گڏ ڄاڻ حاصل ڪيو.

HU2DIX

# ٣ پارٽ اَڳيان اَندروني للڪارون

هن باب ۾ اَسين پارٽ اَڳيان. ڪجهه اَندروني للڪارن جو ويچار ڪرڻ وارا آهيون. قوت پئدا ڪندڙ تحرڪ، اُتر اوير پارٽ ۾ مسئلا، نڪسلواد، جماعتواد، پرانتواد، اِنهيءَ سلسلي وارا پارٽ اَڳيان اَندروني للڪارن جو اَڀياس ڪنداسين.

**پنجاب ۾ اَسنتوش :** پنجاب راجيہ ۾ اَڪالي دل مکيہ سياسي پارٽي هئي. ١٩٧٣ ۾ اَڪالي دل 'آنندپور صاحب' ٺهراءُ پاس ڪيو. اُن موجب چنديگڙهہ پنجاب کي ڏيو، ٻين راجين ۾ پنجابي ڀاشا ڳالهائيندڙ پرانت پنجاب ۾ شامل ڪيو، فوّج ۾ سکن جو تعداد وڌايو، پنجاب راجيہ کي وڌيڪ خود - مختياري ڏيو، اَهڙيون اَنيڪ گُهرون اِنهيءَ ٺهراءُ ۾ هيون. ١٩٧٧ ۾ اَڪالي - دل (پارٽي) دڪش ستا ۾ آئي. ستا ۾ اچڻ سان، جهونين گُهرن سان گڏ، پنجاب کي نديءَ جي پاڻي - ورهاست ۾ وڌيڪ پاڻي ڏيو. اَمرتسر شهر کي پوتر شهر جو لقب ڏيو، اِهي گُهرون بہ ڪيون ويون.

١٩٨٠ ۾ پنجاب ۾ 'آزاد - خلستان' اِنهيءَ تحرڪ جو بنياد پيو. اُن وقت اَڪالي - پارٽيءَ جي اَڳواڻي سنت هر چرڻ سنگهہ لونگووال ڪئي. هو سوني - مندر ۾ ويهي پنهنجن ڪم ڪندڙن کي مُظاهرا ڪرڻ لاءِ حداتيون ڏيندو هو. سوني مندر جي ٻئي طرفن ڪٽر خلستان وادي جرنيل سنگهہ هتيار بند پوئلڳہ گڏ ٿيڻ لڳا. اِنهيءَ وقت ۾ دهشتواد جون ڪارروايون شروع ٿيون. ١٩٨١ ۾ ايڊيٽرلالا جگت نارائڻ جي خون جي معاملي ۾ ڀندراوالا کي گرفتار ڪيو ويو. اُن کان پوءِ حالتون بگڙجنديون ويون. اُن سبب ١٩٨٣ ۾ پنجاب ۾ راشٽرپتي راڄ لاڳو ڪيو ويو. ڀندراوالا اَڪال - تخت اِنهيءَ ڌارمڪ جڳهہ ۾ رهڻ لڳو. ڀندراوالا جا پوئلڳہ سوني - مندر جي ايراضي پنهنجي قبضي ۾ ڪٽي، اُتي ريتيءَ جو بندوبست ڪيو. اُن جڳهہ کي چوگرد هڪ قلعي جو روپ ڏنو. اُن سبب پنجاب ۾ شانتيءَ لاءِ خطرو پئدا ٿيو. لوڪشاهي - راڄ لاءِ اِها هڪ وڏي للڪار هئي.

**آپريشن بِلوُ - اِسٽار:** اِنهيءَ سوني - مندر مان دهشتوادين کي ٻاهر ڪيڍڻ، اِهو وڏو - ڪم ميجر ڪلديپ سنگهہ براڙ کي سؤنپيو ويو. ٣ جون ١٩٨٤ ڏينهن صبوح 'آپريشن بِلوُ اِسٽار مُهم جي شروعات ٿي. ٦ جون تي اِها ڪارروائي ختم ٿي. اِنهيءَ فوّجي ڪارروائيءَ ۾ پارٽ جي فوّج غير معمولي سنجم رکي ڪارروائي ڪئي. ڀندراوالا سان گڏ ٻيا بہ دهشتوادي ماريا ويا ۽ اِها ڪارروائي خطم ٿي. اُن کان پوءِ ١٩٨٦ ۾ سوني - مندر ۾ وري هڪ دفعو دهشتوادين جي خلاف ڪارروائي ڪرڻي پيئي. اُن ڪارروائيءَ کي 'آپريشن بلئڪ ٿنڊر' چيو وڃي ٿو. اُن کان پوءِ پنجاب ۾ شانتي اِستاپنا ۾ تيزي آئي.



**ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

خاص مقصد رکي ڪيل فوّجي ڪارروائيءَ کي آپريشن چئجي ٿو. آپريشن بِلوُ اِسٽار سوني مندر ۾ لڪيل دهشتوادين کي ٻاهر ڪيڍڻ لاءِ ڪيل فوّجي ڪارروائي هئي.

## اُتر - اوير پارٽ جا مسئلا

اُتر - اوير پارٽ ڇوڻ سان اَسانجي اَکين جي اَڳيان اَٺن - راجين جو ميڙ اَچي ٿو. آسام، اَروڻاچل پرديش، مڻيپور، ميگهاليہ، ميزورم، ناگالئنڊ، سِڪم ۽ ترپُرا اِهي اَٺ - راجيہ معنيٰ اُتر - اوير - پارٽ. اِنهن راجين گهٽ -وڌ انداز ۾ اَنتر - راشٽريہ سرحدن کي ڇُهيو آهي. ونش، ڀاشا، پرمپرا، سانسڪرتڪ اَلڳہ - اَلڳہ خاصيتون، اَهڙن اَلڳہ - اَلڳہ سطحن تي قسمين - قسمين جا فرق نظر اَچن ٿا. اِنهيءَ حصي ۾ رهندڙ ماڻهن جي جماعتن کي پارٽ جي مکيہ وهکري ۾ جوڙڻ جو ڪم آزاد پارٽ جي پهرئين پرڌان - منتري پنڊت جواهرلعل نهروءَ اَڳرائي ڪئي. ١٩٥٤ ۾ هن نيفا (نارٿ ايسٽ فرنٽير ايجنسي معنيٰ پوُروانچل) جو نرماڻ ڪيو. پارٽ چين سرحد تي آيل پرديش ۽ آسام جي اُتر طرف آيل پرديش اِهي جماعتن جا پرديش آهن. اِنهيءَ حصن ۾ رهندڙ سوين جماعتن جو وڪاس

حاصل ڪرڻو هجي ته اُنهن جي سنسڪرتيءَ جو بچاءُ ڪندي وڪاس حاصل ڪرڻ جي پوموڪا پنڊت جواهر لعل نهروءَ ورتي. سنوڏان جي وشيه ۾ خاص بندوبست ڪيا ويا آهن. ١٩٦٥ع اِنهيءَ حصي جي جوابداري پرڏيهي منتراليه کي سوُنپي ويئي. اُتر -اوڀر جي پرديشن ۾ رهندڙ ماڻهن کي مکيه - ڌارا ۾ جوڙڻ لاءِ ١٩٧١ ۾ ’اُتر - اوڀر پريشد قاعدو ٺاهيو ويو. اِنهن قائدن مطابق اُتر-اوڀر پريشد جا ڪم چٽيءَ طرح سمجهايا ويا آهن. آرٿڪ ۽ سماجڪ ڪيترن ۾ هڪ جهڙن فائدن بابت، اَنترراجيه آمدرفت، بجلي، ڪي ٻوڏ تي ضابطو اِنهن جي باري ۾ مرڪز سرڪار کي صلاح ڏيڻ جو ڪم هِن پريشد جو هو.

**ميزورم:** پارٽ جي اُتر - اوڀر حصي ۾ ماڻهن جي جماعتن جو اِتهاس پراچين آهي. پارٽ آزاد ٿيڻ کان پوءِ سرڪار ميز گهٽائيءَ وارن - لشائي ٽڪرين جي حصي ۾ آيل ضلعن کي ڪاروباري اِختياري ڏني مرڪزي سرڪار١٩٥٣ پاشا جي آڌار تي پرانت رچنا آيوگ (ڪمشين) مقرر ٿيڻ تي اُتان جي جنتا جون اُميدون وڌيون. ميزو جي اَڳوانن خود - مختيار ميزو پرانت جي گُهر ڪرڻ شروع ڪيو. ١٩٥٩ ۾ ميزورو پرديش ۾ سخت ڏڪر پيو. اِنهيءَ ڏڪر جي وقت ۾ لال - ڊينگا عام جنتا جا ڪم ڪيا.

١٩٦١ ۾ لال ڊينگا ’ميزو نئشنل فرنٽ‘ (MNF) سنگهٺن برپا ڪيو. ترِپُرا، مڻيپور ۽ لُشائي ٽڪرين پرانت لاءِ ’’گريٽر ميزورمَ معنيٰ آزاد راشٽر جي گُهر لال ڊينگا ڪئي. مارچ ١٩٦٦ ۾ ميزو - نئشنل - فرنٽ ’آزاد - ميزورم‘ راشٽر جي وجود جو اَعلان ڪيو. پرڌان - منتري اِندرا گانڌيءَ اِنهن حالتن کي سختائيءَ سان سنڀاليو ۽ بغاوت کي ختم ڪيو. ١٩٧٢ ۾ حالتون شانت ٿيڻ کان پوءِ ميزو -ڀهل حصي کي مرڪزي سرڪار جي پرديش جو درجو ڏنو ويو. ١٩٨٥ ۾ پرڌان - منتري راجيو - گانڌي ۽ ميزو نئشنل فرنٽ وچ ۾ ٺاهه ڪري ميزورم کي گهٽڪ راجيه جو درجو ڏنو ويو. لال -ڊينگا راجيه جو مکيه منتري ٿيو.

**ناگالئنڊ:** اُتر - اوڀر پارٽ ۾ ناگا جماعت هڪ لڙاڪو جماعت طور سڃاتي ويندي آهي. اوڀر هماليه، ناگا ٽڪرين، آسام ۽ ميانمار جي سرحدي حصن کي ڳنڍي جيڪو علائقو آهي، اُن ۾ ناگا جماعت جا ماڻهو بستيءَ جي حالت ۾ رهندا هئا. ١٩٤٦ ۾ ڪجهه پڙهيل - لکيل ناگا نوجوانن ’ناگا نئشنل ڪائونسل‘(NNC) نالي سنگهٺن ٺاهيو. اَڳتي اُنهن ناگالئنڊ - آزاد راشٽر جي گهر ڪئي. اُنهن جي اَڳواني اَنگامي جهاپوُ ڦِزو ڪندو رهيو. ١٩٥٤ ۾ NNC آزاد سنگهه راجيه جو اَعلان ڪيو ويو. ١٩٥٥ ۾ آسام رائيفلس جي سپاهين ۽ مڪاني ماڻهن وچ ۾ ڇڪتاڻ ٿي. اِنهيءَ ڇڪتاڻ کي ٽڪاڻي لڳائڻ لاءِ فوجي ڪارروائي ڪئي ويئي.

مرڪزي سرڪار ۽ ’اين.اين.سي‘ وچ ۾ بحث - مباحثي لاءِ اَنيڪ ملاقاتون ٿيون. مرڪزي سرڪار جنهن ايراضيءَ ۾ وڏيڪ ناگاجماعت رهي ٿي، اُن ايراضيءَ کي مرڪزي سرڪاري پرديش جو درجو ڏيڻ لاءِ فيصلو ڪيو. آخر نيفا ۾ ناگا گهٽائي وارو پاڳه ۽ سئين سانگه جو حصو گڏ ڪري ١ ڊسمبر ١٩٦٣ تي ناگالئنڊ - راجيه وجود ۾ آيو.

**آسام:** ١٩٨٣ سال ۾ آسام ۾ بنگالي - ماڻهن جي ظابطي جي مسئلي تي آل آسام اِسٽونڊينٽس يونين ۽ آسام گڻ - پريشد تيز تحرڪ هلايو. ١٩٨٥ ۾ پرڌان منتري راجيوَ گانڌي، مرڪزي هوم منسٽر شنڪرراوَ چوهاڻ، آسامي اَڳوان پرفل ڪمار مهنتو وچ ۾ قرارنامو ٿيو. آسام ۾ بي قاعدي گهسندڙ بنگلا ديشي نگرواسين کي واپس موڪلڻ جو ٺهراءُ ڪيو ويو. ١٩٨٦ ۾ آسام وڌان سڀا جون چونڊون ٿيون. اُنهن چونڊن ۾ جيت کان پوءِ آسام گڻ - پريشد جو پرفُل ڪمارمهنتو مکيه - منتري ٿيو. اِنهيءَ لوڪشاهي ڍنگه سان ٿيل چونڊن سبب آسام ۾ شانتي برپا ٿيڻ ۾ مدد ٿي.

**اروڻا چل پرديش:** ١٩٥٤ ۾ نيفا وياڳه جو نرماڻ ٿيو. اُن کي ١٩٧٢ سال کان اَروڻاچل پرديش (اُڀرندڙ سورج جو پرديش) سڏيو ويو. ٢٠ فيبروري ١٩٨٧ ۾ هن کي گهٽڪ راجيه جو درجو ڏنو ويو.

١٩٦٠ کان ٢٠٠٠ جي وقت ۾ اُتر - اوڀر پارٽ جو سفر لوڪشاهيءَ کي وڌيڪ واڌاري وارو ٿيو، مرڪزي سرڪار جون خاص رٿائون ڪارخانن جو وڌڻ واپار-وڻج ۾ واڌارو، تعليم جو ڦهلاءُ سبب هيءَ حصو وڪاس جي مارگه تي هلي رهيو آهي.

## نکسلواد

**نکسلوادي هلچل:** اولهہ بنگال ۾ دارجلنگ ضلعي جي نکسلباريءَ ۾ هيءُ تحرڪ شروع ٿيو. گهٽ زمين وارا هاري ۽ کيت ۾ مزور گڏ ڪري ۱۹٦۷ ۾ نکسلباري حصي ۾ کيتيءَ چوڌاري ٻاڙها جهنڊا لڳائي فصلن تي قبضو ڪيو ۽ اُن ايراضيءَ کي آزاد پرديش طور نکسلوادين اَعلان ڪيو. اِنهيءَ بغاوت مان پريرڻا وٺي جيڪي تحرڪ ڪيا ويا اُنهن کي نکسلوادي تحرڪ چيو وڃي ٿو.

زميندارن جي آرٿڪ ڏهڻ خلاف آواز اُٿارڻ، کيتي سَمتيون ٺاهن، وڏن زميندارن جون زمينن تي قبضو ڪرڻ. اُنهن جي خاندان ۾ ورهاست ڪرڻ، زميندارن جي زمينن جا ڪاغذ - پٽ ساڙڻ، اُنهن کان بندوقون ڦرڻ، لوڪ - نيايالیہ ۾ مقدما هلائي زميندارن کي موت جي سزا ڏيارڻ، لوڪشاهي - سرشتي کي، نامنظور ڪرڻ، پوروچوت بندوبست ڪرڻ، اِهي نکسلوادي - تحرڪ جا مقصد هئا. نکسلواد ديش اڳيان للڪار بڻجي لڳو.

نکسلوادي تحرڪ جو مکيہ مرڪز اولهہ - بنگال هو. پوءِ اُهو آندر - پرديش ۾ تيلنگانا ۾ ڪريم - نگر اَديلاباد، اوپر گوداوري ۽ وشاکا پٽنم جو ڪجهہ حصو، مهاراشٽر ۾ گڊچرولي، ڀنڊارا، چندرپور ۾ آيل ڪجهہ حصا چتيسگڙهہ ۾ بستر، راجنند گانو، سکما گانو مڌيہ پرديش بالا گهاٽ، اوڙيسا ۾ ڪورا پوٽ شامل آهن. اَثر قائم-دائم رهي اُن لاءِ هٿيار بند اَهڙي ’’پيپلس-لبريشن گُوريلا آرمي(PLGA)سنگهٽن برپا ڪيو آهي. اِهو سنگهرش (تڪرار) اَڄا بہ چالو آهي.

## جماعت واد:

جماعت واد اِهو اَسانجي ملڪ اَڳيان هڪ ڪان پوءِ هڪ گنڀير للڪار آهي. سوارٿي مذهبي اَيمان مان جماعتواد نرماڻ ٿئي ٿو. برٽش ماڻهن اسانجي ديش ۾ جماعت واد جا ٻج پوکيا. اَسانجي ديش ۾ اَلڳہ - اَلڳہ ڌرمن جا ماڻهو صدين کان سڪ - پريت سان رهندا آيا آهن. ڪنهن سماج ۾ اَلڳہ - اَلڳہ ڌرم کي مڃيندڙ ماڻهو ۽ انهن ماڻهن ۾ پنهنجي - پنهنجي ڌرم تي فخر هئڻ ۾ ڪا غلط ڳالهہ نہ آهي. پر جڏهن ڌرم جي اَيمان ۾ واڌ اِچي ٿي، تڏهن اُهو غلط ايمان تي پوي ٿو. پوءِ هر ڪنهن کي پنهنجو پنهنجو ڌرم اُتم آهي ۽ ٻيا سڀ خصيس آهن، اِئين لڳي ٿو. اِنهيءَ سبب ڌرم جو اَنڌپٽو يا ڪٽرپٽو اَچي ٿو.

مذهبي ڪٽرپنٽ سبب جماعت واد جو بنياد پوي ٿو اِنهيءَ ڪٽرپٽي سبب راشٽريہ هِت وسري وڃن ٿا. اَلڳہ - اَلڳہ ڌرمن جو پالن ڪندڙ ماڻهن جو هڪ ٻئي کان وشواس گُم ٿئي ٿو. هڪ ٻئي لاءِ ماڻهن ۾ شڪ پئدا ٿين ٿا. هڪ ٻئي ڌرم جي پالن ڪندڙ کي دشمن ليکيو وڃي ٿو. هڪ - ٻئي جي ڏٺن ملهائڻ لاءِ گهٽ اَنداز ۾ گڏ ٿين ٿا. نگرواسيءَ طور سيني کي واجب گُهرن لاءِ ۽ حقن لاءِ گڏ ٿيڻ ناممُڪن ٿئي ٿو. اِنهيءَ ڪٽرپٽي سبب چوڌاري ٿيندڙ واقعن ڏانهن ڏسڻ جي نظر پيد پاو واري ٿئي ٿي.

ڪجهہ ماڻهو آرٿڪ ۽ سماجڪ سوالن جا ويچار بہ پنهنجي پنهنجي ڌرم جي دائري ۾ ڪن ٿا. اَسين خاص ڌرم جا آهيون، تنهنڪري سياست ۾ بنا اَثر وارا آهيون، اِئين سيني ڌرمن جي ڪجهہ شخصن کي لڳي ٿو. اَسان تي سدائين اَنياءُ ٿيندو آيو آهي، اِئين هو سمجهن ٿا. اَسانجي سماج بابت سرڪار پيد- ڀاءُ ڪري رهي آهي. اهڙي ڀاونا زور وٺي ٿي. اَهڙيءَ حالت ۾ هو پنهنجي ڌرم بنسبت ڌارمڪ ڀائرن، متن مائٽن بنسبت نازڪ ٿين ٿا.

اَسانجي ڌرم جي باري ۾ ڪنهن ڪجهہ چيو، يا ڌرم جي نشانين جي خبر هوندي يا اَڻ - ڄاڻائيءَ ۾ اَپمان تہ نہ ٿا ڪن ۽ جيڪڏهن اَپمان ڪن ٿا تہ اُن بابت فساد ٿين ٿا. اُن ۾ بي گناهہ ماڻهو ماريا وڃن ٿا. ڪروڙين رپين جي ملڪيت جو نقصان ٿئي ٿو. اِهو نقصان عام آهي. عام ماڻهن جي شانتي نشٽ ٿئي ٿي. اِنهيءَ فسادن جون ڪوڙين، يادگيرين سبب ماڻهن جا من دکي ٿين ٿا. هڪ ٻئي تي وشواس نہ ٿو رهي.

ماڻهو، ماڻهوءَ ۾ وشواس اِهوئي گڏجي جيئڻ جو آڌار آهي. جيڪڏهن وشواس ٽٽو تہ سماجڪ - جيون جي ايڪتا ۾ درار پوي ٿي. سماجڪ ايڪتا

ڪان سواءِ راشٽريه ايڪتا ڪيئن جُڙندي؟ تنهنڪري اَسان سڀني کي اِنهيءَ ڌارمڪ جماعت واد جو سچي شڪتي لڳائي مقابلو ڪرڻ ضروري آهي. اُن لاءِ اَسان کي اَلڳه اَلڳه مذهبي ماڻهن سان ميلُ - ميلاپُ ٻڌائي رکڻ گهرجي هڪ ٻئي جي ڌارمڪ ڏڻن، وارن ۾ شامل ٿيڻ گهرجي. هڪ ٻئي جون سُٺيون ريتيون، رسمون، سٺا ويچار قبول ڪرڻ گهرجن. سماجڪ ۽ آرٿڪ سوالن ڏانهن اَسانکي ترڪ جي نظريي سان ڏسڻ گهرجي. اِنهن سوالن ۾ ڌرم جي گڙ ٻڙ نه ڪرڻ گهرجي. ڌارمڪ صحبت چو ٿي ٻگڙجي؟ اُن لاءِ آرٿڪ، سياستي، اِتهاسڪ ڪهڙا سبب آهن. اُنهن سببن کي ڳولهڻ گهرجي. جماعتواد کي ختم ڪري راشٽريه ايڪتا کي مضبوط ڪرڻ جو اِهوئي هڪ مارگ آهي.

## پرديشواد

پرديشولا معنيٰ پنهنجي پرديش جي باري ۾ ٻي - واجب اَيمان رکڻ - مثال طور مان بنگالي، مان مراٺي، اَهڙي پنهنجي سڃاڻپ ٻڌائڻ اها هڪ ڳالهه، پر مان بنگالي، مان مراٺي چوڻ معنيٰ مان ٻئي پرانت کان وڌيڪ اُتم آهيان، اَهڙيءَ ڀاونا جو نرماڻ ٿيڻ؛ اِها ڀاونا ٻي - واجب آهي. پنهنجي پرديش لاءِ پنهنجائپ کي اِنهيءَ ٻي - واجب پرانت - اَيمان سبب خراب روپ حاصل ٿئي ٿو. پنهنجي پرانت تي پنهنجو پريم هئڻ سُڀاويڪ آهي، پر اُن ۾ خرابي نه اَچڻ گهرجي.

وڪاس ۾ هڪ جهڙائي نه هئڻ سبب پرديش واد کي هٿي ٿي ملي. آزاديءَ کان پوءِ به ديش جي آرٿڪ وڪاس ڪرڻ وقت شروعات ۾ ڪن راجين جي وڌيڪ ترقي ٿي ته ٻيا راجيه آرٿڪ نظرئي پٺتي رهجي ويا. مثال طور مهاراشٽر، گجرات، پنجاب، تامل ناڊوُ اِهي راجيه آرٿڪ ۽ اُديوگه جي نظر سان گهڻو ڪجهه وڪاس - مارگه تي هئا. اوڙيسا، بهار آسام جهڙا راجيه آرٿڪ ۽ اُديوگه جي نظر سان ترقيءَ جي راهه تي نه هئا. آرٿڪ وڪاس ۽ سُڌارا اِهي ترقيءَ جا بنياد آهن. جن راجين ۾ آرٿڪ وڪاس ٿئي ٿو، اُهي راجيه تعليم، صحت ۽ سنسڪرتيءَ يا ٻين کيترن ۾ ترقي ڪري سگهن ٿا. جن راجين ۾ اَهڙي قسم جو وڪاس نه ٿو ٿئي، اُهي راجيه تعليم ۽ شهري سهوليتن ۾ تمام گهڻو پٺتي رهن ٿا. ترقي ٿيل راجين جي ماڻهن کي جيڪي وڪاس جا وجهه ملن ٿا، اَهڙا وجهه پٺتي پيل راجين جي ماڻهن کي نه ٿا ملن.

تعليم ۾ پٺتي پوڻ، ٻي -روزگاري، غريبي اَهڙن سوالن ۾ ماڻهو آزاري هوندا آهن. اَسانکي ڦاسايو وڃي ٿو، اَسانکي وڪاسن جي فائدن کان پري رکيو وڃي ٿو. اَهڙي ڀاونا اُنهن جي منن ۾ زور پڪڙي ٿي. اُن سبب راجيه - راجيه ۾ سُٺا ناتا نه ٿا رهن. اِها دوستي نه رهي ته اُن جو اُلٽو اَثر راشٽريه - ايڪتا تي ٿئي ٿو. اِنهيءَ آرٿڪ سوالن کي اَسانکي جلد نپٽائڻ گهرجي. اسانجي سرڪار اِنهيءَ نظرئي ۾ ڪوشش ڪري رهي آهي.

پرديش واد اِهو ترقي ٿيل راجين ۽ نه ترقي ٿيل راجين کي ڀڙڪائي سگهي ٿو. اَسين ترقي ڪيل راجيه آهيون چاڪاڻ ته اَسانجي پرديش جو اِتهاس، سنسڪري منڍ کان اُتم آهي؛ اَهڙو وڏائپ جو احساس وڪاس ٿيل راجين جي ماڻهن ۾ نرماڻ ٿئي ٿو، ۽ پوءِ اِهي ترقي ٿيل راجيه ٻين ترقي ٿيل راجين کي گهٽ نظر سان ڏسن ٿا. پنهنجي وڪاس جي فائدي ۾ هو ٻين راجين کي ڪجهه ڏيڻ لاءِ تيار نه ٿيا ٿين. اِن کان اُبتڙ پٺتي پيل راجين ۾ رهندڙ ماڻهن کي پنهنجيءَ گڏيل شڪتيءَ سان پراديشڪ فخر کي جاڳائڻو پوي ٿو. اُن لاءِ هو مڪاني پرمپرا، سنسڪرتيءَ جي قدر شناسي ڪري پنهنجو علحدپڻو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اُن مان پرديش-واد مظبوط ٿئي ٿو. اُن سبب راشٽريه - ايڪتا ۾ رڪاوٽ اَچي ٿي. وڪاس ۾ هڪ جهڙائي آئي. نقصان پهچائيندڙ پرديش واد کي ڪيڏي سگهجي ٿو.

پارٽ اڳيان ايندڙ ڪن ٿورين اَندروني للڪارن جو اَڀياس اَسان ڪيوسين. اُن سان گڏوگڏ، ماڻهن جو تعداد، صاف - صفائي ڪيتي ۽ ڪڙمين جا مسئلا، غريبي، رهڻ لاءِ گهر، ٻن وقتن جو ڀوڄن، اَهڙا ڪيترا مسئلا اَڄ به آهن. اَسان اِنهن للڪارن تي جيت پائي اَڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪيون ٿا. ترقيءَ جي راهه ڏانهن وڌندا رهون ٿا. ايندڙ باب ۾ اَسين آرٿڪ-کيتر ۾ ترقيءَ بابت اَڀياسُ ڪرڻ وارا آهيون.






## اَڀياس

**١. هيٺ ڏنل سوالن جا وستار ۾ جواب لکو:-**

(١) 'اَنندپور' 'صاحب' اِنهيءَ ٺهراءَ ۾ اَڪالي پارٽيءَ ڪهڙيون گُهرون ڪيون؟

(٢) جماعتواد نابود ڪرڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گُهرجي؟

(٣) پرديشواد ڪڏهن زور وٺي ٿو.

**٢. سبب لکو.**

(١) جماعتواد (٢) پرديشواد

**٣. هيٺ ڄاڻايل بيان سبب ڏيئي سمجهايو:-**

(١) آپريشن بِلوُ اِسٽار ڪرڻو پيو.

(٢) جماعتواد جو پوري شڪتين سان گڏجي مقابلو ڪرڻ ضروري آهي.

**٤. هيٺ ڏنل مختصر روپن جا پورا روپ لکو:-**

١. MNF ٢. NNC ٣. PLGA

**مشغولي:-**

١) گهٽڪ راڄين ۽ مرڪزي سرڪار هيٺ هلندڙ پرديشن ۽ اُنهن جي راڄڌانين بنسبت هڪ خاڪو تيار ڪيو ۽ اُن نقشي جي خاڪي ۾ ڄاڻ لکو.

(٢) مڻيپور ميگهاليه، ترپورا ۽ سِڪم اِنهن راڄين جي معلوميت اِنٽرنيٽ جي مدد سان حاصل ڪيو.

# ۴ آرٿڪ واڌارو

ڀارت جي آرٿڪ - نيتيءَ جو اڀياس هن باب ۾ اسين ڪرڻ وارا آهيون. گڏيل آرٿڪ سرشتي (بندوبست) جي قبوليت، پنج ساليانين يوجنا ۽ اُن ۾ مليل جَسُ - اپجس، بئنڪن جو راشٽريہ - ڪرڻ ۲۰ قلمي ڪاريہ - ڪرم، مِل - ڪارخانن ۾ ڪم - ڪندڙ مزدورن جي هڙتال، ۱۹۹۱ جي نئين مالي نيتي. اِنهن جي خاصيتن جو خاصُ طور اڀياس ڪرڻ وارا آهيون.

**گڏيل مالي سرشتو:** ڀارت کي آزادي ملڻ کان اڳ ۾ اسين ڪهڙي قسم جي مالي سرشتي کي قبوليت ڏيون، اِن وشيہ بنسبت ويچارن تي بحث - مباحثو شروع هو. پرڌان - منتري پنڊت نهروءَ ڪنهن بہ هڪ چيزڙي وارو مارگہ قبول ڪرڻ بدران مڌيم - مارگہ جو سهارو ورتو. ڪجهہ ديشن ۾ سماجوادي مالي سرشتو ۽ ڪن ۾ سرمائيداري (پونجيوادي) سرشتو هو. هرهڪ آرٿڪ سرشتي جا ڪجهہ فائدا ۽ ڪجهہ نقصان ٿين ٿا.

سرمائيداري سرشتي ۾ پئدائش جا ساڌن خانگي - مالڪيءَ جا ٿين ٿا. سماجوادي سرشتي ۾ پئدائش جا ساڌن، سماج جا معنيٰ سرڪار جي مالڪيءَ جا ٿيندا آهن. گڏيل آرٿڪ سرشتو خانگي ۽ سماجڪ اِنهن بنهي کيترن ۾ ڪم ڪري ٿو. جديد ڀارت جي آرٿڪ واڌاري لاءِ بنهي آرٿڪ سرشتن نسبت گڏيل آرٿڪ سرشتي جا اسانکي ٿي حصا ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

**(۱) سرڪاري - کيتر:** هن کيتر ۾ ڪارخانا، ڌنڌا، سرڪار جي ضابطي هيٺ ۽ بندوبست هيٺ ٿين ٿا. مثال: بجليءَ ساهتيہ پئدائش.

**(۲) خانگي - کيتر:** هن کيتر ۾ ڪارخانا، ڌنڌا، پوريءَ طرح خانگي ڪارخانيدارن، ڌنڌوڙين جي مالڪيءَ جا ٿيندا آهن. پر اُنهن تي سرڪاري ديکہ - ريکہ ۽ ضابطو ٿيندو آهي. مثال: واپرائڻ ۾ ايندڙ شيون.

**(۳) گڏيل کيتر:** هن کيتر ۾ ڪجهہ ڪارخانا خانگي ڪارخانيدارن - جي مالڪيءَ جا ۽ ڪجهہ سرڪاري بندوبست هيٺ هلايا ويندا آهن.

گڏيل آرٿڪ سرشتو چڱيءَ طرح آسانيءَ سان هلائڻ لاءِ خانگي ۽ سرڪاري کيتر ۾ سُٺي، سندر ميل - ميلاپ واري ڳالهہ ٻولهہ هئڻ ضروري آهي. اِنهيءَ سرشتي جو هڪ ٻئي مقصد آهي اُهو معنيٰ وڏ ۾ وڏ پئدائش ۽ وڌي انداز ۾ ماڻهن جو شامل ٿيڻ. اِنهيءَ سرشتي ۾ سرمائيداري ۽ سماجوادي سرشتن جا سُٺا گُڻ گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. نفعي جي پريرڻا، ڪم ڪندو رهڻ، نيم - پالن، وقت سان گڏيل پلاننگ، وغيره ڳالهين ڏانهن بيپرواهي گڏيل - آرٿڪ سرشتي ۾ نہ ٿي هلي.

هن سرشتي ۾ ديش جي ڀلائيءَ کي اڳڀرائي ڏني وڃي ٿي. ڊگهي وقت تائين واڌاري تي وڌيڪ زور ڏنو وڃي ٿو. بجليءَ وگيانڪ کوج تعليم، ريلوي، نهرون، بندر هوائي اڏا اَڏڻ ۾ پئسن جي تمام گهڻي سيڙپ ٿئي ٿي، پر فائدو گهڻي دير کان پوءِ ٿئي ٿو. هن کيتر ۾ خانگي کيتر ۾ ڪم ڪندڙ وڏي انداز ۾ اڳيان نہ ٿا اچن. اهڙي وقت سرڪار کي اڳيان اچڻو پوي ٿو.

مٿي ڄاڻايل طريقي موجب گڏيل آرٿڪ سرشتي جي رِٿا کي ۽ پنج ساليانين يوجنا قبول ڪري ڀارت واڌاري ڏانهن سفر شروع ڪيو. ۱۹۷۳ ۾ اديوگڪ نيتيءَ موجب ڀاري ڌنڌا، خانداني ڌنڌا ڪندڙ ۽ ڀراوا ڌنڌا اُنهن کي ضابطي ۾ آڻڻ ڀرانت جي واڌاري ۾ هم - وزن حاصل ڪرڻ، اِنهن ڳالهين کي اڳڀرائي ڏني ننڍي پئماني واري ڌنڌن، ڳوٺن جي ڌنڌن، گهريلو ڌنڌن جي واڌاري کي وڌيڪ ڏيان ڏنو ويو. سهڪار کيتر ڏانهن خاص ڌيان ڏيڻ جي شروعات ٿي.

## پنج سالي يوجنائون:

ڀارت آزاد ٿيڻ تائين ڌارين ڀارت جو سمورو آرٿڪ فائدو ورتو غريبي، آدمشماريءَ ۾ واڌ، گهٽ درجي جي رهڻي ڪرڻي جو درجو، کيتي ۽ ڌنڌي - واپار ۾، ساڳيءَ طرح گيان وگيان هئڻ جهڙا ۽

تڪنيڪ ۾ پنتي پيل اهڙا پيانڪ مسئلا ديش جي سامهون هئا. اُنهن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ رٿائن جي غرض هئي.

۱۹۵۰ ۾ ڀارت سرڪار پلاننگ منڊل برپا ڪيو. پرڌان منتري پنڊت جواهرلعل نهرو اِنهيءَ منڊل جو پريزيڊنٽ هو.

اِنهيءَ منڊل ڪيتيءَ ۽ ڳوٺن جي واڌاري لاءِ هم - وزني ڪارخانيداري، گهٽ ۾ گهٽ جيئڻ جي درجي جو بندوبست لوڪشاهيءَ سان نهڪندڙ مالي واڌارو، پراديشڪ واڌاري ۾ هم وزن رٿا ناهڻ ۽ اُنهن رٿائن کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ ماڻهن جي حصيداري ۽ شخصي واڌارو ڪندڙ پنجن سالن جي يوجنا تيار ڪئي. اِنهيءَ يوجنا کي 'پنج ساليانی يوجنا' چئجي ٿو.

## رٿڻ جا بنيادي اُصول:

ڪنهن ديش جي ساڌن - سامگريءَ جي موافق - اَنداز ۾ ورهاست ۽ اُتي رهندڙ اِنساني طاقت جو واجب اِستعمال اُن ديش جي جنتا جون ضُرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ ٺيڪ گهرجن اِهو پلاننگ جو مکيه اُصول آهي.

## يوجنائن جا مقصد

ڀارت جي مالي پلاننگ جا سڀ معامولي رواجي مقصد هن ريت آهن.

(۱) راشٽر جي پئداِئش ۾ واڌ.

(۲) بنيادي ڌنڌن، ڪارخانن تي زور رکي تيزيءَ سان ڌنڌا ڪارخانا وڌائڻ.

(۳) اَناج بنسبت ديش پنهنجو پاڻ تي ڀاڙي، اُن لاءِ کيتيءَ جي پئداِئش پدارٿن ۾ واڌائڻ.

(۴) وڌندڙ اَنداز ۾ روزگار ميسر ٿئي، اُن لاءِ ديش جي اِنساني طاقت جو اِستعمال ڪرڻ.

(۵) حاصلات ۽ ملڪيت جي وچ ۾ آيل فرق دور ڪرڻ.

(٦) شين جي مُلهه کي مقرر سطح تي آڻڻ.

(۷) فئملي پلاننگ عمل ۾ آڻي وڌندڙ آدمشماريءَ تي روڪ وجهڻ.

(۸) غريبيءَ جي پاڙپٽي رهڻيءَ جي درجي کي مٿي ڪرڻ.

(۹) سماج - شيوا جو واڌارو ڪرڻ.

(۱۰) آرٿڪ (مالي) کيتر کي خود - مختيار ڪرڻ.

## پهرين پنج-سالي-يوجنا: (۱۹۵۱-۱۹۵٦):

هن يوجنا ۾ کيتي، سماجڪ واڌارو، ريچ، ٻوڏ تي ضابطو، شڪتي ساڌن، ڳوٺن ۽ ننڍن ڌنڌن، هنرن کي وڌائڻ، وڏن ڪارخانن ۽ معدني - پدارٿ وڌائڻ، آمدرفت، تعليم، صحت، اِنهن بابتن تي خرچ ڪيو ويو. رٿا موجب مالي واڌاري جو بنياد وجهندڙ هيءَ يوجنا هئي.

## ٻي - پنج - سالي يوجنا:- (۱۹۵٦ - ۱۹٦۱):

هن يوجنا ۾ ڪارخانا ۽ اُنهن جي اَهميت پريل مقصد حاصل ڪرڻا هئا. درگاپور. ڀلائي، رائور ڪيلا - اِنهن هنڌن تي رُڪ جا ڪارخانا، سندريءَ ۾ ڪيميائي - ڀاڻ جا ڪارخانا، چترنجن ۾ اِنجڻ جا ڪارخانا، ۾ ريلوي جي ڏٻن جا ڪارخانا وشاکا پٽنم ۾ جهاز جي اوزارن ٺاهڻ جا ڪارخانا وغيره شاهي ۽ ڀاري ڪارخانا سرڪاري - کيتر معرفت اَڏيا ويا. کيتين کي پاڻي پهچائڻ لاءِ ڀاڪرا - نانگل، دامودر جهڙن هنڌن تي شاهي بندَ اَڏيا ويا. اِنهيءَ يوجنا سبب راشٽر جي اُپت ۾ واڌ آئي.



ڀلائي، رُڪ جا ڪارخانا

## ٽين پنج يوجنا (۱۹٦۱-۱۹٦٦):

هن يوجنا ۾ ڌنڌن، ڪارخانن ۽ کيتيءَ جي واڌاري لاءِ هم - وزن حاصل ڪرڻو هو. هر سال ساليانی اُپت ۾ واڌ آڻڻ، ڀاري ڪارخانن، آمدرفت

جي وسيلن، معدني پدارت - واپار جو واڌارو ڪرڻ.
پيڊ پاءُ پٽي ڪيڏڻ ۽ روزگار جا موقعا وڌائڻ اِهي مکيه مقصد هئا.

ٽن پنج سالي يوجنائن کان پوءِ هڪ سالي يوجنا (١٩٦٦ کان ١٩٦٩) هٿن ۾ کنئي ويئي. اِنهيءَ وقت ۾ سخت ڏڪر جو مقابلو ڪرڻ پيو. چين جي حملي ۽ پاڪستان سان جنگ سبب واڌاري جي ڪم بدران بچاءُ ڌانهن ۽ ڏڪر کي ٽارڻ لاءِ سرڪار کي وڏيڪ ڌيان ڏيڻو پيو. اِنهن ڳالهين سبب پارت جي آرٿڪ - سرشتي تي وڏيڪ چڪتاڻ پئي.

## چوٿين پنج ساليانِي يوجنا (١٩٦٩ - ١٩٧٤):

هِن يوجنا جي مقصد کي طئه ڪرڻ وقت پارت پاڻ تي پاڙڻ وارو ٿئي، بنيادي ڌنڌن ڪارخانن جو سرڪاري واڌارو ڪري، مالي سماج واڌاري جي رفتار وڏيڪ تيز ٿئي، ۽ سماجوادي - رچنا جي نرماڻ ڌانهن ڪافي ڌيان ڏيڻ گهرجي، اِئين طئه ڪيو ويو. اِنهيءَ يوجنا جي وقت ۾ ١٤ مکيه بئنڪن جو راشٽريه ڪرڻ ڪيو ويو. اِها يوجنا اُميدن موجب ڪامياب نہ ٿي. چوٿين يوجنا جي وقت ۾ بنگلا ديش يد جو اَثر پارتيه آرٿڪ - سرشتي کي سهن ڪرڻو پيو. نرواسين تي ٿيل خرچ سهن ڪرڻو پيو. سرڪاري نوڪرن جي پگهارن ۾ واڌ، ريلوي ۾ ڪم ڪندڙن جي پگهار ۾ واڌ، اَنتر راشٽريه بازار ۾ پيٽرول جو وڌندڙ اگهه ان سبب پارتي آرٿڪ - سرشتي کي وڏو ڌڪُ سَهڻو پيو.

## پنجين - پنج سالي يوجنا ١٩٧٤ کان ١٩٧٩:

غريبي هٽائڻ لاءِ، ديش کي آرٿڪ نظرئي سان پنهنجو پاڻ تي پاڙڻ لاءِ، اِهي مکيه مقصد اَکين اَڳيان رکي اِها يوجنا تيار ڪئي ويئي. اِنهيءَ يوجنا ۾ راشٽريه پئدائش جي واڌ ڪرڻ، تعليم، قوت - بخش کاڌو ميسر ڪرائڻ، وڏي پئماني تي روزگار جا وجهه ڏيڻ پيئڻ جي پاڻيءَ کي پهچائڻ ڳوٺن ۾ علاج لاءِ ڊاڪٽري - شيوائون ميسر ڪرائڻ ڳوٺن جي حصن ۾ بجلي پهچائڻ ۽ آمدرفت جي وسيلن کي ميسر ڪرائڻ. ڳوٺن ۾ رستا ٺهرائڻ، سماج - ڪلياڻ جون يوجنائون وياپڪ پئماني تي عمل ۾ آڻڻ ڪيتيءَ جو واڌارو ڪرڻ، بنيادي ڌنڌا، واپار، ڪارخانا وڌائڻ، اَناج، ۽ زنده رهڻ لاءِ بين شين جي خريدي کُلُ مختياري واري طريقي ڪري اُن شين جي ورهاست سرڪاري بندوبست سان غريبن کي واجب قيمت تي ڏيڻ اِهي مقصد درج ڪيل آهن.

پنجين پنج ساليانِي يوجنا جي وقت ۾ غريبي هٽائڻ ۽ روزگار جا وجهه وڌائڻ جا مقصد ڪامياب نہ ٿي سگهيا. ١٩٧٧ ۾ ٿيل لوڪ - سپا جي چونڊن ۾ ڪانگريس پارٽي جي هار ٿي. جنتا پارٽي حڪومت ۾ آئي. نئين سرڪار پنجين پنج ساليانِي يوجنا مارچ جي آخر ۾ سماپت ڪري اَپريل ١٩٧٨ کان زنجير يوجنا شروع ڪئي. پر اُها يوجنا ناڪامياب ويئي. ١٩٨٠ ۾ مرڪزي چونڊون ٿي، اُن ۾ ڪانگريس پارٽي حڪومت ۾ آئي. اُن سرڪار زنجير يوجنا بند ڪري وري ڇهوني سرشتي واري يوجنا شروع ڪئي.

## ڇهين - پنج ساليانِي يوجنا ١٩٨٠ کان ١٩٨٥:

اِنهيءَ يوجنا جو زور غريبيءَ جي پاڙ پٽڻ ۽ روزگار نرماڻ ڪرڻ تي هو. يوجنا جا مقصد هن ريت هئا. آرٿڪ سرشتي ۾ خاصيت واري واڌ، غريبي ۽ بيڪاريءَ جي اَنداز کي گهٽ ڪرڻ، ماڻهو ننڍي ڪٽنب طريقي کي پنهنجي مرضيءَ سان قبول ڪن اَهڙي نيتي اَپنائي آدمشماريءَ تي ضابطو رکڻ. ڇهين پنج ساليانِي يوجنا ۾ هيٺ ڄاڻايل پروگرام عمل ۾ آندو ويو.

- ڳوٺن جو گڏيل واڌارو ڪندڙ پروگرام. (IRDP)
- بي زمين ڳوٺاڻن جو واڌارو ڪرڻ. (RLEGP)
- راشٽريه ڳوٺاڻا روزگار پروگرام (NREP)
- سَليم رُڪ - پروجيڪٽ

## ستين پنج ساليانِي يوجنا (١٩٨٥ - ١٩٩٠):

اِنهيءَ يوجنا جو زور اَناج، روزگار ۽ پئدائش تي هو. واڌارو جديد ڪرڻ خود پورتي سماجڪ نياءَ تي زور ڏيڻ، پئدائش جي نيتيءَ ۾ سُڌارو آڻڻ، راشٽريه پئدائش ۾ هر سال ٥% واڌ ڪرڻ، اَناج جي پئدائش ۾ واڌ ڪرڻ، اهي هن يوجنا جا مقصد هئا.

اِنهيءَ يوجنا ۾ هيٺ ڄاڻايل ڪم شروع ڪيا ويا.

• جواهر روزگار يوجنا • اِندرا گهر يوجنا
• ڏهه - لک کوهه کوٽائڻ جي يوجنا
روزگار پيدا ڪرڻ جي نظرئي سان ستين پنج ساليانى يوجنا اَهميت رکي ٿي.

## اَٺين پنج-ساليانى يوجنا (١٩٩٢ کان ١٩٩٧):

هن يوجنا ۾ خانگي - کيتر کي موقعو ڏنو ويو. هن يوجنا جون خاصيتون هن - ريت آهن. راشٽريہ پيدائش جي واڌ جو اَگهه ٦.٥% رکيو ويو. آدمشماريءَ جي واڌ تي پرائمري (اِبتدائي) تعليم جو عام وستار ڪري بي - عمليءَ کي ڪڍي ڇڏڻ. هن يوجنا ۾ هن ريت پروگرام شروع ڪيا ويا.

• پرڌان - منتري روزگار يوجنا • مهِلا سمرڌ يوجنا • راشٽريہ سماجڪ آرٿڪ سهايتا ڪندڙ يوجنا • منجهند جي ماني ڏيندڙ يوجنا • اِندرا مَهِلا يوجنا، گنگا ڪلياڻ يوجنا.

اَٺين پنج ساليانى يوجنا ۾ خانگي - کيتر جي اَهميت وڌي. ١٩٩١ ۾ قبول ٿيل اُدار ۽ آزاد ڪليل نيتيءَ جا عڪس - هن يوجنا ۾ ڏسڻ ۾ اَچن ٿا.

## نائين پنج ساليانى يوجنا (١٩٩٧ کان ٢٠٠٢):

کيتيءَ ۽ ڳوٺن جي واڌاري تي هن يوجنا ۾ زور ڏنو ويو. آرٿڪ واڌاري جو رُخ وڌائڻ، بنيادي کيتر ۾ صحت -بخش ڇاپيتي پيدا ڪرڻ، پرائي سيڙپ لاءِ ڏندن، ڪارخانن جي نيتيءَ ۾ نئين ريت آڻڻ، اِهي هن يوجنا جا مقصد هئا.

هن يوجنا ۾ سُورڻ - جينتي شهري روزگار يوجنا، پاڳيشري بال - ڪلياڻ - يوجنا، راج - راجشوري مَهِلا ڪلياڻ يوجنا، سُورڻ جينتي گرام - خود - روزگار يوجنا، جواهر گرام سمرڌي يوجنا، اَنتيوديہ اَن يوجنا، پرڌان - منتري گرام - سڙڪ يوجنا وغيره پروگرام شروع ڪيا ويا.

اِنهيءَ يوجنا ۾ لاڳاپو رکندڙ بندوبست ۽ شيوائن جي کيتر ۾ ترقي اُميدن جي اِنداز ۾ حاصل ٿي.

## بئنڪن جو راشٽريہ ڪرڻ:

پنڊت نهروءَ ۽ لعل بهادر شاستريءَ انهن پرڌان منترين آيامڪاريءَ ۾ بئنڪنگ -ڌنڌو خانگي کيتر جي هڪ هٿي هو. اِهي بئنڪون ڪمپنين جي عيوضي طور ڪم ڪنديون هيون. ڪمپنين جي واڌاريءَ نفعي وڌائڻ لاءِ اِنهن بئنڪن جا سنچالڪ منڊل ڪم ڪندا هئا. اِنهن ۾ ڇيڏُ وجهڻ لاءِ سرڪار ١٩٥٥ ۾ ’اِمپيريل بئنڪ‘ جو راشٽريہ ڪرڻ ڪيو. اُن جي تبديل ’پارتيہ اِسٽيٽ بئنڪ‘ ۾ ٿي. اِنهيءَ بئنڪ ٿوري - وقت ۾ پنهنجون شاخائون سڄي ديش ۾ کولي واڌاري ۾ اَهميت واري ڀومڪا جي شروعات ڪئي.

## راشٽريہ - ڪرڻ جو پسُ - منظر :

پارت آزاديءَ کان پوءِ واري وقت ۾ گڏيل آرٿڪ سرشتو قبول ڪيو هو. يوجنائون عمل ۾ آڻڻ وقت نقصان ٿئي تہ اِهو پرڻ لاءِ بئنڪن جي راشٽريہ - ڪرڻ جي ضرورت هئي. راشٽريہ ڪرڻ ٿيڻ کان پوءِ اِنهن بئنڪن کي ملندڙ. نفعو سرڪاري خراني



### چا توهانکي ڄاڻ آهي؟

پرڌان - منتري اِندرا گانڌيءَ ١٩ جولاءِ ١٩٦٩ جي ڏينهن ١٤ بئنڪن جو راشٽريہ - ڪرڻ ڪيو. اُنهن ۾ اَللهاباد بئنڪ، بئنڪ آف بڙودا، بئنڪ آف اِنديا، بئنڪ آف مهاراشٽر ڪئنارا بئنڪ، سينٽرل بئنڪ آف اِنديا دينا بئنڪ، اِنڊين بئنڪ، اِنڊين بئنڪ، پنجاب نئشنل بئنڪ سنڊيڪيٽ بئنڪ، يونائيٽيڊ بئنڪ آف اِنديا، يونائيٽيڊ ڪمرشيل بئنڪ، (يو ڪو بئنڪ) يونين بئنڪ آف اِنديا اهي ١٤ بئنڪون شامل آهن. ١٩٨٠ ۾ ٻين ڇهن بئنڪن جو راشٽريہ ڪرڻ ڪيو ويو.

۾ جمع ٿيٺو هو. اِنهن مان نندين ۽ وچولي ڏنڊن جو واڌارو ٿيڻ لاءِ نيتي ضروري هئي. لعل بهادر شاستريءَ اَناج جي اَڻاٺ ۽ ڏڪر جي ماڻ ڪرڻ لاءِ سائي - ڪرانتي جي آزمائش ڪي هٿ ۾ ڪنيو هو. پرڌان - منتري اِندرا گانڌيءَ جي اَيامڪاريءَ ۾ ڪانگريس - پارٽيءَ جي سماجوادي ويچارن مان پريرڻا وٺندڙ 'ڪانگريس فورم فار سوشلسٽ ائڪشن انهي گُٽ واپاري بئنڪن جي راشٽريه - ڪرڻ جي گُهر ڪئي. ڪميونسٽ - پارٽيءَ به اِنهيءَ گُهر جي پنيرائي ڪئي هئي.

**ويهه قلمي پروگرام:** ۱ جولاءِ ۱۹۷۵ ۾ پرڌان منتر اِندرا گانڌيءَ ويهه - قلمي پروگرام جو اَعلان ڪري واڌاري - ڪيل راشٽرن جي طرف ۾ رفتار سان سفر ڪرڻ جو سنڪلپ ڪيو. اُن ۾ مکيه بندوبست هن ريت آهن:-

(۱) کيتيءَ ۽ شهري حصن ۾ وڌ ۾ وڌ زمين جي حد ملڪيت جي هڪجهڙي ورهاست، کيت ۾ ڪم ڪندڙ مزورن کي گهٽ ۾ گهٽ پگهار طيءِ ڪرڻ، پاڻيءَ جي سنڀال لاءِ يوجنا ۾ واڌ ڪرڻ.

(۲) مزورن کي اُديوگ کيتر ۾ حصيداري ملڻ خاص تعليم يوجنا، بيگرجي ڪم مان آزاد ڪرڻ.

(۳) ٽئڪس نه ڀرڻ، مالي گناهه، سمگلنگ روڪڻ.

(۴) زندگي جيئڻ لاءِ ضروري شين جي اَگهن تي ضابطو رکڻ ۽ ريشتگه سرشتي کي سُڌارڻ.

(۵) آڏاٺي - کيتر جي واڌاري معرفت نهايت عمدي ڪپڙي - اُديوگه جو نرماڻ ڪرڻ، ڪمزور طبقي جي قرض - معاف ڪرڻ گهرن جي اَڏاوت، آمدرفت جون سهوليتون، اِسڪول لاءِ تعليم جا ساڌن ميسر ڪري ڏيڻ.

**مزورن جا مسئلا:** ۱۸۵۴ ۾ پهرين ڪپڙي جي مِل ڪاوسجي داور شروع ڪئي. اُن کان پوءِ دادر، پريل، بائڪلا، شودي، پريا ديوي، ۾ ورلي ۾ ڪپڙي جون مِليون شروع ٿيون. اِنهيءَ حصي کي گرڻ - گانو طور جاتو - سُڃاتو ويو. ۸۰ جي ڏهاڪي ۾ مزورن ۾ اَسنتوش نرماڻ ٿيڻ لاءِ بين کيترن ۾ آيک مالي حالتون سبب آهن.



ڪپڙي جي مِل

ڪِنِ اُديوگن ۾ مزورن جي پگهار وڌي هئي. اُنهن کي بونس جي رقم وڌيڪ ملندي هئي. مِل ۾ ڪم ڪندڙن مزورن کان وڌيڪ سهوليتون ملنديون هيون.

**ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

مهاتما جيوتيراوَ ڦُلي جي ساٿي نارائڻ ميگها جي لوکندي جي ڪوشش سبب ۱ جنوري ۱۸۸۲ کان مِل - مزورن کي هفتي ۾ هڪ ڏينهن 'آرتوار' جي موڪل ڏيڻ جو فيصلو ٿيو.

۱۹۸۱ جي ڏياريءَ ۾ ۲۰% بونس جي اُميد هئي. ڪامگار جي عيوضي راشٽريه مِل مزورن سنگهه مالڪن سان ڳالهيون - ٻولهيون ڪري مزور کي وشواس ۾ کڻڻ کان سواءِ ۸% کان ۱۷% تي ناڪه ڪيو. بونس ۾ ٿيل ڪمي اَسنتوش جي چڻنگه بڻي. ڪجهه مزور ڊاڪٽر دتا سامنت وٽ ويا. اُنهن ڊاڪٽر دتا سامنت کي اڳواڻي قبول ڪرڻ جي وينتي ڪئي. ٦٥ ملين ۾ ڪم ڪندڙ مزور گڏ ٿيا ۽ دتا سامنت هڙتال جي اڳواڻي ڪرڻ لڳو. ۱۸ جنوري ۱۹۸۲ تي ممبئيءَ ۾ اَڍائي - لک مزور هڙتال تي ويا. گرڻ - گانوَ جي ڏڙ - ڏڙ رکجڻ سبب مُمبئيءَ جي دل جي ڌڙڪن چڻ بند ٿي ويئي.



## ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

سانسڪرتڪ نظرئي موجب لوڪ - (ناٽڪ)، لوڪ - ڪلا، ساهتيہ، مزور - درجي جو وڏو يوگدان ڏنل آهي، اَڻا ڀائوُ ساٺي، شاهير امر شيخ، شاهير سابلي وغيره اَنيڪ لوڪ - شاهير جنتا ۾ سُڄاڳي آڻيندڙ پروگرام سبب مشهور ٿيا. نارائڻ سُروي ناماديو ڍسال وغيره شاعرن محنت ڪندڙ مزدورن جو حقيقي درشن پنهنجيءَ ڪويتا معرفت ڪرايو آهي.

مکيہ - منتري اي. آر. اَنتولي اِنهيءَ مسئلي کي حَلُ ڪرڻ لاءِ، ٽن پارٽين جي ڪاميٽي مقرر ڪئي. پوءِ بابا صاحب ڀوسلي مکيہ - منتري ٿيو. قائدي موجب سرڪار راشٽريہ مِل - مزور سنگھہ سان ٺي ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ جي ڀومڪا ناهي. ڊاڪٽر دتا سامنت اِنهيءَ قائدي کي رد ڪرڻ جي گهُر ڪئي.

هڙتال جي شروعات واري وقت ۾ مزورن کي ڳوٺن مان مدد ملي. شروعات ۾ هڪ ٻئي کي مدد ڪرڻ ۾ مزورن کي ڪا خاص مُصيبت نہ آئي. ويا ڳہ جون ڪاميٽيون برپا ڪري، اُنهن مزور ۾ اَناج جي ورهاست ۽ مدد ۾ مليل ملڪيت جي ورهاست ڪئي. ڪاپيءَ ڏُر اِنهيءَ هڙتال جي پنيرائي ڪئي هئي. هڙتال ڇڪجڻ سبب مزرن ۾ قوت وجهڻ جي ڪوشش شروع ٿي. هڙتال کي ٦ مهنا پورا ٿيا. مرڪزي سرڪار هڙتال ڏانهن پوري بي - پرواهي ڏيکاري. مزورن 'جيل ڀريو تحرڪ' هلايو سيپٽمبر ١٩٨٢ ۾ مهاراشٽر وڌان - سڀا تي ڏيڊ - لک مزورن مورچو ڪڍيو. اُن مورچي جو ڪوبہ نتيجو نہ نڪتو. هڙتال کي هڪ سال پورو ٿيو. تمام وڏي وقت تائين هلندڙ هيءَ پهرين هڙتال هُئي. اِنهيءَ وقت ۾ اَٽڪل ڏيڊ لک مزور بيڪار ٿيا.

ڪپڙن ڪان وڌيڪ پوليسٽر جي اَهميت اَچڻ سبب بنيادي طور مِل جي ڪپڙن جي کپت تي اَثر پيو. مُمبئيءَ ڪان ڪپڙي جون مِلون سورت ۽ گجرات ۾ ويون. مرڪزي سرڪار ١٣ ملين جو راشٽريہ - ڪرڻ ڪيو. مسئلي کي حَلُ ڪرڻ لاءِ عدالت مقرر ڪئي ويئي. پر ڪاميابيءَ نہ ملي.

**نئين مالي نيتيءَ:** جديد ڀارت جي اِتهاس ۾ ١٩٩١ سال اَهميت رکي ٿو. ڏهين لوڪ - سڀا چونڊن ڪان پوءِ مرڪز ۾ پي. وي نرسنهراءُ پرڌان - منتري ٿيو. ڊُهن مالي - منتري



پي. وي نرسنهراءُ

ڊاڪٽر - منموهن سنگھہ جي سهڪار سان ڀارت جي آرٿڪ سرشتي کي دنيا جي آرٿڪ سرشتي سان جوڙڻ لاءِ نئين آرٿڪ - نيتي قبول ڪئي. اُن لاءِ ڀارتيہ آرٿڪ - سرشتي ۾ بنيادي روپ جون تبديليون ٿيون. ڀارت جي آرٿڪ - سرشتي کي جڳہ جي وهڪري ۾ آندو.

اُن وقت ڀارت جي آرٿڪ حالت گنڀير هئي. پي. وي. نرسنهراءُ ڪان اَڳہ چندر - شيکر جي سرڪار هئي. اُن جي سرڪار جي وقت مهانگائي جو اَڳهہ ١٧% هن آرٿڪ واڌ جو اڳهہ ١.١% گهٽيل هو. آمدني لاءِ فقط هڪ هفتي جيترو ناڻو ڀارت ۾ هو. پرائي قرض جي چڪتو ڪرڻ لاءِ ۽ اُن تي وياج ڏيڻ لاءِ ڏکيو ٿيو هو. ميءَ ١٩٩١ ۾ چندر شيکر جي وقت ۾ ڪجهہ سون وڪڻي ۽ ڪجهہ سون گروي رکي حالتن کي منهن ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. چندر - شيکر ڪان اَڳہ وشوناٿ پرتاپ سنگھہ جي سرڪار سيني ڪڙمين جي قرض معافي ڏني. اُن سبب ١٠ هزار ڪروڙ رپين ڪان بہ وڌيڪ ٻوجهو آرٿڪ - سرشتي تي پيو. مرڪز ۽ راڄين جو گڏيل اَندروني قرض جو ڪل راشٽريہ ٿيو. ١٩٨٠ - ٨١ ۾ ٻاهريون قرض ٢٣٥٠ ڪروڙ ڊالر هو. اُهو ١٩٩٠ - ٩١ ۾ ٨٣٨٠ ڪروڙ ڊالر ٿيو. اُن وقت ڀارت جو پرڏيهي ناڻو. ١٠٠ ڪروڙ ڊالرس هئا. اِن جو سبب عراق جو ڪُويت تي حملو ڪري تيل جي وڌندڙ قيمت هو. ڀارت لاءِ ٻاهريون قرض وٺڻ ڏکيو ٿيو. غير رهائشي - ڀارت واسين ريشو ٥٥ سيڪڙو تي ويو. پنهنجي رکيل پرائي ناڻي کي ڀارت مان ڪڍڻ شروع ڪيو.

**اُپاءُ - يوجنا:** اِنهن حالتن مان رستو ڪڍڻ لاءِ پي.وي. نرسنهراوَ ڊاڪٽر من - موهن سنگهه کي مالي - منتريءَ طور مقرر ڪيو. ڊاڪٽر من - موهن سنگهه خامين کي درست ڪرڻ لاءِ قدم کنيا. حالتون بدلجڻ جي شروعات ٿي. هن وديشي ناڻي جي سيڙپ تي پيل پابندي لاٿي. اُديوگ کيتر ۾ پرمٽ - سرشتو ۱۸ اُديوگن لاءِ محدود ڪيو. سرڪاري اُديوگ ۾ وڌندڙ نقصان ۽ ڪم ڪرڻ جي لياقت ڌيان ۾ رکي سرڪاري کيتر، خانگي کيترن لاءِ آزاد ڪيا. شيئر بازار تي ضابطو رکڻ لاءِ ۱۹۸۸ ۾ سيبي (سيڪيورٽيز ۽ ايڪسچينج بورڊ آف انڊيا) برپا ڪئي. نئشنل اِسٽاڪ ايڪسچينج کي ڪامپيوٽرائيزيڊ ڪيو ويو. مَنديءَ کي دوُر ڪرڻ کي اُپرائي ڏني ويئي.



ڊاڪٽر من - موهن سنگهه

ڊاڪٽر من - موهن - سنگهه جي مالي - منتري جي پهرئين اَيامڪاريءَ ۾ ڀارت ۾ پرائي ناڻي جي سيڙپ وڌي. ڀارت بئنڪ آف اِنگئنڊ ۾ گروي رکيل سون ڀارت ۾ واپس آندو. ديش ۾ سرمائدار فرقي ۽ وچولي فرقي جي پنيرائي سرڪار کي ملي. سرڪار جي دور - سنچار کيتر کي آزاد ڪرڻ سبب موبائيل فون - شيوا سڄي ديش ۾ شروع ٿي. ڊاڪٽر من - موهن سنگهه دنيا جي واپار سنگهٺن سان قرارتي صحيح ڪري خانگي ڪرڻ ، اُداري ڪرڻ ۽ جڳتواد جي شروعات ڪئي.

**ورلڊ - ٽريڊ آرگنائيزسيٽٽ (جڳہ جو واپار سنگهٺن):** ڀارت ۱۹۹۵ ۾ وَرلڊ ٽريڊ آرگنائيزيشن (WTO) جي ميمبرشپ قبول ڪئي. اِنهيءَ سنگهٺن جا مقصد هن ريت هئا.

ديش - ديش ۾ واپار آزاد ڪرڻ، اَنترراشٽريہ آزاد واپار ۾ رڪاوٽ آڻيندڙ ۽ ڀيد ڀاوَ رکندڙ قائدا، بندش، نيم ۽ نيتيون ختم ڪرڻ ۽ جڳن ۾ واپار جو رٿائتو ٻهوُ - پارٽي سرشتي جي ماڌيم سان ضابطو ڪرڻ

WTO جي وجوُد اَچڻ کان اَڳہ 'گيٽ' جو وجود هو. 'جنرل اَئگريمينٽ اَن ٽئرفس ائنڊ ٽريڊ اِهو سنگهٺن اَنتر - راشٽريہ سطح تي ڪم ڪندو هو. اِهو سنگهٺن واپار لاءِ نيم ٺاهيندو هو. ڀارت ۾ WTO نسبت مختلف ويچار هئا. اِئين هوندي بہ ڀارت جي ميمبرشپ قبول ڪئي ويئي. جڳہ جو واپار سنگهٺن جي بندوبست انوُدان، آمدني روانگي پرائي ناڻي جي سيڙپ لاءِ سلامتي کيتر، کيتي، تڪنيڪي گيان ۽ شيوائون - اِنهن سان سنبنڌ رکندڙ آهن، ڀارت ميمبر ٿيڻ کان وٺي، بجلي، پاڻي، آمدرفت جي وسيلن، تعليم ۽ صحت جي کيترن ۾ تيز رفتار سان واپاري ڪرڻ ٿيو آهي. 'دنيا جو واپار سنگهٺن جي اَڳہ - اَڳہ اَحوالن موجب غريبي - ريکا هيٺ آدمشماري گهٽ ٿي آهي. ٻال - مرتيوءَ ۾ گهٽتائي آئي آهي. پيئڻ جي پاڻيءَ، خراب پاڻي بنسبت سهوليتون ميسر ڪري ڏيڻ ۾ ڀارت سُڌار ڪيا آهن.

دنيا جو واپار سنگهٺن جي جي آڌار تي ڀارت اڳتي ' سائوٿ ايشيا پريفرشنل ٽريڊ اريئنزمنٽ SAPTA بندوبست ڪيو. ڀارت سارڪ ديشن لاءِ اڳہ.

اَڳہ شين جي آمدني تي لڳل بندش کي ختم ڪيو آهي. آمدني لڳندڙ فيءَ ۾ سهوليت ڏني آهي. ڀارتيہ - ويها کيتر خانگي ۽ پرائي سيڙپ لاءِ کليا ڪيا آهن.

اَهڙيءَ طرح اَسان آزاديءَ کان پوءِ واري ڀارت جي آرٿڪ سفر جو اَڀياسُ ڪيوسين. گڏيل آرٿڪ سرشتي تي گلوبلائيزيشن جاڳتيڪرڻ جي مسافري ڪئسين - ايندڙ باب ۾ اَسين ٻين کيترن جي ترقي ڏسڻ وارا آهيون.

## اَڀياس

ا . (الف) ڏنل جوابن مان صحيح جواب چونڊي خال پورا ڪيو.

(١) ١٩٦٩ سال ۾ ديش جي مکيه ---- بئنڪن جو راشٽريه ڪرڻ ڪيو ويو.

(الف) ١٢ (ب) ١٤ (ث) ١٦ (ڊ) ١٨

(٢) ويهه - قلمي پروگرام جو اَعلان ---- ڪيو.

(الف) پنڊت نهرو (ب) لعل -بهادر شاشتري

(ث) اندرا گانڌي (ڊ) پي. وي. نرسنهراوَ

(ب)هيٺ ڏنل جوڙين مان غلط جوڙي سڃاڻي لکو.-

(١) ڪاوس جي داور - رُڪَ جا ڪارخانا

(٢) ڊاڪٽر دتا سامنت - مِل مزورن جي اَڳواڻي.

(٣) نا. مي. لوکنڊي - مِل مزورن جي موڪل

(٤) نارائڻ سُروي - ڪويتا جي ماڌيم دوارا مزورن جو جيون درشن

٢. ڏنل هدايت موجب ڪم ڪيو.

(الف) هيٺيون تختو پورو ڪريو.

| پنج ساليانِي يوجنا | عرصو | مقصد |
|---|---|---|
| پهرين | --- | کيتي، سماجڪ واڌارو |
| ٻين | ١٩٥٦-١٩٦١ | اُديوگي - ڪرڻ |
| ٽين | ---- | پيد ياوَ / فرضن جي ياڙ پٽڻ روزگار جي وجهن جو وستار راشٽريه پئداوار ۾ واڌ |
| --- | ١٩٦٩-١٩٧٤ | وڳيانڪ سنشوڌن صحت، ڪٽنب - نيوجن |
| پنجين | --- | --- |

(ب) سبب لکو.

(١) گڏيل مالي سرشتو

(٢) ويهه قلمي پروگرام

٣. هيٺيان بيان سبب ڏيئي سمجهايو.

(١) آزاد ڀارت گڏيل آرٿڪ - سرشتو قبول ڪيو.

(٢) ١٩٦٩ ۾ بئنڪن جو راشٽريه - ڪرڻ ڪيو ويو.

(٣) مِل - مزور هڙتال تي ويا.

ب . هيٺ ڏنل سوالن جا جواب وستار ۾ لکو.

(١) اَٺين پنج ساليانِي يوجنا ۾ ڪهڙا پروگرام شروع ڪيا ويا؟

(٢) ٻي پنج - سالي يوجنا ۾ ڪهڙا پرجيڪٽ شروع ڪيا ويا؟

**مشغولي:-**

(١) WTO جي سنگهٺن جي ڄاڻ اِنٽرنيٽ جي مدد سان گڏ ڪيو - پوڊ نشاني، ميمبر شپ ورتل ديش، مقصد، پروگرام وغيره.

(٢) راشٽريه ڪرت شاخا جو دؤرو ڪري اُن جي ڪم - ڪار جي ڄاڻ وٺو.

MUK5H8

# ۵ تعليمي - سَفر

پارٽ جي تعليمي - سرشتي ۾ مکيه ڏاڪا ۽ يوجنائن جي باري ۾ مختصر جائزو اَسين هن باب ۾ وٺڻ وارا آهيون. پرائمري سيڪنڊري ۽ هاير سيڪنڊري تعليم جو ويچار هن باب ۾ ڪيل آهي. اِنهيءَ سان گڏ پارٽ ۾ ڪجهه خاص ڪيترن ۾ تحقيق ڪندڙ سنستائن جو جائزو ورتو آهي. اُن مان اَسانکي ديس ۾ هلندڙ تعليمي - سرشتي جي ڪلپنا اَچي سگهي ٿي.

پارٽ ۾ تعليم جو سُوال ڪيترو پيچيدو آهي. اُن جو آزمودو اَسانکي آراد پارٽ پهرين عيسوي سنه ١٩٥١ع ۾ ٿيک آدمشماريءَ جي ڳٽپ مان آيو پهرين آدمشماريءَ مطابق پڙهيلن جو اَنداز ١٧% هو. اُهو اَندازو هن ريت اَڳيان هلي وڌيو.

| آدمشماري سال | پڙهيلن جو اَنداز |
|---|---|
| ١٩٧١ | ٣٤% |
| ١٩٨١ | ٥٣% |
| ١٩٩١ | ٥٢% |
| ٢٠٠١ | ٦٤% |

اِنهيءَ اَندازکي وڌائڻ، اِها پارٽ - سرڪار اَڳيان وڏي للڪار هئي. اِنهن للڪارن جو مڪابلو ڪرڻ لاءِ سرڪار اَنيڪ رٿائون اَپنايون.

**پرائمري -تعليم:** ٦ سالن کان ۴ سالن تائين ڪم جي عرصي ۾ ايندڙ وديارٿين کي جيڪا تعليم ڏني وڃي ٿي. ان کي پرائمري تعليم چئجي ٿو. ١٩٨٨ ۾ مرڪزي سرڪار پرائمري تعليم جي ڦهلاءُ ۽ تعليم جي درجي ۾ سڌار لاءِ 'چاڪ - بورڊ' يوجنا شروع ڪئي. اِها يوجنا 'آپريشن بلئڪ بورڊ' جي نالي سان سُڃاتي وڃي ٿي. اِسڪول جو درجو سُڌارڻ، گهٽ ۾ گهٽ تعليمي گهرجن جي پوُرائي ڪرڻ، گهٽ ۾ گهٽ ٻه سُٺا اِسڪولي - ڪمرا صفائي - گهر، ٻن اُستادن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ماسترياڻيءَ، بورڊ نڪشو، پريوگ لاءِ لڳندڙ سامان ننڍي لئبرري ميدان، رانديون جو سامان - اِنهن لاءِ اِسڪولن کي فنڊ ميسر ڪري ڏنو. اِنهيءَ يوجنا سبب پرائمري اِسڪولي تعليم سرشتي کي رفتار اَچڻ ۾ مدد ملي.



## چا توهانکي چاڻ آهي؟

مهاراشٽر راجيه (١٩٦٠) ۾ برپا ٿيڻ کان پوءِ سرڪار راجيه لاءِ درجي ١ کان درجي ستين تائين هڪ - جهڙو اَڀياس ڪِرم شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ممبئيءَ جي ايس.ٽي. ڪاليج جي پرنسيپال سعيد - رائوف کي اَڀياس - ڪرم جو مسودو تيار ڪرڻ لاءِ ڪم سؤنپيو ويو.

١٩٩۴ ۾ اِنهيءَ يوجنا جو وستار ڪري ١٠٠ کان وڌيڪ شاگردن جي تعداد واري اِسڪول هڪ وڌيڪ ڪلاس ۽ هڪ وڌي اُستاد کي مقرر ڪرڻ جو بندوبَست ڪيو ويو. ڇوڪرين جا اِسڪول، شيڊيول ڪاست ۽ شيڊيول ٽرائيب جي گهٽائي وارا اِسڪول، ڳوٺاڻن ڀاڱن کي اَڳرائي ڏني ويئي اُستادن جي مقرريءَ لاءِ ٥٠% نوُڪريءَ جون جڳهيون عورتن لاءِ رکڻ جو ٻنڌن راجيه - سرڪار تي رکيو ويو. ١٩٩۴ ۾ پرائمري تعليم کي هرهنڌ ڦهلائڻ لاءِ 'ضلع - پرائمري تعليم پروگرام' (DPEP) شروع ڪرڻ ۾ آيو. مهاراشٽر سان گڏ ستن راجين ۾ اِها مشغولي شروع ٿي. پرائمري اسڪولن ۾ شاگردن جي ١٠٠% حاضري، شاگردن جي غير حاضريءَ ۽ اسڪول کي ڇڏي وڃڻ کي روڪڻ ڇوڪرين جي تعليم، دويانگن شاگردن لاءِ تعليم، پرائمري تعليم تي نئين ڪوچ ۽ مُلهه - ماپڻ. آپشنل تعليم، سماج جاڳرتي، وغيره مشغوليون تعليم ۾ شامل آهن. شاگردن جي واجب پرورش ٿئي، اُن لاءِ منجهند جي ماني يوجنا ١٩٩٥ ۾ شروع ڪئي ويئي آهي.

## هيءُ توهين ڪري سگهندا؟

١٩٩١ ۾ ڪيرل راجيه پوريءَ طرح تعليم - يافت ٿيو. مهاراشٽر راجيه کي پوريءَ طرح تعميم - يافت ڪرڻ لاءِ ڪهڙي اُپاءُ - يوجنا ڪري سگهجي ٿي؟

### چا توهانکي ڄاڻ آهي؟

تارا بائي موڊڪ بورڙي ۽ ڪوسباڙ ۾ تعليم جو ڪم شروع ڪيو. آديواسي ٻارن لاءِ ٻاراٽا چمَن شروع ڪيا. ظاهر ڪم ڪري تعليم ڏيڻ، چراگاهه اِسڪول، ٽڪنيڪي، پيشيور تعليم جي ڦهلاءَ لاءِ هُن خوب محنت ڪئي.

اَنوُتائي واگهه ٿاڻي ضلعي ۾ ڪوسباڙ ۾ آدواسين جي ترقيءَ لاءِ هڪ سنستا برپا ڪئي. اِنهيءَ سنستا کي ’ڪوسباڙ - پراجيڪٽ‘ طور سُڃاڻيو ويندو آهي. آدواسين جي تعليم لاءِ اَنوُتائي واگهه پينگهي جا گهر، نرسري پرائمري اِسڪول، بزرگن جي تعليم لاءِ ڪلاس، بال - سيوڪا ٽرئننگ مها وديالي وغيره تعليم سنستائون برپا ڪيون.

**سيڪينڊري تعليم:** ڀارت آزاد ٿيڻ کان پوءِ تعليم - وزير مؤلانا عَبُلُ - ڪلام آزاد تعليم جي کيتر ۾ بنيادي تبديل آڻڻ جو فيصلو ڪيو. اُن لاءِ وديا پيٺ تعليمي ڪميشن - مقرر ڪئي ويئي هئي. اِنهيءَ ڪميشن سيڪنڊري تعليم جي نسبت هڪ آزاد ڪميشن مقرر ڪرڻ جي سفارش ڪئي. ان مطابق ۱۹۵۲ - ۱۹۵۳ ۾ مدليار - آيوگ مقرر ڪيو ويو. اُن وقت ڀارت ۾ ٻارهون + ڊگريءَ جي ۴ سال يا ۱۱ + ۱ + ۳ اَهڙيءَ تعليم جو پئٽرن هو.


مؤلانا آزاد

**آيوگ جا ڪم:** ڪميشن سيڪنڊري تعليم، اَڀياس ڪرم جو روپ، تعليم جو ماڌيم، پاڙهڻ جي ريت، اِنهن جو اَڀياسي ڪري سِفارشون ڪيون. اِنهيءَ ڪميشن هاير - سيڪنڊري جي درجن جو ويچار پيش ڪيو. سڄي ديش ۾ اُن جي بندوبست کي عملي - جامو پهراڻ ڏکيو ٿيو.

### چا توهانکي ڄاڻ آهي؟

مهاراشٽر راڄيہ ماڌيمڪ ۽ اُچ ماڌيمڪ سَکشڻ منڊل اِنهيءَ سنستا کي ۱ جنوري ۱۹۶۶ ۾ پڻي ۾ برپا ڪيو ويو. درجي ۱۰ ۽ ۱۲ جا اِسڪولي اِمتحان هن منڊل طرفان ورتا ويندا آهن. شڪشڻ - سنڪرمڻ اِها ماهياني پترڪا اِنهيءَ منڊل جي طرفان ڇاپي ويندي آهي.

**ڪوٺاري آيوگ:** ۱۹۶۴ ۾ ڊاڪٽر ڊي. ايس. ڪوٺاريءَ جي صدارت هيٺ هڪ ڪميشن مقرر ڪئي ويئي. اِنهيءَ ڪميشن جي ڪم - ڪارج جي. پي. نائڪ جو قيمتي يوگدان آهي. اِنهيءَ ڪميشن سيڪنڊري ڪوٺاري هاير سيڪنڊري ۽


ڊاڪٽر ڊي. ايس. ڪوٺاري

يونيورسٽي سطح تي ۱۰ + ۲ + ۳ اِهو پئٽرن ڏنو. ۱۹۷۲ کان اِهو سرشتو عمل ۾ آيو. تعليم هڪ ئي راشٽريہ طريقو هجي. ماتر ڀاشا، هندي ۽ انگريزي ڀاشا تعليم ۾ شامل هئڻ گهرجن. تعليم هر طبقي کي پليءَ پٽ ملي اُن لاءِ لڳاتار قائم - دائم تعليم، بالغن لاءِ تعليم، ٽپال رستي تعليم، مُڪت ودياپيٺ اَهڙي هدايت ڪوٺاري ڪميشن ڏني.


جي. پي. نائڪ

شيڊيول - ڪاسٽ ۽ شيڊيول ٽرائيب ڄهرين وانجهيل ڳُٽن کي اَڳرائي ڏيڻ، سرڪاري بجيٽ ۾ تعليم تي ٿيندڙ خرچ ۾ واڌ آڻڻ جو بندوبست ڪرڻ- اهڙيون سِفارشون ڪيون.

مھاراشٽر سرڪار ١٠+ ٢+ ٣ اِها تعليم جي لاءِ رچنا ١٩٧٢ ۾ قبول ڪئي ۽ ١٩٧٥ ۾ ڏھين درجي جو پھريون ايس ايس سي - اِمتحان ورتو.

### ڪوٺاري - ڪميشن جي ڄاڻايل موجب تعليم جا مقصد




## اوچ تعليم

### آزاديءَ کان پوءِ واري وقت ۾ تعليم:

ڀارت آزاد ٿيڻ کان پوءِ ١٩٤٨ ۾ مرڪزي سرڪار ڊاڪٽر سَرَوَ - پلي راڌا ڪرشڻن جي صدارت هيٺ وديا پيٺ - تعليم آيوگ مقرر ڪيو. اِنهيءَ ڪميشن کي مالي مدد، يونيورسٽيءَ جو درجو ۽ ميلاپ جا ڪم ڏنا ويا.



ڊاڪٽر سَرِوَپلي راڌا ڪرشڻن

**ڪم جو طريقو:** ڪميشن پنج ساليانِي يوجنا قبول ڪئي. يونيورسٽيءَ جي مدد منظور ڪري، اُن جي ورهاست جو ڪم سرڪار معرفت ڪرڻ جي شروعات ڪئي. يونيورسٽي نسبت تعليم جي پلاننگ، اَڀياس ڪِرم ۾ ترتيب، تعليم معرفت راشٽريہ گھرجن کي اَڀِرائي، اوچي تعليم جي نسبت اَلڳہ اَلڳہ رٿائون تيار ڪري، اُهي عمل ۾ يونيورسٽيءَ جي واڌاري لاءِ پريشد برپا ڪرڻ. پوسٽ - گرئجيوئيٽ تعليم ڏيڻ لاءِ ترقي ڪيل پاڙهڻ جا سينٽر برپا ڪرڻ، نيون يونيورسٽيون برپا ڪرڻ ۾ قيمتي ڪم ڪيا آهن. ڀارت ۾ ٽيليوزن جي اَچڻ کان پوءِ 'ڪنٽري - وائيڊ ڪلاس روم ڪاريہ - ڪرم کي ڪميشن جي طرفان ٽيليوزن ذريعي ڦھلاءُ ڪيو ويو.



### ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

١٩٦٥ ۾ مهاراشٽر ۾ ڪلا سکيا لاءِ نيتيءَ جي روپ - ريکا ٺاهڻ لاءِ ڪلا سنستائن معرفت اُن کي عمک ۾ آڻڻ لاءِ ڪلا - سنچالناليہ برپا ڪيو ويو. اِسڪولي سطح تي ڊرائنگ - گريڊ اِمتحانن جي آيوجن ڪرڻ جي جوابداريءَ هن ورپاڳہ ڪنئي.

### نئشنل ڪائونسل آف ايڊيو ڪئشنل رسرچ اَئنڊ ٽريننگ : (NCERT)

١ سپٽيمبر ١٩٦١ تي دهليءَ ۾ اِها سنستا برپا ڪئي ويئي. مرڪزي سرڪار کي اِسڪول تعليم جي بابت ۾ سيني کي سمائيندڙ نيتيءَ نسبت ۽ تعليمي يوجنائن کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ مدد ڪرڻ اِهي هن يوجنا جا مکيہ مقصد آهن. تعليم جي وشيہ ۾ سنشوڌن واڌارو، ٽريننگ، وستار، تعليم ڪاريہ - ڪرم، اِسڪول جو اَڀياس - ڪرم ۽ درسي - ڪتابن جي وري رچنا ڪرڻ جي جوابداري NCERT کي سوُنپي ويئي. هن سنستا مرڪزي سيڪنڊري بورڊ سان ملي تعليمي اڀياسڪرم ۽ درسي ڪتاب نرماڻ ڪرڻ لاءِ مرڪزي يومڪا جا ڪم ڪيا آهن. راجيہ - سرڪار کي پرائمري ۽ سيڪنڊري نسبت مدد ۽ مارگہ - درشن NCERT ميسر ڪري ڏنا آهن. اُستادن لاءِ گائيڊ، ڪم ايندڙ ڪتاب پاڙهڻ لاءِ ضروري ٽريننگ، ڪالم جي ڄاڻ ۾ واڌ، راشٽريہ سطح تي ٻڌي ڄاچ اِمتحان، اَهڙين جي مشغولين کي عمل ۾ آندو.

NCERT جي طرز تي سڀني راڄن ۾ SCERT سنستائون برپا ڪيون ويون.

مهاراشٽر راڄيہ لاءِ مهاراشٽر سنشوڌن ۽ ٽريننگ پريشد (MSCERT) اِها سنستا ١٩٦٤ ۾، پُڻي شهر ۾ برپا ڪئي وئي. پرائمري تعليم جو درجي درجي کي بهتر بڻائڻ ۽ اُستادن لاءِ نوڪريءَ وقت ٽريننگ جي اِنتظام ڪرڻ لاءِ، شاگردن کي ڏهين ۽ ٻارهين درجن کان پوءِ ڪهڙا ووڪيشنل ڪورس چونڊڻ کپن اُن لاءِ رهنمائي ڪرڻ وغيره تعليم سان سنبنڌ رکندڙ ڪم هيءُ سنستا ڪري ٿي. هن سنستا کي وديا پراڌيڪرڻ سنستا سڏجي ٿو. ’جيون - شڪش - نالي مهامياڻو رسالو هن سنستا معرفت ڇپائي پڌرو ڪيو ويندو آهي.

## ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

مهاراشٽر پاٺيہ پستڪ نرمتي ۽ اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل (ٻال ڀارتي) اها سنستا ٢٧ جنوري ١٩٦٧ ۾ پُڻي ۾ برپا ڪئي وئي. درجي پهرين کان ٻارهين تائين اسڪولي شاگردن لاءِ درسي - ڪتاب تيار ڪرڻ جا ڪم ٻال ڀارتي ڪندي آهي. مرهٽي، هندي، انگريزي، اُردو، ڪنڙ، سنڌي، گجراتي، تيلگو، انهن اٺن ڀاشائن جا درسي ڪتاب تيار ڪيا ويندا آهن. ’ڪشور` اهو مهامياڻو...شاگردن لاءِ هن سنستاطرفان ڇپائي پڌرو ڪيو ويندو آهي.

## راشٽريہ تعليمي نيتي ١٩٨٦:

اِنهيءَ نيتيءَ مطابق بدلجندڙ سماج جي گهرجن موجب ڌيان ڏيندي پرائمري سيڪنڊري ۽ هاير سيڪنڊريءَ جي تعليم ۾ بنيادي تبديڪ آندي وئي.

اِنهيءَ نيتيءَ ۾ سڀني راڄين ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ راشٽريہ اَڀياس - ڪرم جي هدايت ڏني وئي آهي اُن ۾ ڀارت ۾ رهندڙ سڀني شاگردن کي هڪجهڙا تعليمي وجهہ ميسر ٿيڻ گهرجن، اَهڙي اُميد رکي وئي آهي. هرهڪ راڄيہ ۾ اُن جي سانڪرتڪ، جاگرافيڪ ۽ اِتهاسڪ گهرجن موجب راشٽريہ اَڀياس - ڪرم ۾ لچڪداري آڻڻ لاءِ موقعو ڏنل آهي.

راشٽريہ تعليمي نيتيءَ ١٩٨٩ جي اَڻرڌار عمل ڪرڻ لاءِ راشٽريہ سطح تي تيار ڪيل پرئڪيٽڪل پروگرام تي آڌار رکندڙ، پرائمري تعليم نسبت اَڀياس ڪرم ١٩٨٨ تيار ڪيو ويو.

## ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

لياقت تي آڌار رکندڙ پرائمري تعليم ڏيندڙ اَڀياس ڪرم ١٩٩٥: پرائمري تعليم ڏيندڙ اَڀياس ڪرم ١٩٨٨ جي عمل ٿيندي راشٽريہ سطح تي گهٽ ۾ گهٽ اَڀياس جي لياقت طئہ ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽر آر. ايڇ. دوي جي زيرصدارت هڪ ڪاميٽي ٺاهي وئي. اِنهيءَ ڪاميٽيءَ ڀاشا، حساب ۽ پسگردائي اَڀياس جي وشين لاءِ درجي پنجين تائين گهٽ ۾ گهٽ پڙهائيءَ جي لياقت جا تختا ٺاهيا ويا. اِنهيءَ ۾ هڪ درجي ۾ لياقت ڪهڙي سلسلي سان واڌارو ڪري، اِهو ڏيکاريل هو.

**اُپگره جو اِستعمال:** ١٩٧٥ ۾ تعليمي سببن لاءِ اُپ - گره جو واپرائڻ حاصل ٿيو. اُپ - گره جي اِستعمال ڪرڻ ۾ ڀارت کي ڪاميابي ملي.



ايجيوسيٽ اُپگره:

اِسرو جي سائنسدان ايڪنات چٽيس اِنهيءَ ڪيتر ۾ اَهميت واري ڀومڪا نڀاهي آهي. اِسپيس

- اَئپليڪيشن سينٽر اَحمداباد جي پولار اِستعمال مرڪز جي اَڳواڻيءَ هيٺ ’سائيٽ‘ (سٽلائيٽ اِنسٽرنشنل ٽيليويزن ايڪسپريمينٽ) اِهو تعليم جي سبب لاءِ تجربو ڪيو ويو. ’اُپ - گرهه معرفت تعليم‘ ڏيڻ جي ريت اِهو ويچار اَڳتي وڌيو. اِنهيءَ مشغوليءَ ۾ آمريڪا پارت جي مدد ڪئي هئي. اُن سبب ڳوٺن عُمدي تعليم جي سهوليت ڪرڻ ممڪن ٿيو.

## اِندرا گانڌي راشٽريه مُڪت - ودياپيٺ:

ديش ۾ سيني عام ماڻهن جي گهرن ۾ گيان - گنگا آڻڻ لاءِ اِها مڪت - وديا پيٺ برپا ڪئي ويئي. متحد راشٽريه سنگهٺن ۾ ١٩٧٠ جي سال کي دنيوي تعليم سال طور اَعلان ڪيو هو. اِنهيءَ سال پارت سرڪار جي تعليمءَ سماج - ڪلياڻ ڪاتي، معلوميت ۽ ڦهلاءُ ڪاتي، وديا پيٺ اَنودان آيوگ ۽ يونيسڪو جي گڏيڪ مؤجودگيءَ ۾ ’مڪت - وديا پيٺ اِنهيءَ وشيه تي بحث - مباحثي لاءِ سيا رکي ويئي اِنهيءَ بحث - مباحثي مان مڪت - وديا پيٺ برپا ڪرڻ جي ڪلپنا اَڀيان آئي. ١٩٧٤ ۾ سرڪار پي. پارت - سارٿيءَ جي صدارت هيٺ هڪ ڪاميٽي ناهي. اُن جي ڏنڪ هدايتن ۽ سفارشن موجب ٢٠ سيپٽمبر ١٩٨٥ ۾ مڪت - وديا پيٺ جي صورت نهي. پرڌان - منتري اِندرا گانڌي جو اِنهيءَ وديا پيٺ کي نالو ڏنو ويو.

### جاڻي ونو:

مهاراشٽر ۾ يشونتراوَ چوهاڻ مهاراشٽري مڪت - وديا پيٺ ناسڪ شهر ۾ برپا ڪئي ويئي آهي. اِها يونيورسٽي سنه ١٩٨٩ ۾ برپا ٿي اِنهيءَ يونيورسٽيءَ بابت وڌيڪ ڄاڻ اِنٽرنيٽ جي مدد سان حاصل ڪيو.

اِنهيءَ مڪت وديا پيٺ ۾ جن وديارٿين کي رسم موجب، قائدي موجب ڪاليج ۾ تعليم نه ٿي ملي سگهي. اُهي وديارٿي لياقت، عمر ۽ بين شرطن ۾ چوٽ وٺي داخلا وٺي سگهن ٿا يونيورسٽيءَ ١٩٩٠ ۾ آڪاش - واڻي ٽيليويزن جي ماڌيم سان ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جي ساڌنن سان، جديد طريقن سان ڏورانهين تعليم پروگرام شروع ڪيا. يونيورسٽيءَ الڳه -اَلڳه شاخائن ۾ هڪ هزارڪان به وڌيڪ اَڀياس - ڪرم عمک ۾ آندا آهن ديس ۾ ٥٨ ڪيندر ۽ پرديش ۾ ٤١ ڪيندر برپا ڪري يونيورسٽيءَ تعليم جي سهوليت ڏني آهي.

## سنشوڌن سنسٿائون : وگيان

آزاديءَ کان پوءِ واري وقت ۾ ديش ۾ وگيانڪ کوج جو فائدو سيني کي پهچڻ گهرجي. اُن لاءِ ڪائونسل آف سائنٽفڪ اَئنڊ اِنڊسٽريل رسرچ اِنهيءَ سنسٿا کي برپا ڪيو ويو. اُن سنسٿا طرفان رسرچ جو فائدو سيني اُيوگه کي ٿئي اُن اِنڊسٽريل سنسٿا سان قرار ڪرڻ ۾ آيو. فزڪس، ڪميسٽري، دوائون، اَناج ڏاهڻ جي طريقن کوٽڻ جي ڪم اَهڙن ڪيترن ۾ نئين کوج شروع ٿي. اُن سبب پارت جي آمدني گهٽيءَ ۽ پرائي - ناڻي جي بچت ٿي. هاير تعليم لاءِ پرديس ۾ ويل شاگردن کي پارت ۾ واپس اَچڻ لاءِ هن سنسٿا جي تجربي خانن اَهميت واري پومڪا نباهي.

اِنهيءَ سنسٿا اِليڪشن ۾ ووٽ ڏيڻ لاءِ آڱر کي لڳندڙ مَس، مليريا هاٿي پير لاءِ دوا، ٽي.بي روڳه لاءِ دوائون، پاڻي کي صاف ڪرڻ ٽڪنيڪي گيان، بانبو ڏاهڻ لاءِ وڏي وقت کي گهٽائڻ لاءِ -اهي ڪم ڪيا آهن. اُن کان سواءِ ڊي اين اي فنگر - پرنٽنگه ٽڪنيڪي گيان پارت ۾ سيني کان پهرين واپريو. اَندمان ۾ رهندڙ آدواسين جو جينس جو اَڀياس ڪري، اُها جماعت سٺ - هزار سال جهوني آهي، اِهو ثابت ڪرڻ، زلزلي جي ڄاڻ اَڳواٽ ڏيڻ وغيره حقيقتون هن سنسٿا ٻڌايون آهن. ڪيڙن، مڪوڙن، کي مارڻ لاءِ نئڻ جو اِستعمال ڪرڻ، زخم ٺيڪ ڪرڻ لاءِ هئڊ جو اِستعمال ڪرڻ، چانور جي اَلڳه - الڳه پيٽنٽ ۾ CSIR سنسٿا اَهميت واري پومڪا ادا ڪئي آهي. پارت جي پرمپرا گيان جو ڊجيٽل - ڪوش تيار ڪري. اَتن اَنتر راشٽريه پاشائن ۾ CSIR سنسٿا ميسر ڪرايو آهي.

**حساب:** تمل نادوءَ ۾ 'نئشنل اِنسٽيوٽ فار رسرچ اِن د مئٿيميٽيڪل اَئنڊ فزيڪل سائنس' اِها سنسٿا ۱۹٦۲ ۾ برپا ٿي. حساب وشيہ ۾ سڀ کان اوچي سنشوڌن هن سنسٿا هيٺ ڌني.

**ڪمپيوٽر:** ۱۹٦۹ ۾ اَسان سُوديشي ڪمپيوٽر تيار ڪيو. اِنڊين اِسٽيٽسٽيڪل اِنسٽيوٽ ۽ جادوپور وديا پيٺ گڏجي 'آءِ ايس آءِ جي يوُ' اِهو ديشي بناوت جو پهريون ڪمپيوٽر تيار ڪيو. ٽاٽا ڪنسلٽنسي سروِسيس 'ٽي.سي.ايس' اِنهيءَ ڪمپنيءَ کي ۱۹۷۴ ۾ اَميريڪا مان سافٽ ويئر نرماڻ ڪندڙ ڪيتر مان ٽيڪو مليو ۽ ڀارت ۾ سافٽ ويئر اُديوگہ جي شروعات ٿي. ڪامپيوٽر سبب، وگيانڪ - رسرچ جي رفتار وڌي.

۱۹۸۷ ۾ آمريڪا ڀارت کي مها ڪامپيوٽر ڏيڻ کان اِنڪار ڪيو. راجيوَ - گانڌي سرڪار پاڻ مها ڪامپيوٽر جي واڌاري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ۱۹۸۸ ۾ مرڪزي سرڪار پٽي سينٽر آف اَئڊوانسڊ ڪامپيوٽنگہ (سي - ڊيڪ) اِها رسرچ سنسٿابرپا ڪئي. ڊاڪٽر وجيہ ڀاٽڪر جي اڳوانيءَ هيٺ پرم ۸۰۰۰ اِهو مها ڪامپيوٽر تيار ڪيو ويو.

**ڀاڀا اَٽومِڪ رسرچ سينٽر (BARC):** هن سنسٿا نيوُڪلئر فزڪس، سالڊ اِسٽيٽ فزڪس، اِسپريڪٽو اِسڪاپي، ڪيميڪل اَئنڊ لائيف سائنسيس، اَهڙن اَلڳہ اَلڳہ وشين تي قيمتي سنشوڌن ڪيون. اَٽوُ - بني جي نرماڻ لاءِ سائنسدانن کي ٽريننگہ ڏيڻ لاءِ ٽريننگہ اِسڪول کوليا ويا.

## انجينيئرنگہ

**آءِ آءِ ٽي:** ۱۹۵۱ ۾ اولهہ بنگال ۾ کرگپور وٽ ڀارت ۾ پهرين اِنڊين اِنسٽيوٽ آف ٽيڪنالاجي (IIT) سنسٿا برپا ٿي. ڀارت ۾ اِنجنيريءَ جي شاخائن ۾ اوچي ۽ وڏيڪ تعليم حاصل ڪرائي ديش جي گهرجن جو پورائو ڪرائڻ اِهي هن سنسٿا جا مقصد هئا. پوئي (ممبئيءَ) چينئي، ڪانپور کان پوءِ نئين دهليءَ ۾ اِنجنيئري ڪاليجن جي آءِ. ٽي. آءِ ۾ تبديل ڪئي ويئي. هن سنسٿا کي برپا ڪرڻ ۾ سوويت رشيا آمريڪا، جرمني، ۽ يونيسڪو مدد ڪئي.

ڀارتيہ آءِ. آءِ. ٽي. سنسٿا کي خودمختيار يونيورسٽيءَ جو درجو لاءِ ڏيئي بي.ٽيڪ ۽ ايم ٽيڪ اَڀياس ڪرم شروع ڪيا ويا.

داخلا اِمتحان دوارا پرويش ۽ واجب في ۽ شاگردن لاءِ رزرويشن اِهي هن سنسٿا جون خاصيتون آهن. ۱۹۸۰-۱۹۷۰ جي ڏهاڪي ۾ هن سنسٿا جا شاگرد وڏي اَنداز ۾ پرديش وڃڻ لڳا. اُن سبب برين - ڊرين جو مسئلو (معنيٰ اوُچ تعليم - يافت شاگردن جو قائم - دائم پرديس ۾ وڃڻ) نرماڻ ٿيو. ۱۹۹۰ کان اِنهيءَ حالت ۾ تبديل آئي. ۱۹۹۴ ۾ گوهاٽي (آسام) ۲۰۰۱ روڙڪي ۾ اِهي سنسٿائون برپا ٿيون.

## اِنڊين اِنسٽيوٽ آف مئنيجمينٽ (IIM):

آءِ آءِ ٽيءَ مان اوُچ درجي جا اِنجنيئر تيار ٿيڻ لڳا. ماهر درجي جا اِنتظام ڪندڙ بڻائڻ لاءِ مرڪز ۽ گجرات راجيہ اَحمدآباد اها سنسٿا کي برپا ڪئي. آمريڪا جي هارورڊ بزنيس اسڪوُل ان سنسٿا کي برپا ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. ڪولڪتا، بئنگلور، لکنئو، ڪوزيڪوڊي ۽ شلانگہ ۾ اِنڊين اِسٽيوٽ آف مئنيجمينٽ (IIM) سنسٿا برپا ڪئي ويئي.



**چا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

'فلم ائنڊ ٽيليوين انسٽيٽيوٽ آف انڊيا' انهيءَ سنسٿا ۾ سنيما نرماڻ نسبت تعليم ملي ٿي. ڊئريڪشن، ائڊيٽنگہ، اهڙن سنيما سان واسطو رکندڙ سڀني حقيقي ڳالهين جو سائنٽفڪ ٽريننگہ ڏيڻ جي سهوليتهن سنسٿا ۾ آهي. پونا جي 'پربات' فلم جو ورثو هن سنسٿا کي مليو.

## نئشنل اِنسٽيٽيوٽ آف ڊزائين: (NID)

١٩٦١ ۾ اَحمداباد ۾ (اِنڊسٽريل ڊزائننگ) اِنهيءَ وشيه جي تعليم ڏيڻ لاءِ هي چاڻايل سنسٿا برپا ڪئي ويئي. اِنهيءَ سنسٿا ١٩٦٣ - ١٩٦۴ ۾ بيسڪ ڊزائن، گرافڪ ڊزائن، مشين جي ڊزائن، وجيوئڪ ڪميونڪيشن - لاءِ اَيياس ڪرم شروع ڪيو. اِنهيءَ سنسٿا ٽرانزسٽر ڪلڪيوليٽر اِنهن شين جي ڊزائن، اِنڊين ايئر - لائينس ۽ اِسٽيٽ بئنڪ جا بوڌ - نشان تيار ڪرڻ جا ڪم ڪيا آهن.

## سنشوڌن - سنسٿا ڊاڪٽري ڪيتر:

آزاديءَ کان پوءِ واري وقت ۾ دوائن جي ڪيتر ۾ ڪوجنا لاءِ١٩۴٩ ۾ ڀارتيه وِدِيڪيه اَنوسنڌان پريشد (ICMR) برپا ٿي. اِن سنسٿا دوارا ديش ۾ وديا پيٺ / ميڊيڪل ڪاليج، سرڪاري ۽ غير سرڪاري سنشوڌن سنسٿا، اِنهن کي سنشوڌن لاءِ سهڪار، مارگ -درشن مالي - مدد ميسر ڪري ڏيڻ جي جوابداري ڏني ويئي. اَلڳ اَلڳ بيمارين تي رسرچ ڪندڙ ٢٦ مرڪز ديش ۾ شروع ٿيا. اِنهن سنسٿائن جي رسرچ سبب ٽي.بيءَ جي بيماري ۽ ڪوڙهه جي مها روڳ تي ضابطو حاصل ڪرڻ ممڪن ٿيو.

اِنهيءَ ڪيتر ۾ ميڊيڪل تعليم ۽ رسرچ کي رفتار ۾ آڻڻ لاءِ آل اِنڊيا اِنسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسيس (AIIMS) سنسٿا برپا ٿي. اِنهيءَ سنسٿا کي ڊگري ۽ ۽ پوسٽ گرئجيوئيٽ ڊگريءَ جي اَيياس ڪرم جي تعليم جي جوابدري ڏني ويئي. ميڊيڪل جي اَيياس کي پاڙهيندڙن تعليم ڏيندڙ ڪاليج کي سهوليتوُن ۽ سرڪاري اِسپتالون ميسر ڪرائي ڏيڻ هن سنسٿا جون خاص خاصيتون آهن. نئين ڪوجنا لاءِ جو هن سنسٿا گهڻو ڪجهه ڪيو آهي. سين عام ماڻهن کي موافق اَگهن تي ميڊيڪل ٽريٽمينٽ ميسر ڪري ڏيڻ، نرسن جي ٽريننگ لاءِ آزاد ڪاليج، دِل جي بيمارين لاءِ، دماغ جي بيمارين لاءِ، اکين جي بيمارين لاءِ ۽ اُنهن بيمارين جي علاج لاءِ سُپر اِسپشيالٽي سينٽر هن سنسٿا کوليا آهن. سرڪار ميڊيڪل ڪيتر ۾ وڌيڪ واڌاري ڪرڻ لاءِ ١٩٥٨ ۾ ميڊيڪل ڪائونسل آف اِنڊيا نئين سروري ٿاهي. اِنهيءَ سنسٿا تي ميڊيڪل تعليم جي لياقت جي پرک جي پڪ، نظرداري ۽ جاچڻ جوابداري وڌي.



### چا توهانکي ڄاڻ آهي؟

آيروِيد، قدرتي علاج يوناني ۽ هوميوپيٿي اُنهن جي چڪتسا طريقن ۾ نئين کوج ۽ واڌاري آڻڻ لاءِ ١٩٦٩ ۾ 'سينٽرل ڪائونسل فار ريسرچ' ان انڊين ميڊيسن ائنڊ هوميوپيٿي انهيءَ سنسٿا کي برپا ڪيو ويو.١٩٧٩ ۾ اها سنسٿا برخواست ڪري، ٽي نيون سنسٿائون برپا ڪيون ويون. (١)سينٽرل ڪائونسل فار ريسرچ ان يوناني ميڊيسن (٢) سينٽرل ڪائونسل فار ريسرچ ان هوميوپيٿي (٣)سينٽرل ڪائونسل فار ريسرچ ان يوگ ائنڊ نيچر ڪيور.

اِنهن سنسٿائن کي سنبنڌ رکندڙ چڪتسا طريقن موجب اَلڳ - الڳ بيمارين تي سنشوڌن، ٽيسٽ ۽ دوائن جي خالص هئڻ جي جوابداري سؤنپي ويئي.

**ڪئنسر جي بيماريءَ جي تعليم:** اَڊوانسڊ سيٽرفار ٽريٽمينٽ ائنڊ ايڊيوڪشن اِن ڪئنسر اِها ٽاٽا ميموريل سينٽر جي شاخ آهي. ڪئنسر بيماريءَ لاءِ علاج، سنشوڌن ۽ ڪئنسر روڳ سان سنبنڌ رکندڙ تعليم لاءِ راشٽريه سطح تي مرڪز طور هيءَ سنسٿا ڪم ڪري رهي آهي.

## ڪوجنا سنسٿائون -کيتي

ڀارت ۾ کيتيءَ جي ڪيتر ۾ سنشوڌن ١٩٠٥ ۾ شروع ٿيو. ڀارتيه کيتي سنشوڌن سنسٿا کي (اِنڊين اَئگري - ڪلچرل رسرچ اِنسٽيٽيوٽ ١٩٥٨ ۾ وديا پيٺ جو درجو ڏنو ويو. کيتيءَ جي ڪيتر جو واڌارو، سنشوڌن سُنيءَ طرح ٿهيڪ تجربي خانا مِٽيءَ جي سنيال -کيتيءَ جي وگيان، مالي نباتات وگيان وغيره وياپڪ معرفت وديا پيٺ جو ڪم شروع ٿيو.

هن سنسٿا جي نئين دهليءَ جي هيڊ - آفس ۾ لئبرري آهي. هيءَ لئبرري ديس ۾ سڀني کان وڏي کيتيءَ نسبت لئبرري آهي. هيءَ کيتيءَ جي

ڪڻڪ، داليون، تيلي ٻج، فصلن جي باري ۾، ساين ڀاڄين جي باري ۾، آهڙين اَنيڪ ڳالهين تي سنشوڌن شروع ٿيو. هن سنسٿا جي سڀ کان وڌيڪ اَهميت رکندڙ خاص ڪم معنيٰ هڪ سال ۾ هڪ کان وڌيڪ فصل حاصل ڪرڻ جي طريقن نسبت سنشوڌن شروع ٿيو.

ايندڙ باب ۾ اسين عؤرتن بابت قاعدا، عؤرتن جي ڏنل يوڳدان، ٻين ڪمزور ڳُڻن جي نسبت سرڪار جي ڀومڪا نسبت اَڀياس ڪرڻ وارا آهيون.



## اَڀياس

### ١. هيٺ ڏنل جوابن مان صحيح جواب چونڊي بيان پورا ڪريو.

(١) پرم - ٨٠٠٠ اِهو مها ڪامپيوٽر تيار ڪندڙ سائنسدان ------

(الف) ڊاڪٽر وڄيه ڀٽڪر (ب) ڊاڪٽر ايڇ.آر.دوي (ث) پي پارٿ سارٿي (ڊ) مٿين مان ڪوبه نه

(٢) ڄيون-شڪشڻ اِها ماهياني مخزن---- سنسٿا معرفت ڇپائي پڌري ڪئي ويندي آهي.

(الف) ٻال ڀارتي (ب) وديا پراڌيڪرڻ
(پ) وديا پيٺ شڪشڻ آيوڳ (پ) مهاراشٽر راڄيه ماڌيمڪ ۽ اوچ ماڌيمڪ شڪشڻ منڊل.

(٣) آءِ.ٽي.آءِ. اِها تعليم ڏيندڙ سنسٿا هيٺ ڄاڻايل ڪهڙي کيتر ۾ تعليم ڏيڻ لاءِ مشهور آهي.

(الف) کيتي (ب) ميڊيڪل
ث) ماهر درجي جو اِنتظام ڪندڙ (ڊ) اِنجنيري.

### ٣. ڏنل هدايتن موجب ڪم ڪيو.

ڀارت ۾ تعليم جي کيتر ۾ هيٺ ڄاڻايل شخصن ۽ اُنهن جي ڪيل ڪمن سان نسبت رکندڙ تختو پورو ڪيو.

| شخص | ڪم |
|---|---|
| ڀارت جو پهريون تعليم کاتي جو وزير | ----- |
| ------ | يونيورسٽي-تعليم ڪميشن جو پريزيڊنٽ |
| پرنسيپال سعيدرائوف | ----- |
| ---- | ڪوسباڙ پروجيڪٽ |

(٢) نئشنل ڪائونسل آف ايڊيوڪيشن رسرچ اينڊ ٽريننگ اِنهيءَ سنسٿا جي چاڻ انٽرنيٽ جي مدد سان حاصل ڪري اها وهڪ تختي جي روُپ ۾ لکو.

### ٣. ڏنل بيان سبب ڏيئي صاف چٽيءَ طرح سمجهايو:-

(١) ضلع پرائمري تعليم پروگرام شروع ڪيا ويا.
(٢) NCERT برپا ڪئي ويئي.
(٣) ڀارتيه کيتي سنشوڌن سنسٿا دوارا ڪڙمين جو فائدو ٿيو.

### ۴. نوٽ لکو:-

(١) اِندرا گانڌي راشٽريه مکت وديا پيٺ
(٢) ڪوٺاري - ڪميشن
(٣) ڀاڀا اَئٽمڪ رسرچ سينٽر
(۴) ٻال - ڀارتي

### ۵. هيٺ ڄاڻايل سوالن جا جواب وستار سان لکو:

(١) چاڪ - بورڊ (آپريشن بلئڪ بورڊ) ڪهڙيءَ مشغوليءَ ۾ شامل آهي.
(٢) کيتيءَ جي واڌاري ۾ کيتيءَ لاءِ اِسڪول/ڪاليج ڪهڙي ڀومڪا ڪندا آهن؟
(٣) ڀارت جي ميڊيڪل کيتر ۾ ٿيل ترقي مثال ڏيئي چٽيءَ طرح سمجهايو.
(۴) توهانجي اِسڪول آيوجت ڪيل اِسڪوليءَ ساٿي اِسڪولن مشغولين نسبت چاڻ لکو.

### مشغولي:-

توهانجي اِسڪول ۾ وڳيان ميلو آيوجت ڪيو. ڀاڻي صاف ڪرڻ بابت چاڻ ڏيڻ لاءِ/جاڳرتا آڻڻ لاءِ ڪوشش ڪيو.

# ٦ عورتن ۽ ٻين ڪمزور گُٽن کي سمرٿ بڻائڻ

آزاديءَ جي جنگ ۾ عورتن وڏي تعداد ۾ ڀاڱو ورتو هو. آزاديءَ جي پوءِ واري وقت ۾ ٻہ عورتن جو يوڳدان سيني کيترن ۾ اَهميت وارو آهي اُن جو اَڀياس اَسين هن باب ۾ ڪرڻ وارو آهيون. اُن سان گڏ عورتن جي نسبت ڪجھہ قائدن ۽ ٻين ڪمزور گُٽن جي نسبت اَسين اَڀياسُ ڪنداسين.



**هيءَ ڄاڻي وٺو**

**ڏهن هزارن مردن جي پٺيان عورتن جو اَنداز**

| نمبر | آدمشماريءَ جو | عورتن جو اَنداز |
|---|---|---|
| ١ | ١٩٥١ | ٩٤٦ |
| ٢ | ١٩٦١ | ٩٤١ |
| ٣ | ١٩٧١ | ٩٣٠ |
| ٤ | ١٩٨١ | ٩٣٤ |
| ٥ | ١٩٠١ | ٩٢٧ |
| ٦ | ٢٠٠١ | ٩٣٣ |

ڏهن هزارن مردن جي پٺيان عورتن جو اَنداز جو گهٽجي رهيو آهي، اُنهن جي سببن جي ڳولها ڪيو.

ڀارت ۾ رهندڙ عورتن جي حالتن جو اَڀياسُ ڪندي، اِئين ڌيان ۾ اَچي ٿو تہ اَنيڪ مسئلن جو مُول مردن جي مانسڪتا ۾ ڊبيل آهي. اَڄ اَسين ايڪويهين صديءَ ۾ آهيون. تہ ٻہ اَسانجي مرداني خيالي مانسڪتا مان ڇوٽڪارو نہ ٿيو آهي. مهاتما گانڌيجيءَ جي فيلصوفيءَ تي وشواس رکي شروع ڪيل ڀوُدان تحرڪ ۾ ونوبا ناري شڪتيءَ جو اِستعمال ڪيو. عورتون سڄي ڀارت ۾ ڀودان جو ويچار ڦهلائي ڇڏيو. نظام شاهي ۽ جاگيرداريءَ سرشتي کي تيلنگانا ۾ للڪار ڏيندڙ ڪڙمين جي ڇوٽڪاري پائڻ جي جنگ ۾ عورتن جو ڀرو وٺڻ ويچار جوڳو هو. اِنهيءَ عورتن جي ڀري وٺڻ سبب عورتن کي مفت ۾ ڪم ڪرڻ جي سنڪٽ مان آزادي ملي.

**ناري - شڪتيءَ جو اِظهار:** زندگي جيئڻ لاءِ ضروري شين جي اَٽان ۽ مهانگائيءَ جو سيني کان وڌيڪ مقابلو ڪندڙ عورتن ١٩٢٢ ۾ مهاراشٽر ۾ پنهنجيءَ ٻڌيءَ جي طاقت ڏيکاري ڇڏي. سماجوادي



مرڻال گوري

اَڳوان مرڻال گوري جي اَڳوانيءَ هيٺ مُمبئيءَ جي عورتن ويلڻ - مورچو ڪڍيو. نيڪ ڏياريءَ جي ڏينهن ۾ تيل، گيهہ، کنڊ سُوجي، مئدو، اِهي شيون نہ پيون ملن. ڪاسليٽ مهانگو ٿيو هيو. اُن سبب عوُرتن گڏجي ويلڻ کنيا ۽ مورچو ڪڍيو. اِنهيءَ تحرڪ کي ڪاميابي ملي ۽ عوُرتن جي گڏيل شڪتيءَ جو اِظهار جنتا کي سمجھہ ۾ آيو.

**چپڪو هلچل:** ناري - شڪتيءَ جي شفي اِظهار ١٩٧٣ جي چپڪو هلچل ۾ ڏسڻ ۾ اهي هماليہ جي ترائيءَ ۾ وڻن کي گهٽڻي اَنداز ۾ ڪٽڻ لاءِ، واپاري مقصد لاءِ ڪجھہ شخص تيار هئا. اُنهن جي خراب مقصدن جي خلاف چنڊي - پرساد ڀَٽ ۽ سندر لعل بهوگُنا هلچل هلائي. عورتن هٿ سان هٿ ملائي وڻن جي چوُگرد گهيري ڪرڻ جي تجويز جو سهارو ورتو. وڻن کي نہ ٽوڙيو وڃي ۽ نہ ڪپيو وڃي اُن لاءِ جهنگل ۾ آيل وڻڻ کي ڀاڪر پائي عورتون بيٺيون. اَهڙيءَ طرح وڻن جو بچاءُ ٿيو. هلچل کي اِنهيءَ روپ کي ڏسي اُن کي چپڪو - هلچل سڏيو وڃي ٿو.



سندر لعل بهوگُنا



گورا ديوي

اِنهيءَ هلچل ۾ عورتن وڏي اَنداز ۾ بهرو ورتو هو. اِنهيءَ پسگردائيءَ ۾ کيتيءَ جي آرٽڪ سرشتي ۾ عورتن جو وڏي پئماني تي سهڀاڱو هو. گوراديوي نالي ڪم ڪندڙ عورت، عؤرتن ۾ جاڳرتا آندي. اُن کي اِنهيءَ ڪم لاءِ سُديشا ديوي، بچني ديويءَ جي مدد ملي.

**شراب خلاف هلچل:** ١٩٩٩ ۾ آندرا - پرديش ۾ شراب پيئڻ جي خلاف هلچل شروع ٿي. اَڳتي هلي اِنهيءَ خلافت کي اَلڳ - اَلڳ راڄين ۾ سٺي پنيرائي ملي.

شراب پيئڻ جي عات سبب گهرجي ڪمائيندڙ مرد جي موٽ ٿيڻ سبب گهر ۾ رهندڙ ٻين ڀاتين تي سنڪٽ اَچي ٿو. اُن جو وڏ ۾ وڏ ڏُک عؤرتن کي لڳي ٿو. شراب سبب ڏکر، غريبيءَ جو مقابلو ڪرڻو پوي ٿو. اِنهيءَ هلچل سبب آنڌر -پرديش ۾ سرڪاري نيتيءَ موجب اَرڪ (مڪاني شراب وڪڻندڙن ڳوٺن - ڳوٺ ۾ دڪان ڪيا. ڳوٺ - ڳوٺ ۾ رهندڙ غريب محنت ڪندڙ جنتا شراب جا عادتي ٿي پيا. اَهڙي وقت راڄيہ جي ڳوٺ ۾ تعليم - يافتيءَ جا پروگرام عمل ۾ آڻڻ شروع ٿي. اِنهن پروگرامن ۾ سيتا ما ڪتا (سيتا - ماتا جون ڪٿائون) ٻڌايون ويندڀون هيون. سيتا ڳوٺن ۾ رهندڙن جاڳرتي آڻي شراب پيئڻ کي ڪيئن روڪيندي هئي. اها ڳالهہ اِنهن ڪٿائن ۾ ٻڌائي ويندي هئي. ١٩٩٢ ۾ آندر پرديش جي ويلور ضلعي ۾ آيل دبانگٽا ڳوٺ ۾ ٻي نوجوان شراب جي نشي ۾ هڪ تلاءُ ۾ ٻڏي هئا. اِنهيءَ واقعي سبب ڳوٺ جون عورتون گڏ ٿيون. اِنهن عورتن آرڪ وڪرندڙ دڪان بند ڪرايا. اها خبر مڪاني اِخبار ۾ ڇپي آئي. اِنهيءَ خبر جو اَثر ڳوٺ - ڳوٺ جي ماڻهن تي پيو. سڄي راڄيہ ۾ اِنهيءَ هلچل جي اَثر سبب شراب جي وڪري خلاف سخت نيتي سرڪار کي قبول ڪرڻي پيئي.

**اَنتر راشٽريہ عؤرتن جو سال:**

متحد راشٽريہ سنگهٺن ۾ ١٩٧٥ جو سال ’انترراشٽريہ عؤرتن جو سال‘ اَعلان ڪيو هو. شانتي، واڌارو ۽ عؤرت- مرد ۾ هڪجهڙائي اِهي هن پروگرام جا ٽي فارمولا هئا. ڀارت سرڪار ١٩٧٥ ۾ ڊاڪٽر فلمريڻو جي زير - صدارت عورت - ڪميشن برپا ڪئي. عورتن جي سماجڪ جڳهہ درجي، عؤرتن بنسبت قانون بندوبست جو اڪرن، اُن سان گڏ عؤرتن جي تعليم ۽ اُن جو سيڪڙو، تعليم سبب عؤرتن جو ٿيل واڌارو، نؤڪري ڪندڙ عؤرتن جون رنڊڪون، عؤرتن جي روزگاري بنسبت حالتون، اُنهن جا پگهار (مردن جي ڀيٽ ۾) عؤرتن ۽ مردن جو اَنداز، جنم - مرڻ جو في سيڪڙو ۽ ورتن جي ڀومڪا اَهڙن سيني سِرو وياپڪ مُدن جي آڌار تي خطرداري ڪئي ويئي.



ڊاڪٽر فلريڻو گها

اِنهن سيني پس - منظر جو ويچار ڪري مهاراشٽر ۾ ١٩٧٥ ۾ ’اِستري مڪتي سنگهرش سمتي ٺاهي ويئي. اِنهيءَ ڪاميٽيءَ معرفت عورتن لاءِ راڄيہ - وياپي پريشد ٿئي. سيني ڪيترن جي عورتن هن پريشد ۾ بهرو هو. ١٩٧٨ ۾ ڪاميٽيءَ جو پڌرنامو پڌرو ٿيو. جنس - پيد ، ذات پيد، رنگہ پيد جهڙن نابرابري جُزن جي خلاف سنگهرش ڇيڙڻ جي نيتي نهي. اُن مان ’اِستري مُڪتي چي للڪاري‘ اِهو گيت سنگره، جيوتي مهاپسيڪر جو لکيل ’مُلگي جهالي هو‘ (نينگر ڄائي ري) اِهو پٽ ناٽيہ ’پريرڪ للڪاري‘ مُکہ - پٽر، اَهڙيون مشغوليون شروع ٿيون ١٩٧٧ ۾ سؤدامني - راوَجي اسٽاپٽ ڪيل پوني جي ’استري مڪتي آندولن سمتي ’بايزا‘ اهو بين مهنن ۾ نڪرندڙ، اورنگاباد ۾ ’استري‘ اُواچ‘ ’مئترڻ‘، ’استري انيايہ- ورودي منچ‘ ڪولهاپور ۾ ’مهلا سمتي‘ ناسڪ ۾ مهلا حق ن لاتور ۾ ’ناري پربوڌن منچ‘ اهڙا گُٽ (گروپ) تيار ٿيا. سڄي مهاراشٽريہ ۾ ڏيتي-ليتيءَ خلاف بچاءُ ڪاميٽيون برپا ٿيون. ڏُلي شهر ۾ عورتن جي

اَتياچار خلاف جو ايوجن ڪيو ويو.

وديا بال جي ’ناري سمتا منچ‘ ۽ ’مڙون ساريا جٽي‘ اِهو سماجوادي مَهِلا سپا ڪرانتڪاري مُهِلا سنگهٽن - اِنهن جا ڪيڪ ڪم عؤرتن جي سوالن جي نسبت اَهميت وارا آهن. مهاراشٽري ۾ روزگار جي خاطري ڏيندڙ يوجنا عورتن کي سگهارو ڪرڻ ۾ مدد ڪئي آهي.



پرمِلا دنڊوتي

پرمِلا دنڊوتي دهليءَ ۾ ١٩٧٦ ۾ ’مهلا دڪشتا سمتي برپا ڪئي اِنهيءَ ڪاميٽيءَ جون شاخون آنڌرپرديش، تمل ناڊو، ڪيرل، اوڙيسا، مڌيہ پرديش، اُتر پرديش، پنجاب، اِنهن راجين ۾ کليون. ڪميونسٽ پارٽي ’اَک ڀارتيہ جنوادي مَهِلا سنگهٽن‘ ١٩٨٠ ۾ برپا ڪيو. اِنهيءَ سنگهٽن جون شاخائون ڪڍڻ لاءِ سڄي ڀارت ۾ ڪڍڻ لاءِ ڪوششون ڪيون. اِنهيءَ سنگهٽن ڏيتي - ليتي، گرپ ڪيرائڻ ڪتمب طرفان ٿيندڙ اَتياچار، اِنهن سوالي مسئلن لاءِ سنگهرش ڇيڙيو. ڀارت ۾ پهرين مهلا وديا پيٺ شريمتي ناٿيٻائي دامودر ٺاڪرسي مهلا وديا پيٺ مُمبئي، ٽاٽا سماج وگيان سنسٿا مُمبئي، ساوتري ٻائي ڦلي وديا پيٺ پُٽي، شواجي ودياپيٺ، ڪولهاپور ۾ عورتن لاءِ اَڀياس ڪيندر برپا ڪيا ويا. آلوچنا ۽ درشٽي اِنهن ڪيندرن بہ اِنهن سوالن بہ اِهميت جي ڀومڪا ڪئي آهي.

**عورتن سان نسبت رکندڙ قاعدا:** ١٩٥٢ جي قائدي مطابت ڀارت سرڪار هندوُ عورتن کي پرورش جي خرچ جا حق ڏنا. عورتن کي اِباڻي ڌن - دولت ۾ حصي وٺڻ جا حق ڏنا. عورت - ڌن تي اُن جو اڌڪار نرماڻ ٿيو. اَنيڪ عورتن شادي ڪرڻ جو سِلسلو ختم ڪيو ويو. مردن وانگر عورتن کي بہ طلاق وٺڻ جو حق ڏنو ويو. ايندڙ ڏهاڪي ۾ عورتن نسبت هڪ پير اَڳتي وڌائڻ وارو هيءُ قائدو اهي. ’ڏيتي - ليتيءَ تي بندش وجهندڙ قائدو ١٩٦١‘ موجب ڏيتي - ليتي ڏيڻ يا اُن لاءِ گُهر ڪرڻ اِهو فؤجداري گُناهہ آهي. ڏيتي - ليتي رسم جي پاڙ پٽڻ لاءِ سماجڪ تحرڪن جي همت - اَفرائي ڪئي ويئي. اِنهيءَ قائدي سبب ڏيتي - ليتي جهڙيءَ خراب ريتمين سبب عورتن کي ٿيندڙ تڪليف گهٽ ٿي. اُن ڪان پوءِ عورتن کي ويم جي موڪل وني ڏيندڙ ’مئٽرنٽي بينيفٽ اَئڪٽ - ١٩٦١ قائدو وجود ۾ آيو. اِنهيءِ قائدي موجب عؤرتن کي ويم لاءِ موڪل ملڻ جو حق مليو.

**ڏيتي - ليتي رسم جي خلاف سُجاڳي:**

ڀارت ۾ ڏيتي - ليتي - بندش قائدو آهي، تہ بہ اِخبارن ۾ ’رسوئي ڪندي رئي کي باهہ لڳي عؤرت جو موٽ،‘ ’ڪپڙا ڌوئڻ وقت پير ترڪي کوہ ۾ ڪرڻ سبب عؤرت جو موٽ‘ اَهڙيون خبرون اَچن ٿيون. اِنهن خبرن جي اونهي تحقيقات ڪرڻ ۾ ڪيترا دفعا ڏيتي - ليتي سبب سامهون آيو. پوليس، سرڪار، نياءُ بندوبست جي ڀومڪا سامهون آئي. اِنهن ڳالهين سبب سڄاڳي اِچي ٿي. ١٩٨٤ ۾ ڏيتي - ليتي - سڌارو قائدو وجود ۾ آيو. ١٩٨٨ ۾ ٢٢٠٩ عورتون، ١٩٩٠ ۾ ٤٨٣٥ عورتون، ١٩٩٣ ۾ ٥٣٧٧ عورتون ڏيتي - ليتيءَ جون شڪار ٿيون اِنهن اَنگن مان اَسانکي اِنهي مسئلي جي ڌاڌائي ڏيان ۾ اَچي ٿي.

**پارِوارڪ - عدالت (١٩٨٤):** شاديءَ نسبت تڪرار، سنسار جا مسئلا، ۽ اُنهن مان پئدا ٿيندڙ سوال، پروش جو خرچ، اَڪيلو سنڀاليندڙ، اَلڳہ/ ڌار رهڻ، ٻارن کي پالڻ، سنڀالڻ، ۽ مالڪي، اَهڙا ڪتمب سان لاڳاپو رکندڙ سوالي مسئلن کي چڌائڻ لاءِ پارِوارڪ عدالت برپا ڪيا ويا آهن. اِنهن عدالتن ۾ شاهد ۽ اُن جي زباني، ثبوت چڪاسڻ ڪان ميل - ميلاپ کي ۽ وڪيلن جي عيوض صلاحڪارن کي اڳرائي ڏني ويندي آهي. داخل ٿيل ڪيسن جو تيزيءَ سان پر اِنصاف - سرشتي سان اُڪلاءُ ٿئي، اِن تي زور ڏنو ويندو آهي.

**گذاري - بابت مقدما (١٩٨٥):** ڪنهن شادي شده پنهنجي عورت گهوت کي طلاق ڏنو هجي تہ پيٽ گذران جي ساڌن طور اُن کي هرمهني

مقرر رقم گھوٽ طرفان ملڻ گھرجي، اِن کي گذاري لاءِ ملندڙ رقم چئجي ٿو. سُپريم - ڪورٽ جي محمد اَحمد خان خلاف شاهبانو بيگم جي مقدمي ۾ شاهبانو - بيگم گذاري رقم ملڻ جو حق آهي. اَهڙو فيصلو سُپريم - ڪورٽ ڏنو. پر مذهبي سنگھٽن اِن جي خلاف شور - گوڙ مچايو. نتيجي طور پارليامينٽ ۾ 'مسلم وومين ائڪٽ' (پروٽيڪشن آف رائيٽس آن ڊائيورس) پاس ڪيو ويو. اِنهيءَ قاعدي کي قبول ڪيو ويو.

**سَتي - ٿيڻ کي روڪڻ جو قائدو:** ۴ سيپٽمبر ۱۹۸۷ ۾ راجستان ۾ آيل ديورا ڳوٺ ۾ روپ ڪنور نالي شادي - شده عورت سَتي ٿي. اُها پنهنجيءَ مرضيءَ سان ستي نہ ٿي هئي. اُنکي ستي ٿيڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو هو. سستي ٿيڻ، سستي پرٿا کي صحيح ٺهرائڻ وغيره ڳالهيون بي - قائدي هيون. مينا مينن، گيتا سيڊو، سُڄاتا آنند، انو جوسيف، ڪلپنا شرما اِنهن عورتن اِنهيءَ جي سچائيءَ جي کوج ڪئي. اِهي عورتون آزاديءَ لاءِ ڪم ڪندڙ هيون. اِهي اِخبارنويس بہ هيون سرڪاري ۱۹۸۸ ۾ سخت بندوبست ڪري 'ستي بندش قائدو منظر ڪيو.

**اِنساني حق جي بچاءُ قائدو:** عورت ۽ مرد وچ ۾ اَنياءُ دور ٿئي، اُن لاءِ ۱۹۹۳ ۾ اِهو قائدو ٺاهيو ويو. اُن لاءِ اِنساني - حق ڪميشن مقرر ڪئي ويئي. اِنهيءَ طريقي تي ڪجھ راجين 'راجيہ اِنساني حق ڪميشن' برپا ڪيون. اِنهيءَ قائدي موجب ساموهڪ اَتياچار، طلاق ورتل عورتن جي سماجڪ حالت، عورتون ۽ ڪم ڪرڻ لاءِ سلامتيءَ وارا هنڌ، اَهڙين اَلگہ - الگہ بابتن تي اَترڊار يومڪا عوّرتن تي ٿيندڙ اَنياءُ گھٽ ڪرڻ ۾ مدد ڪئي.

**عورتن لاءِ رزرويشن:** جوڙجڪ ۾ تيل ۷۳ ۽ ۷۴ درستيءَ سبب گرام پئنچائت، پئنچات ڪاميٽي ضلع - پريشد، نگرپالڪا، مهانگر پالڪا ۾ جڳهيون عورتن لاءِ محفوظ رکيون آهن. ڳوٺ جو سرپنچ پريزيڊنٽ، شهر جو پريزيڊنٽ، مهانگر جو ميير اِنهن عهدن لاءِ هڪ ڀاڱي ٽي جڳهيون عوّرتن لاءِ رکيون ويون آهن. سڄي ديش ۾ مهاراشٽر سان گڏ ۱۵ راجين ۾ عورتن لاءِ ۵۰٪ رزرويشن ڏنو ويو آهي. اِنهيءَ بندوبست سبب عورتن کي راجيہ ڪاروبار ۾ شريڪ ٿي. شراڪت ڪرڻ جا وجھہ ملن ٿا.

آزاديءَ کان پوءِ واري وقت ۾ پارٽيہ جوڙجڪ عوّرت - مرد وچ ۾ برابريءَ جا اُصول قبول ڪيا آهن. اُن موجب چوندن ۾ ووٽ ڏيڻ جا اَهميت پريو سياسي - حق عوّرتن کي مليو. مردن برابر عوّرتن کي تعليم جا، روزگار جا هڪجهڙا وجھہ ميسر ڪري ڏنا ويا آهن. سَتي ٿيڻ جي رواج، ڏيتي - ليتيءَ جي رواج، گھڻيون زالون رکڻ جي رواج تي قانون بندوش وڌي ويئي آهي. عوّرتن کي مالي ملڪيت ۾ قائدي موجب مناسب حصو ڏنو ويو آهي. سياسي حڪومت ۾ اِنصاف جي حصي ڏيڻ لاءِ مڪاني سنستائن ۾ ڪجھ جڳھيون عورتن لاءِ رکيون ويون آهن. اِنهيءَ بندوبست کي ڏسندي اَڄ اَسانکي اِئين ڏسڻ ۾ اِچي ٿو تہ عورتون تعليم وٺي پئسو ڪمائڻ لڳيون آهن. آزاد خيالن سبب عوّرتن کي پاڻ کي سُڃاڻو آهي. تعليم وٺڻ پئسي ڪمائڻ ڪاروبار هلائڻ، سياست اِنهن سيني کيترن ۾ عورتون جوش سان ڀاڱہ وٺي رهيون آهن.



### ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

ڀارت ۾ عورتون مکيہ - منتري سُڇيتا ڪرپالاڻي، (اُتر - پرديش)، نندني سنتپٿي (اوڙيسا)، جئہ للِتا (تمل ناڊو) مايا وتي (اُتر - پرديش) وَسُندرا راجي (راجستان) ممتا بئنرجي (اولهہ بينگال)، رابڙي ديوي (بهار)، شيلا ڊيڪشت (دهلي)، آنندي - بين پٽيل (گجرات)، محبوبا مفتي سعيد (ڪشمير) اُها پارتي (اُتر - پرديش)، راجيندر ڪوَر پٽل (پنجاب) سشما سُوراج (دهلي) سئيدا اَنور تئمور (آسام) ششيڪلا ڪاڪوڊڪر (گوئا)، جانڪي رام - چندرن (تمل ناڊو) اِنهن عورتن مکيہ - منتري طور پنهنجي پنهنجي راجين جي اَڳواڻي ڪئي.



## ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

نيويارڪ شهر ۾ ۸ مارچ ۱۸۵۷ ۾ هڪ مورچو نڪتو هو. ڪم ڪرڻ جا (ڪلاڪ) گهٽ ڪيو. واجب اُجورو ملڻ گهرجي. پالڻ گهر هئڻ گهرجن. وغيره گهرجن کي منائڻ لاءِ نڪتل ڪم - ڪندڙ عورتن جو اِهو پهريون مورچو هو. ساڳين گهرن جي پورائي لاءِ ۸ مارچ ۱۹۰۹ ۾ عورتن هڙتال ڪئي. نتيجي طور ڊينمارڪ ۾ ٿيل ’وومنس سوشلسٽ اِنٽرنئشنل‘ جي بئنڪ ۾ اِنهيءَ ڏينهن کي ’عورتن جي جنگ جو ڏينهن‘ طور پڌرو ڪيو ويو. ۱۹۷۵ اِهو ’اَنٽرراشٽريہ عورتن جو سال طور ملهايو ويو. ۱۹۷۷ ۾ اُن وقت جي متحد جماعت جي عام - سڀا ٺهراءُ پاس ڪري ۸ مارچ اهو ڏينهن دنيا ۾ عورتن جو ڏينهن طور پڌرو ڪيو.

**انوسُوچت جاتيون :** آزاديءَ کان پوءِ واري وکت ۾ اَسانجي جوڙجڪ آزادي، هڪجهڙائي، ڀائيچاري ۽ سماجڪ اِنصاف انياءُ جي ملهن جي پنيرائي ڪئي. اُن موجب اَڇوتپڻي جي روايت تي قانون بندش وڌي ويئي. جوڙجڪ جي ۱۷ فقري موجب اَڇوتپڻو ختم ڪيو ويو ۽ اَڇوت گُٽ کي اَنوسوچت جاتي ۾ آندو ويو. اِنهن جاتين جي ماڻهن جي مالي ۽ سماجڪ واڌاري لاءِ اُنهن کي تعليم ۽ نؤڪرين ۾ عيوضيپڻو ڏنو ويو.

**انوسُوچت جماعتُون:**

انوسوچت جماعت وانگر ديش جي اَڻانگن حصن ۾ رهندڙ آديواسي سماج جا ڪجهه سوالي مسئلا آهن. جديد سڌارن کان پري رهڻ سبب اُنهن جي مالي ۽ سماجڪ حالت پنتي پيڪ آهي. اڄ اُنهن جي حالت سُڌريڪ ٿيندي وڃي ٿي، تہ بہ جهنگڪ ۾ ٿيندڙ پئداش ۽ کيتي ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ گذران لاءِ نہ آهي. کيتي ڪرڻ لاءِ جديد سڌان اُنهن وٽ نہ پهتا آهن. اُن سبب کيتيءَ مان ملندڙ پئدائش اُنهن وٽ تمام گهٽ آهي. اُن ڪانسواءِ اُنهن جي کيتي لاءِ زمين جبلن جي مٿئين حصن ۾ هوندي آهي. اِها زمين سُنو فصل نہ ڏيندڙ آهي. گهٽ درجي ۽ اَڻ - پوري خوراڪ سبب اُنهن جي پرورش نيڪ ڍنگہ سان نہ ٿيندي آهي. اَهڙن ڏورانهين حصن ۾ وقت تي ڊاڪٽري مدد ملڻ ڏکيو آهي. اُن لاءِ آدِواسي جمات کي خاص بچاءُ ڏيڻ جي ضرورت آهي. ڀارتي جوڙجڪ ۾ آديواسين کي ’انوسُوَچت جماعتن ۾ شامل ڪيل آهي. ڪين قاعدن ساز منڊل، تعليم، سرڪاري شيوائون وغيره کيترن ۾ عيوضيپڻو ڏنو ويو آهي.

**پٽڪندڙ ۽ ومُڪت - جات - جماعت:**

پيٽ گذر لاءِ ڳوٺ - ڳوٺ ۾ پٽڪندڙ جات - جماعت کي ’پٽڪندڙ جات - جماعت‘ جي گُٽ ۾ شامل ڪيو وڃي ٿو. جانورن کي پالڻ ۽ ٻيا ڪم ڪري هيءُ گُٽ پنهنجو پيٽ - گذران ڪندو آهي. برٽش - سرڪار انهن مان ڪن جماعت کي گنهگاري جماعت جو ٺپو هنيو هو. برٽس سرڪار ۱۸۷۱ سال ۾ گنهگاريءَ تي بندش وجهندڙ قائدي جي مطابق مکيہ گٽن کي ’گنهگاري جماعت طور‘ ذڪر ڪيو ۽ اُنهن جي ڌنڌن ۽ حرڪتن تي بندن وڌا هئا.

آزاديءَ کان پوءِ واري وقت ۾ اِهو ظالم قائدو رد ڪيو ويو. اِنهن جماعتن تي پيل بندش هٽائي ويئي. اِنهن جماعتن کي ’مڪت - ٿيل جات - جماعت ۾ شامل ڪيو ويو. اُنهن جي مالي ۽ سماجڪ واڌاري لاءِ سرڪار طرفان خاص ڪوششون ٿي رهيون آهن. تعليم ڏيندڙ سنستائن ۾ سرڪاري کيتر ۾ اِنهن جماعتن کي عيوضي - پڻو ڏنو ويو آهي.

**ٿورائيءَ وارا ماڻهوُ :** ڪنهن سماج ۾ ڌارمڪ، ڀاشائي، يا ونش کان لحاظ تعداد ۾ گهٽ رهن ٿا. اِنهن شخصن جي سموهہ کي ٿورائيءَ وارا، (مائنارٽي) چئجي ٿو. اَسانجي ديش ۾ اَلگہ - اَلگہ ڌرم، پنٿ، ڀاشا هئڻ سبب سانسڪرتڪعلحدگي آهي. سانسڪرتڪ ريتيون، رسمون بہ اَلگہ آهن. اِنهن سانسڪرتڪ ريتين، رسمن سلامت رکڻ لاءِ، پنهنجي ڀاشا جي خاصيت جو واڌارو ڪرڻ لاءِ جوڙجڪ نگرواسين کي سانسڪرتڪ ۽ تعليمي حق

ڏنا آهن. مائنارٽي گَٽ کي پنهنجي ٻاشا، سنسڪرتي، ريتين - رسمن جو بچاءُ ۽ واڌارو ڪرڻ جو حق آهي. اُن لاءِ آزاد تعليمي ڏيندڙ سنستائون برپا ڪرڻ جو حق آهي. اُنهن کي ترڪ کي حاصڪ ڪرڻ لاءِ سرڪار معرفت اَنيڪ يوجنائون عمل ۾ آنديون وييون آهن.

ايندڙ باب ۾ اَسين ڀارت جي آزادي ملڻ کان پوءِ واري وقت ۾ وگيان ۽ تڪنيڪي کيتر ۾ ڪيل ترقيءَ جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪنداسين.



## اَڀياس

**١. هيٺ ڏنل جوابن مان صحيح جواب چونڊي بيان پورا ڪريو.**

(١) عيسوي سن ١٩٩٢ ۾ ----- راڄيه ۾ شراب پيئڻ جي خلاف تحرڪ شروع ٿيو.
(اَلف) مهاراشٽر (ب) گجرات (ٿ) آنڌر پرديش (ڊ) اُترکنڊ

(٢) ڀارت سرڪار ١٩٧٥ ۾ ----- جي صدارت هيٺ عورتن لاءِ ڪميشن (آيوگ) برپا ڪئي.
(الف) سُچيتا ڪرپلاڻي (ب) اُما ڀارتي (ٿ) وسنڌرا راڄي (ڊ) پرملا ڊنڊ وتي

**٢. هيٺين مان غلط جوڙي سچائي لکو.**

(١) سؤدامني - راوَ اِستري آزادي هلچل ڪاميٽي
(٢) وديا بال - ناري پربوڌن منچ
(٣) پرملا ڊنڊوتي - مَهلا - دڪشتا سمتي
(۴) ڊاڪٽر فلريڊو گُها- عورتن لاءِ ڪميشن

**٣. ڏنل بيان سبب ڏيئي سمجهايو:-**

(١) عؤرتن جي آزادي لاءِ هلچل شروع ٿي.
(٢) ١٩٨۴ ۾ ڏيتي - ليتي - سڏار جو قائدو ٺاهيو ويو.
(٣) اَجوتپٽي جو ريت - رسم تي قائدي موجب بندش وڌي ويئي.

(۴) سنوڌان ڦورائيءَ وارن - کي سانسڪرتڪ ۽ تعليم جا حق ڏنا آهن.

**۴. سبب لکو.**

(١) چپڪو هلچل
(٢) اِنساني - حق بچاءُ قائدو

**۵. هيٺ ڄاڻايل سوال جو وستار سان جواب لکو:**

عورتن جي گڏيل شڪتي جدا - جدا کيترن ۾ سڌاري واري تبديل آڻي سگهي ٿي. اِهو جُدا- جُدا مثال ڏيئي چٽيءَ طرح صاف لکو.

**مشغولي:-**

(١) گراميڻ ڀاڱن ۾ عورتن جي سيائن جي ڪمن جي معلومت وٺو.
(٢) آلگَہ - آلگَہ کيترن ۾ ذڪر ڪرڻ لائق خاص ڪم ڪندڙ عؤرتن جي معلوميت ڏيندڙ گٽڪو (Portfolio) تيار ڪيو.
(٣) مهلا بچت - گٽ جي ڪم معلوميت لکو.

HV3HQI

# ٧ سائنس ۽ ٽيڪنيڪي گيان

آزاديءَ کان پوءِ ڀارت جي سائنس ۽ ٽيڪنيڪي کيتر ۾ ڪيل خاص ڪمن جو هن باب ۾ اَسين اَڀياس ڪرڻ وارا آهيون. ساڳيءَ طرح سائنس ۽ ٽيڪنيڪي کيتر ۾ اَهميت رکندڙ سنستائون ۽ اُنهن جو ڏنل يوگدان اِنهن بابتن جو اَڀياس ڪرڻ وارا آهيون.

**ڀارتيہ اَڻوُ - اوُرجا آيوگ:** ڀارت جي پردان-منتري پنڊت جواهرلعل نهرو وگيانڪ نظريو اَپنائي راشٽر جي ترقي حاصل ڪرڻي هئي. اِنهيءَ ويچار سبب ڦهن ١٠ آگسٽ ١٩٤٨ تي اَڻوُ اورجا آيوگ برپا ڪئي. اِنهيءَ ڪميشن جي پهرئين پريزيڊنٽ طور ڊاڪٽر هومي ڀاڀا جي مقرري ڪئي ويئي. اَڻوُ اوُرجا مان بجليءَ جو نرماڻ، اَناج جي پئداڻش وڌائڻ ۽ قائم رکڻ، اُن لاءِ نئين ٽڪنيڪ جو واڌارو ڪرڻ، نئنو ٽيڪنولاجي وڌائڻ، اَڻو - اورجا ڪميشن جا مقصد هئا. ١٩٥٦ ۾ هن وياپڪ اَڻو - اوُرجا تي هلندڙ ڀارت جي پهرين اَڻو - ڀٽي اَپسرا عمل ۾ آندي.


ڊاڪٽر هومي ڀاڀا

١٩٦٩ ۾ اَڻوُ - اوُرجا مان بجلي نرماڻ ڪرڻ لاءِ مُمبئيءَ جي ڀرسان تاراپور ۾ اَڻو - شڪتيءَ جو سينٽر برپا ڪيو ويو. ٿوريم مان بجلي نرماڻ ڪرڻ لاءِ تملناڊوُ راجيہ ۾ ڪلپڪم وٽ 'ريئيڪٽر رسرچ سينٽر' شروع ڪيو ويو. اَڻوُ - اورجا جي واڌاري لاءِ رئيڪٽر جي ڀومڪا اَهميت رکي ٿي.

اڻو شڪتيءَ لاءِ ضروري ڳؤري پاڻيءَ جا ڪارخانا ٻڙودا، ٽالچير، ''ٽُٽيڪورن، ڪوٽا وغيره جڳهين تي اُڀاريا ويا آهن.

اَڻوُ ٻنين لاءِ ڳؤرو پاڻي (هئوي - واٽر) ديش جي اَندر وڏيڪ اَنداز ۾ پئدا ڪرڻ ۽ سنشوڌن ڪرڻ لاءِ 'هيوي واٽر پراجيڪٽس سنستا جي رچنا ڪئي ويئي اَڳتي هلي اِنهيءَ سنستا کي 'هيوي واٽر بورڊ' نالو ڏنو ويو.

**چاڻ حاصل ڪيو.**

٢٨ فيبروري اِهو ڏينهن سڄي ڀارت ۾ وگيان ڏينهن طور ملهايو ويندو آهي.

اِنهيءَ ڏينهن اِسڪول ۾ توهين ڪهڙي مشغولي ڪندا آهيو؟

**ڌرُوُ - اَڻو - ڀَٽي:** مُمبئيءَ جي ڀرسان ٽرُمبي وٽ ١٩٨٥ ۾ پوريءَ طرح ڀارتي بناوت جي ڌروُ اڻوُ - ڀٽي شروع ڪئي ويئي. يورنيم ڌاتوءَ جو جلاؤُ پدارٿ طور واپرائڻ لاءِ ڌروو اَڻوُ ڀٽيءَ جو وڏي پئماني تي اِستعمال ٿئي ٿو. ٽرُمبي جي سينٽر ۾ ٣٥٠ ڪرڻا نڪرڻ وارن پدارٿن جو نرماڻ ڪيو وڃي ٿو. اُن جو اِستعمال ڪارخانن کيتي ۽ طبيبي کيترن ۾ ٿئي ٿو.

**نيوڪليئر پاوَر ڪارپوريشن آف اِنڊيا (NPCIL):** اَڻو - شڪتي مان بجلي ٺاهڻ لاءِ ١٩٨٧ ۾ هيءَ ڪمپني برپا ٿي. مفحوُظ سستي ۽ پسگردائي جي نظرئي سان فائدي واري بجليءَ جي پئدا ٿيندڙ ٽڪنيڪ کي ثابت ڪرڻ ۽ اُن جو واڌارو ڪري ديش کي پنهنجو پاڻ تي ڀاڙڻ ۾ مدد ڪرڻ، اهو ڪمپنيءَ جو مقصد آهي.

## اَڻوُ آزمائش

**پوکرڻ ۾ پهرين اَڻوُ آزمائش:-** شانتيءَ لاءِ ۽ پنهنجو پورائو پاڻ ڪرڻ لاءِ اَڻوُ - اورجا جي اِستعمال لاءِ اِها نيتي اَپنائيندي ڀارت ١٨ ميءِ ١٩٧٤ ۾ راجستان ۾ پوکرڻ وٽ پهرين


ڊاڪٽر هومي سيٺنا

اَڻو - آزمائش ڪامياب نموني ڪئي.


ڊاڪٽر راجا رمنا

ڀارت جي اِنهيءَ فيصلي وٽ ۾ اَڻوُ - هٿيارن ۾ تيار چين ۽ پاڪستان جي چين جي مدد سان اَڻو - هٿيار ٺاهڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ، سبب هئا. اَڻوُ - اورجا ڪميشن جو پريزيڊنٽ ڊاڪٽر هومي سيٺنا ۽ ڀاڀا اَڻو سنشوڌن سينٽر جو سنچالڪ ڊاڪٽر راجا رامنا اِنهن جو هِن آزمائش ۾ اَهميت ڀريو حصو هو.

پرڌان منتر اِندراگانڌيءَ اَڻو وسفوٽ جي آزمائش جو فيصلو ڪيو. اُن ڌماڪي لاءِ اِنساني بستيءَ کان پري ۽ زمين جي اَندرئين حصي ۾ جتي نزديڪ پاڻي نہ هجي، اَهڙي جڳهہ راجستان جي پوکرڻ ۾ چونڊي ويئي.

## ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

١٩٧٤ ۾ ڀارت پوکرڻ ۾ پهرين - اَڻو - آزمائش ڪرڻ سبب آمريڪا پولار رسرچ، سنديش سرشتو ۽ مسائيل ٺاهڻ جي واڌاري لاءِ، بچاءَ نسبت تڪنيڪي گيان ڀارت کي ڏيڻ جو اِنڪار ڪيو.

آمريڪا تي نہ ڀاڙيندي پنهنجي ٻل تي اَهڙن مسائيل ٺهڻ جو پروگرام ٺاهڻ جي نيتي ڀارت قبول ڪئي. اُن سبب آمريڪا، سوويت رشيا ، فرانس چين ۽ جرمني جهڙن وڪاس ڪيل راشٽرن جي قطار ۾ ڀارت بہ آهي.

**ٻين -اَڻوُ آزمائش:** ١١ مئيءَ ١٩٩٨ ۾ ڀارت اَڻوُ - هٿيارن جي پوري حاصل ڪيل تياري ڏيکارڻ لاءِ پوکرڻ وٽ ٻيا اَڻو - پرکہ ڪئي. اِنهيءَ ڏينهن تي اَڻو - پرکون ڪيو ويون. ان ۾ هڪ هئڊروجن بم جي هئي. پرڌان - منتريءَ اَٽل بهاري وڄپاءِ ڀارت طرفان اَڻوُ هٿيارن جو پهريون اِستعمال نہ ڪيو ويندو. اَهڙي قسم جي گواهي ڏني. پر آمريڪا ڀارت تي ترت مالي پابندي وڌي .

## مسائيلس جو واڌارو:

١٩٨٨ ۾ ’پرٿوي‘ ۽ ١٩٨٩ ۾ اَگني اِنهن پرکہ ۾ ڪاميابي ۾ جڳهہ ڀارت جي اِنهن اڻو مسائيڪ وڪاس پروگرامن ڏانهن ڌيان ڏنو. اِنٽرگريٽيڊٽ گائيڊيڊ مسائيل ڊيولمينٽ پروگرام IGMDP جي اندر اِهو مسائيل جي واڌاري جو پروگرام هٿ ۾ ڪنيو ويو. اُن موجب ’بچاءَ‘ سنشوڌن ۽ واڌارو ڪندڙ سنستا‘ DRDO اِنهيءَ سنستا اَهڙن هٿيارن جي نرماڻ جي شروعات ڪئي. ڊاڪٽر اي. پي. جي. عبدل ڪلام جي اَڳوانيءَ هيٺي اِهي ڳالهيون حاصڪ ٿيون.


ڊاڪٽر اي.پي.جي عبدل ڪلام

## توهانکي خبر آهي ڇا؟

ڀارت سرڪار جي بچاءَ - وياپ جي اَندر ١٩٥٨ سال ۾ ’بچاءَ‘ - سنسوڌن ۽ واڌارو ڪندڙ سنستا DRDO برپا ڪئي ويئي. بچاءَ جا ساڌن، تجربي جا سامان، هٿيارن، اَڻوُ هٿيارن بابت ديش کي پنهنجو پاڻ تي ڀاڙڻ لاءِ سمرٿ بڻائڻ لاءِ هيءَ سنستا برپا ڪئي ويئي. هن سنستا جا مقصد ديش کي هر حالت ۾ سمرٿ بڻائڻ آهي. ١٩٨٣ ۾ ڊاڪٽر اي. پي. جي عبدل ڪلام جي اَڳوانيءَ ۾ هن سنستا اَنيڪ مسائيل هٿيارن جو واڌارو ڪيو. اِنهن مسائيل جو نرماڻ ۾ ڊاڪٽر ڪلام جو وڏو يوگدان آهي. ڊاڪٽر ڪلام کي مسائيل ڪاريہ ڪرم جو جنڪ مڃيو ويندو آهي. اُن کي ’مِسائيل - مئن‘ بہ چون ٿا.

’پرٿوي-۱‘ اِهو زمين کان زمين تائين مارو ڪندڙ مسائيل پيادي لشڪر وٽ، ’پرٿوي-۲‘ اُهو هوائي فوڄ، ’پرٿوي -۳‘ درياهي فوڄ کي سوُنپيا ويا. شروعات ۾ پرٿوي مسائيل جي لياقت ۵۰۰ کان ۱۰۰۰ ڪ.گ آڻڻ بم ۸ جي هئي. نيوڪليئر بئليسٽڪ مسائِل معرفت ۱۵۰ کان ۳۰۰ ڪلوميٽرن جي مفاصلي تائين پهچڻ ۾ حاصلات حاصل ڪرڻ پرٿويءِ مسائيل لاءِ ممڪن ٿيو آهي.

**اَگني:-** چين ۽ پاڪستان کي ڀارت جي ٿاهيل مسائيل هٿيارن نسبت سَمرٿيءَ کان واقف ڪرائڻ لاءِ، ڀارت جي سرحدن جي سلامتي رکڻ لاءِ، اَگني -۱ جي پرک ڪئي ويئي: اِنهيءَ فوڄي لڙائيءَ سان سنبنڌ رکندڙ مسائيل جو دائرو ۷۰۰ ڪلوميٽر جيترو هو. اُن کان پوءِ اگني -۲ ۽ اگني ۳ جو به نرماڻ ڪيو ويو.

**آڪاش، ناگ مسائيل:** زمين مان آڪاش ۾ حملو ڪرڻ لاءِ ۱۹۹۰ ۾ آڪاش نالي مسائيل جو نرماڻ ڪيو ويو. ۳۰ ڪلوميٽرن تائين دائرو ۽ ۷۲۰ ڪِلو وسفوٽڪ آواز کان تيز رفتار سان هلندڙ اِنهن جي قابليت آهي. دشمن جي فوڄي ٽئنڪ کي ناسُ ڪرڻ لاءِ فايرائنڊ فرگيٽ روپ وارا ’ناگ‘ مسائيل تيار ڪيا ويا. اَهڙن مسائيل جي نرماڻ سبب ڀارت لشڪري نظرئي سان حفاظت جي لحاظ سان مضبوط ٿيو آهي.

**پولار ڪوڄنا:-** ڪيرل راڄيه جي ٿنبا جي ’ٿنبا اِڪويٽوريل لانچ سينٽر‘ تان انڊين نئشنل ڪاميٽي فار اسپيس رسرچ سنسٿا ڀارت جي پهرئين سنشوڌڪ راڪيٽ کي ۱۹۶۱ ۾ ڪاميابيءَ سان اُڇليو ويو. ۱۹۶۷ ۾ ٿمبا وٽ ديسي بناوت جي ’روهڻي ۷۵‘ راڪيٽ جو ڪامياب ڏڪلائڻ جو ڪم ڪيو ويو. اُن کان پوءِ ۱۹۷۵ ۾ سوويٽ رشيا جي مدد سان پهرئين ڀارتيه ’آريه ڀٽ‘ جو ڪامياب ڏڪلائڻ جو ڪم ڪيو ويو. اِنهيءَ ڪاميابي حاصل ڪرڻ سبب آڪاش ۾ چڙهڻ لائق اُپ - گرهن جي سُٺي بناوت ڪرڻ ۽ اُنهن جو نرماڻ ديش ۾ ڪرڻ ممڪن ٿيو، ۽ حاصلات به ٿي. زمين جي سينٽر مان اُپ گرهه ڏانهن پيغامن پهچائڻ ۽ اُپ گره کان آيل جاچ رکي زمين جي سينٽر جو حاصل ڪرڻ جي ڍنگ کي واڌاري ڪرڻ لاءِ ۽ اُپ گرهه جي ڪم جي جو مُلهه ماپڻ لاءِ اوچي قسم جي تڪنيڪ سائنسدانن جي سمجهه ۾ آئي اُن سبب ڀارت جي سائنسدانن جو آتم - وشواس وڌايو.

**اِسرو (Indian Space Research Organisation):** پولار ڪوڄنا جا بنيادي پروگرام ۽ راڪيٽ سان سنبنڌ رکندڙ ڪاميابيءَ جي مشغولي ۾ حاصلات ملڻ سبب اَوڪاش ڪيتر ۾ وڌيڪ سنشوڌن ڪرڻ لاءِ ۱۵ آگسٽ ۱۹۶۹ ۾ اِسرو کي برپا ڪيو ويو. اِسرو جي هيڊ - آفيس بئنگلور ۾ آهي. اسرو جي اُپ گرهه کي پولار ۾ ڏڪڻ لاءِ آنڌر پرديش جي شري هري ڪوٽا ۾ پولار بيس کي عمل ۾ آندو ويو.

**ڀاسڪر -۱:** ۱۹۷۹ ۾ پرٿويءَ جي متاڇري تي آيل اَلڳه - اَلڳه حالتن جي جاچ دور - اَحساس تڪنيڪيءَ سان حاصل ٿئي. اِسرو جي طرفان تيار ٿيل ڀاسڪرا اِهو دور حالتن جو اَحساس ڪرائيندڙ تجرباتي اُپگره ڀارت سوويٽ رشيا ديش مان موڪليو. ديش ۾ پاڻيءَ جو ڀنڊار معدني شين جو سنگره، آب هوا، مؤسم، اِنهن بابتن جو اَنداز نظر ۾ رکي ديش جي واڌاري لاءِ دور اَحساس ڪرائيندڙ تڪنيڪ فائدو ڏيندڙ آهي. اِنهيءَ تڪنيڪ سان ڌرتيءَ جي اَندرئين حصي بابت، پسگردائيءَ بابت، جهنگلن بابت ڪيڏيل فوٽا اَهميت رکن ٿا. اِنهيءَ اُپگره معرفت مليل معلوميت جو اِستعمال بحري وگيان ۾ ٿيل آهي. ۱۹۸۱ ۾ ڀاسڪر ۲ اُپگره مسائيل گرهه سوويٽ رشيا مان موڪليو ويو.

**اَئپل:-** اِسرو پوريءَ طرح ڀارت جو پهريون دور - سنچار اُپگره ۱۹ جون ۱۹۸۱ ۾ ’فرينچ گيانا مان موڪليو. اَئپل سبب تعليم ڪيتر ۾ مدد ٿي. سنڪت وقت دور - سنچار سيوا ميسر ڪري ڏيڻ جو مقصد ڪامياب ٿيو.

**اِنسيٽ (Indian National Satellite):** آگسٽ ۱۹۸۳ ۾ ’اِنسيٽ-۱ بي جي اُپگره جو ڪاميابيءَ سان اُڇلڻ جو ڪم پورو ٿيو. اُن سبب ڀارت جا دوُر - سنچار، ٽيليوزن، ريڊيو، آبهوا جي اَنداز بنسبت ۽ پولار اِنهن ڪيترن ۾ ڪرانتي آندي. اِنسيٽ

سبب ديش ۾ ٢٠٧ آڪاش واڻي ريڊيو سينٽر هڪ ٻئي سان ڳنڍيا ويا. اِنهيءَ ڍانچي جو اِستعمال سنڪٽ ۾ آيلن جي ڳوڃ ۽ بچاءُ (جهاز جي حادثي وقت) آبهوا جي اَڳڪٿي، بادلن جي ڳوڃ ۽ اُن جي ڳولها، ٽيلي - ميڊيسن ۽ تعليمي سنستائن کي ٿئي ٿي. اِنسيٽ ريٽيءَ ۾ ٽيلي - ميڊيسن سيوا سبب ڳوناڻي جنتا ۽ پهچ کان پري آيل حصن ۾ رهندڙ جنتا کي ماهر ڊاڪٽرن جي صلاح ۽ دوا درمل سَولائيءَ سان ميسر ٿي سگهي ٿي. ڳوٺن ۽ ننڍن ڳوٺن ۾ آيل ميڊيڪل شيوا - سينٽر شهر ۾ آيل سُپر - اِسپشيالٽي اِسپتالن انسيٽ سان جوڙيا وڃن ٿا.

**تڪنيڪي گيان ۾ ترقي:** ريلوي اِنجڻ جو نرماڻ ڪندڙ 'چترنجن لوڪ موٽو ورڪسن' اِنهيءَ ڪارخاني جي اولهه بنگال ۾ بردوان ضلعي ۾ چترنجن وٽ اَڏاوت ڪئي ويئي. اِنهيءَ ڪارخاني ۾ ٻاڦ تي هلندڙ اِنجڻ، ڊيزل ۽ بجليءَ تي هلندڙ اِنجڻين جو نرماڻ ڪيو ويو. واراڻسيءَ ۾ ڊيزل لوڪو ورڪس ۾ پهرين ڊيزل انجڻ نرماڻ ٿي. اِتان شري لنڪا، بنگلا ديش، تنزانيا ۽ دئيتنام ڏانهن اِنجڻين جي روانگي ٿي.

**ٽيليڪس شيوا:** ديش جي هڪ حصي کان ٻئي حصي ۾ تيز رفتار سان ڇپيل روپ ۾ پيغام کي پهچائيندڙ ٽيليڪس شيوا ١٩٦٣ ۾ ديوناگري لپيءَ ۾ ٽيليڪس شيوا پهريون دهليءَ ۾ شروع ٿي. اَڳتي اُن شيوا جو ڦهلاءُ ڀارت جي سيني ڪيترن ۾ ٿيو. ١٩٩٠ کان پوءِ انٽرنيٽ جي اَچڻ سبب اِنهن شيوائن جي اَهميت نه رهي.

**اُپگرهن جا دوُر - سنچار سينٽر:** هترادوُ اُپگرهن جي مدد سان ديش جي اَندر 'سنديش جو ڦهلاءُ (سيٽلائيٽ ڪميونڪشن) ممڪن ٿيو. اُن لاءِ اُپگره اُنهن سنديش موڪلڻ لاءِ ۽ اُپگره مان ايندڙ نياپا گرهڻ ڪرڻ لاءِ ضروري ديش جي اَندر (ڊوميسٽڪ) سئٽلائيٽ دور - سنچار زميني سينٽر ١٩٦٧ ۾ اَحمدآباد ويجهو 'جوڌپور ٽيڪرا' جي حصي ۾ ٺاهيو ويو. اُن سبب ڀارت جي سائنسدانن ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي معلوميت رکندڙن لاءِ زميني - سينٽر جي اَڏاوت بابت ۽ اُن جي ڪم ڪرڻ جي ريت جي باري ۾ ٽريننگ ڏيڻ سوُلو ٿيو. ١٩٧٠ ۾ پڻي جي ويجهو آرويءَ ۾ ديش جي اَندر دور - سنچار شيوائن لاءِ جديد زميني سينٽر جي اَڏاوت ٿي.

**پن - ڪوڊ:** ١٥ آگسٽ ١٩٧٢ کان ڀارت جي ٽپال ۽ تار وڀاڳ ديش ۾ ٦ اَنگن جو پوسٽل اِنڊيڪس ڪوڊ ( پن ڪوڊ) شروع ڪيو. ٽپال ورهائڻ ۾ ڪم ڪرڻ ۾ رفتار آڻڻ، اِهو اُن جو مقصد آهي. اِنهيءَ طريقي ۾ ديش کي نون حصن ۾ ورهايو ويو. پن ڪوڊ ۾ پهريان نوَ نمبر مکيه وڀاڳ ڏيکارن ٿا، ٻيو نمبر اُپ - وڀاڳ، ٽيون نمبر اُپ وڀاڳ ۾ آيل مکيه ضلعي ۽ باقي بچيل نمبر مڪاني پوسٽ آفيس جي مقرر جڳهه ڏيکارن ٿا. مهاراشٽر لاءِ ٤٠، ٤١، ٤٢، ٤٣، ٤٤ اِهي پهريان ٻه اَنگ آهن. ١٩٨٦ ۾ ٽپال رفتار سان پهچائڻ لاءِ سپيڊ - پوسٽ شيوا شروع ٿي.

**آءِ ايس ڊي: (اِنٽرنئشنل سبسڪرائبر ڊائلڊ ٽيليفون سروس)** ١٩٧٢ ۾ ممبئيءَ ۾ اور رسيز ڪميونڪيشن سروسيس کي برپاڪ يو ويو. اُن سبب اَنترراشٽريه دوُر - سنچار شيوا جو بندوبست ١٩٧٦ ۾ ممبئي ۽ لندن اِنهن شهرن ۾ سڌو ٽيليفون - حاصل ڪري آءِ ايس ڊي شيوا شروع ٿي. ٽيليفون وانگر ٽيليڪس ٽيلي پرنٽر، ريڊيو، فوٽا اَهڙن قسمن جون شيوائون شروع ٿيون. ١٩٨٦ ۾ وديش سنچار نگم لمٽيڊ (VSNL) ان ڪيتر ۾ هڪ وڏي چالنگ لڳائي. ان کان اَڳ مهانگر ٽيليفون نگم لمٽيڊ وڏن شهرن ۾ دور - سنچار شيوائن لاءِ برپا کي ويئي. اِها سرڪار ڪمپني هئي. ١٩٩٠ جي ڏهاڪي ۾ VSNL ڀارت ۾ اِنٽرنيٽ شيوائن جو پورائو ڪندڙ هڪ مکيه ڪمپنيءَ طور جڳهه حاصل ڪئي.

**موبائل:** ٢٢ آگسٽ ١٩٩٤ ۾ ڀارت ۾ موبائيل شيوا شروع ٿي. اُن وقت موبائيل هئنڊ - سيٽ ٤٥

هزار رپيا ۾ ڪال - ريٽ هر منٽ جا ١٧ رپيا هئا. ١٩٩٩ ۾ اِنهيءَ ڪيتر ۾ اَنيڪ خانگي ڪمپنون آيون. اُن سبب شيوا سستي ٿيڻ لڳي.

### بحث - مباحثو ڪيو

موبائيل ٽيڪنالاجي ۾ ٿيل اَنيڪ تبديلن بابت معلوميت حاصل ڪيو. اُن جي فائدن ۽ نقصان بابت بحث - مباحثو ڪيو.

**ڀارت - سنچار نگم لمٽيڊ BSNL:** سال ٢٠٠٠ ۾ دوُر - سنچار وياپار جي وري رچنا ڪرڻ ۾ آئي. نيتيءَ نسبت فيصلن جي جوابداري دوُر - سنچار وياپار وٽ قائم رکي ويئي. گراهڪن کي - شيوا جو پورائو ڪرڻ لاءِ ڀارت سنچار نگم لمٽيڊ برپا ڪيو ويو. ٽيليفون شيوائن سان گڏ سيليولر اِنٽرنيٽ براڊ بئنڊ شيوائون به ميسر ٿيون.

**آئل ائنڊ نيچرل گئس ڪارپوريشن ( او اين جي سي)** مئدني تيل ۽ قدرتي هوا ڀنڊار جي کوج ڪرڻ، اُن جي پئدائش وڌائڻ لاءِ ١٩٥٦ ۾ آئل اَئنڊ نيچرل گئس ڪارپوريشن برپا ڪئي ويئي آسام راجيہ جي ڊِگبوئيءَ کان پوءِ گجرات ۾ اَنڪليشوير پسگردائيءَ معدني تيل جا ڀنڊار مليا.

اَڳتي گجرات ۾ ڪنبات - کاڙيءَ ۾ معدني - تيل ۽ قدرتي هوا جا ڀنڊار مليا.

معدني تيل ۽ قدرتي گئس ڪميشن (ONGC) ١٩٧۴ ۾ ساگر - سمراٽ اِنهيءَ ڊريل - شپ جي مدد سان 'بامبي هاءِ' پسگردائيءَ ۾ رشين ماهرن جي مدد سان تيل جا کوہ کوٽڻ شروع ڪيا. اَڳتي اِنهيءَ حصي ۾ ٨٥٠٠ کان وڌيڪ تيل جا کوهہ ۽ قدرتي هوا جا ٣٣ کوهہ کوٽيا ويا. اُن سبب ڀارت جي تيل جي ڪل پئدائش ۾، اِنهيءَ ڪيتر جو ٣٨ سيڪڙو پهتو. ديش جي معدني تيلن جي ڪُل گهرجن مان ١۴ سيڪڙو گهرجون اِنهيءَ ڪيتر سبب پوريون ٿيون.



### ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

**ڪونڪڻ ريلوي:** ١٩٩٨ ۾ ڪونڪڻ ريلوي شروع ٿي. اَٽڪل ٧٦٠ ڪلوميٽر ڊگهي، گوئا، ڪرناٽڪ، ڪيرل، مهاراشٽر اِنهن چئن راڄين ۾ ڦهليل ڪونڪڻ ريلوي مارگہ تي ٽيڪنالاجيءَ جا اَنيڪ رڪارڊ آهن. اِنهيءَ مارگہ تي ڪُل ١٢ سرنگهون آهن. اِنهيءَ مارگہ تي ڪاربڙي وٽ ٦.۵ ڪلوميٽر ڊگهو پهاڙ جي آر - پار وڏي ۾ وڏي سرنگهہ آهي. ١٧٩ وڏيون ۽ ١٨١٩ ننڍيون پُلون هن مارگ تي آهن. اُنهن مان هوناور ويجهو شراوتي نديءَ تي ٢٠٦۵.٨ ميٽر ڊگهي پُل سڀني کان وڏي آهي. رتناگِريءَ جي ويجهو پنول نديءَ تي ٦۴ ميٽر اوچائيءَ واري پُل سڀني کان اوچي پل آهي.

پٿر ڪرڻ وارن رستن تي اِنجڻين ۾ سينسرس وهاريا ويا آهن.

**ريلوي ۽ ٽيڪنالاجي:-** جديد ڀارت جي اِتهاس ۾ ريلوي طرفان قبول ڪيل ٽيڪنالاجيءَ جو تمام گهڻي اَهميت آهي. ريلوي جي مُسافريءَ ۾ رزرويشن سرشتي ۾ ڪمن جي قابليت وڌائڻ، غلطي نہ ٿيڻ ۽ سُٺي بندوبست آڻڻ لاءِ ١٩٨۴ ۾ دهليءَ ۾ سڀ کان پهرين ڪمپيوٽر ذريعي رزرويشن بندوبست ڪيو ويو. هاڻي اِنٽرنيٽ دوارا گهر ويٺي ڪمپيوٽرائيزڊ رزرويشن ڪري سگهجي ٿو.

اَهڙيءَ طرح ڀارت وگيان، ٽيڪنالاجيءَ جي ڪيترن ۾ لاڳيتي ترقي ڪئي آهي. روزانو نيون نيون رسرچ ڪيون وڃن ٿيون. ڀارت ايڪويهن صديءَ ۾ هڪ اَهميت رکندڙ ديش آهي. ڀارت تڪنيڪي گيان جو اِستعمال جڳت ۾ شانتي آڻڻ لاءِ ڪيو آهي. ڀارت ٢١ صديءَ ۾ اَڳوان بڻجڻ جي مقصد لاءِ اِهي ڪم ڪري رهيو آهي.

ايندڙ باب ۾ اَسين ڀارت جي ڪارخانن ۽ واپار جي ڪيترن ۾ ڪيل ترقيءَ بابت معلوميت حاصل ڪنداسين.



## اَڀياس

**١. (الف) هيٺ ڏنل جوابن مان صحيح جواب چونڊي جملا پورا ڪريو.**

(١) اَٽوٽ - اوُرجا آيوگ جو پهرئين پريزيڊنٽ طور ---- جي مقرري ڪئي.

(الف) ڊاڪٽر هومي ڀاڀا (ب) ڊاڪٽر هومي سيٺنا (ت) ڊاڪٽر اي. پي. جي عبد ڪلام (ٿ) ڊاڪٽر راجا رمڻا.

(٢) اِسرو جي پوريءَ طرح ڀارت ۾ تيار ڪيل --- اِهو پهريون دور سنچار اُپگره آهي.

(الف) آريه ڀٽ (ب) اِنسيٽ ابي (ٿ) روهڻي ٧٥ (ڊ) اَئپل

**(ب) هيٺ ڏنل جوڙين مان غلط جوڙي سڃاڻي لِکو.**

(١) پرٿوي - زمين کان زمين تي مارو ڪندڙ مسائيل

(٢) اَگني - زمين کان پاڻيءَ اَندر مارو ڪندڙ مسائيل

(٣) آڪاش - زمين کان هوا ۾ مارو ڪندڙ مسائيل

(۴) ناگ - دشمن جي ٽئنڪ ناس ڪندڙ ماسائيل

**سوال ٢ ڏنل هدايت موجب ڪم ڪريو**

**(الف) ڀارت جي وگيان - تڪنيڪي گيان ترقيءَ نسبت وقتي - ريکا ڏهاڪن مطابق تيار ڪيو.**




**(ب) سبب لکو.**

(١) پولار ڪوجنا (٢) ٽيليڪس شيوا

(٣) پوکرڻ اٽو ٽيسٽ (۴) پاسڪر - اُپگرهه.

**٣. هيٺ ڏنل بيان سبب ڏيئي سمجهايو.**

(١) پنڊت نهروءَ اَٽوُ - اُدرجا آيوگ برپا ڪيو.

(٢) ڀارت اَٽوُ - آزمائش ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

(٣) آمريڪا ڀارت تي مالي بندش وڌي.

**۴. هيٺين سوالن جا جواب وستار ۾ لکو.**

(١) توهانجي استعمال ۾ ايندڙ ڪهڙين ڪهڙين سهوليتن ۾ اُپگره جي ٽيڪنالاجيءَ ۾ اَثر نظر اَچي ٿو؟

(٢) ڊاڪٽر اي. پي. جي عبدل ڪلام کي مسائيل - مئن' چو ٿو سڏيو وڃي؟

(٣) ڪامپيوٽرائيزڊ ريلوي رزرويشن ڪيئن ڪيو ويندو آهي؟

(۴) ڪونڪڻ-ريلوي جون خاصيتون ڪهڙيون آهن؟

**مشغولي:-**

(١) اِنٽرنيٽ جي مدد سان ٿُمبا اِڪويٽوريل لانچ - سينٽر جي معلوميت حاصل ڪيو.

(٢) توهانجي ويجهي ريڊيو سينٽر ٽي-وي. سنيٽر جو دؤرو ڪيو ۽ اُن جي معلوميت حاصل ڪيو.

# ٨ اُديوگ ۽ واپارُ

هن باب ۾ اَسين آزاديءَ کان پوءِ واري وقت ۾ اُديوگ ۽ واپار جي باري ۾ معلوميت ڪرڻ وارا آهيون.

ڀارت آزادي ٿيڻ کان پوءِ اُديوگ جي واڌاري ڪي رفتار ڏيڻ لاءِ ١٩٤٨ ۾ ’ڀارت جي فائنانس اُديوگڪ مها - منڊل‘ برپا ڪيو ويو. ڪارخانن، اُديوگ جي پراجيڪٽن کي وڏي عرصي تائين قرض ميسر ڪرائي ڏيڻ، اِهو هن منڊل جو مقصد هو. ساڳيءَ طرح ١٩٥٤ ۾ ڪارخانن، اُديوگ جي واڌارو وڏيڪ اَنداز ۾ ٿئي ا لاءِ ’ڀارت جو اُديوگڪ واڌارو ڪندڙ مها منڊل‘ برپا ڪيو ويو.

## ڀارت جا ڪجھ اُديوگ:

**ڪپڙي جو اُديوگ:** ديش جي ڪُلُ اُديوگڪ پئداش ۾ ڪپڙي اُديوگ جو حصو اِٽڪل ٤١% آهي. ڪپڙي جي اُديوگ ۾ مشينن سان هلندڙ ڪارخانا ۽ آڏاٽن سان هلندڙ اُديوگ ڏنڌا شامل آهن. هٿن سان هلندڙ آڏائڻ جو اُديوگ محنت کي اَڳرائي ڏئي ٿو. ’ٽيڪسٽائيل ڪاميٽي اَئڪٽ ١٩٦٣ مطابق ڪپڙي جي اُديوگ - ڪاميٽي برپا ڪئي ويئي آهي. ديس جي اِندر هلندڙ بازارن لاءِ ۽ روانگيءَ تيار ڪيل ڪپڙن جي خوبين لياقت طئہ ڪرڻ جو ڪم هيءَ ڪاميٽي ڪندي آهي.

**ريشم اُديوگ:** ڪپڙا اُديوگ منتراليہ جي ديکہ - ريکہ هن اُديوگ جو ڪم هلي ٿو. ريشمي جيتن، جي ذات ۽ توتن جي وڻ جي سنشوڌن بئنگلور ۾ ’سيربايوٽڪ رسرچ ليبوريٽري‘ ۾ ٿيندو آهي.

اِهو اُديوگ مکيہ طور ڪرناٽڪ، آنڌرپرديش، اولهہ بينگال، جمو - ڪشمير جي راجين ۾ آهي. ساڳيءَ طرح اُديوگ جو ڦهلاءُ آدِواسين جي گهڻائيءَ وارن ڀاڱن ۾ راجين ۾ ٿيل آهي.

**سِٽي - اُديوگ:** سَٽيءَ جي پئدائش ۾ ڀارت پُرمکُہ ديش آهي. ڀارت مان وڏي انداز ۾ سِٽي پئدائش جي روانگي ٿيندي آهي. سٽيءَ مان ڪپڙو، ڳوٽين جو ڪپڙو، ٿلهي نوڙي وغيره شيون ملن ٿيون.



## چا توهانکي ڄاڻ آهي؟

پنهنجي بچت گٽ ۽ شيواڏاري سنسٿائن جي (اين. جي. او) جي مدد سان ڪورين کي مدد ڪرڻ واري ’ميگا - ڪلسٽر‘ يوجنا آهي. اُن ۾ ڪچي مال، ڊزائن سامگري، (ٽيڪناجي) جي واڌاري لاءِ ڪورين جي ڪلياڻ لاءِ مدد ڪئي وڃي ٿي.

**هٿ جو هُنر:** هيءَ محنت وارو ڪيتر آهي. روزگار ملڻ جي قابليت، گهٽ سيڙپ، وڏيڪ نفعو روانگيءَ کي اڳرائي ۽ وڏيڪ پرائي ناڻي، سبب هٿ جي ڪاريگريءَ واري ڪيتر ۾ هنر مندن کي روزگار ملي ٿو. ڳوٺاڻي، ايراضي ۽ شهري ڪيترن ۾ آيک ڪاريگرن کي بزار ميسر ڪرائڻ لاءِ ’دهلي-هاٽ‘ جهڙي مارڪيٽ بندوبست اَنيک شهر ۾ شروع آهي. اُنهن مان هڪ شهر مُمبئي ۾ آهي.

**واهڻ اُديوگ:** واهن پئدائش ۾ ڀارت مکيہ ديش آهي. ڀارت مان چاليهن ديشن ڏانهن واهڻن جي روانگي ٿيندي آهي. مثال ڀارت ۾ واهڻ اُديوگ کي ’سن - رائيز‘ ڪيتر چيو ويندو آهي. ڀارت ۾ ٽرئڪٽر اُديوگ جڳہ ۾ سيني ديشن کان وڏو آهي. جڳہ جو ١ - ٣ ٽرئڪٽر پئدائش ڀارت ۾ ٿئي ٿي. ڀارت جا ٽرئڪٽر ترڪستان، مليشيا ۽ آفريڪن ديشن ڏانهن وڃن ٿا. اُنهن ٽرئڪٽرن جي روانگي آفريڪا کنڊن ۾ ٿئي ٿي.

**سيمينٽ اُديوگ:** گهرن جي نرماڻ ۽ بنيادي ڍانچي جي واڌاري لاءِ سيمينٽ - اُديوگ جي اَهميت آهي. ٽيڪنالاجي بابت سيني جديد اُديوگن هيءَ هڪ اُديوگ ترڪي ڪندڙ آهي. اَڄ ڀارت جڳہ ۾ سيمينٽ نرماڻ ڪرڻ ۾ ڀارت اَهميت رکندڙ ديشُ آهي.

**چمڙي جو اُديوگ:** ڀارت ۾ هيءُ هڪ وڏو اُديوگ آهي. ڀارت چمڙي مان ٺهيک شين جي روانگي ڪري ٿو.

**لوڻ جو اُديوگ:** هن وقت ڀارت لوڻ جي اُديوگ ۾ مکيه ديشُ آهي. ڀارت ۾ لوڻ جي پيدائش ٢٠٠ لک ٽن آهي. آيوڊن - واري لوڻ جي پيدائش ٦٠ لک ٽن جيتري آهي.

**سائيڪل اُديوگ:** سائيڪل جي پيدائش ۾ ڀارت جڳه ۾ اَڳيان وڌندڙ آهي. پنجاب ۽ تمل ناڊو اِنهن راڄين ۾ سائيڪلن جو اُتپادن ٿئي ٿو. لڌيانا شهر ديش ۾ مکيه سائيڪلون ٺاهيندڙ مرڪز آهي. ڀارت سائيڪل جي روانگي ڪندڙ ديش آهي.

**کاڌي ۽ گرام - اُديوگ:** ڳوٺاڻن حصن ۾ هنرن ۾ رفتار آڻڻ لاءِ کادي ۽ گرام اُديوگ جي آيوگ کي برپا ڪيو ويو. ڳوٺن ۾ پشت پشت هلندا ايندڙ اُديوگ، هٿن جا هنري ڌنڌا، ننڍا ڌنڌا گهريلو ڌنڌا، مڪاني سطح تي ميسر ڪري ڏيڻ لاءِ، ساڌن، ملڪيت ۽ اِنساني - ٻل جي اِستعمال ۾ اضافو ڪرڻ لاءِ ننڍن - ڌنڌن جو واڌارو ٿيڻ گهرجي ۽ روزگار جا وسيلا پيدا ڪري ڳوٺن کي پنهنجو پاڻ تي ڀاڙڻ لاءِ تيار ڪرڻ گهرجي. اِهي مکيه مقصد هن آيوگ برپا ڪرڻ پنيان هئا.

**کيتي - اُديوگ:** ڀارت ۾ سلسلي سان هلندڙ ريت موجب، ۽ جديد طريقن سان کيتيءَ جا ڪم ڪيا ويندا آهن. کيتيءَ سان سنبنڌ رکندڙ اِنيڪ ڪم ڏاندن جي مدد سان ڪيا ويندا آهن. ساڳيءَ طرح مشينن جو اِستعمال هرُ ڏيڻ لاءِ، فصل لاءِ ٻڃن کي کيتيءَ جي زمين ۾ وجهڻ کان وٺي. فصل ڪپڻ تائين، سنگه لتاڙڻ، اَناج جا داڻا ڪڍڻ تائين مشينن جو اِستعمال ٿئي ٿو.

ڀارت جي ڳوٺن ۾ مکيه ڌنڌو کيتي ۽ کيتيءَ تي آڌار رکندڙ ٻين ڪمن جو آهي. ننڍڙن ڳوٺن ۾ کيتيءَ جو ڪم ۽ جانورن کي پالڻ جو ڪم ملن ٿا. کيتيءَ جي ڪمن ۽ کيتيءَ جي پيدائش تي ٧٠% سماج آڌارُ رکي ٿو. کيتيءَ جي ڌنڌي ۾ مردن سان گڏ زالن جو به وڏو حصو آهي.

ڀارت ۾ کيتيءَ جو ڌنڌو اَلڳه - اَلڳه مندن موجب ٿئي ٿو. اِهو منداڻو آهي. اَنيڪ قسمن جا فصل کيتين ۾ ڪيا وڃن ٿا. جوئر، ڪڻڪ، چانور، داليون تيلي ٻج اِنهن جي پيدائش مکيه طرح سان ٿئي ٿي. اِنهن سان گڏ ڪپهه، ڪمند مان ڪپڙو ٺاهڻ ۽ کنڊ جا ڌنڌا به ڳوٺن ۾ هلن ٿا.

ڦلن ۽ ساين ڀاڄين جي پيدائش کيتن مان وڏي اَنداز ۾ ٿئي ٿي. اَڄڪلهه انهن تي ٿي ترتيب وارا ڀيا به ڌنڌا ڳوٺن ۾ هلن ٿا. کيتيءَ سبب اِنساني بنيادي گهرجن جي پورپائي ٿئي وڃي ٿي. کيتيءَ جي ڌنڌي کي مالي مدد ملي اُن لاءِ ڳوٺاڻي ايراضين ۾ بئنڪون ۽ سهڪاري مدد ڪندڙ سنستائون برپا ڪيون وييون آهن. اِنهن بئنڪن ۽ سهڪاري سنستائن معرفت کيتي ڪندڙن کي قرض ڏنو ويندو آهي. پئنچات سمتي معرفت کيتيءَ جي سُڌاري لاءِ ٽريننگ ڏني ويندي آهي. کيتيءَ جا معلوميت رکندڙ ڄاڻو ڪڙمين سان ملاقات ڪندا آهن ۽ کيتي سڌاريءَ مارگ - درشن ڏيندا آهن. کيتي ڪندڙ ڪڙمين لاءِ پڪنڪ يا پروگرام رکيا ويندا آهن. ڪڙمين جي ميلن جو آيوجن ڪيو ويندا آهن. کيتيءَ جي اوزان، ٻڃن ۽ ڀاڻن جو پورائو ڪيو ويندو آهي. زرعي ڪلچر - يونيورسٽيءَ جي وستار سيوا طرفان ڪڙمين کي مٽيءَ جي پرکه، ميون جي باغ، باغيچن، نرسري، مڇي - مارڻ ڪڪڙيون پالڻ جڳهيون جوڙڻ، رڍون ۽ ٻڪريون پالڻ، ڳانين ۽ مينهن جي حفاظت ڪرڻ، کير جو ڌنڌو ڪرڻ، اِنهن سيني ٻاتين لاءِ ٽريننگ ڏني ويندي اهي ضلع - سطح تي ڌنڌي بابت رهنمائي ڪندڙ سنستا ڳوٺاڻن کي مٽي ڄاڻايل ڌنڌن نسبت مارگه - درشن ڪندي آهي. پيدائش ٿيل مال کي سانڍڻ لاءِ گودام (ويئر هائوس) ٺاهڻ لاءِ مالي - مدد ڏني ويندي آهي.

ڀارت اَناج جي پيدائش ۾ ۽ فصل ڪرڻ جي طريقن ۾ پنهنجو پاڻ تي ڀاڙي رهيو آهي ڦڙي - ريچ ۽ آرگينڪ کيتيءَ ۾ جد يد طريقا اَپنائڻ ۾ ڀارن ڪامياب رهيو آهي.

**ڀارت سرڪار جي نيتي:** چوٿين پنج ساليانی يوجنا جي‌نيتيءَ واري وقت ۾، ڪاغذ جو اُديوگ، دوائن جو اُديوگ، موٽر ٽرئڪٽر جو اُديوگ، چمڙي جون شيون، ڪپڙي جو اُديوگ، ڪاٺ جي پدارٿن جو اُديوگ، تيل، رنگ، کنڊ وغيره اُديوگن/ ڌنڌن تي ڌيان ڏيڻ جو ڪم ڪيو ويو.

١٩٧٠ جي اِنڊسٽريل - پرمٽ جي نيتيءَ

مطابق پنجن ڪروڙن رپين کان وڌيڪ سيڙپ ڪرڻ وارا ڪارخانا ڀاري اُديوگ ڪيتر ۾ آڻڻ طئه ڪيو ويو. سرڪاري ڪيتر لاءِ نه رکيل ڀاري ڪارخانن ۾ سيڙپ ڪرڻ لاءِ آزادي وڏين اُديوگ - سنستائن ۽ ڏارين ڪمپنين کي ڏيڻ طئه ڪيو ويو. اِنهيءَ نيتيءَ مطابق ١٩٧٢ جي آخر ۾ سرڪاري آفيس جي رجسترڊ ٣ لک، ١٨ هزار ننڍا هنر آهن.

**معدني ملڪيت:** ديش جي اُديوگ سان سنبنڌ رکندڙ واڌاري ۾ لوهه، پٽرائين ڪوئلي، اِنهن ٻن معدني پدارٿن جي حاصلات جي وڏي اَهميت آهي. اَسانجي ديس ۾ لوهه، مئنگنيز، ڪوئلي، ۽ معدني ڪيل جا پورا پيندار نظر آيا آهن.

**جهنگل جي ملڪيت:** جهنگل جي ملڪيت تي آڌارت اديوگن لاءِ سرڪار ڪجهه جهنگل محفوظ رکيا آهن. جهنگلن جي سار - سنڀال لهڻ جو ڪم، جهنگلن کي بچائڻ جو ڪم مڪاني ماڻهو، راجيه سرڪار، مرڪزي سرڪار ڪندا آهن. اَڌاوت جي ڪم لاءِ، ڪاغذ، اِخباري ڪاغذ ماچيس جي تيلين، دوائن ۾ ڪم ايندڙ ونسپتي، ماکي، لاک، رنگن جي ڪم لاءِ لڳندڙ ڪچي مال، تي آڌار رکندڙ اُديوگ ڌنڌن لاءِ جهنگل هئڻ ضروري آهن.

**مڇي - ماريءَ جو ڌنڌو:** نديون، نهرون، تلاءُ، ڍنڍون جو پاڻي مٺو ٿيندو آهي. اِنهيءَ مٺي پاڻيءَ مان ملندڙ مڇيون ۽ سمنڊ جي پاڻيءَ مان ملندڙ مڇين مان مڇي - ماريءَ جو ڌنڌو ٿئي ٿو. اِنهيءَ ڌنڌي کي سڌارڻ لاءِ بندر ناهڻ، جهونن بندرن جو واڌارو ۽ سُڌرو ڪرڻ، مڇيءَ جي آني کي گرمي ڏيڻ لاءِ سينٽر کولڻ، مڇي-مارڻ جي جي ٽريننگ ڏيڻ ضروري آهي. اِنهن ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ به سينٽر کولي بندوبست ڪيا ويا آهن.

**سئر - سفر جو ڌنڌو:** ڀارت کي شاهوڪار سانسڪرتڪ ورثو مليل آهي. اَسانجي ديش جي ڪنڊ - ڪڙڇ ۾ اَلڳ - اَلڳ ڌرمن جا پراڙتنا آستان، تيرت - ڪيتر، ندين جو سنگم، قلعا، غفائون آهن، ديش - پرديس جا ماڻهو ڀارت ۾ گهمڻ - ڦرڻ لاءِ، سئر - سفر ڪرڻ لاءِ سڄو سال ايندا رهندا آهن. گهمڻ ڦرڻ جي واڌارڻ لاءِ مهامنڊل برپا ڪيو ويو آهي. اِنهيءَ مها - منڊل جي طرفان گهمڻ - ڦرڻ لاءِ ايندڙ مسافرن لاءِ رهڻ جو، مسافرن جي سک ۽ سهوليتن جو بندوبست ڪيو ويندو آهي.

گهمڻ - ڦرڻ سفر ڪرڻ وارن لاءِ ٻن حصي جي معلوميت ڏيڻ لاءِ ڪجهه جڳهين تي ڄاڻو گائيڊ هوندا آهن. ڪن مشڪل هنڌن تي وڃڻ جا ساڌن (ريل، موٽر، بس، ٽئڪسي وغيره) نه پهچي سگهندا آهن. اُنهن هنڌن جي معلوميت مڪاني ماڻهو سئر - سفر ڪرڻ وارن کي ڏيندا آهن. مڪاني ماڻهو اُن جڳهه جي معلوميت ڏيڻ لاءِ سئر - سفر ڪرڻ وارن کان اُجورو وٺندا آهن.

**واپار - آمدني ۽ روانگي:** ١٩٥١ ۾ پلاننگ جي شروعات ٿيڻ کان پوءِ اُديوگ ڌنڌن جي شين ۽ اُنهن کي ناهڻ لاءِ ڪچي مال جي آمدني وڏي - اَنداز ۾ وڌي. ڀارت جي آمدنيءَ ۾ مشينن جي سامگري، لوهه، معدني تيل، پاڻ، دوائون وغيره شيون شامل آهن.

ڀارت آزاد حاصل ڪرڻ کان پوءِ وديشي ناڻي حاصل ڪرڻ جي مقصدن کي پورو ڪرڻ لاءِ روانگيءَ کي رفتار ڏني. ڀارت جي روانگيءَ ۾ چانهه، ڪافي، مصالحن جا پدارٿ، سوٽي ڪپڙو، جُتيون، موتي، قيمتي هيرا وغيره شيون شامل آهن.

**اَندريون واپار:** ڀارت جو اَندريون واپار ريلوي، درياهي رستي، رستن معرفت، هوائي جهازن وغيره آمدرفت جي وسيلن سان ٿئي ٿو. مُمبئي، ڪولڪتا، ڪوچي، چنئي بندر اَهميت وارا آهن. اَندرئين واپار ۾ ڪوئلا، ڪپهه، سوٽي ڪپڙا، چانور، ڪڻڪ، ڪچو تيل، رُڪ، تيلي ٻج، لوڻ، ڪنڊ وغيره شيون شامل آهن.

ديش ۾ اُديوگ - ڌنڌن جي واڌاري سبب ماڻهن جي رهڻيءَ جي ريت ۾ زندگي جيئڻ جي درجي ۾ اوڄ اَچي ٿي. روزگار لاءِ اَنيڪ وجهه ملن ٿا. ڪُل ملائي ديش جي ترقيءَ ۾ مدد ملي ٿي.

ايندڙ باب ۾ اَسين ڀارت جي ماڻهن ۾ بدلجندڙ زندگي جيون بابت معلوميت ڪرڻ وارا آهيون.



## اڀياس

### ١. ڏنل جوابن مان صحيح جواب چونڊي بيان پورا ڪريو.

(١) ١٩٤٨ ۾ ----- جي مقصد سان ڀارت جي مهامنڊل برپا ڪيو ويو.
(الف) اُديوگڪ ڪيتر جو وڏيڪ واڌارو ٿيڻ
(ب) ڪارخانن، اُديوگڪ کي وڏي عرصي لاءِ قرض ميسر ڪري ڏيڻ
(ث) روزگار پيدا ڪرڻ. (ڊ) تيار مال جي خاصيتون طئه ڪرڻ.

(٢) ڀارت جي ------ اُديوگڪ کي ’سن - رائيز‘ ڪيتر چيو ويندو آهي.
(الف) سٽي (ب) واهڻ (ث) سيمينٽ
(ڊ) ڪادي ۽ گرام - اُديوگڪ

(٣) ڪپڙي - اُديوگڪ جي سمتي جو مکيه ڪم --- --- آهي.
(الف) ڪپڙي جي پيدائش ڪرڻ. (ب) ڪپڙن جون خاصيتون طئه ڪرڻ (ث) ڪپڙي جي روانگي ڪرڻ (ڊ) ماڻهن کي روزگار ميسر ڪري ڏيڻ.

(۴) سائيڪل جي پيدائش ۾ ---- ڀارت جو مکيه آهي.
(الف) ممبئي (ب) لڌيانا (ث) ڪوچين
(ڊ) ڪولڪوتا

### (ب) هيٺ ڄاڻايل جوڙين مان غلط جوڙي سڃاڻي لکو.

(١) ڀارت جو اديوگڪ فائنانس مهامنڊل - اُديوگڪ جي پراجيڪٽ کي لنبي عرصي تائين قرض ميسر ڪرائي ڏيڻ.
(٢) اُديوگڪ جو واڌارو ڪندڙ مهامنڊل - اُديوگڪ ڪيتر جو واڌارو ڪرڻ.
(٣) ڪپڙا اُديوگڪ سَمِتي - وڪرن (اُڪينڌڙن جو ڪلياڻ ڪرڻ.
(۴) ڪادي ۽ گرام اُديوگڪ آيوگڪ - ڳوٺاڻي حصن ۾ اُديوگڪ ڪرڻ لاءِ رفتار ڏيڻ.

### ٢. (الف) ڏنل هدايت موجب ڪم ڪريو

چؤڪُٹ پورو ڪيو.

| | |
|---|---|
| ڀارت ۾ آمدني ٽيندڙ شيون | |
| ڀارت مان روانگي ٽيندڙ شيون | |

### (ب) سبب لکو.

(١) ڀارت جي آمدني - روانگي.
(٢) ڀارت جي اَندر ٽيندڙ واپار.

### ٣. هيٺ ڏنل بيان سبب ڏيئي سمجھايو.

(١) ڀارت ۾ سئر - سفر جو ڏنڌو وڌندڙ آهي.
(٢) ڀارت جي جنتا ۾ رهڻي ۽ جي درجي ۾ سُڌارو آيو آهي.

### (ب) هيٺين سوالن جا جواب وستار ۾ لکو.

(١) ڪيتيءَ جي اُديوگڪ ۾ رفتار اَچڻ لاءِ سرڪار ڪهڙيون ڪوششون ڪري ٿي؟
(٢) سئر - سفر جي ڪيتر مان ماڻهن لاءِ روزگار ڪيئن پيدا ٿئي ٿو؟
(٣) ڀارت جي جهنگلن جي ملڪيت تي آڌار رکندڙ ڪهڙا ڌنڌا هلن ٿا؟
(۴) ڀارت جي چمڙي اُديوگڪ/ ڌنڌي نسبت نوٽ لکو.

### مشغولي:-

(١) ڪامياب ڪارخانيدارن /اُديوگڪ ڪندڙن جا فوٽا جمع ڪيو.
(٢) توهانجي استعمال ۾ ايندڙ روزاني شين مان ڪهڙيون شيون توهانجي پسگردائيءَ ۾ تيار ٿين ٿيون ۽ ڪهڙيون شيون ٻاهران آنديون وڃن ٿيون، اُنجو تختو تيار ڪيو.

MVLNTT

هن وقت تائين اَسان عيسوي سنه ١٩٦١ کان عيسوي سنه ٢٠٠٠ تائين وقت جو اَڀياس ڪيوسين ۽ وهين ۽ ايڪوهين صديءَ ۾ تبديليءَ جي رفتار زوردار آهي. اِنساني جيون تيزيءَ سان بدلجي رهيو آهي. اڳ جن ڳالهين جي اَسين ڪلپنا به نه ڪري پيا سگهون، اُهي ڳالهيون وجود ۾ آيون آهن. آڳاٽي ۽ وچ واري زماني ۾ ڌرم اِهو اِنسان جي اَهميت جي سڃاڻپ هئو. هندو، مسلم، عيسائي، سِک، جين، پارسي ۽ جين وغيره ڌرمن جي سامهون زماني جي جديد پٽي للڪاريون بهاريون آهن. اَسانجي روايتي ويچار- ڌارا ۾ تمام وڏي تبديل ڊاڪٽر بابا صاحب اَمبيڊڪر آندي. ڊاڪٽر بابا صاحب اَمبيڊڪر اِها تبديل ڀارت جي جوڙجڪ ذريعي ڪئي اَسانجي جوڙجڪ موجب قائدي جي اَڳيان سڀ ڀارتيه هڪ جهڙا آهيون. ڌرم، ونش ذات، جنس يا جنم جي جڳهه، اِنهن سبب ڀيد ڀاءُ ڪرڻ جي بندش آهي. سڀني ناگرڪن کي ڀاشڻ ڏيڻ، پنهنجا ويچار ظاهر ڪرڻ جو حق آهي. ساڳيءَ طرح شانتيءَ سان ۽ بنا هٿيارن جي گڏ ٿيڻ، سنگنن ۾ رهڻ، ڀارت جي راجيه - کيتر ۾ هرهنڌ آزاد نموني گهمڻ، قائم طور رهڻ ، جو ڪتي به ڌنڌي ڪرڻ جا حق آهن. ڀارت ۾ ڪنهن به حصي ۾ رهندڙ ناگرڪن کي پنهنجي ڀاشا، لپي ۽ سنسڪرتي بچائڻ جا حق ڏنا ويا آهن.


ڊاڪٽر بابا صاحب اَمبيڊڪر

سنوڌان جي اِنهيءَ بندوبست سبب جات - سرشتي جي چوڪٽ کي ڌڪ لڳو. خانداني - سلسلي کان هلندڙ ڌنڌن جي ڪلپنا بند ٿيڻ ۾ مدد ملي. جيون جي سڀني کيترن ۾ تبديل اَچڻ جي شروعات ٿي. انجو اثر مشينن تي به ٿيو.

**ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

برٽش زماني ۾ ريلوي جا ڊبا چئن قسمن جا هئا. فرسٽ، سيڪنڊ، اِنٽر ۽ ٿرڊ ڪلاس. ٿرڊ- ڪلاس ۾ مسافرن لاءِ نالي ماتر سهوليت ۽ اِنڪاري نڪريو هو. اُهو ڪلاس ڇڻ ڀارت جي سماج - سرشتي جي نشاني هئي. ١٩٧٨ جي ريلوي بجٽ ۾ مڌو دنڊوتي ٿئين - ڪلاس کي ختم ڪيو. اُن کان پوءِ پونا - ممبئي جي وچ ۾ 'سنهڙ ڳڙهڙ ايڪسپريس'، ممبئي ڪلڪتي- جي وچ ۾ گيتانجلي - ايڪسپريس بنا ڪلاس جون گاڏيون شروع ٿيون.

مٿي ڄاڻايل بندوبست سبب سماج ۾ ننڍيون - وڏيون تبديليون آهستي - آهستي اچڻ شروع ٿيون آهن. هاٽي هوٽلن ۾ سڀنيءَ کي وڃڻ جي آزادي آهي. ڌرم، ونش ذات، جنس جا سبب ڏيئي ڪنهن کي به هوٽل ۾ وڃڻ کان روڪي نٿو سگهجي، اَهڙي قسم جون تختيون اَسين ڏسي سگهون ٿا.

اَڳ ۾ حڪومت ڪندڙ سرڪار جي خلاف ويچار ظاهر ڪرڻ تي بندن هئا، پر اَڄ ڀارت جا نگرواسي اِخبارن يا تقرير ڏيئي ۽ بين ذريعن معرفت سرڪار جي خلاف پنهنجا ويچار ظاهر ڪري سگهن ٿا. اَسانکي اَڻ - وڻندڙ ڳالهين جي خلاف ڳالهائڻ جو حق آهي.

اِهو وڏو فرق آزاديءَ جي پوءِ واري وقت ۾ آيو آهي.

**ڪٽنب - سنستا:** آزاديءَ کان اَڳ واري وڪت ۾ ڪٽنب - سنستا ڀارت جي سماج جي هڪ مکيه سُڃاڻپ هئي. ڀارت 'گڏيڪ ڪٽنب سرشتي - جي ديش' طور دنيا ۾ سڃاتو ويندو هو. ڄڱتواد جي لهر سبب ڏار ڪٽنب سرشتي کي رفتار ملي آهي.

**سماج - ڪلياڻ:** ڪلياڻ/ ڀلو ڪندڙ راجيه کي برپا ڪرڻ جا مکصد ڀارت جي سنوڌان (جوڙجڪ) ۾ درج ڪيا ويا آهن. اَهڙيون ٻابتون درج

ڪرڻ وارو ڀارت جڳت ۾ پهريون ديش آهي. ڀارت جي نگرواسين کي پورو روزگار، صحت لاءِ سهوليتون، تعليم ۽ واڌاري لاءِ وجهه ميسر ڪرائي ڏيڻ، اِهي سماج - ڪلياڻ جا مقصد آهن. ڀارت جي سماج ۾ مالي، سماجڪ، تعليمي، سانسڪرتڪ فرق وڏي پئماني تي آهن. عورتن، ٻارن، دويانگ شيڊيولڊ جات ۽ جماعت، ٿورائيءَ وارن تائين واڌاري جا وجهه پهچڻ ضروري آهن. آزاديءَ کان پوءِ واري ڀارت ۾ سرڪار جي اَڳيان اِها سيني کان وڏي للڪار آهي. اُن لاءِ ڀارت سرڪار سماج جو ڪلياڻ کاتو ۱۴ جون ۱۹۶۴ ۾ برپا ڪيو. اِنهيءَ کاتي اَندر پرورش ۽ ٻال - وڪاس، سماجڪ سلامتي، عؤرتن جي ڪلياڻ ۽ واڌاري جا پروگرام عمل آندا ويندا آهن. اَهڙي قسم جو بندوبست گهٽڪ - راڄين جي سطح تي به آندو ويو آهي.

شيڊيولٽ ڪاسٽ ۽ شيڊيولو ٽرائب (جات ۽ جماعت) ۱۹۷۱ جي آدمشماريءَ موجب ديش جي اندر ٪۲۲ ماڻهو شيڊيولڊ ڪاسٽ ۽ شيڊيول ٽرائيب جا آهن. اِنهن سيني لاءِ فائدا ناهي تعليم، اِسڪالرشپ ۽ عيوضيپڻو ڏيئي پارليامينٽ راڄيه اَسيملين، ۽ سرڪار نؤڪرين ۾ ڪجهه محفوظ جڳهيون رکيون ويون آهن.

**عام ماڻهن جي صحت:** ڀارت جي (جوڙجڪ) ۾ بنيادي فرض طور ڀارت ۾ رهندڙ جنتا جي رهڻيءَ جو درجو وڏي، اُنهن جي پالنا سُٺي نموني ٿئي ۽ اُنهن جي صحت ۾ به سُڌارو اَچي، اِهڙيون ڳالهيون درج ٿيل آهن. مرڪزي سرڪار جي صحت ۽ سماج - ڪلياڻ منترالیه اِن نسبت راڄيه سرڪار کي مدد ڪري ٿي. ڇهين پنج ساليائي يوجنا ۾ بنيادي طور صحت - شيوا ۽ ڳوناٽي ايراضين ۾ غريب ئو آدواسي ماڻهن کي ميسر ڪري ڏيڻ جا مقصد هئا. صحت جي نسبت اَئلوپئٿي، يوناني، هوميوپئٿي، آيرويد ۽ قدرتي علاج جي طريقن کي منظوري ڏيئي ماڻهن جي صحت نيڪ رکڻ لاءِ ڪوششون شروع ٿيون.

صحت جي کيتر ۾ تبديلين سبب ڀارتواسين جو جيون وڌ ۾ وڌ چنتا - مڪت ٿيڻ ۾ مدد ٿي. ۱۹۶۲ ۾ تمل ناڊ ۾ ويلور آيل ڪرشچين ميڊيڪل ڪاليج جي اِسپتال ۾ ڊاڪٽر اين. گوپينات جي اَڳوانيءَ هيٺ اوپن - هارٽ سرجريءَ جي آپريشن ۾ ڪاميابي حاصل ٿي. اُن سبب علاج لاءِ پرديس وڃڻ جي ضرورت نه ٿي پوي.

’جئپور فوٽ‘ جي کوج سبب ڀارت ۾ دويانگ (اَپنگن) جي جيون ۾ تبديلي آئي. ۱۹۶۸ کان اَڳ ڪنهن شخص جي ائڪسيڊنٽ ۾ پيرُ نڪمو ٿي وڃي ته اُن شخص جي باقي رهيل عمر تڪليف ۾ گذارڻي پوندي هئي. اَهڙي حالت ۾ منهن ڏيڻ لاءِ ڊاڪٽر پرمود سيٺيءَ ماهر ڪاريگر رامچندر شرما جي مدد سان هٿرادوُ هٿ، پير، نڪ، ڪن تيار ڪيا.

جئپور فوٽ ٽيڪنالاجي جو اِستعمال ڪري ٺهيل جڙتو عضون سبب دويانگ مريضن کي پيرين اُڀهاڙي ۽ هيٺ - مٿي وارين جڳهين تي، زمين تي، هلڻ، سائيڪل هلائڻ، کيتيءَ ۾ ڪم ڪرڻ، وڻ تي چڙهڻ، پهاڙن تي چڙهڻ، اَهڙا ڪم ڪرڻ ۾ سولائي ٿئي ٿي. اِنهن جڙتو عضون سبب پيرن ۾ بوٽ پائڻ جي ضرورت نه ٿي پوي. بوٽن جو خرچ بچي ٿو. پير وَرائڻ، پلٿي مارڻ جا ڪم اِنهن جڙتوُ عضون سبب ممڪن ٿيا آهن. پاڻيءَ ۾ يا پسيل حالت ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ اِهي جڙتو پير سهوليت پريا آهن.

**ڪڊني ٽرانسپلانٽ:** هيءَ سرجري ڀارت ۾ حاصل ٿيڻ سبب مريضن جو جان بچائڻ ۾ ڊاڪٽرن کي ڪاميابي ملي آهي ۱۹۷۱ کان اَڳ اَهڙي قسم جا آپريشن ڀارت ۾ گهٽي پاڻي نه ٿيندا هئا. تمل ناڊ ۾ ويلور ۾ آيل ڪرشچين ميڊيڪل ڪاليج جي اِسپتال ۾ اِهو آپريشن ڪامياب ويو. ڊاڪٽر جاني ۽ ڊاڪٽر موهن راوَ جيئري ۱۹۷۱ ۾ اِنسان جي دان ڪيل ٻُڪي مريض جي جسم ۾ ٽرانسپلانٽ ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. هاڻي وڪاس ڪندڙ ديشن جا مريض ڀارت ۾ اِهي آپريشن ڪرائڻ لاءِ ايندا آهن.

**ٽيسٽ - ٽيوب بيبي:** ڀارت ۾ اَڳ کان وٺي ڪٽنب ۾ سرشتي ۾ ٻار هئڻ اَهميت جي ڳالهه مڃي ويندي آهي ٻار کپي اِها گهر ڪرڻ وارن زال-مڙس جي مسئلي تي جيت پائڻ لاءِ ’ٽيسٽ-

ٽيوب -ببيي' اِنهيءَ ٽڪنيڪ جو آغاز ١٩٧٨ ۾ ميسر ٿيو. ڪولڪوتا ۾ ڊاڪٽر سڀاش مُکوپا ڌيايه جي ديکه - ريکه ۾ ٽيسٽ - ٽيوب ببيءَ جو تجربو ڪامياب ٿيو. اِنهيءَ ٽڪنيڪيءَ معرفت 'درگا' ٻالڪيءَ جو جنم ٿيو. ا سبب جن کي ٻارڪيپ اَهڙن جوڙن جون اُميدون پوريون ٿيڻ ۾ مدد ملي.

**ٽُڪا هڻڻ:** ١٩٧٨ کان اَڳ ڀارت ۾ جنم وٺندڙ ڏهن ٻارن جي پنجان ڇهه ٻار جنم کان پوءِ پهرئين سال ۾ موت مار بيمارين جي سامهون ويندا هئا. پوليو، ننڍي ماتا، ٽِٽِنس ٽي-بي، ڊِپٿيريا، وڏي کنگهه، اِنهن بيمارين تي جيت پائڻ لاءِ ٽڪا هڻڻ جو پروگرام هٿن ۾ ڪنيو ويو. ١٩٩٥ ۾ 'پلس - پوليو' ٽڪن هڻڻ جي ٽڪا هڻڻ جي مُهل هٿن ۾ ڪنئي ويئي. اُن سبب پوليو جي پُڄاڻي ٿي.

### شهري - ڪرڻ :

شهر ۾ ڪيترا ۾ ماڻهن جي آدمشماري گڏ ٿيڻ جي ترتيب کي شهري - ڪرڻ چئجي ٿو. شهري ڪرڻ لاءِ آدمشماريءَ ۾ آيل واڌ اَهميت رکندڙ سبب آهي. هوا، پاڻي، پنگتي جيون لاءِ ضروري مالي ۽ سماجڪ سنستائون اهي جُزا شهري ڪرڻ تي اَثر وجهن ٿا.

آزاديءَ کان پوءِ واري ڀارت جي نبست شهري آدمشماريءَ جي واڌ جا مکيه سبب معنيٰ موت جي نرخ ۾ گهٽتائي، اُديوگيڪرڻ ڳوٺن جي ايراضين ۾ روزگار نه هئڻ، شهر ۾ روزگار جا وَجهه ۽ واپار، لڏپلاڻ آهن.

شهرن ۾ ايندڙ اِنهيءَ چڪتاڻ کي روڪڻ لاءِ ننڍن ننڍن ڳوٺن ۾ روزگار ميسر ڪري ڏيڻ، آرٿڪ واڌاري ۾ برابري آڻڻ، مالي واڌاري کي رفتار ڏيڻ، وڏن شهرن جي واڌ تي ضابطو آڻڻ، ڳوناٽي ۽ شهري ايراضين ضروري شيوائون ۽ سهوليتين جو پورائو ڪرڻ، اِهي اُپاءَ آهن.

### ڳوناٽي ايراضي:

آزاد ريت سان يا پنگت سان گڏ پنهنجيءَ زمين جي پرسان رهندڙ ڪُزمين جي قائم بستيءَ کي ڳوٺ چئجي ٿو. جڏهن کان ڪيتيءَ جي کوج ٿي تڏهن کان ڳوٺ وجود ۾ آيا. ڀارت ۾ ننڍن ڳوٺن ۾ رهڻ جي ريت غير معمولي ماڻهن جي بستي آهي. چوگرد پکڙيل کيتيءَ جي زمين ۾ وچ ۾ سوڙها گهر اِها ڀارت جي ننڍڙن ڳوٺن جي خاصيت آهي. ڳوناٽو ميڙُ آهي، پر شهر جي ميڙ جي ڀيٽ ۾ تمامُ ننڍو ڳُٽ آهي. ڳوٺ کان ننڍو ڳ ٺ معنيٰ بستي آهي.

سڄي ڀارت جي ڳوٺن جي رچنا هڪ جهڙي نه آهي. پراديشڪ روپ موجب ۽ جڳهه جي خاصيتن موجب اُن ۾ فرق پوي ٿو.

**آزاديءَ کان پوءِ وارو وقت:** ڳوٺن جي واڌاري لاءِ جماعتن جي واڌاري لاءِ يوجنا شروع ڪئي ويئي. اُن موجب کيتيءَ لاءِ ٽڪنيڪ بدلڻ، ٻيج وڌائڻ، تعليم جو ڦهلاءُ ڪرڻ، زمين سڌاري لاءِ قائدا ناهڻ، اَهڙيون يوجنائون رٿيون ويون. اِنهن يوجنائن مُوجب کيتيءَ جي پئدائش وڌائڻ، آمدرفت، صحت ۽ تعمير جو ڳوناٽي ايراضين ۾ ڦهلائڻ، اِهي مقصد رکيا ويا. ڳوٺن ۾ مالي واڌاري کي اَڳڀرائي ڏني ويئي ۽ اُن نسبت فيصلا ڪيا ويا. اُن لاءِ سرڪار ڳوناٽي پئنچات جي ذريعي اِهي ڪم شروع ڪيا. ڳوناٽي پئنچات جي رچنا ۾ سيني جاتين، جماعتين جي ماڻهن کي شامل ڪرڻ جي شروعات ڪئي ويئي. اُن لاءِ ڳوناٽي پئنچات، پئنچات ڪاميٽي ۽ ضلع - پريشد جا حق وڌايا ويا.

**بدلجندڙ مالي جيون:** اَڳ ڳوٺن جو جيون مالي نظر سان پنهنجو پاڻ تي ڀاڙڻ وارو هو. ڳوٺن جا گهڻا ماڻهو کيتيءَ تي مَدارُ رکندا هئا. کيتيءَ جي پئدائش ڪاريگرن کي، اُنهن جي ڪمن جي اُجيري طور ورهائي ويندي هئي. هاڻي اُهي حالتون بدليل آهن. ڳوناٽي ايراضين ۾ کيتي ۽ کيتيءَ سان لاڳاپو رکندڙ بين ڌنڌن سان به جوڙيو ويو آهي. شهري سماج بنا کيتيءَ وارن پئدائش ۽ شيوا جي ڌنڌن سان جوڙيو ويو آهي.

**ڳوٺن جو واڌارو:** ڀارت ۾ ١٩٦١ ۾ ٨٢% ماڻهو ڳوناٽي ايراضين ۾ رهندا هئا. پر ١٩٧١ ۾ اِهو اَنداز ٨٠.١% هو. اَناج ۽ ٻيو ڪجهو مال جي پئدائش ڪري شهرن جون گهرجون پوريون ڪرڻ،

شهرن جي اُديوگہ کي محنت ڪندڙ مزورن جو پورائو ڪرڻ، قدرتي - ساڌن - سمپتيءَ جي ديکہ - ريکہ ڪرڻ اِهي بابتون ڳوٺاڻي ايراضيون اَڄ تائين ڪري رهيون آهن. اُن سبب (مالي) ڌنڌن جو واڌآرو ڪرڻ، سماجڪ گهرجن ۽ سهوليتن جو واڌارو ڪرڻ، سانسڪرتڪ سماجڪ ۽ ويچارن جي نظر ئي ۾ تبديل آڻڻ، اِهي ٿي اَهميت رکندڙ للڪارون ڳوٺن جي واڌاري نسبت آهن. زمين جي سُڌار ۽ ريج - پروجيڪٽ کي رفتار ڏيڻ ضروري آهي.

**سماجڪ گهرجون ۽ سهوليتون:** عام صفائي ۽ صحت جي سهوليتين کي اَڳرائي ڏيئي ڌيان ڏيڻ ضروري آهي. پيئڻ جي پاڻيءَ جي ٻارهان مهنا سهوليت نہ هئڻ، صفائي گهرن جي گهٽتائي کُليل گٽر، سوڙها رستا، ڳوٺاڻي ايراضيءَ ۾ بجلي، دوا - درمل جي سهوليت، اِنهن سوالي مُدن ڳوٺاڻي ايراضيءَ کي اَڄ بہ منجهايو آهي. بنيادي تعليم کان اوُچ تعليم تائين درجيدار تعليم ميسر نہ ٿيڻ، منورنجن سينٽرن جي گهٽتائي ۽ لئبررين جي گهٽتائي سبب ۽ مٿي ڄاڻايل سهوليتن جي اَڻاڻ سبب ڳوٺاڻي ايراضين ڏانهن خاص ڌيان ڏيڻ ضروري آهي.

ڀارت سرڪار پهرين ڇئن پنج سالياني يوجنائن ۾ جماعت جو واڌارو ڪندڙ يوجنائن کي اَهميت جي جڳهہ ڏني. مهاراشٽر راجيہ اِنهن يوجنائن جي اَثردار ڪامگيري ڪئي. مهاراشٽر ۾ ١٩٦٢ ۾ ضلع - پريشدون برپا ڪيو ويون. ١٩٧٠ - ١٩٧١ ۾ مهاراشٽر ۾ قوت - بخش ڪاڌي جي يوجنا شروع ڪئي ويئي. کوه کوٽڻ ۽ نلڪن رستي پاڻيءَ جو پورائو ڪرڻ لاءِ ’گراميڻ پاڻي - پورائو ڪندڙ يوجنا شروع ڪئي ويئي. ١٩٧١ جي آخر ۾ ١٩٧٧ ريج جا ڪم پورا ڪيا ويا. ڪيتن ۾ نهر جي پاڻي پهچائڻ تي بہ نظر رکي ويئي.

**گراميڻ بجلي - ڪرڻ :** ڳوٺاڻي ايراضين ۾ واڌاري لاءِ بجليءَ جي هميشهہ ضرورت هوندي آهي. کيتيءَ کي پاڻيءَ جو پورائو ڪرڻ لاءِ پمپ لڳندا آهن. کير ۽ بيضا اِنهن جهڙن جِلد ناسُ ٿيندڙ پدارٿن کي محفوظ رکڻ، ڦل ۽ سايون ڀاڄيون محفوظ رکڻ، ڀاڻ جا پراجيڪٽ هلائڻ، شاگردن جي اَڀياس لاءِ رات جو روشني هئڻ، پنکن، ٽيليويزن، کي هلائڻ لاءِ بجلي لڳي ٿي. ڀارت جي پهرين پنج سالياني يوجنا جي وکت ۾ ٿن هزارن ننڍڙ ڳوٺن ۾ بجلي ميسر ڪئي ويئي. ١٩٧٣ ۾ اِهو انگہ ١٣٨،٦٤٦ ننڍن ڳوٺن تائين پهتو. ١٩٦٦ کان پمپ ۽ ٽيوب کوهن کي وڌيڪ بجلي ڏيڻ جي يوجنا رٿي ويئي ١٩٦٩ ۾ ’گراميڻ وديتي ڪرڻ نگم/ برپا ڪيو ويو. اُن مان آنڌر-پرديش، گجرات، ڪرناٽڪ، مهاراشٽر ۽ اُتر پرديش راجين ۾ ڳوٺاڻي بجلي - ڪرڻ سهڪاري سنسائون وجود ۾ آيون.

**جڳت واد کان اَڳہ ڳوٺاڻو ۽ شهري سماج**

| ڳوٺاڻو سماج | شهري سماج |
|---|---|
| کيتيءَ ۽ اُن سان جڙيل ڌنڌن کي اَڳرائي | بنا کيتيءَ واري پئدائش ۽ شيوا جي ڌنڌن کي اَڳرائي |
| بناوت ۾ ننڍو، ڀاشا سنسڪرتي ۽ پرمپرا هڪ - جنسي | بناوت ۾ وڏو، ڀاشا سنسڪرتي ۽ پرمپرا ٻهوُ - جنسي |
| بنيادي ڌنڌا ٻاهرين ماڻهن کي ڳوٺن جي ڌنڌن ۾ شامل ڪرڻ بدران اُنهن کي ڳوٺن مان شهرن ڏانهن موڪلڻ | وڏا - وڏا ڌنڌا، پئدائش جڳہ جي سطح لاءِ ٻين ڀاڱن مان ايندڙن کي شامل ڪندڙا |
| پشت بہ پشت هلندڙ ڌنڌن جو انداز وڌيڪ | پشت بہ پشت هلندڙ ڌنڌن جو اَنداز گهٽ |
| ڪُٽنب جي وڏي ۽ ڪٽنب سرشتي کي اَڳرائي. گڏيل ڪٽنب - سرشتو | ڪٽنب کي اَڳرائي. نہ ڏيئي شخصي اَڳرائي وَڌيڪ. گڏيل ڪٽنب ۾ ۾ ڇڙ - وِڇڙ. |

**اُديوگڪ وڪاس:** ڳوٺن ۾ اُديوگ جي واڌاري کي رفتار ڏيڻ لاءِ 'ڳرامو ديوگ نيوجن سمتي برپا ڪئي ويئي ١٩٧٧ جي آخر تائين هن يوجنا ۾ هڪ لک ڇهه هزار ماڻهن کي روزگار مليو.

ڳوٺاڻي ايراضين ۾ رهندڙ مختلف حالتن کي سهندڙ خاص هوشيار وديارٿين کي اُتم تعليم ڏيڻ لاءِ مهاراشٽر سرڪار ستارا، اؤرنگاباد، ناسڪ ۽ چڪلدرا ۾ وديا نڪيتن، رهڻ جي سهوليت ڏيندڙ سيڪنڊري اِسڪول ڪيڏيا. ڪوٺاري ڪميشن جي سفارش موجب مهاراشٽر ۾ راهُري، اَڪولا، پربڻي ۽ داپولي ۾ اَگريڪلچر (زرعي) يونيورسٽيون شروع ڪرڻ ۾ آيون مهاراشٽر جي تعليم ڪيتر ۾ ڪيل ڪمن کي دُرج ڪري يونيسڪو ١٩٧٢ ۾ تعليم يافتائي ڦهلاءَ لاءِ قدر شناسي ڪندڙ اَنٽرراشٽريه اِنعام مهاراشٽر کي ڏنو.

اَهڙيءَ طرح آزاديءَ کان پوءِ واري وقت ۾ شروعات ۾ ايندڙ رنڊڪن تي جيت پائي پارٽ واڌاري حاصل ڪرڻ جي شروعات ڪئي. ايندڙ بابت ۾ اَسين ڀين ڪيترن ڪيل ترقيءَ جو اَڀياس ڪرڻ وارا آهيون.



## اَڀياس

**١. ڏنل جوابن مان صحيح جواب چونڊي بيان پورا ڪريو.**

(١) ڊاڪٽر ڳوپينات جي اَڳوانيءَ هيٺ پارٽ ۾ ----- شهر ۾ پهرين اوپن هارٽ - سرجري ڪامياب ٿي.

(الف) چينئي (ب) ويلور (ث) حيدراباد (ڊ) مُمبئي

(٢) جئپور - فوت جو جنڪ طور ---- کي سُڃاتو ويندو آهي.

(الف) ڊاڪٽر اين ڳوپينات (ب) ڊاڪٽر پرمود سيٺي (ث) ڊاڪٽر موهن - راوَ (ڊ) اِنهن مان ڪوبہ نہ.

**٢. ڏنل جوڙين مان غلط جوڙي سڃاڻي لکو.**

(١) ڊاڪٽر اين. ڳوپينات - اوپن هارٽ سرجن

(٢) رامچندر شرما - ماهِرو ڪاريگر سرجري

(٣) ڊاڪٽر سُڀاش - ٽيسٽ - ٽيوب بيبي

(۴) ڊاڪٽر موهن - پوليو

**٣. سبب لکو.**

(١) ڪتنب - سنستا (٢) جئپور فوت ٽڪنيڪ

(٣) شهري ڪرڻ

(۴) تبديل ٿيندڙ مالي جيون

**۴. هيٺ ڏنل بيان سبب ڏيئي صاف لکو.**

(١) پلس - پوليو ٽڪا هٽڻ مُهم هٽ ۾ ڪٽڻي پئي.

(٢) ڳوٺاڻي پاڻي پورائو ڪندڙ يوجنا شروع ڪرڻي پيئي.

**٥. هينين سوالن جا جواب وستار ۾ لکو.**

(١) جوڙجڪ موجب ڪهڙن سببن موجب پيد - ياءِ ڪرڻ جي منع آهي؟

(٢) سماج - ڪلياڻ پروگرام جا مقصد ڪهڙا آهن؟

(٣) ڳوٺن جي واڌاري نسبت ڪهڙيون للڪارون آهن؟

**٦. عام جي صحت جي ڪيتر ۾ پارٽ ۾ آيل مشهور اُتل - پٽل جو توري ۾ جائزو لکو.**

**مشغولي:-**

توهانجي پسگردائيءَ رهندڙ هڪ بزرگ شخص جي هيٺ ڄاڻايل مُدن جي آڌار تي ملاقات وٺو.

ڳهر جي رچنا ۾ ٿيل تبديل

ڪيتيءَ نسبت تبديل

واهڻن جي مؤجودگي

ٽوڙيو. ١٩٨٥ ۾ ڀارت 'بينسن اَئنڊ هيجيس،' ڪرڪيٽ چئمپيئنشپ ۾ سوڀ حاصل ڪئي. اُن جو نتيجو سڄي ڀارت ۾ آيل راڄين ۾ پيو. اُن سبب ماڻهو سڀني راڄين ۾ ڪرڪيٽ جي راند ڪرڻ لڳا. ڏيهي رانديون پٺتي پوڻ لڳيون ۽ ڪرڪيٽ راند اَڳتي وڌڻ لڳي.



سنيل گاوسڪر

ڪرڪيٽ راند کي سينٽر ۾ رکي ڪجهه فلمون به نرماڻ ڪيو ويون. ٽيليويزن تي پورا پنج ڏينهن، هڪ ڏينهن اِنهيءَ راند جو پرسارڻ شروع ٿيو.

ايشياڊ ۽ اولمپڪ چئمپيئنشپ ۾ ڀارت حصو وٺڻ لڳو. عيسوي سن ٢٠٠٠ جي اولمپڪ ۾ ڪرنام مليشوري وزن کڻڻ ۾ ميڊل حاصل ڪيو. آلمپڪ ۾ ميڊل حاصل ڪندڙ اِها پهرين ڀارت جي عورت هئي. هاڪي، ترڻ ۾، تيزندازي ۾ وزن، کڻڻ ۾، ٽينس، بئڊ-منٽن جي چئمپيئنشپ ۾ ڀارت عيوضپڻو وٺڻ لڳو.



ڪرنام مليشوري

**ناٽڪ ۽ سنيما:** ناٽڪ ۽ سنيما ڀارتواسين جي جيون ۾ اَهميت رکندڙ گهٽڪ آهي. اَڳ ناٽڪ تمام گهڻي دير تائين، ڪڏهن ڪڏهن سڄي رات هلندا هئا. اَڄ جي وقت ۾ ناٽڪ جو روپ، ٽڪنيڪ ۽ وقت ۾ ڦيرو آيو آهي. اَلڳ - اَلڳ ڪيترن جا ماڻهو ناٽڪ ۾ شامل ٿيڻ لڳا. ناٽڪ - گهر ۾ سنگيت جي اَهميت پهريون کان گهٽ ٿيڻ لڳي. سياست ۽ سماجڪ وشين کي اڀرائي ملڻ لڳي.

فلمن جي کيتر ۾ بليڪ اَئنڊ وائيٽ فلمن کان پوئي رنگين فلن جو زمانو آيو. منورنجن کيتر ۾ هندي فلمن جي ڀيٽ اَنمول آهي. ساڳئي وقت جي حالتن جي تصوير سئنامئن ۾ چٽيءَ طرح صاف نظر اَچڻ لڳي. فلم جي شوٽنگ لاءِ ديش کان ٻاهر به فلم ڦاهيندڙن کي وڃڻو پيو. ديش - پرديش جون اَلڳ - اَلڳ مزيدار جڳهيون درشڪ ڏسڻ لڳا. پرائي ڀاشا ۾ به فلمي ڪهاڻين جو ترجمو ٿيڻ لڳو: اَنگريزي فلمن جي نمائش وقت هندي ترجمو به پردي تي ڏسڻ ۾ اَچڻ لڳو. هندي فلمون دنيا ڀر جي فلمن سان چئمپيئنشپ ڪرڻ لڳيون. هندي فملون سڄي جڳهه ۾ پهتيون. سياست، سماج، اُديوگ ٽنتر گيان، ٽيڪنالاجيءَ جو عڪس اِنهن فلمن ۾، سنيمائن ۾ اُڀرڻ لڳي. اَڳ ٣-٤ ڪلاڪ هلندڙ هڪ ئي سنميا اِهو ويچار تبديل ٿي گهٽا پردا سنيما - مال جي رچنا وجود ۾ آئي. اُن سبب هڪ فلم ١٠٠ هفتا هلڻ جي بدران هڪ فلم هڪ ئي وقت هزار سنيما هال ۾ ڏسڻ ۾ آئي. اُن سبب سنيما جو مالي مطلب ئي بدلجي ويو. فلم - نرماڻ کي اُديوگ (اِنڊسٽريءَ) جو درجو حاصل ٿيو. اِنهيءَ اِنڊسٽريءَ ۾ ڪروڙين ماڻهو شامل ٿيڻ لڳا. پراديشڪ ڀاشائن ۾ فلم - اِنڊسٽري ڦوهه - جوانيءَ ۾ آئي.

**اِخبارون:** بدلجندڙ جيئڻ جي ڍنگ جو اَثر اِخبارن ۽ پرسار - ماڌيم تي به پيو. اِنهيءَ ماڌيم جو اثر شخصي ۽ گڏيل جيون تي به پيو.

آزاديءَ جي پوءِ واري وقت جو روزاني بدل - سدل جون نيون خبرون ڏيڻ، عام - رايا ٺاهڻ، ماڻهن جا ويچار سُڻن ڪمن لاءِ اَثرائتا ٺاهڻ. اُنهن ويچارن جي اَڳواني ڪرڻ، نئين سُجاڳي آڻڻ، سرڪاري - سرشتي تي لغام رکڻ. اَهڙن اَنيڪ اَلڳ - اَلڳ مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اِخبارون مشغول هيون.

اَڳتي وقت بدليون ۽ اخبارون رنگجڻ بدلائڻ لڳيون. اَڳ تعلقا يا ضلعي جي مُکه پتر جي روپ ۾ سچاتل، چاتل اخبارون وڏي پئماني تي راڄيه سطح جي اخبارن کي منهن ڏيڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون. اِخبارون هاڻي وڌيڪ چست ۽ اَثرائتو ڪم ڪرڻ ۾ مشغول آهن. ڏڪر ۾ آيل ماڻهن لاءِ فنڊ گڏ ڪرڻ، ٻوڏ ۾ آيل عوام لاءِ مالي مدد ٻي مدد گڏ ڪرڻ، هوشيار پر غريب شاگردن کي اوچي تعليم حاصل ڪرائڻ لاءِ مدد ڪرڻ، سانسڪرتڪ ڪاريه ڪرم جو آيوجن ڪرڻ، ۽ اِنعام ڏيڻ، اَهڙن اَلڳ

اَلڳ ذريعن سان اِخبارون آسانجي جيون جو اڻٽٽ حصو ٿي پيون آهن.

**دروردرشن:** ڀارت جي آزاديءَ کان پوءِ واري زماني ۾ ٽيليوزن ڀارت ۾ آيو آهي. شروعات ۾ ڪارو ۽ اڇو ٽيليوزن اَڳتي هلي رنگين ٿيو. شروعات ٿورا ڪاريه - ڪرم مقرر وقت تي ايندا هئا. منورنجن ڪرڻ ٽيليويزن جو ڪم هو اَڳتي تعليمي مشغوليون اخبارون، پريزيڊنٽ ۽ پردان - منتريءَ جي ڏؤرن جو وستار سان اَحوال ڏيڻ خبرون، اَهڙيءَ طرح هڪ - هڪ مشغولي وڌندي ويئي. رامائڻ ۽ مهاڀارت - سيريل جي وقت ۾ گهٽي ڀاڳي ماڻهو ٽيليوزن جي سامهون وهندا هئا. اِنهيءَ ماڌيم جي لوڪ پريتا جي جهلڪ اِنهن سيريلس ڏيکاري ١٩٩١ ۾ تيل ايراق جي لڙائيءَ جا سڌو نظارو سي.اين.اين چينل دنيا کي ڏيکاريو. اِنهن مُدن سبب ڀارت ۾ خبرن ڏيندڙ چينل جي دنيا بدلجي ويئي. ١٩٩٨ ۾ اِستار (سيٽيلائيٽ ٽيليوزن ايشيا ريجن) اِهو خانگي اُديوگ گروپ ڀارت ۾ آيو. اُن سبب ڀارت ۾ شروعات جي وقت ۾ ڦِڪو هڪ ئي سُر - وارو، اُهو ئي اُهو پرچار روپي خبرن جي دنيا ئي بدلجي ويئي.

ڀاشا، پيش ڪرڻ جو ڍنگ، تڪنيڪن سان تيار ڪيل اِسٽوڊيو ۽ اوبي (آئوٽ ڊور براڊ ڪاسٽنگ) وينس جي واپرائڻ سبب اِنهن جو وستار ٿيو آهي. ٽنهنڪري پروگرامن ۾ نواڻ آئي آهي. ديش جي کنڊ ڪڙڇ کي جوڙيو ويو آهي. اُن جو اَثر سياست تي ٻه ٿيو آهي. سڄي ديش ۾ تبديل ٿي آهي. ديس بدلجي رهيو آهي. اَڳتي وڪ وڌائي رهيو آهي.

هاڻي ٿائين اَسان جديد ڀارت جو اَڀياسُ ڪيو. ايندڙ سال 'اِتهاس' اِنهيءَ وشيه وهنواري جڳت ۾ اپيوگ ڪيئن ڪجي. اِهو اَسين سکڻ وارا آهيون. اِتهاس روز - ٻه - روز جيئڻ جو حصو ڪيئن ٿي سگهي ٿو، اِهو اَسين ڏسڻ وارا آهيون.



## اَڀياس

**١. ڏنل بيانن مان هڪ صحيح بيان چونڊي جملا پورا ڪريو.**

(١) ڀارت ----- جي اڳوانيءَ هيٺ وشوڪپ ڪرڪيٽ چٽاپيٽي جيتي.

(الف) سُنيل - گاوسڪر (ب) ڪپل - ديوَ
(ث) سعيد ڪرماڻي (ڊ) سنديپ پاٽل

(٢) جڳڌواد ترتيب ---- سبب ڀارت ۾ ڀاشا جو پل وڌندو رهيو آهي.

(الف) پنجابي (ب) فرينچ (ث) اَنگريزي
(ڊ) هندي.

**٢. تختي ۾ معلوميت ڀريو.**

| | |
|---|---|
| ١. ڀارت ۾ اَهميت رکندڙ ڀاشائون. | --------<br>-------- |
| ٢. اولمپڪ چٽاپيٽيءَ ۾ ميڊل حاصل ڪيل رانديگر | |
| ٣. توهانجون ڏنل ٻال - فلمون | |
| ٤. اَلڳ - اَلڳ خبرن جو پرسار ڪندڙ چئنلس | |

**٣. هيٺ ڄاڻايل بيان سبب ڏيئي چٽيءَ طرح سمجهايو.**

(١) ڀارت ۾ هرهنڌ گهٽ - وڌيڪ اَنداز ۾ ڪرڪيٽ راند کئي ويندي آهي.

(٢) سئنيما جو مالي پاسو بدلجي رهيو آهي.

**٤. هيٺ ڄاڻايل سوالن جا جواب وستار سان لکو**

(١) ڀارت جي ڀاشائن ۽ ٻولين جي سنڀال ڪرڻ/ بچائڻ ضروري ڇو آهي؟

(٢) اِخبارن جو بدلجندڙ روپ چٽيءَ طرح سمجهايو.

(٣) دور درشن ماڌيم سبب ڪهڙيون تبديليون آيون آهن؟

**مشغولي:-**

(١) دادا صاحب ڦالڪي جي وشيه ۾ معلوميت اِنٽرنيٽ جي مدد سان هٿ ڪيو. دادا صاحب ڦالڪي اِنعام ملندڙ مان وارن شخصن جي لسٽ تيار ڪيو.

(٢) لوڪشاهيءَ جو چوٿون ٿنڀو 'اِخبار' اِن وشيه تي اِسڪول ۾ مضمون - چٽاپيٽي آيوجت ڪيو.

# راڄيہ - شاستر

## ڀارت ۽ ڄڳہ

### فهرست


| نمبر | باب جو نالو | صفحو نمبر |
|---|---|---|
| .١ | مها ڀاري لڙائي کان پوءِ سياسي اُٿل - پٿل | 57 |
| .٢ | ڀارت جي پرڏيهي - نيتيءَ جو سفر | 65 |
| .٣ | ڀارت جو بچاءُ - سرشتو | 72 |
| .۴ | متحد مُلڪي جماعت | 77 |
| .۵ | ڀارت ۽ ٻيا ديش | 84 |
| .٦ | انترراشتريہ مسئلا | 91 |


اَنين درجي تائين ناگرڪ - شاستر طور سکيل وشيہ، نائين درجي کان راڄ - شاستر جي نالي سان اَسين سکنداسين. ناگرڪ - شاستر وانگر راڄ - شاستر ۾ اَسين سياسي - جيون جو اَڀياس ڪرڻ وارا آهيون. اِهو اَڀياس هاڻي وڌيڪ وياپڪ ۽ گهرو ٿيڻ وارو آهي. سياسي جيون ۾ جيئن مڪاني خود حڪومت، جوڙجڪ، جوڙجڪ ۾ آيل بنيادي حق رهبري ڪندڙ سڌانت (اُصوُل) وغيره شامل آهن، تيئن سرڪاري بندوبست، راڄ - ڪاروبار نيتي طيءِ ڪرڻ لوڪشاهي، اَلڳہ - اَلڳہ تحرڪ بہ شامل هوندا آهن. سرڪاري فيصلن. سرڪار پاليسين، سرڪار طرفان ڏيندڙ حڪومت جو عام ماڻن جي جيون تي اَثر ٿئي ٿو. راڄ - شاستر اِنهن سڀني وشين جو وگيانڪ نموني، ترڪ نموُني اَڀياس ڪري ٿو. راڄيہ - شاستر جي اَڀياس مان توهانکي سياسي اُٿل پُٿل، سياسي رفتار ۽ ترتيب جي وڌيڪ سُڃاڻ پوندي. ڪنهن بہ ڪيتر ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ ۽ قابليت ملڻ لاءِ اِنهيءَ حاصل ٿيل ڄاڻ جو فائدو ٿيندو.

# لياقتي بيان

| نمبر | ايڪو | لياقتي بيان |
|---|---|---|
| ١. | ١٩٤٥ع کان وٺي جڳہ - خاص ويچار | - وهڪرا هٿيارن جي ڇتاييتيءَ سبب اَنتر - راشٽريہ شانتيءَ کي خطرو پيدا ٿئي ٿو، اُن جي ڄاڻ پوي ٿي.<br>- ٺڏي - جنگہ کان پوءِ واري وقت ۾ وشوَ ۾ تيل اُٿل - پٿل جي چنڊ - ڄاڻ ڪري سگهجي ٿي.<br>- جڳت واد کي ڀارت کهڙو رد - عمل جي ڏنو، اُن نسبت ڄاڻ حاصل ڪرائڻ<br>- جڳت واد نسبت اَلڳہ - اَلڳہ ملڪ هڪ - ٻئي جو ڪيئن سهارو ونندا هئا، اُن جي ڄاڻ رکڻ، بحث ڪرڻ. |
| ٢. | ڀارت جي پرڏيهي نيتيءَ جو سفر | - پرڏيهي - نيتيءَ جي معنيٰ ٻڌائڻ اَچڻ گهرجي.<br>- پرڏيهي - نيتيءَ جي مقصد نسبت آدر رکڻ.<br>- آزاد ڀارت جي پرڏيهي - نيتي اَلڳہ الڳہ جوڙجڪ گهٽنائن جي مدد سان نهيڪ آهي. اِها سوچ صاف سمجهہ ۾ اچڻ گهرجي.<br>- ڀارت اَنتر راشٽريہ - شانتي ۽ سلامتيءَ کي اَهميت ڏئي ٿو، اِنهيءَ ڄاڻ جو واڌارو ڪرڻ گهرجي. |
| ٣. | ڀارت جو بچاءُ - بندوبست (اِنتظام) | - ڀارت جو بچاءُ سرشتي جي خاصيت کي پَليءَ پٽ سمجهڻ.<br>- فوڄي (ملٽري) ۽ اَڌُ لشڪري درجي واري ڪمن جي ورهاست ڪرڻ. اِنساني - بچاءُ ويچار سمجهائي<br>- اَندروني بچاءُ سنبت للڪار جي ڄاڻ ڏيڻ<br>- ڪنهن للڪار جو اَڀياس ڪري ان تي سنشوڌن پٽريڪا تيار ڪرائڻ |
| ٤. | متحد جماعت | - متحد - جماعت هڪ وِشو - وياپي جماعت آهي - اهو ٻڌائڻ<br>- متحد - جماعت شانتيءَ جي رکيا ڪري ٿي - اَمن - اَمانُ آڻي ٿي اِهو وستار سان سمجهائي<br>- سيني ملڪن جي واڌاري لاءِ شانتي ضروري آهي. اِها ڄاڻ وڌائڻ<br>- متحد - جماعت ۾ سِڪيورٽي پريشد (ڪائونسل) ۾ بدلاوَ جي، جي ضرورت صاف سگهڻ. |
| ٥. | ڀارت ۽ ٻيان مُلڪ | - ڀارت جو جاگرافيڪل آستان ۽ اُن جو ڀارت جي اَندروني ۽ پرڏيهي نيتيءَ جي ٽپندڙ اَثر صاف سمجهائڻ.<br>- پاڙيسري ملڪن سان دوستانا سنبنڌ هئڻ گهرجن، اِهو ويچار پڪو ڪرڻ.<br>• پراديشڪ جي سهڪار لاءِ آيل سنگنن (جماعت) بنسبت جڳيءَ طرح چنڊ - ڄاڻ ڪرڻ<br>- ڀارت ۽ ٻين ملڪن ۾ ٽيندڙ آرٿڪ (مالي) ۽ واپاري سنبنڌن جو جائزو وٺڻ |
| ٦. | اَنتر - راشٽريہ مسئلا | - انساني - حق دنيا جي هرهڪ اِنسان کي حاصل ٿيندا آهن. اِهو ويچار وڌائڻ<br>- ڀارتيہ - جوڙجڪ (سنوڌان) ۾ قاعدي معرفت اِنساني - حقن جو بچاءُ ڪيئن ڪيو وڃي ٿو، اِن جي ڄاڻ وٺڻ<br>- پسگردائيءَ ۾ خرابي - اِهو هڪ وِشو - وياپڪ مسئلو آهي. اُن جي ڄاڻ وڌيڪ ڏيڻ<br>- جلاوطني (نرواست) معنيٰ ڪير؟ اُن جي ڄاڻ ڏيڻ. |

## ١ مھا ڀاري لڙائيءَ کان پوءِ سياسي اُٿل - پٿل

### اَچو تہ ٿورو دھرايون!

ھن درجي کان پھرين ناگرڪ - شاستر جي درسي ڪتاب ۾ اَسان مڪاني ڪاروبار ھلائيندڙ سرڪاري سنسٿا، ڀارت جي جوڙجڪ ۽ اَسانجي ديش جي راڄ جو ڪاروباري سرشتو يا سرڪاري رچنا جو اَڀياس ڪيو. ھن درجي ۾ اَسين ڀارت جو جڳہ سان، وشو سان آيل سنبنڌ کي ڏسڻ وارا آھيون. جاگرافيءَ جي اَڀياس مان توھان کي جڳہ جي - وشوَ جي جاگرافيڪل رچنا سمجھہ ۾ آئي ھوندي. اِتھاس جي اَڀياس مان اِتھاسڪ وقت ۾ جڳہ ۾، وشو ۾ آيل اُٿل - پٿل جي ڄاڻ توھانکي ٿي ھوندي. راڄيہ - شاستر جي اَڀياس مان اَسين ھاڻي ڀارت جڳہ سان آيل سنبنڌ ۽ اَھميت ڀريا جڳہ جا مسئلا سمجھنداسين.

اَسين سڀ ماڻھو اَلڳہ اَلڳہ سببن لاءِ، سُکہ ۽ سھنج لاءِ سماج جي شخصن، سنسٿائن ۽ سنگھنن تي آڌارُ رکندا آھيون. اِسانجو سماجڪ جيون ھڪ ٻئي تي آڌارُ رکندو آھي ۽ ھڪ ٻئي جي مدد گھڻي اَھميت رکي ٿي. اِھو اَسان ڏنوسين. اِھو جيئن شخص ۽ سماج بابت آھي، تيئن اَلڳہ - اَلڳہ ملڪن بابت بہ آھي. ڀارت وانگر جڳہ ۾ اَنيڪ آزاد ديش آھن. اُنھن ديشن ۾ ھميشھہ ڪجھہ ڏيڻ - وٺڻ چالو رھندو آھي، وھنوار ٿيندو رھندو آھي. اِھي آزاد ملڪ ھڪ ٻئي سان قرارُ ڪندا ٿي رھندا آھن. سڀ آزاد ۽ خومختيار ديش ملي ھڪ بندوبست تيار ڪندا آھن. اُن کي اَسين اَنترراشٽر بندوبست چئون ٿا. اُن ترتيب جون ڪي خاص خوبيون اَسين ڄاڻي وٺون.

**ھڪ ٻئي تي آڌار رکڻ:** جڳہ ۾ آيل سڀ ديش ڪنھن نہ ڪنھن سبب ھڪ ٻئي تہ آڌار رکن ٿا. راشٽر ڪيترو بہ وڏو، شان - شوڪت وارو ۽ ترقيءَ ۾ واڌاري وارو چو نہ ھجي، پر ڪوبہ راشٽر سڀني ڳالھين ۾، شين ۾ پاڻ تي پاڙي نہ تو سگھي. وڏن راشٽرن کي بہ اُن جھڙن وڏن يا ننڍن راشٽرن تي آڌارُ رکڻو پوي ٿو. تنھنڪري ھڪ ٻئي تي آڌار رکڻ اِھو اَنترراشٽريہ بندوبست جڳہ جي پربنڌ جي ھڪ خاصُ خاصيت آھي.

**مونکي آيل سوال...**

- شخصن ۽ راشٽرن جو ھڪ - ٻئي تي آڌار رکڻ ۾ ڪھڙو فرق؟
- اَمير ديش ۽ غريب ديش اَئين فرق ٿيندو آھي ڇا؟
- ديش جي ڪاروبار جيئن جوڙجڪ جي سھاري ھلندو آھي، تيئن جڳہ جي سطح تي ڪاروبار ھلائڻ لاءِ ڪو جوڙجڪ (سنوڌان) آھي ڇا؟
- اَنترراشٽريہ بندوبست ۾ سڀ کان متي آستان ڪنھن کي آھي؟

**پرڏيھي - نيتيءَ دواران اَنتر راشٽريہ سنبنڌ:** ھرھڪ راشٽر پنھنجي اَندروني وھنوار لاءِ ۽ ٻين راشٽرن سان ڪيئن وھنوار ڪجي اُن بنسبت ھڪ ھڪ پڪي نيتي ٺاھيندو آھي. اَھڙيءَ نيتيءَ کي پرڏيھي- نيتي چيو وڃي ٿو. پرڏيھي نيتيءَ جو اَسين ايندڙ باب ۾ وستار سان وڌيڪ اَڀياس ڪرڻ وارا آھيون.



**ڪري ڏسو**

ھڪ مھني جون اِخبارون گڏ ڪري اُن اخبارن مان پرڏيھي سنبنڌن سان واسطو رکندڙ خبرون گڏ ڪيو. ھيٺ ڄاڻايل ھيٺ ڄاڻايل مُدن سان لاڳاپو رکندڙ خبرن جي ورھاست ڪيو ۽ اُنھن خبرن جي نمائش جو پربنڌ ڪيو.

(الف) پرڏيھي راشٽرن مان آيل، وڏو عھدو رکندڙ شخصن جي اَسانجي ديش کي ڏنل ملاقات.

(ب) اَسانجي ديش ۽ ٻين ديش ۾ ٿيل قرارناما.

(د) اَسانجي ديش ۾ ٿيل ڪابہ ھڪ اَنتر - راشٽريہ - پريشد (اَسيمبلي).

(د) پاڙيسري ديشن بنسبن اُٿل - پٿل

**پس - منظر :** اَسين اَڄ جنهن جڳهه ۾ رهون ٿا، اُهو اَنيڪ گهٽنائن، اُٿل - پُٿل مان گذريو آهي. تنهنڪري اَسانجي اڄ جي جڳهه کي سمجهڻ لاءِ اَسانکي ٿورو گذريل اِتهاس ۾ وڃڻو پوندو. گذريل صديءَ ۾ ٻه مهاڀاري لڙايون ٿي گذريون آهن. هن لڙائي جي اَسانکي ڄاڻ آهي. اهي ٻئي مهاڀاري لڙايون سيني کان وڌيڪ اَهميت رکندڙ گهٽنائون هيون اُن سبب جڳهه بدليو، جڳهه ۾ نئون ويچارن جو وهڪرو آيو. اِنهن مهاڀاري لڙاين ۾ وڌيڪ ڇا ٿيو، اَچو ته اُهو سمجهي وٺون.

**پهرين مهاڀاري لڙائي:** عيسوي سنه ١٩١۴ع کان ١٩١٨ع اِنهيءَ وقت ۾ پهرين مهاڀاري لڙائي ٿي. يورپ کنڊ ۾ آيل اَهميت وارا ديش اِنهيءَ جنگه ۾ شامل هئا. گهڻي ڀاڱي اَنترراشٽريه يا جڳهه بندوبست ۾ يورپ کي اُن وقت وڏي اَهميت هئي. مهاڀاري لڙائيءَ ۾ تمام وڏي انداز ۾ جان ۽ مال جو نقصان ٿيو. مالي نقصان به وڏي اَنداز ۾ ٿيو. اِنهيءَ جنگه ۾ جن راشٽرن حصو ورتو هو، اُنهن راشٽرن کي وڏي پئماني تي مالي نقصان ڀوڳڻو پيو. جن راشٽرن اِنهيءَ جنگه ۾ ڀهرو نه ورتو، اُنهن تي به جنگه جو بُرو اَثر ٿيو. جنگه جيتڻ وارن ۽ جنگه ۾ هارائيندڙن راشٽرن جي مالي حالت ٿڻي پيئي.

## پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ حصو وٺندڙ راشٽر

| دوستاڻا راشٽر | مرڪزي راشٽر |
|---|---|
| برطانيه، فرانس، رشيا، اِٽلي، آمريڪا | جرمن، آسٽريا - هنگيري آٽومن سامراجيه، بلگيريا. |

اَهڙي قسم جي جنگه وري نه ٿئي، اُن لاءِ ڪجهه رٿا ڪرڻ گهرجي، اِئين سيني راشٽرن کي محسوس ٿيڻ لڳو ۽ اُن مان راشٽر سنگهه برپا ٿيو. اَنترراشٽريه مسئلا سلجهائڻ لاءِ، ڦيبري ڪرڻ بحث - مباحثو، ڳالهيون - ٻوليون ڪرڻ لاءِ اِهو هڪ اَهميت ڀريو پليٽفارم نهيو. جنگه کي ٽاڙڻ اِها راشٽرسنگهه جي هڪ اَهم جوابداري مڃي ويئي.

پهرين مهاڀاري لڙائي ختم ٿيڻ کان پوءِ يورپ ۾ ۽ يورپ ٻاهر انيڪ اَهميت ڀريو تبديليون ٿيون. مثال طور: يورپ مان پهرين وانگر سامراجيه ختم ٿيون. ۽ اُن مان نوان راشٽر وجوُد ۾ آيا.

يورپ جي اَنيڪ ديشن جون آفريڪا ۽ ايشيا کنڊ جون ٻئنڪون هيون. اِنهن ٻئنڪن ۾ آزاديءَ لاءِ تحرڪ شروع ٿيا. يورپ راشٽر جي وڏائيءَ کي اُنهن للڪاريو.

پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ شانتي آڻڻ لاءِ راشٽرسنگهه جو نرماڻ ٿيو. پر راشٽرسنگهه کي جنگه بند ڪرڻ ۾ جَسُ نه آيو. جرمني، اَٽلي، اِسپين وغيره ديشن ۾ حڪم - شاهي راڄ وجوُد ۾ آيو. اِنهن سيني اُٿل - پٿل سبب ٻي مهاڀاري لڙائي لڳي.



(ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ ڀهرو وٺندڙ ڀارت جا سپاهي)

**ويچار ڪريو ۽ لکو:-**
جرمني ۽ هٽلر جي حڪم شاهي اُڀري جرمنيءَ ۾ لوڪشاهي پرمپرا مضبوط هجي هان ته ڇا ٿئي هان؟ تان - شاهي - راڄ وجود ۾ نه اَچي. اُن لاءِ ڪهڙي سنڀال وٺڻ گهرجي.

**توهان کي ڇا ٿو لڳي؟**
جنگه کي روڪڻ لاءِ راشٽر- سنگهه جو نرماڻ ٿيو. پر جنگه روڪڻ ۾ راشٽر سنگهه کي اَپ - جَسُ مليو. راشٽر - سنگهه کي جنگه ٽاڙڻ لاءِ ڪهڙي رٿائتي - يوجنا ڪرڻ گهرجي هان؟

**ٻي مهاڀاري لڙائي:** عيسوي سنه ١٩٣٩ع کان ١٩۴۵ع اِنهيءَ وقت ۾ ٻي مهاڀاري لڙائي ٿي. اها پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کان وڌيڪ بربادي ڪندڙ هئي. پهرين مهاڀاري لڙائيءَ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ وستارن ٻي مهاڀاري لڙائي هئي ۽ هن لڙائيءَ

# دنیا - مُلکي


اَلاسکا
(یو.ایس.اي)
کئنادا
اُتر آمریکا
(یو.ایس.اي)
گرینلئنڈ
آئیسلئنڈ
جرمني
ناروي
یو.کي.
فرانس
پُرتگال
اسپین
مرروکو
الجیریا
لیبیا
ایجپٹ
مالي
نائجر
سودان
مائوریتینیا
سینیگل
گوئنیا
سئیرالئون
لائبریا
آئوري کوسٹ
زئیري
انگولا
زامبیا
نمیبیا
بوسٹوانا
ڏکڻ آفریکا
تنزانیا
کینیا
سوماليا
اومن
سعودي عريبيا
ایران
ترکي
گريس
کذاخستان
منگولیا
چین
رشیا
پولئنڈ
بیلاروس
یوکرین
بھارت
مالدیو
شریلنکا
ماریشس
مڊگاسکر
میانمار
تائوان
فلپائینس
ملیشیا
انڊونیشیا
جپان
اُتر کوریا
ڏکڻ کوریا
پپوئا نیو گوئینا
فجي
آسٹریلیا
نیوزیلئنڈ
کیوُبا
کوسٽارکو
پاناما
وینزوئیلا
کولمبیا
اِکوادور
پیرو
برازیل
بولیویا
پراگوي
ارجینٽینا
اُروگوي
چلي
ائنٽارکٽک
اُ
ڪ.م. ۵۰۰۰
۶۰ْ
۳۰ْ
۰ْ
۱۵۰ْ
۱۲۰ْ
۹۰ْ

۾ وڌيڪ تڪنيڪ - جو سهارو ورتو ويو. جنگ ۾ حصو وٺندڙ راشٽرن تي وري هڪ دفعو مالي سنڪٽ اچي ويو.

**لڪندا رهو.....**

عيسوي سنه ۱۹۳۹ع کان ۱۹۴۵ع جي وقت ۾ ٻي مهاڀاري لڙائي شروع هئي. اُنهيءَ وقت ڀارت ۾ ڪهڙي اُٿل - پٿل ٿيندي رهي؟

مها ڀاري لڙائيءَ جا ڀارت تي ڪهڙا اَثر ٿيا؟

## ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ حصو وٺندڙ راشٽر

| | |
|---|---|
| دوستان راشٽر | برطانيه، فرانس، آسٽريليا، ڪئنيڊا، نيوزيلئنڊ، سوويت رشيا، چين، آميريڪا |
| محوري راشٽر | جرمني، جاپان، اِٽلي |

ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ اَمريڪا جو اَهميت ڀريو حصو هو. آمريڪا اَئٽم - بمن جو نرماڻ ڪيو هو. لڙائيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ جاپان جي هيرو شما ۽ ناگاساڪي - اِنهن ٻن شهرن کي سلسليوار ۶ آگسٽ ۽ ۹ آگسٽ ۱۹۴۵ع ۾ آمريڪا اَئٽم - بم اُڇلايا. يورپ ۾ جرمنيءَ جي شڪست ۽ ايشيا ۾ جاپان جي شڪست کان پوءِ ٻي مهاڀاري لڙائي ختم ٿي. ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ واري وقت ۾ جڳ جي صطح تي جيڪي اُٿل - پٿل ٿيون، اُنهن مان هڪ اَهميت ڀري واقعو معنيٰ ٿڌي - جنگ جي شروعات. عيسوي سنه ۱۹۴۵ع کان ۱۹۹۱ع تائين، جڳي وقت تائين ٿڌي - جنگ پکڙيل هئي. اِنهيءَ وقت ۾ آيل ڪجهه بدل - سدل جو اسين جائزو وٺون.

**ٿڌي - جنگ:** ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ آمريڪا ۽ سوويئيٽ رشيا دوست هئا. پر جنگ خطم ٿيڻ کان پوءِ هو هڪ - ٻئي جا مقابلو ڪندڙ ٿيا. اُنهن جي دوستيءَ جي جڳهه چٽاڀيٽيءَ ورتي. اِنهيءَ چٽاڀيٽيءَ ۾ جڳ جا ۴۰ - ۴۵ سال گذري ويا. اِنهن ٻنهي ديشن ۾ ڪلي - عام جنگ نه ٿي پر جنگ جو ڀنيت ڪڏهن به ٻري سگهي ٿو، اَهڙي قسم جو تناءُ ٻنهي ديشن جي سنٻنڌن ۾ هُئو. سِڌي، ظاهر ڏسڻ ۾ ايندڙ جنگ نه، پر جنگ کي پورائي ڪندڙ تناو سان ڀريل حالتن جو بيان ڪندڙ کي ٿڌي جنگ چئجي ٿو. اِنهيءَ وقت ۾ آمريڪا ته نهايت طاقتور ملڪ هو، پرسوويئيٽ رشيا به اَئٽم - بمن جو نرماڻ ڪري، ٻنهنجي فوجي طاقت وڌائي هڪ طاقتور - ديش ٻڻجڻ جي ڪوشش ڪئي. اَميريڪا ۽ سوويئيٽ رشيا اِنهن ٻنهي طاقتور ملڪن ۾ جدو-جهد، چٽاڀيٽي، هٿيار ٺاهڻ جي چٽاڀيٽي، ۽ هڪ ٻئي کي شهه ڏيڻ جو سُڀاءُ وغيره سبب ٿڌي - جنگ شروع ٿي.

## ٿڌي - جنگ جا نتيجا

- **لشڪري - سنگٺن جو نرماڻ:** ٿڌي - جنگ جي وقت ۾ ٻنهي طاقت - ور ملڪن ۽ لشڪري سنگٺن ٺاهيا. اُنهن ۾ شامل ٿيندڙ راشٽرن کي بچاءُ ڏيڻ جي جوابداري، سنٻنڌ رکندڙ مها - ستائن ڪنئي. ناٽو : North Atlantic Treaty Organization (NATO) اِها اَميريڪا جي مختياري هيٺ لشڪري سنگٺن هو. وارسا - قراو بداري اِهو سوويئيٽ رشيا جي مختياريءَ هيٺ لشڪر سنگٺن هو.

**توهانکي ڇا ٿو لڳي؟**

- ٽيڪنالاجيءَ جي ترڪي ۽ اَنترراشٽريه شانتيءَ جي وچ ۾ ڪو سنٻنڌ آهي ڇا؟
- اِنساني - ڪلياڻ لاءِ ٽيڪنالاجيءَ جو اِستعمال ڪيئن ڪري سگهجي ٿو؟

- **جڳ جي ٻن ڇيڙن ۾ ورهاست:** ٿڌي - جنگ جي وقت ۾ جڳ جا ڪيترا ديش ٻن مهاستائن جي جماعتن ۾ شامل ٿيا هئا. راشٽرن جي اَهڙي ٻن ٻن جماعتن ۾ ورهاست معنيٰ ٻن ڇيڙن ۾ ورهاست هئي. ٿڌي - جنگ جي دائرو وڌيو. تناوَ جو ڪيتر ڦهليو.

**هيءُ ڪري ڏسو.**

ڪيبوبا جو سنگهرش (سنه ۱۹۶۲ع) هيءُ ٿڌي- جنگ جي وقت ۾ بيحد اَهميت رکندڙ گهٽنا هئي. اِنهيءَ سنگهرش بابت وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪيو.



## چا توهانکي ڄاڻ آهي؟

عيسوي سنه ۱۹۱۷ع ۾ رشيا ۾ ساميواد انقلاب آيو ۽ اُن مان سوويت - رشيا وجود ۾ آيو. ٿوري ئي وقت ۾ سوويت رشيا اَنٽرراشٽريه سياست ۾ مها ستا جي شڪل ۾ آيو. پر آمريڪا ۽ سوويئت رشيا جي ويچارن ۾ وڏو تفاوت هو. مثال طور:-

- آمريڪا سرمائيدارن کي پنيرائي ڪندڙ لوڪشاهي راڄيہ هو ۽ سوويت - رشيا سماجواد ۽ هڪ پارٽيءَ جي حڪم شاهيءَ جي پنيرائي ڪندڙ راڄيہ هو. ٻنهي مها ستائن کي ڄڱہ پنهنجو زور وڌائڻو هو. آمريڪا کي سرمائيداريءَ کي ڦهلائڻو هو، تہ سوويئت رشيا کي سماجواد جو پرسار ڪرڻو هو.
- پنهنجي خود - مختاري وڌائڻ لاءِ ٻئي مها ستائون ننڍن راشٽرن کي پنهنجي - پنهنجي گُٽ ۾ ڇڪڻ جي ڪوشش شروع ڪئي. اُن سبب يوروپ جي ٻن ويچارن ۾ ورهائجي ويئي. اولهہ يوروپ جا ديش اَميريڪا جي گُٽ ۾ شامل ٿي ۽ اوڀر يوروپ جا ديش سوويئت رشيا جي گُٽ ۾ شامل ٿيا. پنهنجي - پنهنجي گُٽ ۾ آيل راشٽرن کي لشڪري (فوجي) مدد ۽ آرٿڪ مدد ڏيڻ جي نيتي ٻنهي مهاستائن قبول ڪئي.

- **هٿيارن جي ڇتاپيٽي:** مها ستائن هڪ - ٻئي کي شهہ ڏيڻ لاءِ، تمام وڏي پئماني تي هٿيار نرماڻ ڪرڻ لڳا. وڏي پئماني تي بربادي ڪرڻ وارن هٿيارن جي نرماڻ لاءِ، ٽڪنيڪي - گيان حاصل ڪرڻ لاءِ ڇتاپيٽي شروع ٿي. پر هٿيارن - ناهڻ جي ڇتاپيٽيءَ سبب ڄڱہ جي شانتي سنڪٽ ۾ ايندي، اِها ڄاڻ ٻنهي مهاستائن جي ڌيان تي اَچڻ سبب هٿيارن ناهڻ تي ضابطو ۽ هٿيارنہ ناهڻ جو ڪوششون بہ اِنهيءَ وکت ۾ ٿيون.

- **پراديشڪ سنگهٽن جو نرماڻ:** مها ستائن جي ڇتاپيٽيءَ ۾ وڪاسن ڪندڙ راشٽرن هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ لاءِ پنهنجي - پنهنجي پرانت ۾ پراديشڪ سطح تي سنگهٽن نرماڻ ڪيا. اُنهن کي مالي واڌارو وڏيڪ اَهميت وارو لڳي پيو. يوروپ ۾ آيل ديش يوروپين مالي سنگهہ نرماڻ ڪيا ۽ ڏکڻ اوڀر آسيان ۾ آيل ديش (سينگاپور، ٿائلئنڊ، مليشيا، ڦليپائينس وغيره) آسيان (ASEAN) سنگهٽن نرماڻ ٿيا.
- **ٻي - طرفداري واد:** ٿڌي جنگہ شروع ٿيڻ کان پوءِ جي وقت ۾ هڪ طرف ڄڱہ جو ٻن ڏرين ورهاست جو ڪم تي رهيو هو تہ ڪي مها - ستا جي ڇتاپيٽيءَ وارن گروهن ۾ شامل نہ پيا ٿيڻ چاهن. اَهڙن راشٽرن مهاستا جي ڇتاپيٽيءَ سان دوُر ٿيڻ لاءِ ٻي - طرف دار نيتي پسند ڪئي. اِنهيءَ نيتيءَ کي ٻي - طرفدار واد چئجي ٿو. اِها ٻي - طرفدار نيتي اِنهيءَ ٿڌيءَ - جنگہ جي وقت ۾ هڪ اَهميت واري هلچل هئي. ڀارت جي پرڌان منتر جواهر لعل نهروُ، يوگوسلاو يا جو پريزيڊنٽ مارشل ٽيٽو، ايجيپٽ جو پريزيڊنٽ گمال عبدل اِنڊونيشيا - راشٽر جو پريزيڊنٽ ڊاڪٽر احمد سُڪارنو ۽ گهانا جو وزير - اَعظم ڪوامي - نڪروُما جي اَڳوانيءَ هيٺ اِنهيءَ تحرڪ (هلچل) جي شروعات عيسوي سنہ ۱۹۶۱ع کان شروع ٿي.

**ٻي - طرفدار - واد تحرڪ جو مُلهہ - ماپڻ:** ٻي - طرفدار تحرڪ ٻئنڪواد سامراجيواد ۽ نسل واد جو ورڌ ڪيو آهي. اَنٽرراشٽريه سوال شانتي - مارگہ سان سلجهائڻ لاءِ هن تحرڪ هٿي آهي. پنڊت جواهرلعل نهروءَ جي مارگہ - درشن هيٺ ڀارت هن تحرڪ جي رهنمائي ڪئي. اُن کان پوءِ واري وقت ۾ بہ هن تحرڪ لاءِ ڀارت اَثرائتي پنيرائي ڪئي آهي. ٿڌي - جنگہ ختم ٿي آهي تہ بہ هن تحرڪ جي اِهميت گهٽ نہ ٿي آهي.

انسانيت ڄڱہ جي شانتي ۽ سمانتا اِنهن ٽڪاڻو مُلهن ٽيبي - طرفدار تحرڪ آڌار رکي ٿو. اِنهيءَ

تحرڪ گهٽ وڪاس ڪيل راشٽرن گڏ اِچڻ همت وڌائي آهي.

انٽرراشٽريہ سوال شانتي - مارگ سان سلجهائڻ لاءِ هن تحرڪ همت ڏياري آهي. بنا هٿيارن جي نيتي، اِنساني حڪن جو واڌارو اِنهن بنسبت زوردار ڀومڪا وٺڻ سبب بي -طرفدار نيتي اِختيار ڪندڙن تحرڪ هلايو غريب ۽ واڌارو نہ ٿيل راشٽرن جا مسئلن زوردار نموني رکيا. هڪ نئين اَنتر راشٽريہ مالي بندوبست (NIEO) جي گهر هن تحرڪ ڪئي.

توري ۾ اِئين چئجي تہ ٿڌي - جنگ ختم ٿي آهي تہ بہ بي - طرفدار نيتيءَ جي اَهميت گهٽ نہ ٿي آهي. هن تحرڪ گهٽ وڪاس ڪيل راشٽرن کي گڏ اَچڻ لاءِ پريرڻا ڏني. هن تحرڪ آرٿڪ ۽ سماجڪ بدل سدل جا انيڪ وهڪرا اَنترراشٽريہ سياست ۾ آندا. اِنهن راشٽرن کي اَنتر - راشٽريہ - سياست ۾ سنمان سان بيهڻ لاءِ هڪ نئون وشواس ڏنو.

**ٿڌي - جنگ جو اَنت:-** عيسوي سنہ ١٩٤٥ع کان جڳ جي سياست ۾ زوردار اَثر ڪندڙ ٿڌي جنگ آخر سماپت ٿي. ٿڌي جنگ جو اِنت اِها هڪ گذريل صديءَ جي آخر ۾ ٿيندڙ هڪ بيحد اَهميت رکندڙ گهٽنا ٿي گذري. ٿڌي - جنگ جي اَنت جا انيڪ سبب هئا. مثال طور:-

(١) سوويت رشيا کليل آرٿڪ نيتي منظور ڪئي. راڄيہ جي آرٿڪ بندوبست جو ضابطو ڍلو ڪيو.

(٢) سوويت - رشيا جي اُن وقت جي پريزيڊنٽ مڪائيل گورباچيوهہ ’پيري اِسترو ئيڪا (وري رچنا) ۽ گلاس نوست (مڪت) اِها آرٿڪ نيتي عمل ۾ آندي. اِنهن نيتين سبب وسيلن تي ظابطو گهٽ ٿيو. سياست ۽ آرٿڪ کيتر ۾ اَهميت پريل تبديلين آيون معنيٰ اِنهن کيترن ۾ ڦير - رچنا آئي. ان سبب لوڪشاهيءَ ۾ رفتار آئي.

(٣) اوڀر يوروپ ۾ سوويت رشيا جي اَثر هيٺ آيل ديش ۾ سرمائيداري ۽ لوڪشاهي - مارگ قبول ڪرڻ سبب اُتي سياست ۾ بدلاءُ آيو.

(٤) سوويت رشيا ۾ قوت سبب اُن مان اَنيڪ نوان آزاد راشٽر نرماڻ ٿيا رشيا سوويت - رشيا جو سڀ کان وڏو ديش هو.



**ائين چو؟**

ناٽو اِهو سنگهٺن اَڄ بہ وجوُد ۾ آهي. پر اُن جو روُپ لشڪري نہ آهي. اِنهيءَ سنگهٺن ۾ ڪهڙا ديش آهن. اُهي ڳولهيو.

**لفظ ٻڌايو**

هڪ ئي مها - ستا هجي ۽ اُن تي اَنيڪ ديش آڌار رکندڙ هجن، تڏهن اُن اَنترراشٽريہ - بندوبست کي اَسين هڪ ڌري بندوبست چئون ٿا. ٻن مها ستائن ۾ راشٽرن جي ورهاست کي اَسين ٻہ ڌري بندوبست چئون ٿا.

جڏهن اَنيڪ ديش ملي مها ستا طور اتر- راشٽريہ بندوبست کي آڪار ڏين ٿا. اُن بندوبست کي ڇا چوَڻ گهرجي؟

’جنگ جو فِضول - پڻو‘ اِنهيءَ وشيہ تي مضمون لکو. اُن لاءِ ڪجهہ مُدا هيٺ ڏنل آهن. اُنهن تي بحث ڪيو.

- ڪهڙا بہ مسئلا ۽ ڳالهين - ٻولين رستي حَلُ ڪري سگهجن ٿا.
- جنگ سبب مسئلا حَلُ نہ ٿيندا آهن.
- جنگ سبب وڪاس ۾ رُڪاوٽ اَچي ٿي.

## ٿڌي - جنگ کان پوءِ جو جڳ

سويت - رشيا ۾ قوت سبب ٿڌي - جنگ بند ٿي. هڪ وقت جي مها - ستا ۾ قوت پوڻ سبب جڳ جي سياست ۾ تبديڪ آئي. مثال طور.

- جڳ جي سياست ۾ آمريڪا ئي صرف هڪ مها ستا باقي بچي آهي.

- راشٽر ۽ راشٽر وچ ۾ واپار ۽ آرٿڪ سنبنڌ وڌائڻ لاءِ مافق ماحول نرماڻ ٿيو آهي.
- پونجي، محنت، بازار، معلوميت اِنهن سڀني جو جڳهه ۾ ڦهلاءُ ٿيو آهي. ماڻهن جي ويچارن ڪلپنا جو به آزاد ڦهلاءُ ٿي رهيو آهي.
- سڀني راشٽرن جي واپاري سنبنڌن کي اَڳرائي ڏيڻ جي فيصلي سبب ٻين راشٽرن کي ’مدد‘ جي ڪلپنا پٺتي پيئي. اُن جي بدلي آرٿڪ سنبنڌ برپا رکڻ جون ڪوششون ٿي رهيون آهن. معنيٰ اڳهه ڪنهن ديش کي ’دشمن - راشٽر‘ چوڻ عيوض هاڻي صرف ’ڇتاپيتي ڪندڙ راشٽر‘ اِئين چوڻ جو عام - ويچار ٿي رهيو آهي.
- متحد - جماعت سنگهنن جي جوابدارين ۾ واڌ آئي آهي. جڳهه جي شانتي ۽ سلامتي ٽڪائڻ لاءِ متحد جماعت وڌيڪ پختا قدم کڻي رهي آهي. ماحول جو بچاءُ اِنساني حقن جو بچاءُ ڪرڻ، عورت - مرد ۾ هڪ جهڙائي سمانتا قدرتي آپدائن جو مقابلو ڪرڻ انهن سڀني وشين کي وِشو - وياپي آڪار ملي آهي.

### جڳت واد معنيٰ ڇا؟

تڏهن - جنگ کان پوءِ واپار ۽ آرٿڪ سنبنڌن ۾ ڪُلي آزادي آئي. هن ڪان اَڳهه چوڻ موجب پونجيءَ جي سيڙپ، محنت، بازار ۽ معلومات جو جڳهه ۾ ڦهلاءُ ٿيو. جڳهه ۾ آيل ماڻهن ۾ ويچار، سوچ - ويچار ۽ ڪلپنائن جو ڏيڻ - وٺڻ وڌيو. تڪنيڪي - گيان جي ڪرانتيءَ سبب جڳهه ۾ ٿيندڙ گهٽتائون، ۽ اُٿل - پُٿل جي سڀني کي ڄاڻ پيئي. ديش جي سيما ريکائن کي اَڳهه جهڙي اَهميت نه رهي آهي. اِنهين سڀني ترتبين کي جڳت واد چئجي ٿو. اِن جا ڪي فائدا آهن ته ڪجهه نقصان به ٿيا آهن. مثال طور: اَلڳهه - اَلڳهه راشٽرن جي آرٿڪ - بندوبست کي هڪ ٻئي سان جوڙڻ سبب واپار وڌيو آهي. آرٿڪ - حالات ۾ ايڪو وڌيو آهي. بازارن ۾ ريل ڇيل آيل آهي. پر اُن سان گڏو گڏ غريب ۽ اَمير راشٽرن ۾ فرق گهٽ نه ٿيو آهي.

هن باب ۾ اَسان عيسوي سنه ١٩٤٥ع کان جڳهه ۾ آيل اُٿل - پُٿل جو اَڀياس ڪيو. تڏهن جنگهه وارو وقت جڳهه، اُن وقت ٿيندڙن هٿيارن جي ڇتاپيتي ۽ بنا هٿيار ٿيڻ جي ڪوشش کي سمجهيو. گلوبلائيزيشن جڳت واد جي معنيٰ جو به اَڀياس ڪيو. ايندڙ باب ۾ اَسين ڀارت جي پرڏيهي نيتيءَ جو اَڀياس ڪنداسين.

> **ڳولهيو ۽ حصو وٺو!**
>
> ماحول جو بچاوَ لاءِ ڪن به ٻن دنيا جي سنگهنن جي پوري ڄاڻ حاصل ڪيو. اُنهن جا مقصد توهانکي قبول هجن ته اُنهن ۾ حصو وٺڻ لاءِ موقعا آهن. اُهي ڳولهيو.



## اڀياس

**١. هيٺ ڄاڻايل جملن مان مناسب جواب چونڊي بيان پورا ڪيو:-**

(١) ديش جي آزادي ۽ خود - مختياري ملائي نرماڻ ٿيندڙ بندوبست.

(الف) سياسي - بندوبست

(ب) اَنترراشٽريه بندوبست

(ڪ) سماجڪ بندوبست

(ڊ) انهن مان ڪجهه به نه.

**(٢) راشٽر - سنگهه جي مکيه جوابداري**

(الف) جنگهه ٽارڻ

(ب) ٻئنڪن (ڪالونين) کي آزادي ڏيڻ

(ٿ) راشٽر جو آرٿڪ بندوبست ناهڻ

(ڊ) هٿيار ناس ڪرڻ

(٣) ٽڏي - جنگ ----- اِنهيءَ گهٽنا سبب ختم ٿي.

(الف) متحد جماعت ناهي ويئي.

(ب) سوويت - رشيا ۾ قوت پيئي.

(ث) لشڪري سنگهنن جو نرماڻ ٿيو.

(ڊ) ڪيوُبا جو سنگهرش

٢. هيٺ ڏاڻايل بيان غلط آهن يا صحيح سبب ڏيئي ڇنيءَ طرح سمجهايو.

(١) پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ راشٽر سنگهه نرماڻ ٿيو.

(٢) ٽڏيءَ جنگ سبب جڳ جو هڪ ڏري - ڇيڙي وارو بندوبست ٿيو.

(٣) مڪائيل گوربا چيوه اُن جي نيتيءَ موجب لوڪشاهيءَ کي رفتار ملي.

٣. هيٺ ڏاڻايل ويچار سمجهايو:

(١) ٽڏي - جنگ (٢) ٻي - طرفداري نيتي

(٣) هڪ ٻئي تي آڌار رکڻ (۴) ٻه ڏري بندوبست

(۵) ڄڳٽ واد

۴. هيٺ ڏاڻايل سوالن جا ٽوري ۾ جواب لکو:-

(١) پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۽ ٻين مهاڀاري لڙائيءَ جي پيٺ هيٺ ڏاڻايڪ مُدن جي آڌارتي ڪيو.

| مُدا | پهرين مها ڀاري لڙائي | ٻي مها ڀاري لڙائي |
| --- | --- | --- |
| (١) عرصو | | |
| (٢) ڀاڱي وٺندڙ راشٽر | | |
| (٣) نتيجا (سياسي ۽ مالي) | | |
| (۴) جنگ کان پوءِ ٺهيڪ اَنٽرراشٽريه سنگهٺن | | |

(٢) ٽڏي - جنگ کهڙيون ڳالهيون سبب بڻيون؟

(٣) ٽڏي - جنگ سماپت ٿيڻ کان پوءِ جڳ جي سياست ۾ اَهم ڦير - گهير ڪهڙي آئي؟

**مشغولي:-**

١. جڳ ۾ آيل اَلڳ - اَلڳ راشٽر هڪ ٻئي تي آڌار رکن ٿا. اِهو مثال ڏيئي سمجهايو.

٢. 'وَسوُڌيو ڪٽنب ڪمُ' (سارو جڳ هڪ ڪٽنب) اِنهيءَ مُلهه کي سماج ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ ٽوهين ڇا ڪندا. اِن تي ڪلاس ۾ بحث مباحثو ڪيو.

●●●

# ٢ ڀارت جي پرڏيهي - نيتيءَ جو سفر

هن باب ۾ اَسين نئون ڇا سکڻ وارا آهيون؟

اَنٽرراشٽريہ ويوسٿا (بندوبست)، اُن جو روُپ ۽ گذريل صديءَ ۾ ٿيل تڏي - جنگ ۽ اُن جا اَثر وغيره سمجهڻ کان پوءِ هاڻ اَسين اُن سان سنبنڌ رکندڙ ٻين وشين جي سڃاڻپ ڪرڻ وارا آهيون. اُن موجب پرڏيهي نيتيءَ جي معنيٰ اُن تي اَثر ڪندڙ جزا ۽ ڀارت جي پرڏيهي - نيتيءَ جو سُروُپ جي ڄاڻ ڪرڻ وارا آهيون.

## پرڏيهي - نيتي

**معنيٰ ۽ اَهميت:** سڀ ديش اِنٽرراشٽريہ ويوسٿا جا گهٽڪ (جزا) آهن. اُنهن مان ڪوبہ راشٽر سيني ڳالهين پاڻ پورڻ نہ آهي. اُن سبب انٽر - راشٽريہ ۾ ويوسٿا ۾ هڪ ٻئي تي آڌار رکندڙ ديش آهن، اِهو اَسان سمجهيو آهي. اِهو هڪ ٻئي تي آڌار رکڻ صرف ڪجهہ ديشن جي فائدي لاءِ نہ آهي. هرهڪ راشٽر جي ڪلياڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻيون پون ٿيون. ڪهڙن راشٽرن سان دوستانا رستا رکجن، ڪهڙي گُٽ ۾ شامل ٿجي يا انٽرراشٽريہ (سياست) ۾ ڪهڙي ڀومڪا ادا ڪجي وغيره وشين لاءِ هرهڪ ديش کي فيصلو وٺڻو پوندو آهي. اِنهن فيصلن وٺڻ وقت ويچار ڪرڻا پوندا آهن. اِنهيءَ ويچارن جي چوکٽ کي پرڏيهي نيتي چئجي ٿو. هرهڪ آزاد ۽ خود - مختيار ديس پنهنجي پنهنجي پرڏيهي - نيتي طيءِ ڪندا آهن. تنهنڪري راشٽرن وچ ۾ هڪ - ٻئي جي سنبنڌن جو اَڀياس ڪندڙ اَنتر - راشٽريہ سياست ۾ پرڏيهي نيتيءَ جي وڏي اَهميت آهي.



**ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

اَسانکي جڏهن ڪنهن ديش جو اَڀياس ڪرڻو هجي، تڏهن اُن ديش جي جوڙجڪ (سنوڌان) ۽ اُن ديش جي پرڏيهي نيتيءَ کي سمجهڻ لازمي آهي.

**راشٽريہ ڪلياڻڪاري سنبنڌ:** پرڏيهي - نيتي معنيٰ ڇا، اِهو اَسان ٿوري ۾ سمجهيو. راشٽريہ هِت - سنبنڌ (فائدا) ۽ پرڏيهي نيتيءَ جو پاڻ ۾ تمام ويجهو سنبنڌ آهي. راشٽريہ فائدن کي پرڏيهي نيتيءَ معرفت وڌايو ويندو آهي. تنهنڪري پرڏيهي - نيتيءَ جو وستار سان اَڀياس ڪرڻ کان اڳ اَسانکي راشٽريہ فائدن جي معنيٰ ۽ اُن جي اَهميت سمجهڻ گهرجي.

راشٽريہ فائدو- (هت سنبنڌ) معنيٰ اَسانجي ديش جي آزادي ۽ خود - مختياريءَ برقرار رکڻ لاءِ اُپاءَ - يوجنا اَسانجي آرٿڪ - وڪاس حاصل ڪري سمرتيءَ جي واڌاري لاءِ ڪوشش جو بہ راشٽريہ فائدن سماويش ٿئي ٿو. اَسانجي راشٽر لاءِ فائدا ۽ اُن لاءِ لائق ڳالهيون ڪهڙيون ڪرڻ گهرجن، اُنهن جو ويچار ڪري جڏهن فيصلا ورتا وڃن ٿا تڏهن اَسين راشٽريہ فائدن جي پوري سنڀال چئون ٿا. اِنهيءَ معنيٰ مؤجب ڪنهن بہ راشٽر جي راشٽريہ - فائدن ۾ ايندڙ گهٽڪن جو (جُزن جو) سماويش ٿئي ٿو.

- اَسانجي ديش جي آزادي، خودمختياري ۽ اَکنڊتا جو بچاءُ ڪرڻ اِهو سڀ کان وڌيڪ اوچو ۽ اُتم راشٽر - فائدو آهي.
- آرٿڪ - وڪاس بہ هڪ اَهميت رکندڙ راشٽريہ - فائدو آهي. آرٿڪ درشٽيءَ سان ڪمزور راشٽر لاءِ آزاديءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻ مشڪل لڳي ٿو. تنهنڪري بچاءُ سان گڏ آرٿڪ - وڪاس راشٽريہ - هِت بہ اَهميت وارو مڃيو وڃي ٿو.

**راشٽريہ فائدو ۽ پرڏيهي نيتي:** بچاءُ ۽ آرٿڪ وڪاس اِنهن راشٽريہ فائدن جي سنڀال ٿئي، اُن نظرئي سان پرڏيئي - نيتي رِٿا موجب ٺاهي وڃي ٿي. تنهنڪري راشٽريہ فِائدو مقصد مڃيو ويندو آهي ۽ پرڏيهي نيتي انهن مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ساڌن ٿيندي آهي. حالتن ۽ وقت موجب راشٽر جي مقصدن ۾ تبديليون ٿينديون رهنديون آهن. اُن مؤجب راشٽريہ فائدن ۾ بہ تبديليون

ايندين آهن. اِنهن تبديلن جو عَڪس پرڏيهي - نيتيءَ ۾ ڏسڻ ۾ اَچي ٿو. اُن ڪري ’پرڏيهي - نيتيءَ بدلجندڙ ٿيندي آهي.

### اَچو، چرچا ڪريون:

حالتن ۽ وقت موجب پرڏيهي - نيتيءَ ۾ تبديلي ٿيندي رهندي آهي. تہ بہ ڪن ديشن جي پرڏيهي - نيتي ڪن قائم - دائم ملهن تي آڌار رکندي آهي. مثال - طور ڀارت جي پرڏيهي نيتي اَنتر - راشٽريہ شانتي اِنساني - حق، بچاءُ - اِنهن ملهن تي آڌارڪي ٿي. اِهي حاصل ڪرڻ لاءِ پرڏيهي نيتيءَ ۾ ڪهڙا بندوبست هئڻ گهرجن اِئين توهانکي لڳي ٿو؟

## پرڏيهي - نيتيءَ کي طئہ ڪندڙ جزا:

اَنترراشٽريہ ويوسٿا ۾ ڪهڙي راشٽر سان ڪهڙي قسم جا سنبنڌ رکجن، اِهو پرڏيهي - نيتيءَ جي آڌار تي طئہ ڪيو وڃي ٿو، پر پرڏيهي - نيتي طئہ ڪرڻ وقت اَنيڪ جُزن جو اُن تي اَثر پوي ٿو.

**١. ديش جو جاگرافيڪل آستان:** توهان گلوب يا جڳہ جو سياسي نقشو ڏٺو هوندو. اُن مان ڪهڙي بہ راشٽر جو جاگرافيڪل آستان توهين کي ڏسڻ ۾ ايندو. ڪجهہ ديش ٻين ديشن کان گهڻي مفاصلي تي آهن، تہ ڪجهہ راشٽرن جي آس - پاس اَنيڪ پاڙيسري ديش آهن. ڪن راشٽرن کي وڏو سمنڊ جو ڪنارو آهي تہ ڪجهہ راشٽرن کي ڀرپور معدني پدارٿ آهن. توري ۾ ديش جو آڪار، ماڻهن جو تعداد زمين جي لياقت، وغيره، ديش کي مليل ساموندي ڪنارو قدرتي ساڌن- سمپتي، اِنهن سڀني ڳالهين جو ويچار پرڏيهي - نيتي ٺاهڻ ۾ ڪيو ويندو آهي.

**٢. سياسي بندوبست :** لوڪشاهيءَ واري سياسي بندوبست ۾ پارليامينٽ کي پرڏيهي - نيتي نرماڻ ڪرڻ ۾ اَهميت ڀريو آستان آهي. اُن جو سبب اِهو آهي تہ پرڏيهي - نيتيءَ جي سنبنڌ رکندڙ وشين سنسد ۾ بحث ٿيندو آهي. مخالف ڌُر سوال پڇي پرڏيهي -نيتيءَ تي ڌابطو رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

سنگهہ - راڄيہ ويوسٿا واري ديش کي پرڏيهي - نيتي ٺاهڻ وقت گهٽڪ - راڄين جو بہ ويچار ڪرڻو پوي ٿو ڇاڪاڻ تہ پاڙيسري راشٽرن ۾ ٿيندڙ اُٿل - پٿل جو گهٽڪ - راڄين تي بہ اَثر پوي ٿو. مثال طور شري - لنڪا ۾ ٿيندڙ اُٿل - پٿل جو اَثر تمل ناڊوءَ تي، بنگلا - ديش ۾ ٿيندڙ اُٿل پَٿل جو اَثر اولهہ بنگال ۽ اُتر اوڀر راڄين تي پوي ٿو.



### اِئين ڇو ٿو ڪرڻو پوي؟

اسانجي ديش ۾ شانتي ۽ پختي حالات جيتري ضروري آهي. اوتري اُها پاڙيسري ديشن ۾ پڻ ضروري آهي. تنهنڪري پاڙيسري ديشن ۾ پڻ لوڪشاهي نرماڻ ٿئي اُن لاءِ ڀارت کي ڪوششون ڪرڻيون پون ٿيون.

**٣. مالي بندوبست:** اَڄ جي وقت ۾ ڪنهن بہ ديش جي مالي حالات پرڏيهي نيتي ٺاهڻ ۾ وڏي اَهميت حاصل ڪري ٿي. آرٿڪ - وڪاس، سڀني راشٽرن جو سڀ کان وڏيڪ اَهميت رکندڙ مقصد بڻيو آهي. اُن سبب آرٿڪ ويوسٿا جو پرڏيهي - نيتيءَ تي ٻن قسمن جا اَثر ٿين ٿا.

(١) ديش جي مالي - حالت مظبوط ڪرڻ لاءِ ٻين راشٽرن سان مالي سنبنڌ پختا ڪرڻا پون ٿا. ٻاهرين ديش مان مال گهرائڻ ۽ ٻاهرين ديش ڏانهن مال موڪلڻ جڳہ جي واپار ۾ حصو وٺڻ وغيره بابتون پرڏيهي - نيتيءَ کي آڪار (شڪل ، صورت) ڏين ٿيون.

(٢) اَڄ جي وشو - ويوسٿا ۾ مالي بچاءَ جا مُدا راشٽريہ بچاءُ جيتري اَهميت رکن ٿا، اِئين مڃيو وڃي ٿو. آرٿڪ - بچاءُ جيترو مظبوط هوندو، اوترو ديش سگهارو، سِمرٿيءَ وارو مڃيو ويندو آهي. مالي - حالت مظبوط وارو ديش ٻين ديشن تي گهٽ آڌارُ رکن ٿا ۽ اُنهن کي آزاد نموني پرڏيهي نيتي ٺاهڻ.

**٤. سياسي اَڳواڻي:** پرڏيهي - نيتي طئہ ڪرڻ لاءِ راشٽرپتيءَ، پرڌان - منتريءَ پرڏيهي منتري، بچاءُ منتري.

**توهانکي قبول آهي ڇا؟ نه هجي ته ڇو اِهو وستار سان لکو.**

راشٽر جي آرٿڪ (مالي) سمرتي وڌائڻ لاءِ صرف غريبي دور ڪرڻ تي زور نه ڏيندي ملڪيت ۾ خريد - فروخت شڪتيءَ جي واڌاري لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجن.

مالي - منتريءَ، گرهه - منتري جو ڀرو ٿئي ٿو. پرڏيهي - نيتيءَ ۾ جتاءُ رکڻ لاءِ، ۾ اُن کي سُڌارڻ جي ڪوشش متي ڄاڻايل ڪمن وارا شخص ڪري سگهن ٿا. مثال طور، پنڊت جواهرلعل نهروءَ ڀارت جي پرڏيهي - نيتيءَ ۾ ٻي - طرفداري واد تي زور ڏنو. اٽل - بهاري واجپاءِ ڀارت - چين رشتا سڌارڻ لاءِ وڏو يوگدان ڏنو آهي.

**ياداشت پوري ڪيو.**

هيٺ ڪجهه نيتائن جا نالا ۽ اُنهن جي ڏنل يوگدان بابت ڄاڻ ڏني ويئي آهي.

مثال طور لعل - بهادر شاستري: تاشڪند قرار ساڳيءَ طرح هيٺ ڏنل يادي پوري ڪيو.

(الف) اِندرا گانڌي : ..............

(ب) راجيو گانڌي : ..............

(ث) اَٽل - بهاردي واجپاءِ : ..............

هيٺ ڄاڻايل نيتين جي پنيريائي ڪندڙن پرڌان منتري ڪير آهن.

(الف) .............. اوپر طرف ڏسو

(ب) .............. اَنترراشٽريه سطح مان ڀارت ۾ سيڙپ وڌائڻ جي ڪوشش

**٥. ڪاروباري - اِنتظامي جُزا :** پرڏيهي - نيتيءَ جي نرماڻ ڪرڻ ۾ پرڏيهي راشٽرن سان وهنوار ڪندڙ منتراليه، پرڏيهي - سيڪريٽري، پرڏيهه ۾ آيل ايلچي - واڻ راجنيتڪ عملدار وغيره ڪاروباري، جزا شامل ٿين ٿا. پرڏيهي - نيتيءَ سان سنبنڌ رکندڙ آخري فيصلا پرڌان - منتري ۽ اُن جي منتري منڊل وٽي ٿو، پر اُن فيصلي تائين پهچڻ لاءِ اِنتظامي سرشتو مدد ڪري ٿو. پرڏيهي - نيتيءَ لاءِ ضروري ڄاڻ گڏ ڪرڻ، اُن جي ڇڪاس ڪرڻ، اُن ڄاڻ تي آڌار رکندڙ صحيح صلاح ڏيڻ وغيره ڪم ڪاروباري، آفيسر چڱيءَ طرح ڪن ٿا. اُن سان گڏو گڏ راشٽريه بچاءُ جا صلاحڪار به اَهميت واري ڀومڪا نڀاهن ٿا.

**توهين ڇا ڪندا؟**

پرڏيهي سيڪريٽريءَ جي عهدي تي توهين ڪم ڪيو ٿا. پرڌان - منتري چين - ديش جي ملاقات ڪرڻ وارو آهي. پرڏيهي - سيڪريٽريءَ طور توهين پرڏيهي وهنوار منتراليه طرفان پرڌان - منتريءَ جي بحث - مباحثي لاءِ ڪهڙا وشيه سُجهائيندا.

## ڀارت جي پرڏيهي نيتي:

پرڏيهي - نيتيءَ بابت شروعاتي ڄاڻ حاصل ڪرڻ کان پوءِ اَسين ڀارت جي پرڏيهي - نيتيءَ بنسبت ڄاڻ حاصل ڪنداسين.

عيسوي سنه ١٩٤٧ع ۾ ڀارت کي آزادي ملي، ۽ اُن وقت کان ڀارت پنهنجي پرڏيهي - نيتي ٺاهڻ جي شروعات ڪئي. ڀارت جي جوڙجڪ ۾ ڄاڻايل رهبري ڪندڙ - اُصولن ۾ راڄيه کي پرڏيهي نيتي ڪيئن ٺاهجي اُن بنسبت بندوبست ڪيل آهي. مارگه - درشڪ (رهبري ڪندڙ) اُصولن جي قانون - نيم ٥١ موجب پرڏيهي - نيتيءَ جي هڪ ڪُشادي چؤڪٽ ۾ صاف پڌرائي ڪئي ويئي آهي. اُن موُجب ڀارت کي اَنترراشٽريه شانتي ۽ بچاءُ کي اَڳرائي ڏيندي پنهنجا اَنتررشٽريه مسئلا شانتي - مارگه اَپنائي سُلجهائڻ گهرجن. ٻين راشٽرن سان دوستانا ناتا رکڻ ۽ اَنتر راشٽريه قائدن جي عزت ڪرڻ، اِهو به اَسانجي پرڏيهي - نيتيءَ جو مقصد مڃيو وڃي ٿو. ڀارت جي پرڏيهي نيتي اِنهيءَ چؤڪٽ ۾ ٺهيل آهي.

**ڀارتيه جوڙجڪ جو قلم ۵۱**

- اَنتر راشٽريه شانتيءَ ۽ بچاءُ ڪرڻ
- راشٽر - راشٽر وچ ۾ اِنصاف ۽ عزت ڀريا سنبنڌ رکڻ
- اَنتر راشٽريه وهنوار ۾ اَنتر راشٽريه قائدي ۽ قرار بابت عزت وڌائڻ.
- عدالت جي مدد سان انتراشٽريه تڪرارن کي شانتيءَ سان سلجهائڻ

## ڀارت جي پرڏيهي نيتيءَ جا وڏيڪ ڪجهه مقصد هن ريت آهن:

- پاڙيسري ۽ ٻين ديشن سان دوستانا سنبنڌن کي قائم رکڻ ۾ اَسانجي ديش جي بچاءُ ۾ رڪاوٽ نہ اَچڻ کپي اِنهيءَ ڳالهہ جو ڌيان رکڻ گهرجي. راشٽر جي جاگرافيڪل سيما - ريکا جي بچاءُ قائم رهي، اُن لاءِ ڪنهن بہ قسم جو نقصان نہ ڪرڻ گهرجي.
- ڀارت جي ايڪتا ۽ يڪمشتيءَ جو بچاءُ ڪرڻ.
- ٻئي ديش ۾ رهندڙ اَسانجي نگرواسين جي هِتن جو بچاءُ ڪرڻ. اِها جوابداري اُن ديش جو ڀارتي دُوتا واس ڪري ٿو.
- ڀارت جي مالي - واڌاري لاءِ ٻين راشٽرن سان آرٿڪ ۽ واپاري سنبنڌ رکڻ.

## ڀارت جي پرڏيهي - نيتيءَ جو جائزو:

پرڏيهي نيتيءَ جو جائزو اسين ٻن ڏاڪن ۾ ونڊنداسين. پهريون ڏاڪو آزاديءَ کان ۱۹۹۰ تائين، ٻيو ڏاڪو ۱۹۹۰ کان اڄ تائين.

## ڀارت جي پرڏيهي نيتي- شروعاتي ڏاڪو:

پنڊت نهروءَ ڀارت جي پرڏيهي نيتيءَ جي روپ - ريکا اڄ تائين شروعاتي وقت ۾ ڪئي. ڀارت جي پرڏيهي نيتيءَ معرفت هن ٻڻئڪ - واد جو ورود ڪيو. انترراشٽريه يومڪا جو سهارو وٺي جڳہ جي شانتي ۽ سلامتيءَ کي اَڳرائي ڏني. اُن وقت ڀارت جي پرڏيهي - نيتيءَ تي ٽن ڳالهين جو اَثر هو. (۱) سيني اَنتر راشٽريه اُٿل - پٿل جو اَحساسُ ڪنهن بہ ستا جي دٻاوَ کان سواءِ آزاد نموني ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. شانتي اِها هميشه ڀارت جي پرڏيهي - نيتيءَ جي خاصيت رهي آهي. (۲) پاڪستان ۽ چين ديش مان ٿيندڙ خطري کي ڌيان ۾ رکيو ويو (۳) پنهنجو پاڻ تي پاڙڻ ۽ اُن تي ٿيندڙ اَنترراشٽريه پرڏيهي - نيتيءَ تي زور اِهي اُن وقت پرڏيهي - نيتيءَ جون خاصيتون هيون.

شروعاتي وقت ۾ ڀارت پنهنجيءَ پرڏيهي نيتيءَ معرفت ايشيا کنڊ جي ديشن سان سنبنڌ سڌارڻ جي ڪوشش ڪئي. ايشيا ۾ آيل راشٽرن سان سهڪار ڪري وڪاس ڏانهن وک وڌائڻ ۽ پنهنجيءَ آزاديءَ ۾ ڪنهن بہ قسم جي رڪاوٽ نہ اَچڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي . اِها پرادشيڪ وڪاس جي ڪلپنا آفريڪا تائين وڌي ويئي. پر ڪي آفرو - ايشائي ديش اَميريڪا ۽ سوويٽ رشيا جي ٿڌي - جنگ وقت لشڪري سنگهٺن جا ميمبر ٿيا هئا. اُن سبب پراديشڪ وڪاس جو واڌارو رڪيو.

اُن کان پوءِ وقت گذرندي جيڪي ديش ٿڌي - جنگ جي لشڪري - سنگهٺن ۾ شامل نہ هئا، اُنهن ٻي طرفداري نيتيءَ جي ويچار جي پنيرائي ڪئي. شانتيءَ پنهنجي آزادي برقرار رکڻ. اِهي بہ ڳالهيون ٻي - طرفداري نيتيءَ جون بنياد هيون.

اِنهيءَ وقت ۾ ڀارت کي پاڙيسري راشٽرن جي پئدا ڪيل سنگهرش کي منهن ڏيڻو پيو. ڀارت - پاڪستان وچ ۾ عيسوي سنہ ۴۸-۱۹۴۷ع ۽ ۱۹۶۵ع ۾ ڪشمير جي سوال تي جنگہ ٿي. عيسوي سنہ ۱۹۷۱ع ٽين جنگہ ۾ پاڪستان اَلڳہ ٿيو. آزاد - بنگلا - ديش جو نرماڻ ٿيو.

۱۹۷۰ جي ڏهاڪي ۾ ڀارت جي پرڏيهي نيتيءَ ۾ هڪ قسم جي پختائي آئي. ڏکڻ ايشيا ۾ هڪ شڪتيشالي پراديشڪ ستا طور ڀارت اُڀريو. عيسوي سنہ ۱۹۷۴ع ۾ ڀارت اٽو آزمائش ڪري اٽوُ - سنشوڌن کيتر ۾ پنهنجي سمرٿي ثابت ڪئي.

۱۹۸۰ع کان ڪجهه قير - قار جي شروعات ٿي. ڏکڻ - ايشيائي راشٽرن ۾ سهڪار وڌائڻ لاءِ سارڪ سنگهٺن ٺاهيو ويو. چين ديش سان سنبنڌ سڌارڻ لاءِ ڀارت چين سان گفتگو شروع ڪئي. ٻچاءُ کيتر ۾ سهڪار لاءِ آمريڪا سان ڀارت ڏي - وٺ شروع ڪئي.

## پهريون ڏاڪو ۱۹۴۷ع کان ۱۹۹۰:

- ٿڌي - جنگ جي پس - منظر ۾ ڀارت بي - طرفدار نيتي قبول ڪئي. اُن سبب سيني راشٽرن سان دوستانا سنبنڌ رکڻ لاءِ وڪاس لاءِ اَلگ - اَلگ راشٽرن کان واجب مدد وٺڻ کي اَگرائي ڏني ويئي. بي - طرفدار نيتيءَ سبب ڀارت کي پنهنجي وڪاس لاءِ ٻنهي ڌرين کان مدد وٺڻ سهنجو ٿيو.
- ٻچاءُ سرشتي کي مضبوط ڪرڻ لاءِ وقت زور ڏنو ويو. اُن لاءِ گهربل تڪنيڪي - گيان ٻاهر آيل ديش مان گهرايو ويو. سوويت رشيا، فرانس، جرمني وغيره ديشن اُن لاءِ ڀارت کي مدد ڪئي.

اِنهيءَ وقت ۾ ڀارت کي ڪجهه للڪارن سامهون وڃڻو پيو. اُن ۾ پاڪستان سان سنگهرش، بنگلا ديش جو نرماڻ ۽ چين سان سنگهرش شامل آهن.

> **ڀارت جي پرڏيهي - نيتيءَ ۾ پنڊت نهروءَ جو يوگدان:**
>
> - اَنتر راشٽريه اُٿل - پٿل جو اَسانکي آزاد نموني سمجهڻ گهرجي، اِها هن جي يوملڪا هئي.
> - شانتيءَ جي نيتيءَ جي هن ڀنيرائي ڪئي.

## ٻيون ڏاڪو ۱۹۹۱ع کان اَڄ تائين:

- ڀارت جي ٻئين دائري ۾ پرڏيهي - نيتي وڏيڪ وياپڪ ٿو رفتا واري ٿي. ٿڌي جنگ کان پوءِ واري وقت ۾ سياسي ۽ لشڪر سان سنبنڌن کي اَگرائي نه ڏني ويئي. پرڏيهي نيتيءَ ۾ مالي سبب، واپار، سکيا - تعليم ۽ تڪنيڪي گيان اِهڙن اَنيڪ پهلن کي شامل ڪيو ويو. ۱۹۹۱ع کان پوءِ ڀارت (مالي - بندوبست) تان سرڪاري ظابطو گهٽ ڪيو ۽ (ڪليل) آرٿڪ - نيتي قبول ڪئي. اُن سبب سولائيءَ سان ٻاڙيسري ديش سان واپار وڌيو. جڳ جي واپار ۾ اَسانجو سهيوگ وڌيو. آرٿڪ - وڪاس جي نرخ وڌائڻ لاءِ ڪوششون ٿيڻ لڳيون.

> **توهين ڳولهي سگهندا ڇا؟**
>
> - آرٿڪ (مالي) وڪاس - نرخ معني ڇا؟
> - ڀارت نيپال، ڀوٽان، اِنهن جو آرٿڪ وڪاس نرخ تختو تيار ڪيو.

- ۱۹۹۰ع کان پوءِ واري ڏهاڪي ۾ ڏکڻ - اوڀر ايشائي راشٽرن سان معني سينگاپور، ٿائلئنڊ، وئيتنام، وغيره راشٽرن سان اَسانجا آرٿڪ - سنبنڌ وڏيڪ مظبوط ٿيا آهن. اِزرائيل، جپان ، چين، يورپين سنگهه سان اَسانجي ڏي - وٺ وڏيڪ وڌيل ٿي آهي.
- اَنتراشٽريه ۽ پراديشڪ سطح تي اَنيڪ آرٿڪ سنگهٺن ۾ اَسانجي حصيداري وڌي. مثال طور جي - ۲۰، ۽ BRICS

(Brazil ,Russia, India, China, Suoth Africa)

برڪس

بوءِ - نشاني

## ڪري ڏسو

ڀارت ۽ آمريڪا اِنهن ٻنهي ملڪن ۾ اَنيڪ ٻالهين ۾ سمانتا (هڪجهڙائي) آهي. مثال طور:- ٻنهي ملڪن ۾ لوڪشاهي آهي. اَهڙيون هڪجهڙائي ڏيکاريندڙ ٻئي ٻہ ڪجھ ٻالهين کي ڳولهيو ۽ اُن جي آڌار تي پراجيڪٽ تيار ڪيو.

- آمريڪا سان اَسانجا سنٻنڌ پختا ٿيا آهن. اَسانجو هڪ ٻئي تي وشواس وڌيو آهي. اَنتراراشٽريہ مجموئي ۾ ڀارت جو آستان مٿي آهي.
- ڀارت جي اٽو نيتي ڀارت جي پرڏيهي نيتيءَ ۾ اَهميت جو حصو رکي ٿي. اَٽو شڪتيءَ جي معنيٰ ۽ اُن جو اِستعمال جو اَڀياس توهان اِتهاس، جاگرافي يا ڪيمسٽري وشين ۾ ڪيو هوندو. اَٽو شڪتيءَ جي اَهميت ڌيان ۾ رکي ڀارت آزاديءَ کان پوءِ جلدئي اَٽو اوُرجا جا ڪاريہ - ڪرم جو پايو وڌو. اُن لاءِ اَٽوُ - اوُرجا وياپڪ ۾ اَٽو - اوُرجا آيوگ برپا ڪيا. اَٽوُ - اوُرجا آيوگ جو پهريون پريزيڊنٽ ڊاڪٽر هومي ڀاڀا هو. اوُرجا جو نرمالڻ اِهو اُن پنيان هڪ مقصد آهي، پر لشڪر جي لياقت وڌائڻ، نرمالڻ ڪرڻ ٻہ اُن جو هڪ مقصد آهي. اُن سبب ۱۹۷۴ع سال ۾ ڀارت پوکرڻ ۾ پهرين اَٽو - ٽيسٽ ڪئي. سال ۱۹۹۸ ۾ ٻي ٽيسٽ اَٽو - ٽيسٽ ڪري ڀارت اَٽوُ - هٿيار نرمالڻ ڪيا آهن. اَٽوُ - هٿيار کي ڪٽي ويندڙ ۽ اُنهن کي پري مقرر هنڌ تي اُڇلائڻ لاءِ مسائيل ٻہ اَسان تيار ڪيا آهن اُن لاءِ هوائي فوڄ ۽ درياهي فوڄ کي طاقتور ۽ مضبوط ڪيو ويو آهي.

## ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

اَٽوُ - استرن وڏي پئماني تي بربادي ڪندڙ آهن. تنهنڪري اُنهن جو ڪڏهن ٻہ اِستعمال نہ ٿئي، اُن لاءِ لڳاتار ڪوشِشون ڪرڻ ضروري آهي. اَٽو - اَسترن جو ڦهلاءُ روڪڻ لاءِ ٻہ ڪرار ڪيا ويا آهن.
(۱) اَٽو اَسترن جي ڦهلاوَ تي بندش جو قرار. (NPT) (۲) اَٽو - ٽيسٽ تي بندش جو قرار (CTBT). اِنهن ٻنهي قرارن جون شرطون صرف وڏن ديشن کي فائدو پهچائڻ پيون. تنهنڪري وڪاس ڪندڙ ديشن تي تڪليف ڏيندڙ پابندي هئڻ سبب ڀارت اِنهيءَ قرار تي صحي نہ ڪئي.

## ڪري ڏسو

اَٽوُ - اَستر نرمالڻ ڪندڙ ديشن جو تعداد وڌندڙ آهي. اَٽوُ - اَستر جو ڦهلاءُ روڪڻ لاءِ توهان پنهنجي ڪلاس طرفان هڪ عرض تيار ڪريو. اِخبار ۾ اُن عرض کي ڇپرو ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪريو.

ڀارت هاڻي هڪ اَٽو - اَستر وارو ديس آهي. پر هڪ جوابدار اَٽو - اَسترڌاري راشٽرطور اِها ڀومڪا اَسان قبول ڪئي آهي. بنا - هٿيارن جي نيتيءَ کي ڀارت هميشه پنيرائي ڪندو آهي. ڇاڪاڻ تہ جڳہ ۾ شانتي بچاءُ هئڻ گهرجن، اِهائي ڀارت جو ڀومڪا آهي.

پرڏيهي - نيتيءَ جو اِن طرح جائزو وٺڻ کان پوءِ ايندڙ باب ۾ اَسين ڀارت جي بچاءُ ويوستا (بندوبست) جو اَڀياس ڪرڻ وارو آهيو.

## اَڀياس

۱. ڏنل جوابن مان صحيح جواب چونڊي بيان پورا ڪريو.

(۱) اَٽو شڪتي آيوگہ ٻڌائڻ جو مکيہ مقصد ----- هو.

(الف) لشڪري قابليت جو نرمالڻ ڪرڻ
(ب) اَٽو - آزمائش ڪرڻ
(ٿ) اَٽوُ - اَسترن جي ڦهلاوَ کي روڪڻ
(ڊ) شڪتي نرمالڻ ڪرڻ

(٢) جڳهه ۾ سيني راشٽرن جو سڀ کان وڌيڪ اَهميت رکندڙ مقصد ----- بڻيو آهي.
(الف) اڻو وڪاس (ب) مالي وڪاس (ث) اَڻوُ - ٽيسٽ (ڊ) بچاءُ بندوبست

(٣) ڀارت جي پرڏيهي نيتيءَ خاص طور هيٺ ڄاڻايل باٻُ اَهميت رکي ٿو.
(اَلف) آزاد مالي نيتي (ب) هڪ ٻي تي آڌار رکڻ (ث) ٻي - طرفدار نيتي

(۴) عيسوي سنه ۱۹۷۴ع ۾ ڀارت ----- ۾ اَڻوُ - ٽيسٽ ڪئي.
(الف) شري هري ڪوٽا (ب) ٿنبا (ث) پوکرڻ (ڊ) جئتاپور.

٢. هيٺ ڄاڻايل باب غلط آهن يا صحيح سبب ڏيئي سمجهايو.

(١) پنڊت نهروءَ ڀارت - چين جي سنبنڌ کي سڌارڻ لاءِ وڏو يوگدان ڏنو.
(٢) اَٽل - ٻهاري وجپاءِ پاڪستان سان سنبنڌ سڌارڻ لاءِ اَڳواڻي ڪئي.

٣. هيٺ ڄاڻايل ويچار سمجهايو.

(١) ڀارت جي پرڏيهي نيتي
(٢) راشٽريه هِت سنبنڌ (فائدا)
(٣) جڳهه جي شانتي

۴. اَڻو - اَسترن جي ڀرپور تياريءَ سبب جڳهه جي شانتيءَ کي خطرو پئدا ٿيو آهي. اِن وشيه بابت توهانکي ڇا ٿو لڳي؟

۵. هيٺ ڄاڻايل سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو:-

(١) ڀارت جي پرڏيهي نيتي ڪهڙن ملهن تي آڌار رکي ٿي؟
(٢) ڀارت - چين سنبنڌن سُڌارڻ ۾ ڪنهن ڪنهن يوگدان ڏنو؟
(٣) ڀارت جي پرڏيهي - نيتيءَ جا مقصد لکو.

٦. هيٺ ڄاڻايل ويچار چٽر تيار ڪيو.




**مشغولي:-**

پراچين زماني ۾ ڀارت جو ڪهڙن ڪهڙن ديشن سان واپاري سنبنڌ هئا. اُن جي ڄاڻ هٿ ڪريو.

# ٣ پارت جو بچاءُ - سرشتو

## اَچو، ٿورو دهرايون!

گذريل باب ۾ اَسان پارت جي پرڏيهي - نيتيءَ بنسبت اَڀياس ڪيو. ٻاهرين ملڪن جي حملي ۽ اَندروني ٻي - اِنتظامي کان بچاءُ ڪرڻ، سرحدن جو بچاءُ ڪرڻ، اِهي راشٽر جا بنيادي واسطو رکندڙ هِت - سنبنڌ آهن؛ اِهو اَسين سمجهون ٿا. اُن لاءِ هرهڪ راشٽر، راشٽريہ سطح کي هڪ مظبوط، پختو بچاءُ - سرشتو نرماڻ ڪري ٿو. پارت بہ هڪ راشٽريہ بچاءُ سرشتو نرماڻ ڪيو آهي. هن باب ۾ اَسين اُن جو سُڀاءُ، خاصيت ۽ سرشتي سامهون آيل للڪارن بنسبت ويچار ڪرڻ وارا آهيون.

## راشٽريہ - بچاءُ معنيٰ ڇا؟

اَنترراشٽريہ بندوبست، خودمختيار راشٽرن جو ٺاهيل آهي. اِهي خود - مختيار راشٽر هڪ ٻئي سان سهڪار ڪندا رهندا آهن، پر ڪنهن ڪنهن وقت اُنهن ۾ سنگهرش بہ ٿيندا رهندا آهن. راشٽر - راشٽر ۾ نسبت سرحد - نسبت تڪرار ٿيندا رهندا آهن. تہ ڪڏهن ڪڏهن پاڻيءَ جي ورهاست بابت جهيڙا - جهڳڙا نرماڻ ٿيندا آهن اَنترراشٽر قرارن جو پالن نہ ڪرڻ، هڪ - ٻئي سان هميشه ڇتاپيٽي ڪرڻ، پاڙيسري ديشن مان ماڻهن جا ميڙ پناه وٺڻ لاءِ اَچڻ، اهڙن ٻين بہ سبق سبب سنگهرش جهيڙو ٿي سگهي ٿو. راشٽر ۾ اَهڙيءَ طرح هڪ ٻئي جي خلاف هِت سنبنڌ نرماڻ ٿيڻ ٿي، اُنهن جي نبيري لاءِ ڳالهہ يا بحث - مباحثي جو سهارو ورتو وڃي ٿو. پر جيڪڏهن اهي ڪوششون بہ اَڻ - پوريون ٿين ٿيون، تڏهن ڪو راشٽر جنگ جو بہ ويچار ڪري ٿو. هڪ راشٽر جو ٻئي راشٽر تي حملو ڪرڻ، ٻئي راشٽر جو خود - مختياريءَ کي للڪار ڏيڻ آهي. اُن سبب راشٽر جي بچاءُ کي خطرو نرماڻ ٿئي ٿو. حملي ڪندڙ راشٽر فوجي سمرتيءَ سبب اَهڙي قسم جي للڪار جون نرماڻ ٿئي ٿو.

ڪهڙين بہ حالتن ۾ راشٽر جي خودمختياري ۽ وجود کي بچائي رکڻ، راجيہ جو پهريون فرض ۽ جوابداري آهي. اُن لاءِ راجيہ کي پنهنجو بچاءُ سرشتو قائم - دائم، سدائين تيار، نهايت جديد رکڻو پوي ٿو. اِنهيءَ کي راشٽر بچاءُ چئجي ٿو.



### ٻڌايو ڏسان؟

هڪ - ٻئي کي پورڪ ۽ هڪ ٻئي جي خلاف ڪجهہ مثال پارت ۽ پاڙيسري ديشن سان لاڳاپو رکندڙ هِت - سنبنڌ توهين ٻڌائي سگهندا ڇا؟

## راشٽريہ - بچاءُ کي محفوظ رکڻ جا طريقا

- راشٽر جي بچاءُ جو سنبنڌ جاگرافيءَ سان جُڙيل آهي. اُن جو سبب اِهو آهي تہ جاگرافيءَ جي نظر کان وڏيڪ ويجهو هوندڙ راشٽرن طرفان راشٽريہ بچاءُ جي خطري جو نرماڻ ٿيڻ جو اِمڪان آهي. اَسانجي جاگرافيڪل سرحد کي ڪهڙو خطرو آهي ۽ ڪهڙن ديشن کان خطرو آهي، اُن کي سمجهڻ اَهميت رکندڙ آهي.
- اِهو خطرو دوُر رکڻ لاءِ، راشٽر کي پنهنجي فوجي طاقت وڌائڻي پوندي آهي. هاڻوڪي تڪنيڪي گيان جو سهارو وٺي، خطري جي اَنداز جو جائزو وٺي، فوجي هٿيارن جو نرماڻ ڪرڻ، فوجي دل جديد هٿيارن هلائڻ ۾ تيار ڪرڻ وغيره طريقن جو سهارو وٺڻو پوي ٿو.
- جنگ جي طريقن سان سنگهرش جو فيصلو ڪرڻ ۽ راشٽريہ - بچاءُ کي مظبوط ڪرڻ، وڏيڪ تناءُ ۽ اَنتر - راشٽريہ خطرا پيدا ڪن ٿا. تنهنڪري ڪجهہ راشٽر ٻين راشٽر کان پنيرائي حاصل ڪري راشٽريہ بچاءُ جو خطرو گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

### ويچار ڪريو ۽ صلاح ڏيو:

هٿيارن جي سمرتيءَ بابت سڀ ديش هڪ - جهڙي (سمان) سطح تي نہ آهن. اَهڙيءَ حالت ۾ جيڪڏهن اَسانکي هٿيارگهٽائڻ جي نيتي جڳہ جي سطح تي لاڳو ڪرائڻي هجي تہ ڇا ڪرڻو پوندو؟

### توهانکي هي صحيح لڳي ٿو؟

فؤجي - طاقت وڌائڻ لاءِ راشٽر هڪ - ٻئي سان هٿيارن جي ڇٽاپيٽيءَ جون ڪوششون ڪن ٿا. اِنهيءَ هٿيارن جي ڇٽاپيٽيءَ سبب ٻي - سلامتيءَ جي پاونا وڌي ٿي. ٻي - سلامتيءَ جي پاونا راشٽري سلامتيءَ جو خطرو وڌائي ٿي. اِهو خطرو ٽارڻ لاءِ هٿيارن جي ڇٽاپيٽي نہ، پر هٿيارن کي گهٽائڻ جي غرض آهي.

### هيٺ ڄاڻايل ٽڪر پڙهو ۽ اُن هيٺان ڏنل سوالن جا جواب لکو:

اَنترراشٽريہ تڪرار ڇڏائڻ لاءِ شانتي ۽ ڳالهہ - ٻولهہ ذريعي هرهڪ راشٽر کي ڪوششون ڪرڻ گهرجن. اُن لاءِ راشٽر - راشٽر ۾ گفتگوُ ۽ ويچارن جي ڏي - وٺ وڌڻ گهرجي. راشٽر - راشٽر وچ ۾ هڪ - ٻئي تي جيترو وڌيڪ آڌار وڌندو، اوترو وڌيڪ شانتي ۽ سلامتي وڌندي. اُن سبب اَنتر - راشٽريہ سهڪاري وڌائڻ لاءِ بحث - مباحثو لاءِ گفتگوءَ لاءِ اَنيڪ وسيلا ۽ اِستيج حاصل ٿيندا. مالي نقصان جي ڊپ سبب راشٽر جنگہ ٽارڻ جي ڪوشش ڪندا.

١. مٿي ڄاڻايل ٽڪر مان ڪهڙو سنديش ملي ٿو؟

٢. راشٽر - راشٽر ۾ گفتگو ڪيئن وڌندي؟

٣. مالي - نقصان ۽ جنگہ وچ ۾ ڪهڙو سنٻنڌ آهي؟

**ڀارت جو بچاءُ سرشتو:** پيادو لشڪر، درياهي لشڪر ۽ هوائي فؤج اِنهن ٽن بچاءُ لشڪرن جو ڀارت جي بچاءُ سرشتي ۾ شُمار ٿئي ٿو. ڀارت جي جاگرافيڪل سرحدن جو بچاءُ ڪرڻ جي ذميداري پيادي - لشڪر تي آهي، درياهي - لشڪر ڀارت جي ساموندي سرحدن جو بچاءُ ڪري ٿو. ڀارت جي هوائي - سرحدن ۽ آسمان جو بچاءُ ڪرڻ جي جوابداري هوائي فؤج تي آهي. اِنهن ٽنهي دلن تي بچاءُ - منتراليہ جي اَختياري ٿئي ٿي، ڀارت ۾ پيادو - لشڪر تمام وڏو آهي. (اُهو دنيا ۾ ستون وڏو لشڪر مڃيو وڃي ٿو. پيادي - لشڪر جي وڏي کي 'جنرل' چئجي ٿو. درياهي فؤج جي وڏي کي 'ايئر-چيف مارشل' چئجي ٿو. هنن ٽنهي دلن ۾ (هم راجيہ) هڪجهڙائي رکڻ لاءِ ٢٠١٩ ۾ بچاءُ پرمکہ (Chief of Defence Staff) پد پرماڻ ڪيو ويو آهي. انهن پرمکن جي مقرري ڀارت جو راشٽرپتي ڪري ٿو.



پيادو لشڪر



درياهي لشڪر



هوائي لشڪر

### ڳولهيو ۽ سمَجهندَو...

لشڪري حڪومت معنيٰ ڇا؟

اَهڙي لشڪري - حڪومت ۾ لوڪشاهي هوندي آهي ڇا؟

ڀارت جو راشٽرپتي سيني بچاءُ دلن جو اعليٰ (Supreme Commander of the Defence Forces) ڪماندر هوندو آهي. راشٽرپتيءَ قبوليت کان سواءِ ڪوبہ بچاءُ دل جنگہ يا شانتيءَ سان سنٻنڌ رکندڙ فيصلا نہ ٿو ڪري سگهي. ڄاڪاڻ تہ راشٽرپتي ملڪي - اِختياريءَ جو عيوضي آهي. لوڪشاهيءَ ۾ ملڪي - پرڌانپڻو لشڪري - پرڌانپڻي کان مڃيو وڃي ٿو.

ڀارت جي بچاءُ - سرشتي ۾ ٽيئي بچاءُ - دل،

هاٿوڪا هٿڻ گهرجن. اُن لاءِ اَنيڪ اُپاءُ رٿائون ڪيون وڃن ٿيون. اُنهن مان ڪي ڪوچ - ڪندڙ سنستائون برپا ڪيون آهن. بچاءُ - دل ۾ آيل سيني سطحن تي آيل شخص پنهنجا - پنهنجا ڪم بهترين ڍنگ سان پورا ڪن. اُن لاءِ اَسانجي ديش ۾ اَينڪ خاص تعليم ڏيندڙ سنستائون به آهن. مثال طور پونا ۾ آيل نئشنل - ڊفيس ڏيندڙ سنستا اَئڪيڊيمي ۽ دهليءَ ۾ آيل ڊفيس-ڪاليج وغيره.

**نيم - لشڪري دل :** ڀارت ۾ بچاءُ - دَلَن کي مدد ڪرڻ لاءِ نيم لشڪري - دَلَ هوندا آهن. اُهي پوريءَ طرح نہ لشڪري هوندا آهن ۽ نہ مُلڪي تنهنڪري اُنهن کي نيم- لشڪري چوندا آهن. بچاءُ - دلن کي مدد ڪرڻ اِهو اُنهن جو مکيہ ڪم هوندو آهي. سرحدي-بچاءُ - دل، (Border Security Forces) ساموندي - ڪنارن جو بچاءُ ڪندڙ -دل (Coast Gurad) مرڪزي مخصوص پوليس - دلُ (Central Reserve Police Force) تڪڙي ڪارروائي ڪندڙن دَلُ (Rapid Action Force) اِهي سڀ نيم - لشڪري - دل ۾ شامل آهن.

ريل گاڏين بيهڻ جي جڳهين، تيل گڏ رکڻ جي جڳهين پاڻيءَ کي گڏ رکڻ جي جڳهين وغيره اَهميت رکندڙ جڳهين، هنڌن کي سلامت رکڻ جي جوابداري اَڌ - لشڪري - دلن جي ٿئي ٿي. اُن کان سواءِ سرحد جي نزديڪ آيل ايراضين ۾ نگرواسين جي من ۾ بچاءُ جي ڀاونا نرماڻ ڪرڻ لاءِ، چوريءَ مال آڻڻ کي روڪڻ سرحد جي آس - پاس پهريداري ڪرڻ جا اِهي سڀ ڪم سرحد جي بچاءُ - دل وارا ڪندا آهن.

ڀارت جي ساموندي ڪنارن جو بچاءُ ڪرڻ لاءِ ساموندي ڪنارن جو بچاءُ - دل ٺاهيو ويو آهي. ڀارت جي ساموندي حدن جي اَندر مڇي - ماريءَ جي پيشي کي بچاءُ ڏيڻ لاءِ، ساموندي رستي ٿيندڙ چوريءَ جي ڌنڌي کي روڪڻ وغيرهظ. ڪم ساموندي - ڪنارن جو بچاءُ - دل ڪري ٿو.

قاعدي ۽ سُٺي بندوبست رکڻ جا ڪم اَلڳہ - اَلڳہ راجين حڪومتي ڪاروبار جي اِنتظام رکڻ ۾ مدد مرڪزي محفوظ پوليس دَلُ ڪري ٿو. بم - گولي جي ڦاٽڻ وقت، دنگن - فسادن سبب ديش جي سلامتيءَ کي خطرو پيدا ٿئي ٿو. اَهڙن وقتن ۾ تيز ۽ فرتيلن ڍنگن سان رعيت جي جيون کي بنا رنڊڪ جي هڪ جهڙو ڪرڻ لاءِ ڪم تڪڙي ڪارروائي ڪندڙ دلُ ڪري ٿو.

شاگردن ۾ اِنتظام ۽ فوڄي تعليم لاءِ چاهُہ پيدا ٿي، اُن لاءِ فوجي تعليم وٺندڙ شاگردن جي سينا (NCC) برپا ٿي. اِنهيءَ ۾ اِسڪول ۽ ڪاليج پڙهندڙ شاگرد - شاگردياڻيون شريڪ ٿين ٿا.

**هوم - گارڊس:** آزاديءَ کان اَڳہ واري وقت ۾ هوم - گارڊس سنگهٽن ٺاهيو ويو. هوم - گارڊس ۾ ڀرتي ٿي نگرواسي ديش جي بچاءُ مو مددگار ٿي سگهي ٿو. ويهن کان پنجويهن سالن جي عمر وارا مرد ۽ ناريون هوم - گارڊس طور هن دل ۾ شامل ٿي سگهن ٿا.

پوليس سان گڏ عام ماڻهن جي بچاءُ ۾، فساد ۽ هڙتال جي وقت کير، پاڻي وغيره عوام جي جيون لاءِ ضروري شين کي پهچائڻ جا ڪم، آمدرفت جا ڪم، زلزلي وقت، ٻوڏ وقت، قدرت جي آپدا جي وقت ماڻهن کي مدد ڪرڻ جا ڪم وغيره هوم گارڊس مددگار سپاهي ڪن ٿا. هوم گارڊس مصيبت ۾ عوام جي جا مددگار سپاهي آهن.

### ڀارت جي بچاءُ سامهون هيٺ ڄاڻايل للڪارون آهن:

- آزاديءَ کان وٺي اَڄ تائين ڀارت جي بچاءُ سامهون پاڪستان ۽ چين راشترن خطرن پيدا ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون آهن. ڀارت ۽ پاڪستان وچ ۾ اَنيڪ مونجهارو پيدا ڪندڙ سوالي مسئلا آهن. جيئن تہ، ڪشمير جو مسئلو، پاڻيءَ جي ورهاست سان لاڳاپو رکندڙ تڪرار، ٻي - قائدي سرحدون اورانگهي اَچڻ جا مسئلا، سرحد جي ايراضيءَ سان سنبنڌ رکندڙ مسئلا. وغيره، اِنهن سوالي مسئلن جي نپٽاري لاءِ بحث - مباحث، (گفتگو) ڀارت هميشه ڪندو رهندو آهي. (ڀارت - پاڪستان سنبنڌ بنسبت توهانکي باب ٦ ۾ وڌيڪ اَڀياس مِلڻو آهي)
- ايشيا کنڊ ۾ ڀارت ۽ چين اِهي اَهميت رکندڙ ديش آهن. عيسوي سنہ ١٩٦٢ ع چين سان ڀارت

**آرٽڪ ۽ سماجڪ مجلس:** متحد جماعت جي آرٽڪ ۽ سماجڪ نيتيءَ ۾ تاهُه آڻڻ، ميلاپ ڪرائڻ جو ڪم ڪرائڻ اِهو هن سڀا جو مکيه مقصد آهي. هن سڀا ۾ ڪُل ۵۴ ميمبر تين ٿا. اُنهن ميمبرن جي چونڊ عام سڀا ڪري ٿي. هرهڪ ميمبر جي ڪم ڪرڻ جو مُدو ۳ سال ٿئي ٿو. هرهڪ سال ٽيو حصو ميمبر نئين - سر چونڊجن ٿا. سڀا ۾ فيصلو گهڻائيءَ سان ورتو وڃي ٿو.

**ڪم:**

(۱) غريبي، بي - روزگاري، آرٽڪ ۽ سماجڪ تفاوت، اَهڙن سوالي مثلن جي جڳهه جي سطح تي بحث - مباحثو ڪرڻ کان پوءِ اُنهن مثلن کي دور ڪرڻ لاءِ صحي رِٿائون ڏيڻ.

(۲) عؤرتن سان سنبنڌ رکندڙ سوال ۽ مسئلا سلجهائڻ، عورتن کي بلوان ڪرڻ، اِنسان حقن جو خيال ڪرڻ، بنيادي، آزادي، جڳهه جي سطح تي واپار، صحت سان سنبنڌ رکندڙ مسئلا، اِنهن سوالي مسئلن تي بحث - مباحثو ڪري فيصلا وٺڻ.

(۳) اَنتر راشٽريه سطح تي سانسڪرتڪ ۽ تعليمي سهڪاري برپا ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ.

(۴)(متحد - جماعت جڙيل اِنيڪ سنگهٺن جي ڪمن ۾ سهوُليت ۽ ميلاپ آڻڻ.

**سڀيواليه (سيڪريٽريٽ):** متحد - جماعت جو سرڪاري ڪم سنڀالڻ جي جوابداري سڀيواليه (سيڪريٽريٽ) تي آهي. هيءَ هڪ سرڪاري کاتن، سيڪريٽري، منتري - منڊلن جي آفيس آهي. سڀيواليه جي پرمکه کي وڏو صلاحڪار سيڪريٽري چئجي ٿو، اُن جي چونڊ عام - سڀا ۽ سلامتي سڀا ۽ سلامتي - مجلس (سڀا) ڪري ٿي. اُن جو عرصو پنجن سالن جو ٿيندو آهي.

**لکندا رهو:**

- اَڄ تائين جيڪي مها - سڀيوَ ٿيا آهن، اُنهن جا نالا لکو
- مها-سڀيو وڏيءَ سنا جا نگرواسي هئڻ گهرجن، اِهو ضروري آهي ڇا؟
- کهڙن راشٽرن جي نگرواسين کي مها - سڀيو عهدي لاءِ اَبرائي ڏني وڃي ٿي.
- هاڻوڪو مها - سڀيو ڪير آهي؟ اُهو ڪهڙي ديس جو آهي؟

**ڪم:**

(۱) ماحول ۾ تبديل، اِنساني حق، هٿيار - بندي، اَهڙين جڳهه جي اَنترراشٽريه مسئلن تي انترراشٽريه - سڀا سڏائڻ.

(۲) عام - سڀا ۽ سلامتي - سڀا جون بيٺڪن جو آيوجن ڪرڻ.

(۳) چاڻ جو سنگرهه ڪرڻ.

(۴) مشهوري ذريعي کي چاڻ پهچائڻ.

**اَنتر راشٽريه عدالت:** اَنترراشٽريه عدالت متحد - جماعت جي اِنصاف ڏيندڙ شاخ آهي. اَنتر راشٽر عدالت نيدرلئنڊ نالي ديش ۾ دِ-هيگ شهر ۾ آهي. هن عدالت ۾ ڪُل ۱۵ جج آهن. اُنهن جو چونڊ سلامتي - سڀا ڪندي آهي. هرهڪ جج جو عرصو ۹ سال ٿئي ٿو.

**ڪم:**

(۱)متحد - جماعت جو ميمبر ديش جي ٻن يا وڌيڪ راشٽريه ۾ تڪرار چڪائڻ.

(۲) اَنترراشٽريه قائدن جو مناسب معني ڪرڻ.

(۳) متحد راشٽريه سنگهٺن جي الڳ الڳ شاخائن يا لاڳاپو رکندڙ سنسٿائن کي قائدي بنسبت سوالن جي باري ۾ صلاح ڏيڻ

**اَنترراشٽريه عدالت:**

اَنتر راشٽريه عدالت اِها هڪ اَنتر سرڪاري سنگهٺن آهي ۽ هڪ اِنترراشٽريه نياءُ - سڀا عدالت) آهي. اُن جي هيڊ - آفيس نيدرلئنڊ جي دِ - هيگ شهر ۾ آهي. نسل واد کي نابود ڪرڻ، جنگ جي وقت ٿيندڙ گناهه، اِنسانيت جي خلاف ٿيندڙ تڪرار اِهي سڀ اَنترراشٽريه اِنساني سماج لاءِ چنتا جو سبب آهي. اَهڙن گنڀير گناهن ۾ شامل شخصن تي لڳل اِلزامن جي جاچ ڪرڻ ۽ اُنهن شخصن تي مقدمي هلائڻ جا ڪم هيءَ عدالت ڪري ٿي.



## اَڀياس

**١. هيٺ ڏنل هن جوابن مان ڪوبہ هڪ صحيح جواب لکي جملا پورو ڪيو.**

(١) ڀارت جو ----- بچاءُ دلت جو اعلي ڪمانڊر ٿيندو آهي.
(الف) پرڌان منتري (ب) راشٽرپتي (ڪ) بچاءُ - منتري (ڊ) راڄيہ پال

(٢) ڀارت جي ساموندي - ڪناري جو بچاءُ جي جوابداري سنڀاليندڙ دل ---- آهي.
(الف) پيدل - سينا (ب) ڪنارن جي سنڀال ڪندڙ دل (ٿ) سرحد جو بچاءُ ڪندڙ دل (ڊ) تڪڙي ڪارروائي ڪندڙ دل

(٣) شاگردن ۾ اِنتظام ۽ فوجي تعليم لاءِ چاهہ پيدا ڪرڻ لاءِ ---- برپا ڪئي ويئي آهي.
(الف) بي. ايس. ايف (ب) سي. آر. پي. ايف (ٿ) اين. سي. سي. (ڊ) آر. اي. ايف.

**٢. هيٺ ڄاڻايل بيان صحيح آهن يا غلط سبب ڏيئي سمجهايو.**

(١) ماڻهن جي بچاءُ لاءِ دهشتواد کي نابود ڪرڻ ضروري آهي.
(٢) هرهڪ راشٽر پنهنجي لاءِ مضبوط بچاءُ بندوبست نرماڻ ڪري ٿو.
(٣) ڀارت ۽ پاڪستان وچ۾ ڪنهن بہ قسم جا منجهيل مسئلا نہ آهن.

**٣. هيٺ ڄاڻايل ويچار سمجهايو.**

(١) تڪڙي ڪارروائي دل جا ڪم
(٢) ماڻهن جي سلامتي.
(٣) هوم - گارڊس

**٤. هيٺ ڏنل سوالن جا ٿوري ۾ جواب لکو.**

(١) راشٽر جي سلامتيءَ کي ڪهڙين ڳالهين مان خطرو نرماڻ ٿئي ٿو؟
(٢) سرحد - بچاءُ - دل جا ڪم لکو.
(٣) ماڻهن جي سلامتي معنيٰ ڇا؟

**٥. ڏنل هدايتن موجب ڪم ڪيو.**

١. مکيہ دَلن بنسبت هيٺ ڏنل تختو پورو ڪيو.

| بچاءُ | ڪم | پرمکہ | هاڻوڪي پرمکہ جو نالو |
|---|---|---|---|
| پيادو لشڪر | ------ | ------ | ------ |
| - - - | ------ | اَئڊمرل | ------ |
| - - - | ڀارت جي هوائي سرحدن ۽ آڪاش جي بچاءُ ڪندڙ | ------ | ------ |

٢. ڀارت جي بچاءُ اَڳيان ايندڙ عام ويچار چٽر جي مدد سان ڏيکاريو.




**مشغولي:** ڀارت جي بچاءُ (سلامتيءَ) اَڳيان للڪارون اِن وشيہ تي اِسڪول ۾ بحث - مباحثي جو آيوجن ڪيو.

# ٤ متحد مُلڪي جماعت

هن باب نئون ڇا سکڻ وارا آهيون؟ اَنتر - راشٽريہ سطح تي اَمن - اَمان ۽ سلامتي هئڻ گهرجن. اُن لاءِ متحد جماعت اِهو اِنترراشٽريہ سنگهٽن برپا ڪيو ويو. اِنهيءَ سنگهٽن جا مقصد، اُصول، رچنا، ۽ اَمن - اِمان جي سلامتيءَ لاءِ اُن جي پومڪا، اِنهن سڀني جو اَڀياس هن باب ۾ ڪرڻو آهي.

**متحد مُلڪي جماعت:** پَس - منظر - ٻئد ويهين صديءَ جي شروعات ۾ ٻہ مهاڀاري لڙايون ٿيون. اِنهن مهاڀاري لڙاين سبب وڏي اِنداز ۾ زنده حياتين جو نقصان ۽ مالي نقصان ٿيا. اُن سبب جڳہ جي شانتي قائم ڪرڻ لاءِ هڪ سرشتو نرماڻ ڪرڻ گهرجي. اِنهيءَ ويچار جي احساس مان پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ راشٽر - سنگهہ ۽ ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ متحد - جماعت اِنهن اَنتر-راشٽريہ - سنگهٽن کي برپا ڪيو ويو. پهرئين مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ برپا ٿيل راشٽر سنگهہ کي اميد موجب ڪاميابي نہ ملي. پر ٻين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ اٽو بم جي استعمال کان پوءِ اهڙا يڌ نہ ٿين اها سڀني راشٽرن جي گڏيل جوابداري آهي اهو ويچار اڳيان آيو. اها سمجهہ سڀني راشٽرن ۾ نرماڻ ڪرڻ لاءِ متحد جماعت سنگٽن ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ برپا ڪيو ويو.

## متحد ملڪي- جماعت جي برپا ٿيڻ جو

**سِلسليوار وقت:** ٻي مهاڀاري لڙائيءَ جي درميان ١٤ آگسٽ ١٩٤١ ۾ اِنگلينڊ جي پردان - منتري ونسٽن چرچل ۽ اَميريڪا جي پريزيڊنٽ فرئنڪلن ڊي. روزويلٽ جي وچ ۾ آٽلانٽڪ عهدنامو ٿيو. اِنهيءَ عهدنامي موجب جنگ ختم ٿيڻ کان پوءِ اَنتر راشٽريہ سلامتي نرماڻ ڪرڻ لاءِ هڪ قائم - دائم بندوبست نرماڻ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. اِنهيءَ فيصلي تي سنہ ١٩٤٤ع ۽ سنہ ١٩٤٥ ۾ ٿيل دوست راشٽرن جي پريشد، ۾ وڏي پئماني تي بحث مباحثو ڪيو ويو. ۽ اُن مُوجب اَنتراشٽريہ سنگهٽن برپا ڪرڻ لاءِ عهدنامي لاءِ مسوّدو تيار ڪيو ويو. اَميريڪا جي سن- فرئنسڪو شهر ۾ سنہ ١٩٤٥ع ۾ پنجاهہ راشٽرن جي عيوضين وستار سان بحث - مباحثو ڪري متحد جماعت اِختيارنامو تيار ڪيو. اِنهيءَ اِختيارنامي تي صحيون ٿيڻ کان پوءِ، جنگ ختم ٿيڻ کان پوءِ ٢٤ آڪٽوبر سنہ ١٩٤٥ع ۾ مُتحد - جماعت سنگٽن برپا ڪيو ويو. متحد - جماعت اِهو خود - مختيار راشٽرن جو سنگهٽن آهي.



**ٻڌايو ڏسان؟**

- جنگ جي درميان ٿيل پريشد ۾ پارٽ شريڪ ٿيو هو ڇا؟
- 'متحد - جماعت جو ڏينهن' طور ڪهڙو ڏينهن ملهايو ويندو آهي؟

## متحد - جماعت: سنگهٽن جا مقصد

متحد - جماعت اِها جڳہ ۾ سڀني کان وڏو اَنتراشٽريہ سنگهٽن آهي. شروعات ۾ صرف ٥٠ ديش اِنهيءَ سنگهٽن جا ميمبر هئا. اَڄ ميمبرن جو تعداد ١٩٣ کان وڌيڪ آهي. اِهي سڀ ميمبر متحد - جماعت جي اِستيج تي گڏ ٿيندا آهن. متحد - جماعت جا ڪجهہ طئہ ٿيل مقصد آهن. متحد - جماعت جڳہ ۾ شانتي نرماڻ ڪرڻ لاءِ ضروري سڀ اُپاءَ رٿيندي آهي.

- راشٽرن جي وچ ۾ دوستانا سنبند قائم ڪرڻ.
- اَنترراشٽريہ سوالي مسئلا شانتي مارگ سان ڇڏائي، اَنترراشٽريہ سلامتيءَ ۾ واڌارو ڪرڻ.
- اِنسان - حقن ۽ آزادي کي بچائڻ ۽ اُن جو واڌارو ڪرڻ.

اُن سان گڏوگڏ اَنترراشٽريہ سطح تي مالي سهڪارُ وڌائڻ بہ متحد - جماعت جو مقصد آهي. خود - مختيار راشٽرن جي ايلچين جا، خاص عملدارن جو آدر ڪرڻ ٻين ديشن تي حملا نہ ڪرڻ، اَنتر راشٽريہ قاعدن ۽ قرارن جو پالن ڪرڻ، اِهي سڀ ميمبر راشٽرن جا فرض آهن.

متحد - جماعت، خود - مختيار راشٽرن جو گڏجي نرماڻ ٿيل سنگٺن آهي. ٺنهنڪري سُياويڪ اِهو سنگٺن ڪن يا نيمن تي آڌارُ رکي ٿو. اِهي اُصول ٿوري ۾ هن ريت آهن.

## متحد - جماعت جا اُصول:

١. سيني ميمبر راشٽرن جو هڪ جهڙو درجو ٿيندو. جاگرافي - بناوت، آرٿڪ ۽ فوجي طاقت جي آڌار تي راشٽر - راشٽر وچ ۾ ڪنهن بہ قسم جو ڀيدُ - ڀاءُ نہ ڪيو ويندو.

٢. متحد - جماعت جي سيني ميمبر راشٽرن کي هڪ - ٻئي ديش جي آزادي ۽ جاگرافيڪل ايڪتا جو آدر ڪرڻ گهرجي.

٣. سيني ميمبر راشٽرن کي پنهنجا اَنترراشٽريہ تڪرار، پنهنجا جهيڙا شانتي - مارگہ اَپنائي چڏائڻ گهرجن.

**هيٺ ڄاڻايل سوالن جا جواب ڏيئي سگهندا ڇا؟**

- اَنترراشٽريہ سلامتيءَ کي گنڀير خطرو نرماڻ ٿيڻ جي حالتن ۾ متحد - جماعت هٿيارن سان دست - اَندازي ڪري سگهي ٿي ڇا؟
- اِنساني - حقن ۽ آزاديءَ جي واڌاري لاءِ متحد - جماعت ڪهڙا قدم کنيا آهن.

**متحد - جماعت جي رچنا:** متحد جماعت جي اختيارناميءَ ۾ هن سنگٺن جي رچنا ۽ ڪم ڪرڻ جي طريقي بابت ڄاڻ ڏنل آهي.
متحد جماعت جون ڇهہ مکيہ شاخائون آهن.
(١) عام - سڀا (٢) سلامتي - مجلس (پريشد) (٣) آرٿڪ ۽ سماجڪ - مجلس (۴) اَنتر راشٽريہ عدالت (۵) ذميدار اَمانتدار منڊل (٦) سڇيواليہ.



متحد - جماعت: مکيہ - وياپڪ سيڪريٽريٽ:

اِنهن چهن وياپَن کان سواءِ متحد - جماعت جي ڪمن ۾ مدد ڪندڙ متحد جماعت سان لاڳاپو رکندڙ اَنيڪ سنستائون آهن. اُنهن کي خاص ڪيترن ۾ ڪم ڪندڙ سنستا چئجي ٿو. خاص ڪيترن ۾ ڪم ڪندڙ اِها سنستا جڳہ ۾ آيل راشٽرن کي اُنهن جي ڪمن ۾ مدد ڪن ٿيون. اَنتر - راشٽريہ مزور سنگهٽن اَناج ۽ کيتيءَ جو سنگهٽن جڳہ جي تندرستيءَ لاءِ سنگهٽن وشو وياپي بئنڪ، اَنترراشٽريہ ناڻي جو فنڊ يونائيٽيڊ نيشنس چلڊرن فنڊُ متحد جماعت جي تعليمي، وگيانڪ ۽ سانسڪرتڪ سنگهٽن اَهڙيون کي اَهميت پريون لاڳاپو رکندڙ سنستائون آهن.

**عام - سيا:** متحد - جماعت جا سڀ ميمبر ديش عام سيا جا ميمبر هوندا آهن. ديش شاهوڪار هجي يا غريب، وڏو هجي يا ننڍو، اُنهن جو عهدو ۽ درجو هڪ جهڙو هوندو آهي. معنيٰ هرهڪ راشٽر کي هڪ رايو هوندو آهي. هرهڪ سال سيپيٽمبر کان ڊسمبر جي وقت ۾ عام - سيا جو اِجلاسُ هوندو آهي. اِنهيءَ اِجلاس ۾ پسگرداڻيءَ تي اَثر ڪندڙ ڳالهين، هٿيار بندي، اِهڙن اَهميت رکندڙ وشو - وياپي وشين تي بحث - مباحثو ٿيندو آهي. عام - سيا جا فيصلا گهڻائيءَ واري راءِ ورتا ويندا آهن. عام - سيا جا اِهي فيصلا ٺهراءُ جي صورت ۾ هوندا آهن. معنيٰ عام - سيا فقط ٺهراءُ پاس ڪندي آهي. عام - سيا قائدا نہ ٺاهيندي آهي. ميمبر - راشٽرن جي عيوضين کي گڏ ڪري. بحث ڪرڻ لاءِ، اَهميت رکندڙ جڳہ جي سوالي - مسئلن جي نيتي ٺاهڻ لاءِ هڪ اِستيج طور عام - سيا جي اِهميت آهي.

## عام - سيا جا ڪم:

(١) سلامتي سمتيءَ تي عارضي طور ميمبر چونڊڻ.

(٢) سلامتي - مجلس (پريشد) سان گڏ متحد - جماعت جي وڏي صلاحڪار سيڪريٽري ۽ اَنتر راشٽريہ - عدالت جي ججن جي چونڊ ڪرڻ.

(٣) متحد - جماعت جي ساليانِي - بجيت منظور ڪرڻ.

متحد - جماعت جي هيڊ - آفيس نِيوُ - ياريڪ ۾ آهي. اَنگريزي، فرينچ، رشين، اِسپينش، چيني ۽ عربي اِهي متحد جماعت جون اَختياري مليل، مقرر ڪيل ڀاشائون آهن.

**سلامتي - سيا :** سلامتي - مجلس (سيا) سيا ۾ ڪُلُ ١٥ ميمبر ٿيندا آهن. اُن ۾ ٥ ميمبر قائم - دائم ۽ ١٠ ميمبر عام کي - طور --- ٿيندا آهن. عارضي - طور ميمبرن جي چونڊ هر ٢ سال عام - سيا ڪندي اهي. اَميريڪا، رشيا، اِنگلئنڊ، فرانس ۽ چين اِهي. سلامتي - مجلس (سيا) جا قائم - دائم ميمبر آهي. ٥ قائم - دائم ميمبرن ۽ گهٽ ۾ گهٽ ۴ عارضي طور ميمبر ها ڪرڻ ضروري آهي.

قائم - دائم ميمبر مان ڪنهن بہ هڪ ميمبر جيڪڏهن حاڪمائي - نامنظوري ڏني تہ فيصلو نہ وٺي سگهبو آهي.

## سلامتي - مجلس (پريشد) جا ڪم

(١) اَنتر - راشٽريہ شانتي ۽ سلامتي رکڻ، اِها سلامتي - مجلس جي مکيہ جوابداري آهي. اَنترراشٽريہ سنگهرشن جي حالتن ۾ سنگهرش شائي شانتي برپا ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ، آرٿڪ - پابندي وجهڻ، يا راشٽر جي خلاف حملو ڪرڻ واري حالت ۾ فوڄي ڪارروائيءَ جو فيصلو ڪرڻ، اِنهن ٻنهي مان ڪنهن بہ هڪ اُپاوَ وٺڻ جي سِفارش سلامتي مجلس ڪري سگهي ٿي.

(٢) هٿيارن تي ضابطو رکڻ جون رٿائون تيار ڪرڻ جو ڪم سلامتي - مجلس ڪري ٿي.

(٣) عام - سيا سان گڏو - گڏ اَنترراشٽريہ عدالت جا ججن جي ۽ متحد - جماعت جي وڏي صلاحڪار سيڪريٽريءَ جي چونڊن ۾ سلامتيءَ مجلس (سيا) حصو وٺي ٿي.

سلامتي - مجلس جي رچنا ۾ تبديل ٿئي ۽ اُن جي صورت ۾ وڌيڪ لوڪشاهي اَچي، اِنهيءَ نظرئي کي ڌيان ۾ رکي سڏارن جي سفارش ڪئي وڃي ٿي سلامتي - مجلس ۾ ڀارت کي قائم - ميمبرشپ ملي اُن لاءِ ڀارت ڪوشش ڪري رهيو آهي.

**آرٽڪ ۽ سماجڪ مجلس:** متحد جماعت جي آرٽڪ ۽ سماجڪ نيتيءَ ۾ ناهُه آڻڻ، ميلاپ ڪرائڻ جو ڪم ڪرائڻ اِهو هن سڀا جو مکيہ مقصد آهي. هن سڀا ۾ ڪُل ۵۴ ميمبر ٿين ٿا. اُنهن ميمبرن جي چونڊ عام سڀا ڪري ٿي. هرهڪ ميمبر جي ڪم ڪرڻ جو مُدو ۳ سال ٿئي ٿو. هرهڪ سال ٽيو حصو ميمبر نئين - سر چونڊجن ٿا. سڀا ۾ فيصلو گهٽائيءَ سان ورتو وڃي ٿو.

**ڪم:**

(۱) غريبي، بي - روزگاري، آرٽڪ ۽ سماجڪ تفاوت، اَهڙن سوالي مٿئلن جي جڳہ جي سطح تي بحث - مباحثو ڪرڻ ڪان پوءِ اُنهن مٿئلن کي دور ڪرڻ لاءِ صحي رِٿائون ڏيڻ.

(۲) عؤرتن سان سنبنڌ رکندڙ سوال ۽ مسئلا سلجهائڻ، عورتن کي بلوان ڪرڻ، اِنسان حقن جو خيال ڪرڻ، بنيادي، آزادي، جڳہ جي سطح تي واپار، صحت سان سنبنڌ رکندڙ مسئلا، اِنهن سوالي مسئلن تي بحث - مباحثو ڪري فيصلا وٺڻ.

(۳) اَنتر راشٽريہ سطح تي سانسڪرتڪ ۽ تعليمي سهڪاري برپا ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ.

(۴)(متحد - جماعت جڙيل اِنيڪ سنگهنن جي ڪمن ۾ سهوليت ۽ ميلاپ آڻڻ.

**سڇيواليہ (سيڪريٽريٽ):** متحد - جماعت جو سرڪاري ڪم سنڀالڻ جي جوابداري سڇيواليہ (سيڪريٽريٽ) تي آهي. هيءَ هڪ سرڪاري کاتن، سيڪريٽري، منتري - منڊلن جي آفيس آهي. سڇيواليہ جي پرمکہ کي وڏو صلاحڪار سيڪريٽري چئجي ٿو، اُن جي چونڊ عام - سڀا ۽ سلامتي سڀا ۽ سلامتي - مجلس (سڀا) ڪري ٿي. اُن جو عرصو پنجن سالن جو ٿيندو آهي.

**لڪندا رهو:**

- اَڄ تائين جيڪي مها - سڇيوَ ٿيا آهن، اُنهن جا نالا لکو
- مها-سڇيو وڏيءَ ستا جا نگرواسي هئڻ گهرجن، اِهو ضروري آهي ڇا؟
- کهڙن راشٽرن جي نگرواسين کي مها - سڇيو عهدي لاءِ اُڀرائي ڏني وڃي ٿي.
- هاڻوڪو مها - سڇيو ڪير آهي؟ اُهو کهڙي ديس جو آهي؟

**ڪم:**

(۱) ماحول ۾ تبديل، اِنساني حق، هٿيار - بندي، اَهڙين جڳہ جي اَنترراشٽريہ مسئلن تي انترراشٽريہ - سڀا سڏائڻ.

(۲) عام - سڀا ۽ سلامتي - سڀا جون بئٺڪن جو آيوجن ڪرڻ.

(۳) ڄاڻ جو سنگرهہ ڪرڻ.

(۴) مشهوري ذريعي کي ڄاڻ پهچائڻ.

**اَنتر راشٽريہ عدالت:** اَنترراشٽريہ عدالت متحد - جماعت جي اِنصاف ڏيندڙ شاخ آهي. اَنتر راشٽر عدالت نيدرلئنڊ نالي ديش ۾ دِ-هيگہ' شهر ۾ آهي. هن عدالت ۾ ڪُلُ ۱۵ جج آهن. اُنهن جو چونڊ سلامتي - سڀا ڪندي آهي. هرهڪ جج جو عرڻو ۹ سال ٿئي ٿو.

**ڪم:**

(۱)متحد - جماعت جو ميمبر ديش جي ٻن يا وڌيڪ راشٽرن ۾ تڪرار ڇڏائڻ.

(۲) اَنترراشٽريہ قائدن جو مناسب معنيٰ ڪرڻ.

(۳) متحد - جماعت جي اَلڳہ - اَلڳہ شاخائن يا لاڳاپو رکندڙ سنستائن کي قائدي بنسبت سوالن جي باري ۾ صلاح ڏيڻ

**اَنترراشٽريہ عدالت:**

اَنتر راشٽريہ عدالت اِها هڪ اَنتر سرڪاري سنگهنن آهي ۽ هڪ اِنترراشٽريہ نياءُ - سڀا عدالت) آهي. اُن جي هيڊ - آفيس نيدرلئنڊ جي دِ - هيگہ شهر ۾ آهي. نسل واد کي نابود ڪرڻ، جنگہ جي وقت ٿيندڙ گناهہ اِنسانيت جي خلاف ٿيندڙ تڪرار اِهي سڀ اَنترراشٽريہ اِنساني سماج لاءِ چنتا جو سبب آهي. اَهڙن گنڀير گناهن ۾ شامل شخصن تي لڳل اِلزامن جي ڄاچ ڪرڻ ۽ اُنهن شخصن تي مقدمي هلائڻ جا ڪم هيءَ عدالت ڪري ٿي.

## ذميدار/امانت دار منڊل: (Trusteeship Council)

ٻي مهارياري جنگ کان پوءِ جي وقت ۾ جيڪي پرديش يا ڪالونين ۾ وڪاس نہ ٿيو هو، اُنهن جي وڪاس جي جوابداري وڪاس ٿيل راشٽرن کي ڏني ويئي هئي. اُنهن وڪاس ٿيل راشٽرن کي اَهڙن پرديشن جي وڪاس لاءِ مدد ڪرڻ ۽ اُنهن کي آزادي وٺي ڏيڻ ۾ ۽ اُتي لوڪشاهي برپا ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ جي اُميد هئي ۽ اُنهن ڪمن جي جوابداري ذميدار منڊل کي ڏني ويئي. اِنهيءَ ذميدار - منڊل جو ڪم ختم ٿيو آهي.

> ذميدار منڊل جو ڪم ۱ نومبر ۱۹۹۴ع تي پلائوُ اِنهيءَ ديش کي آزادي ملڻ ڪانپوءِ ختم ٿيو آهي. پلائوُ اِهو فليپنس راشٽر جي ۵۰۰ ميٽر اوپر ۾ آيل پرشانت مهاساگر جو هڪ ٻيٽ آهي.

## هزارن سالن جي وڪاس جا مقصد

متحد راشٽر جي ميمبر راشٽرن ۲۰۰۰ع سال ۾ گڏجي هڪ نئين هزارن جي وڪاس - مقصد طئہ ڪيا. اُنهن مان ڪجهہ اَهميت رکندڙ مقصد هيٺ ڄاڻايل آهن:-

- غريبي ۽ بُکہ جي پاڙ پٽي ڪيڍڻ
- بنيادي تعليم جي سهوليت ميسر ڪري ڏيڻ
- عورتن کي سمرٿ بڻائڻ، ٻارن جي موُت جو تعداد گهٽ ڪرائڻ.
- گرڀوتي عورتن جي صحت جي خاص سنڀال وٺڻ.
- ائڊس، مليريا وغيره بيمارين سان جنگہ جوٽڻ.
- ماحول جو بچاءُ ڪرڻ ۽ وڪاس ڪندڙ ۽ وڪاس ٿيل ديش جي وچ ۾ سهڪار وڌائڻ.

اِنهن مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ وقت بہ مقرر ڪيو ويو آهي.

يوُنيسيف ۽ يونيسڪو جي مدد سان پارٽ هزارين وڪاس مقصد حاصل ڪرڻ ۾ ذڪر ڪندڙ ترقي ڪئي آهي.

> متحد - جماعت جو ٻارن لاءِ فنڊ معنيٰ يونيسيف (UNICEF) اِها هڪ متحد - جماعت سان لاڳاپو رکندڙ سنسٿا آهي. ننڍن ٻارن کي قوت - بخش کاڌو ۽ صحت شيوائون ڏيڻ لاءِ يونيسيف ڪم ڪري ٿي. يونيسيف جي مدد سان ڀارت ۾ ٻارن جي بنا قوت - بخش کاڌي جي مسئلي کي دور ڪرڻ لاءِ، اُپاءَ رٿائون ڪرڻ لاءِ جدا - جدا قسمن جون ڪاريہ شالائون آيوجت ڪيون ويون آهن.
>
> UNESCO اِن متحد جماعت سان جڙيل سنسٿا جي مدد سان تعليم، وگيان، سنسڪرتي ۽ سهڪار وڌائي جڳہ ۾ شانتي ۽ سلامتي قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

## متحد - جماعت ۽ شانتيءَ جو بچاءُ

اَنتر - راشٽريہ - تڪرارن کي شانتي - مارگہ سان ڇڏائڻ اِهو متحد - جماعت جو مقصد آهي اِهي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪهڙا مارگہ اَپنائڻ گهرجن، اِهو متحد - جماعت جي سند ۾ ڄاڻايو ويو آهي.

جن راشٽرن جي وچ ۾ تڪرار آهي اُنهن راشٽرن کي قبول ٿيندڙ امين (وچواهوُتياڪر) کي مقرر ڪرڻ، نياءَ - ترتيب جو پالن ڪرڻ، تڪرار جي لاءِ اَمين مقرر ڪرڻ، ضرورت پيئي تہ فوڄي - طاقت جو اِستعمال ڪرڻ ۽ وري اِهڙي قسم جا تڪرار نہ ٿين، اُن جي خبرداري رکڻ وغيره مارگہ ان ۾ شامل آهن. اَڄ جي وقت ۾ دهشتواد، نسل بنسبت تڪرار ۽ مذهبي تڪرار سبب خطرو نرماڻ ٿيل آهي. ا ڪري متحد جماعت جي شانتيءَ جي ڪمن ۾ اَهميت وڌي آهي. تڪرار ۾ آيل پرديشن ۾ وري هنسا جي اُٿل نہ اَچي ۽ جلد بہ جلد رواجي حالتون نرماڻ ٿين، اُن لاءِ متحد جماعت سنگهٺن ڪي ڪوششون ڪري ٿو. مثال طور اِسڪول شروع ڪرائڻ، جنتا ۾ اِنساني حقن لاءِ جاڳرتا پيدا ڪرڻ سماڄڪ، آرٿڪ، سياسي سهوليتون نرماڻ ڪرڻ، چونڊون ڪرائڻ وغيره.

- ماسترن جي مدد سان يوگو سلا ويا، نامبيا، ڪمبوڊيا، سوماليا، هئٽي، ٿائلينڊ وغيره راشٽرن ۾ متحد جماعت هلايلشانتيءَ جي بچاءُ لاءِ ڪيل مُهل جي ڄاڻ حاصل ڪيو.
- متحد - جماعت جي شانتيءَ سئنا لاءِ فوڄ موڪلڻ ۾ ڪهڙا راشٽر گوءِ ڪٽنڊڙ اڳرا آهن، اُنهن راشٽرن جي فهرست تيار ڪريو.



پارٽيہ شانتي - سئنڪ

## متحد - جماعت طرفان شانتيءَ جو بچاءُ:

تڪرار ۾ مبتلا پرديشن ۾ قائم - دائم شانتي نرماڻ ٿئي اُن لاءِ طاقت ڏيندڙ حالتون نرماڻ ڪرڻ جا ڪم هن يوجنا معرفت ڪيا ويندا آهن. متحد جماعت جي شانتيءَ جي بچاءُ ڪندڙ هيءُ يوجنا، تڪرار ۾ مبتلا پرديشن کي شانتيءَ جي سفر ڏانهن وڃڻ ۾ مدد ڪري ٿي. سنگهرش ۾ آيل پرديشن ۾ سلامتيءَ سان گڏو گڏ سياسي ۽ شانتي بحالي رکڻ ۾ مدد ڪري ٿي. اَنترراشٽريہ شانتي ۽ سلامتيءَ جو سچي جڳهہ ۾ حفاضت ۽ واڌارو ڪرڻ لاءِ متحد جماعت جيڪي اَنيڪ قسمن جا ڪم ڪري ٿي اُنهن مان هڪ ڪم شانتيءَ جو بچاءُ ڪرڻ آهي. اُن جو پورائو ڪندڙ ٻئي ڪم هن ريت آهن. اِهي ڪم بہ شانتيءَ جي بچاءُ ڪمن ۾ شامل آهن.

- تڪرار تي روڪ ۽ اَمين.
- شانتي حقيقت ۾ ڏسڻ ۾ اَچي، اَهڙي برپا ڪرڻ.
- شانتي بچاءُ لاءِ رٿيل يوجنائن جو عمل ڪرڻ.
- شانتيءَ کي اَڏڻ

## متحد جماعت ۾ ڀارت

متحد - جماعت جي برپا ٿيڻ کان اَڳہ جيڪي خاص سپائون ٿيون هُيون اُنهن ۾ ڀارت حصو ورتو هو. جلا وطني ڪرڻ، هٿياربندي، نسُلُ - تفاوت (ونش - ڀيد) اَهڙن اَنيڪ سوالي مسئلن کي متحد - جماعت جي اِسٽيج تي ٿاهي جوڙي رکڻ ۾ ڀارت مدد ڪئي. متحد - جماعت ۾ سنہ ١٩٤٦ع ۾ رنگ - ڀيد جي ساڙ واري سوالي مسئلي کي اُٿارڻ وارو ڀارت پهريون ديش هو. متحد - جماعت جي اَڳيان وڪاس - ڪندڙ ۽ وڪاس - ڪيل راشٽرن جي مسئلن تي ڀارت هردم اَڳواڻي ڪئي اهي. متحد - جماعت جي شانتي - سئنا ۾ ڀارت هردم پنهنجا فوڄي سپاهي موڪليا آهن. ايتروئي نہ، پر ڀارت عوُرتن جي فوڄي شانتي سئنا بہ موڪلي آهي. اَنتراشٽريہ تڪرار شانتي - مارگہ اَپنائي سُلجهائڻ، ڇڏائڻ گهرجن، اُن لاءِ ڀارت ڪوششون ڪري رهيو آهي، اِهو صاف ظاهر ٿئي ٿو.



## اَڀياس

**١. هيٺ ڏنل هر - معنيٰ جوابن مان صحيح جواب چونڊي - بيان پورا ڪيو.**

(١) هيٺ ڄاڻايل راشٽرن مان ڪهڙو راشٽر متحد جماعت جي سلامتي - مجلس قائم - دائم ميمبر نہ آهي.
(الف) آمريڪا (ب) رشيا
(ث) جرمني (ڊ) چين

(٢) ڀارت ۾ ٻارن کي بي - طاقت - واري ڪاڌي جي مسئلي لاءِ اُپاوَ - يوجنا ڪندڙ اَنيڪ ڪاريہ - شالائون آيوجن ڪندڙ سنسٿا.
(الف) يونيسيف (ب) يونيسڪو
(ث) ذميدار منڊل (ڊ) ريڊ - ڪِراسُ

(٣) متحد - جماعت سنگهنن جي ميمبر راشٽرن جو اڄ جو تعداد
(الف) ١٩٠ (ب) ١٩٣ (ث) ١٩٨ (ڊ) ١٩٩

## ٢. هيٺ ڏنل بيان غلط آهن يا صحيح اُهي سبب ڏيئي چٽيءَ طرح سمجهايو:-

(١) عام - سڀا جڳهه سان سنبنڌ رکندڙ مسئلن تي بحث - مباحثو ڪرڻ لاءِ هڪ اِسٽيج آهي.

(٢) متحد - جماعت جي سيني ميمبر راشٽرن جو درجو هڪ جهڙو هوندو آهي.

(٣) چين جي سلامتي - مجلس ۾ حاڪمراني - نامنظوري ڏيڻ ڪان پوءِ به (فيصلو) قبول ڪري سگهي ٿو.

(۴) متحد - جماعت جي ڪمن ۾ ڀارت اَهميت وارا خاص ڪم ڪيا آهن.

## ٣. هيٺ ڄاڻايل ويچار چٽيءَ طرح سمجهايو

(١) حاڪمائي نامنظوري

(٢) يونيسيف

## ۴. ڏنل سوالن جا ٽوري ۾ جواب لکو.

(١) متحد - جماعت سنگهٽن جي برپا ٿيڻ جا سبب لکو.

(٢) متحد - جماعت جي شانتي سينا ڪهڙي ڀومڪا نڀائيندي آهي؟

(٣) متحد - جماعت جا مقصد لکو.

## ۵. ڏنل هدايت مُوجب ڪم ڪيو.

(١) متحد - جماعت جي ڳهٽڪ شاخائن بنسبت چارٽ ڏيندڙ تختو پورو ڪيو.

| نمبر | شاخ | ميمبرن جو تعداد | ڪم |
| --- | --- | --- | --- |
| ١ | عام - سڀا | | |
| ٢. | سلامتي سڀا (مجلس) | | |
| ٣. | اَنتر راشٽريہ عدالت | | |
| ۴. | آرٿڪ ۽ ساماجڪ پريشد | | |

(٢) متحد - جماعت برپا ڪرڻ جي وقت جو سلسلو هيٺ ڄاڻايل وقت جي ليڪ تي ڏيکاريو.




(٣) متحد - جماعت سان لاڳاپو رکندڙ هيٺ ڄاڻايل - تختو پورو ڪيو.




### مشغولي:-

(١) متحد - جماعت ٻارن ۽ عورتن جي وڪاس لاءِ ڪهڙيون يوجنائون عمل ۾ آڻي ٿي. اُنهن ڪمن جي چارٽ ڳڏُ ڪيو.

(٢) جڳهه جي تندرستيءَ لاءِ سنگهٽن بنسبت چارٽ ڳڏ ڪيو.

# ٥ ڀارت ۽ ڀيا ديش

## اَچو، ٿورو دُهرايون

اڳين باب ۾ اَسان متحد - جماعت، اِنهيءَ اَنترراشٽريه سنگهٺن جي بابت ۽ شانتيءَ جي بچاءُ لاءِ اُن جي ڀومڪا بنسبت ڄاڻ ورتيسين. شانتي جي بچاءُ جي ڪمن لاءِ ڀارت متحد جماعت کي هميشه مدد ڪئي آهي. هن باب ۾ اَسين ڀارت ۽ اُن جي پاڙيسري راشٽرن جي وچ ۾ آيل سنبنڌن بابت ڄاچ - پرک ڪندڙ جائزو وٺڻ وارا آهيون. ڀارت کان پري آيل ڪجهه ديشن سان ڀارت جا کهڙي قسمن جا سنبنڌ آهن، اِهو به اسانکي سمجهڻو آهي.

**اچو تہ ڳولهيون**

. ڏکڻ ايشيا جي نقشي جي مدد سان ڀارت جي سرحد کهڙن کهڙن راشٽرن سان ڳنڍيل آهي اِهو سمجهي وٺون.

ڀارت کان سواءِ ٻين کهڙن راشٽرن جون سرحدون ڳنڍيل آهن اُهي ڳولهيون.

## ڀارت ۽ پاڙيسري مُلڪ

جاگرافي ۽ سياسي نظرئي سان ڀارت جو ايشيا کنڊ ۾ اَهميت وارو درجو آهي. ڀارت جي




ڀارت پاڙيسري مُلڪ

پاڙيسري راشٽرن ۾ افغانستان، پاڪستان، شري لنڪا، بنگلا - ديش، ميانمار، نيپال، ڀوٽان، چين، مال - ديوَ اِهي ديش شامل آهن. هڪجهڙائي، هڪ ٻئي لاءِ آدرُ اِنهن ملڪن کي ڀارت جي پرڏيهي - نيتيءَ ۾ اِهميت آهي. اِنهن ملڪن جي پيروي ڪندي ڀارت پاڙيسري راشٽرن سان سنبنڌ قائم ڪيا آهن ڀارت جي اُپ کنڊ ۾ ڀارت اِهو بناوت ۾ سڀني کان وڏو ديش آهي ساڳيءَ طرح آرٿڪ ۽ تنتر گيان جي نظر سان ڀارت وڌيڪ ترقي ڪيل آهي. اُن سبب ايشيا جي راشٽرن ۾ ڀارت جو اَثر سُڀاويڪ آهي.

## ڀارت ۽ پاڪستان:

سنه ١٩٤٧ع ۾ ڀارت جي ورهاست سبب ڀارت ۽ پاڪستان اِهي ٻه ٻه آزاد ديش نرماڻ ٿيا.

ڀارت ۽ پاڪستان اِنهن ٻنهي ديشن جي سنبنڌن کي ٽن مسئلن جو اَثر آهي. (١) ٻنهي راشٽرن ۾ دنيا سان لاڳاپو رکندڙ نظرئي ۾ فرق (٢) ڪشمير مسئلو (٣) اَٽو (ٻم) بنسبت سنگهرش.

ڀارت ۽ پاڪستان اِنهن ٻنهي راشٽرن ۾ جڳه ڏانهن ڏسڻ جو نظريو اَلڳه - اَلڳه آهي. ڀارتيه جڳه کي ڏسڻ جي نظريئي موجب ڀارت ٿڌي - جنگه جي وقت ۾ لشڪري - سنگهٺن جي مخالفت ڪئي هئي ۽ ڀارت - پاڪستان تڪرار ٻنهي ڌُرين معنيٰ پاڻ ۾ نبيري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. سنه ١٩٧٢ع ۾ ٺيل سِملا - قرار اِنهيءَ اُصول تي آڌار رکندڙ آهي. اِن کان اُبتڙ پاڪستان، اِسلامي جڳه ۽ چين سان سنبنڌ رکڻ جي ڪوشش ڪري اَميريڪا جي لشڪر (فوَج) سنگهٺن ۾ داخل ٿيو.

پاڪستان کي ڀارت سان سنبنڌ قائم رکڻ بابت ڪشمير جو سوال وڏي اَهميت رکي ٿو. پهرين ڀارت - پاڪستان - جنگه ڪشمير جي سوال تي ١٩٦٥ ۾ ٿي. ٻنهي ديشن جي تڪرار نپٽائڻ لاءِ ١٩٦٦ ۾ تاشڪند - قرار ٿيو، پر اُن مان ڪجهه ٻه حاصل نه ٿيو. ١٩٧١ جي جنگه اِها بنگلا ديش جي نرماڻ سان سنبنڌ رکندڙ هئي، پر اُن جنگه ۾ ٻه ڪشمير سُوال جو پاسو هو. ١٩٧٢ع ۾ سِملا - قرار ڀارت ۽ پاڪستان وچ ۾ هڪ - ٻئي سان ڏي - وٺ لاءِ هڪ نئون خاڪو تيار ڪيو ويو. ١٩٩٩ ۾ ڀارت ۽ پاڪستان وچ ۾ ڪارگل کيتر ۾ پاڪستان جي ٻي - قائدي گهمي اَچڻ سبب وري تڪرار نرماڻ ٿيو. اَڄ ٻه ڪشمير ٻنهي ديشن وچ ۾ تڪرار جو سبب آهي. سنگهرش جو روُپ صرف بدليل آهي ۽ سنگهرش جي نئين قسم جي بيان کي دهشتواد جو مسئلو چئي سگهجي ٿو.

ڀارت ۽ پاڪستان اِنهن ٻنهي ديشن ١٩٩٨ ۾ اَٽم بم آزمائشون ڪيو. ۽ اُن سبب اِنهن کيترن ۾ شانتي ۽ سلامتي سان سنبنڌ رکندڙ نئون چنتائون پيدا ٿيون آهن. اِنهن ٻن ديشن ۾ اَٽو بم سان سنبنڌ رکندڙ تڪرار نه ٿين اِئين اَنيڪ راشٽرن کي محسوس ٿئي ٿو. ڀارت - پاڪستان سنبنڌن ۾ هڪ ٻيو مسئلو معنيٰ سر - ڪريڪ کيتر ۾ آيل سيما - ريکا جو آهي.

ٻنهي ديشن گفتگوءَ ذريعي اِنهن مسئلن کي نپٽائڻ لاءِ ڪوششون ڪيون آهن. پر پاڪستان ڀارت جي خلاف دهشتواد جون ڪارروايون ڪرائي رهيو آهي. اُن سبب گفتگوءَ جون ڪوششون ناڪامياب ٿين ٿيون.

**ڀارت - چين:** ڀارت ۽ چين جي تڪرار ۾ ٻه سوال واسطو رکندڙ آهن. (١) سرحد جو سوال (٢) تبيت جو درجو. ڀارت ۽ چين وچ ۾ سرحد جو تڪرار اَڪسائين چين ۽ مئڪ - موهن ريکا جي کيترن سان سنبنڌ رکي ٿو. چين جي دعويٰ (حق جي ڳالهه) آهي ته اَڪسائي چين ۽ مئڪ - موهن ريکا جي ڏکڻ ۾ آيل زمين جو پرديش آهي. مئڪ - موهن ريکائي اَنترراشٽريه سرحد آهي. اِها حقيقت چين کي منظور نه آهي. اِنهيءَ سرحدي جو سوالي مسئلو گفتگوءَ جي رستي نپٽائجي، اُن لاءِ اَنيڪ دفعا ڪوششون ڪيون آهن، پر اُنهن ڪوشش ۾ گهڻو ڪجهه جُس نه مليو آهي. ١٩٦٢ ۾ چين ڀارت تي حملو ڪيو.

تبيت اِهو پُشت - ٻه - پشت هڪ خود - مختيار کيتر هو. پرچين اُن پرديش ۾ پنهنجو لشڪري ضابطو هميشهه وڌائيندڙ سبب تبيت جي دلائي لاما ڀارت ۾ سياسي آسِرو ورتو. اُن ڪري ٻنهي ديشن ۾ تڪرار کي سبب مليو آهي.

چين ۽ پاڪستان جي دوستي، چين جو پاڪستان کي جنگي هٿيارن جي ڏنل پنيرپائي ۽ اٽو-هٿيار موڪلڻ ۽ اٽو - اَسترن بنسبت ٽيڪنالاجي ڏيڻ، اِنهن سڀني سببن سبب ڀارت جي سلامتيءَ کي خطرو وڌندڙ آهي. اُن ڪري پاڪستان ۽ چين جي دوستي، ۽ ڀارت جي پاڙيسري راشٽرن ۾ وڌندڙ چين جي اَثر سبب ڀارت لاءِ چنتا جو سبب آهي. اِئين هوندي بہ ڀارت چين سان سنبنڌ سُڌارڻ لاءِ هميشھ ڪوششون ڪيون آهن. اِنهن ٻنهي ديشن جي سرحد مسئلا گفتگوءَ رستي نپٽائڻ لاءِ متحد - جماعت طرفان ڪاروباري گٽ ٺاهيو ويو آهي. چين ۽ ڀارت اِنهن ٻنهي ديش ۾ آرٿڪ - وڪاس رفتار وٺڻ ڪان پوءِ ٻنهي ديشن ۾ واپاري سنبنڌ مضبوط ٿيڻ جي شروعات ٿي آهي. ٻنهي ديشن ۾ آرٿڪ ۽ واپاري سنبنڌ سُڌرڻ ڪان پوءِ رشيا، چين ۽ ڀارت ۾ گفتگوءَ جي دؤرن سبب آهستي - آهستي ڀارت ۽ چين سنبنڌن ۾ سُڌارو اَچي رهيو آهي. اُنهن ٻن ديشن جا سرحدي سُوال پل نہ ڇُٽيا آهن، پر ٿورو پاسيرا ٿيا آهن ۽ ٻين ڪيترن جي سنبنڌن ۾ اَهميت حاصل ٿي آهي.

## ڀارت ۽ ٻيا پاڙيسري راشٽر:

**اَفغانستان:-** اَفغانستان ۾ راڄنيتڪ حالتون عارضي آهن. ٽاليبان اِنهيءَ دهشتوادي سنگهٺن جو اِتي زورُ آهي، اُن سبب هت سياسي حالتون ٺيڪ نہ آهن. اَفغانستان ۾ شانتي آڻڻ لاءِ، سلامتي آڻڻ لاءِ ۽ پختائي آڻڻ لاءِ اُتي آيل زوراوريءَ، ڏاڍائيءَ جهڙين هنسڪ ڪمن بندش وجهڻ، لوڪشاهي - سرڪار برپا ڪرڻ لاءِ مدد ڪرڻ، انهن ڳالهين ۾ ڀارت افغانستان کي مدد ڏيڻ قبوليو آهي. ساڳيءَ طرح جنگ سبب ختم ٿيل آمدرفت لاءِ سهوليتون ميسر ڪري ڏيڻ، رستا ٺهرائڻ، وگيان ۽ تڪنڪي ڪيتر ۾ سهڪار ڏيڻ، اِسڪول ٺهرائڻ صحت جون سهوليتون ڏيڻ، ريج ڏيارڻ جون يوجنائون رٿڻ جهڙن سڀني ڪيترن ۾ ڀارت اِفغانستان کي مدد ڪري ٿو.

**بنگلا - ديش:** اَڄ جو بنگلا - ديش معنيٰ اَڳيون اوڀر پاڪستان. پاڪستان جي نرماڻ وقت، پاڪستان جي ورهاست اولهہ ۽ اوڀر پاڪستان ۾ ٿي. اولهہ پاڪستان ۽ اوڀر پاڪستان وچ ۾ ڀاشائن جو فرق هو. اُن ڪان سواءِ ٻيا بہ اَنيڪ سياسي متڀيد ۽ تڪرار هئا. اُنهن مان ئي بنگلا ديش - آزادي تحرڪ جي شروعات ٿي. بنگلا ديش - آزاديءَ جي تحرڪ سبب پاڪستان جي خودمختياريءَ مان آزاد ٿيڻ لاءِ اڳواڻي ورتي. بنگلا ديش جي آزاديءَ جي سنگرام ۾ ڀارت بنگلا ديشن وارن جي مدد ڪئي هئي. بنگلا ديش جو نرماڻ سنہ ١٩٧١ع ۾ ٿيو. بنگلا - ديش ۽ ڀارت ۾ پاڻيءَ جي ورهاست سان سنبنڌ رکندڙ ۽ (سرحد) ريکا سان سنبنڌ رکندڙ تڪرارختم ٿيا آهن. اِنهن ٻنهي ديشن ۾ واپاري سنبنڌ وڌڻ جي شروعات ٿي آهي.

**شري -لنڪا:** شري - لنڪا اِنهيءَ اَسانجي پاڙيسري راشٽر سان ڀارت جا دوستانا سنبنڌ آهن. سري لنڪا جي تمِل لوڪن ۽ سري لنڪا جي سرڪار ۾ تڪرار سبب ١٩٨٥ع ڪان پوءِ سري لنڪا ۾ سياسي اُٿل - پٿل نرماڻ ٿي هئي. اُن وقت سري لنڪا سرڪار جي مدد لاءِ ڀارت شانتي - سئنا موڪلي هئي. ساموندي - ڪيتر جي سلامتيءَ جي نظر سان سري - لنڪا سان دوستانا - سنبنڌ اَهميت رکن ٿا.

**نيپال:** نيپال ۽ ڀوٽان اِهي چئني طرفن ڪان جابلوُزمين سان ويڙهيل (لپيٽيل) ديش آهن. اُنهن جون سرحدون ڀارت ۽ چين سان جُڙيل آهن. ڀارت ۽ نيپال، اِنهن ۾ دوستانا سنبنڌن جو بنياد ١٩٥٠ع سنہ ۾ ڀارت - نيپال - دوستي اِقرارنامي سان ٿي. اِنهيءَ قرار سبب نيپال ۾ رهندڙ نگرواسين کي ڀارت ۾ سولائيءَ سان نہ صرف پرويش، پر سرڪاري نوڪرين ۾ ۽ ڌنڌن، واپار ڪرڻ جا حڪمناما بہ مليا آهن. نيپال ۾ راڄا شاهي هئي. سنہ ١٩٩٠ع ۾ نيپال لوڪشاهي سرشتي جي راهہ ڏانهن سفر شروع ٿيو. آرٿڪ ترقي، بنيادي سهوليتون، اَناج بنسبت غرض، گهرج، واپار ۽ اوُرجا لاءِ نيپال ڀارت تي آڌار رکي ٿو.

نيپال ۾ ٢٠١٥ع ۾ آيل زلزلي وقت ڀارت نيپال جي مدد ڪئي هئي.

**يوُنان:** يوُنان جي بچاءُ جي جوابداري ڀارت تي آهي يوتان ۾ پاڻيءَ جو تمامُ وڏو شاهي ذخيرو آهي. اِنهيءَ پاڻيءَ جو اِستعمال ڪري وڏي اَنداز بجليءَ جو نرماڻ ڪرڻ لاءِ يوجنا ڀارت مدد ڪئي آهي.

**ميانمار:** ميانمار ڀارت جي اوڀر ۾ آيل ڏکڻ - اوڀر ايشيائي راشٽرن کي جوڙيندڙ اَندر وڃڻ جو دروازو آهي. اِنهيءَ حصي ۾ وڪاس ڪندڙ ريل جا پٽا ۽ شاهي رستن سبب ڏکڻ ايشيا، مرڪز (وچ واري) ايشيا، ڏکڻ - اوڀر ايشيا هڪ ٻئي سان جڙيل آهن. اُن سبب هن پرديش ۾ واپارُي آرٿڪ ڏي - وٺ وڌندا.

### ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

**ميانمار ۾ آنگ-سي.ڪيوُ**

ميانمار ۾ فوُجي - راڄ خلاف وڏي عرصي تائين جنگ جوٽي لوڪشاهي برپا ڪرڻ جو شرفُ اَنگ. سي. ڪيوُ کي ڏنو وڃي ٿو. اُن کي شانتي آڻڻ لاءِ نوبل اِنعام جو مانُ - سنمان مليل آهي.

ميانمار مان قدرتي - هوا کُهرائي سگهجي ٿي.

**مال - ديو:** ڀارت ۽ مال - ديو ۾ شروعات کان دوستانا سنبنڌ آهن. ڀارت جي ڏکڻ ۾ آيل اِهي ننڍا راشٽر اَنيڪ سببن بابت ڀارت تي آڌارُ رکن ٿا. ١٩٨١ع کان اِنهن ٻنهي راشٽرن واپاري سنبنڌ رکيا آهن. بنيادي ڪيترن جو وڪاسُ، صحت ۽ آمدرفت اَهڙن ڪيترن ۾ ڀارت مال - ديپ کي وڏي پئماني تي مالي مدد ڪئي آهي. ٢٠٠٦ع کان پوءِ اُنهن ديش کي بچاءُ ڪيتر ۾ پڻ سهڪار جي شروعات ٿي آهي. آڪاش - سهڪار، تواريخي شين جي حفاضت سٸر - سفر جي ڪيترن ۾ ٻنهي راشٽرن سان قرار ٿيل آهي. ساڳيءَ طرح دهشت ڦهلائيندڙن خلاف ۽ دهشت مسئلي خلاف لڙڻ لاءِ سهڪاري ڪرڻ جو نهراءُ ڪيو ويو آهي.

## ڀارت ۽ آمريڪا

ڀارت ۽ آمريڪا اِهي لوڪشاهي سرشتي جو پالن ڪرڻ وارا ٻه طاقتور راشٽريه آهن. آمريڪا شروعات کان ڀارت جو سڀ کان وڏيڪ اَهميت رکندڙ واپاري ڀاڱيدار هو. ڀارتيه لوڪ تعليم ۽.

## ڏکڻ ايشيائي سهڪار جماعت سارڪ

سارڪ اِها ڏکڻ ايشائي راشٽرن جي ١٩٨٥ع ۾ برپا ڪيل پراديشڪ سنگهٺن آهي. ڏکڻ ايشيائي راشٽرن ۾ مالي - مدد نرماڻ ڪرڻ ۽ اُن معرفت سڄي ڏکڻ ايشيا جو وڪاس ڪرڻ. اِهو هن سنگهٺن جو مقصد آهي.

سارڪ سنگهٺن معنيٰ سڀني ايشيائي ديش جي گڏجي پنهنجن هڪ - جهڙن سوالن، مسئلن ۽ هڪ جهڙن مقصدن تي بحث - مباحثو ڪرڻ لاءِ. هڪ اِستيج آهي. غريبيءَ جي پاڙ پٽڻ، ڪيتيءَ جو وڪاس ڪرڻ، تڪنيڪي ڪيتر ۾ ڪرانتي آڻڻ اِهي ڏکڻ اِيشيائي ديشن جا ڪجهه هڪ جهڙا هِت - سنبنڌ آهن. ڏکڻ ايشيائي ديشن کي هڪ ٻئي سان واپار ڪرڻ وڏيڪ سَوَلو ٿئي، اُن سبب سارڪ جي اِستيج تي ڪجهه اَهميت رکندڙ قرار ڪيا ويا آهن. اُن موجب سڄي ڏکڻ ايشيائي ديشن لاءِ هڪ آزاد واپار ڪيتر نرماڻ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ڏکڻ - ايشيائي راشٽرن جو هڪ - جهڙو وڪاس ٿئي. اُن لاءِ ڏکڻ - ايشيائي وِشوَ - وديالي جهڙي سنستا ۽ ڏکڻ ايشيائي آزاد واپار ڪيتر اِهي قرار ڪيا ويا آهن.

- سارڪ اِنهيءَ سنگهٺن کي برپا ڪرڻ پنيان مقصد ڪهڙو آهي؟
- سارڪ ۾ اَڄ ڪيترا ميمبر ديش آهن؟
- ڏکڻ - ايشيائي ديشن جا هڪ - جهڙا هِت - سنبنڌ ڪهڙا آهن؟

نؤڪريءَ سبب اَميريڪا ۾ ويندا هئا. اَميريڪا ۾ نہ رهندڙ ڀارتواسين ۽ اَميريڪن ماڻهن جي وچ ۾ سانسڪرتڪ، سماجڪ ۽ آرٿڪ سنبنڌ وڌندڙ آهن. ٿڌي - جنگ کان پوءِ ڀارت ۽ اميريڪا وچ ۾ سلامتيءَ سان لاڳاپو رکندڙ سنبنڌ وڏي اَنداز ۾ وڌيا آهن. ڀارت آزاد مالي بندوبست جي نيتي منظور ڪرڻ کان پوءِ آهستي - آهستي ڀارت جي مالي ترقيءَ جي رفتار وڌي. اُن سبب ڀارت ۽ اَميريڪا ۾ واپاري - سنبنڌ وڌيڪ مضبوط ٿيا.

۱۹۹۸ع ۾ ڀارت اَٽوءَ بم ٽيسٽ ڪرڻ کان پوءِ ڪجهہ وقت لاءِ ڀارت ۽ اَميريڪا ۾ تناءُ نرماڻ ٿيو هو. اُن کان پوءِ اهي سنبنڌ سُڌرڻ گهرجن، اُن لاءِ ڀارت ۽ اَميريڪا ۾ بحث - مباحثي لاءِ اَنيڪ گڏجاڻيون ٿيون. بحث - مباحثي جي اِنهن گڏجاڻين سبب ڀارت اَٽو بم هٿيارن جو خبرداريءَ سان اِستعمال ڪندو، اَهڙو اَميريڪا کي ڀروسو آيو. اُن کان پوءِ ڀارت - اَميريڪا سنبنڌن ۾ بنيادي ڦيرو آيو. ۲۰۰۵ع ۾ تيل بچاءُ سان سنبنڌ رکندڙن سهڪار جي قرار ۽ ۲۰۰۸ع ۾ تيل اَٽو بم هٿيارن سان سنبنڌ رکندڙ قرار اِهي ڀارت - اَميريڪا جي سنبنڌن ۾ اِهميت رکندڙ دائرا آهن. گذريل پنجن سالن ۾ ڀارت ۽ اَميريڪا وچ ۾ سيني کيترن ۾ سهڪار جا سنبنڌ نرماڻ ٿيا آهن.



### توهانکي ڄاڻ آهي ڇا؟

۲۰۰۵ع ۾ ڀارت ۽ اَميريڪا وچ ۾ شهري اَٽوُ - سهہ - ڪاريہ قرار کي ڀارت جي اُن وقت جي پرڌان - منتري ڊاڪٽر من - موهن سنگهہ ۽ اِميريڪا جي راشٽرپتي جارج - بُش منظوري ڏني. ۲۰۰۸ع ۾ اِنٽر - راشٽريہ اِٽو - اوُرجا آيوگ اِنهيءَ قرار کي منظوري ڏني. اِنهيءَ قرار موجب ڀارت کي ٻين ديشن مان اَٽوڪ - ٽيڪنيڪي - ڄاڻ ملڻ ممڪن ٿيو آهي.

## ڀارت ۽ رشيا

ڀارت ۽ سوويت - رشيا ۽ هاڻي رشيا جي وچ ۾ شروعات کان دوستانا سنبنڌ هئا. ٿڌيءَ جنگ واري وقت ۱۹۷۱ع ۾ ٻنهي ديشن جي وچ ۾ دوستانو - قرار ٿيو. اُن مان بچاءُ - بنسبت ڳالهين، آرٿڪ ۽ ٽيڪنيڪي سهڪاري کي تيز رفتار مِلي. سوويت رشيا ڀارت کي وڏي اَنداز ۾ مالي ۽ فؤجي مدد ڪئي هئي.

سوويت رشيا جي ڇُڙ - وِڇُڙ ٿيڻ کان پوءِ ڀارت رشيا سان سنبنڌ وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي. شروعات ۾ رشيا ۾ سياسي ۽ آرٿڪ مسئلن سبب سنبنڌن ۾ خاص سڌارو نہ ٿيو. ۱۹۹٦ کان پوءِ ڀارت ۽ رشيا جي وچ ۾ آهستي - آهستي سُڌارا ٿيندا رهيا. فؤجي هٿيارن ۽ سامان جو اُتپادن، معدني تيل جو اُتپادن جي کيتر ۾ ڀارت ۽ رشيا گڏيل پراجيڪٽ تيار ڪيا.

## ڀارت ۽ يورپ جا راشٽر

يورپ جي راشٽرن ۽ ڀارت وچ ۾ واپاري سنبنڌ آهن. خاص طور جرمن ۽ فرانس راشٽرن ٽيڪنيڪي کيتر ۾ وڏي اِنداز ۾ سيڙپ ڪن ٿا. اُن کان سواءِ ڀارت کي هٿيار ٺاهڻ لاءِ ٽيڪنيڪي گيان يورپ جي راشٽرن معرفت ڏنو وڃي ٿو. اِنجنيئريءَ واسطو رکندڙ ۽ ٽيڪنيڪي گيان ڀارت اِنهن ديشن کان وڏي پئماني تي وٺي ٿو. کُلي - واپار اِهي ديش زور وجهن ٿا. کُلي واپار کي وڌائڻ اِنهن ديشن جا مکيہ مقصد آهن. اِن کان سواءِ ڀارت ۽ يورپين راشٽر ٻين اَنيڪ بابتن ۾ هڪ ٻئي سان سهڪار جي پومِڪا نباهن ٿا. آبهوا ۾ تبديل، صاف شڪتي بچاءُ لاءِ هٿيارن جو اُتپادن، سائبر - سلامتي، سنشوڌن ريلوي جو بندوبست، مصيبت اَچڻ وقت گهربل بندوبست، هوائي - سلامتي، دهشتواد نبست کيترائي قرار ڪيا ويا آهن. ڀارت وڪاس جي نظريي موجب اِهي سهڪار تمام گهڻي اِهميت رکن ٿا.

### اَچو تہ ڳولهيون

- يورپين - سنگهہ ڪڏهن برپا ٿيو.
- يوروپين بازار - پيٺ، يوروپيہ - ناڻي جو چلن جي ڄاڻ حاصل ڪيو.

## پارٽ ۽ آفريڪا کنڊ

پارٽ ۽ آفريڪا کنڊ ۾ سهڪار لاءِ پارٽ سوچي - سمجهي قدم کنيا آهن. آفريڪا سان نزديڪ سنبنڌ رکڻ ٻنهي ديشن کي فائدا پهچائڻ وارا آهن. آفريڪا ۾ آيل اَنيڪ ديش رفتار سان مالي ترقي ڪري رهيا آهن آفريڪا جي نؤجوانن جو پوريءَ طرح وڪاس ڪرڻ لاءِ مدد ڏيڻ جي تياري پارٽ ڪئي آهي. تعليم، هنر ۾ قابليت، صحت، (وگيان) ٽڪنيڪي - گيان، ڪيتي سئر-سفر، اَهڙن سيني ڪيترن ۾ وڪاس ڪرڻ لاءِ پارٽ مالي مدد ڏيڻ جي، پئسن ڏيڻ جي تياري ڏيکاري آهي. ساڳيءَ طرح پارٽ جي شڪتي جي غرض پوري ڪرڻ لاءِ آفريڪا ۾ آيل اوُرجا جي شڪتي رکندڙ ديش - ايجپٽ، نائجيريا، اِنگولا، سُدان، پوري ڪري سگهن ٿا. آفريڪا سان واپار وڌائڻ لاءِ پارٽ تيار آهي. ٢٠١٥ع ۾ پارٽ ۽ آفريڪا وچ ۾ ٿيل شڪر - پريشد ۾ آفريڪا جي سڀ ٥٤ راشٽرن جا عيوضي حاضر هئا. اِنهيءَ پريشد ۾ جڳهه سان واسطو رکندڙ سوالي مسئلن تي بحث - مباحثو ڪيو ويو. مثال طور، آبهوا ۾ تبديل، دهشتواد سامونڊي چوري، لٽ - مار، وغيره.

## پارٽ ۽ اِنڊو - پئسفڪ

اِنڊو - پئسفڪ ڪيتر ۾ مکيه - طور جپان، آسٽريليا، نيوزيلنڊ، ڏکڻ - اوڀر ۾ آيل راشٽر شامل آهن. اِنهن سيني راشٽرن سان پارٽ جا گهرا سنبنڌ آهن. اِهي سنبنڌ مالي ۽ واپار بنسبت آهن. اُتان جي اَنيڪ ڪمپنين پارٽ ۾ سيڙپ ڪئي آهي. پارٽ ۽ آسٽريليا وچ ۾ سماجڪ سلامتي ۽ گنهگارن جي هٽ - بدل، نشيدارُشين جي چوريءَ خلاف مُهم سئر - سفر، ڪلا - سنسڪرتي اِنهن ڪيترن ۾ جُدا - جُدا قسمن جا قرار ڪيا ويا آهن. بنيادي سهوليتون، مالي مدد، بچاءُ، چاڻ، ٽڪنيڪي - گيان، اَٽوُ - اورجا ٻہ جي شڪتي ريلوي اِهڙن اَنيڪ ڪيترن ۾ جپان پارٽ کي مدد ڪري ٿو. پارٽ جي سامونڊي - ڪيتر جي وڪاس لاءِ ۽ سلامتيءَ لاءِ مالي مدد ڏيڻ لاءِ پارٽ منظوري ڏني آهي. ٻنهي ديشن جي سامونڊي ڪنارن جو بچاءُ ڪندڙ ڏلُ ۽ درياهي ڏل گڏيل ايپاس تي رهي آهي

## پارٽ ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا

اِنڊو نيشيا، مليشيا، سينگاپور، فليپائنس، ٿائلنڊ، لائوس، ڪمبوڊيا، ۽ بُرنيئي، ميانمار، وئيتنام، اِنهن ڏکڻ - اوڀر ايشيا ۾ آيل راشٽرن سان پارٽ جا شرعات کان وٺي سُٺا، شانتيءَ وارا سنبنڌ آهن. ١٩٩١ع کان پوءِ پارٽ پنهنجي آرٿڪ - نيتيءَ ۾ تبديل ڪري آزاد آرٿڪ - سرشتو قبول ڪيو. اُن کان پوءِ ڏکڻ - اوڀر ايشيا ۾ آيل راشٽرن جي واپار ۾ تمام گهڻو بيحد واڌارو ٿيو آهي.

ڏکڻ - اوڀر ايشيا جي راشٽرن سان واپار واڌائڻ جي نيتيءَ کي 'اوڀر ڏانهن ڏسو جي نالي سان سڃاتو ويندو آهي. ٢٠١٤ع کان پوءِ اِها نيتي وڌيڪ ڪارگر ڪئي ويئي آهي. اِنهيءَ کي هاڻي 'عمل ۾ آڻيو' سان ڄاتو وڃي ٿو.

**پارٽ ۽ اولهہ - ايشيا:** اولهہ ايشيا جا ديش مکيہ طور تيل ۽ قدرتي - هوا جي رسد ڪندڙ ديش آهن. پارٽ جي اولهہ ايشيا جي راشٽرن سان جهونا سنبنڌ آهن. پارٽ اِهو اولهہ ايشيا جي راشٽرن مان ملندڙ تيلن تي آڌار رکي ٿو. اِيران، بحارين، ڪوُويت، سعوُدي، عريبيا، گڏيل عرب اَماراتي اِنهن راشٽرن تيلين جي آمد ڪري ٿو؟ ڪيتيءَ لاءِ جديد ٽڪنيڪي اَسانکي (پارٽ کي اِزارئيل راشٽر ڏئي ٿو. ساڳي طرح بچاءُ بنسبت جديد سامگري پڻ اِزارئيل مان حاصل ٿئي ٿي. نؤڪري، ڌنڌا- واپارلاءِ اَنيڪ پارتيہ اُتي رهن ٿا. اُنهن جو ٻہ اَسانجي آرٿڪ - سرشتي ۾ اَهميت رکندڙ يوگدان آهي.

سيني راشٽرن سان دوستانا سنبنڌ رکڻ ۽ پنهنجي وڪاس سان گڏو گڏ ٻين راشٽرن جو ٻہ وڪاس ٿئي، اِهو پارتيہ - پرڏيهي نيتيءَ جو مکيہ مقصد آهي. وڪاس لاءِ راشٽر هڪ ٻئي تي آڌار رکن ٿا.

پارٽ ۽ جڳهہ ۾ اَهميت رکندڙ ديشن جي سنبنڌن بابت ٿوري ۾ جائزو اَسان هِت ورتوسين ايندڙ باب ۾ اَسين اَنترراشٽريہ اَهميت رکندڙ يا جڳهہ جي مسئلن بابت اَڀياس ڪنداسين.



## اَڀياس

**١. هيٺ ڏنل هر - معنيٰ جملن مان صحيح جواب چونڊي بيان پورا ڪيو.**

(١) ڀارت سان اَنتر - راشٽريہ سرحد کُلي رکندڙ ديش.
(الف) پاڪستان (ب) بنگلا ديش (ٿ) نيپال
(ڊ) ميانمار

(٢) ڀارت سان تناءُ - وارا سنبنڌ رکندڙ ديش.
(الف) ڀارت ۽ چين (ب) نيپال ۽ ڀوٽان (ٿ) ميانمار ۽ مال - ديپ (ڊ) اَفغانستان ۽ اَميريڪا.

(٣) ڀارت ۽ پاڪستان جي سنبنڌن تي اَثر وجهندڙ
(الف) ٻنهي راشٽرن جي جڳهہ جي نظريي ۾ فرق (ب) ڪشمير مسئلو (ٿ) اَٽو - بم وشيہ سان سنبنڌ رکندڙ (تڪرار) (ڊ) مٿي ڄاڻايل سڀ مسئلا

**٢. هيٺيان بيان غلط آهن يا برابر، اِهو سبب ڏيئي چٽيءَ طرح سمجهايو.**

(١) ڏکڻ ايشيا ۾ آيل راشٽرن ۾ ڀارت جو درجو اَهميت وارو آهي.
(٢) ڀارت - چين سنبنڌ دوستانا آهن.
(٣) سري - لنڪا سرڪار جي مدد لاءِ ڀارت شانتي - سينا موڪلي.

**٣. ڏنل هدايت موجب ڪم ڪيو.**

١. هيٺ ڏنل تختو پورو ڪيو.

| نمبر | ٽيل قرار-ڏي وٽ | لاڳاپو رکندڙ ديش |
|---|---|---|
| .١ | - - - | ڀارت - پاڪستان |
| .٢ | مئڪ - موهن ريڪا | |
| .٣ | - - - | ڀارت - بنگلا ديش |
| .٤ | قدرتي هوا جي آمد | - - - |
| .٥ | - - - | ڀارت - اَميريڪا |
| .٦ | بنيادي ڪيتر - وڪاسُ آمدرفت، صحت | - - - |
| .٧ | - - - | ڀارت - آفريڪا |

**٤. هيٺ ڄاڻايل ويچار سمجهايو.**

(١) سِملا قرار (٢) ڀارت - نيپال دوستانا قرار (٣) مئڪ - موهن - ريکا (٤) ڀارت - اَفغانستان ۾ سنبنڌ

**٥. هيٺ ڄاڻايل سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو:**

(١) ڀارت - اَميريڪا وچ ۾ سهارو - سنبنڌ زمان ٽيڪ جي ٻنيان ڀَسِ - منظر چٽيءَ طرح سمجهايو

(٢) پاڙيسري راشٽرن ۾ لوڪشاهي - راڄ برپا ڪرڻ لاءِ ڀارت ڪهڙيون ڪوششون ڪيون. مثال ڏيئي ڄاڻ لکو.

(٣) ڏکڻ - ايشيا پراديشڪ سهڪاريہ سنگهٺن ڪهڙا ڪم ڪري ٿو.

**مشغولي:-**

(١) راشٽرپتي، پرڌان منتري اِنهن جي پرڏيهي دؤرن بابت ڄاڻ هٿ ڪيو.
(٢) جُدا - جُدا ديشن جي ڀوٽ - ايڪسچينج ڪاريہ - ڪرم جي ڄاڻ هٿ ڪيو.

# ٦ اَنتر راشٽريه مسئلا

## اڃو ٿورو دهرايون.

گذريل باب ۾ اَسان اَنترراشٽريه - بندوبست ۾ خود مختيار راڄيه، ڀارت جي پرڏيهي نيتي ۽ ڀارت جي بچاءُ بنسبت اَڀياس ڪيو. متحد - جماعت اِنهيءَ اَنترراشٽريه سنگهٺن جي مقصدن جو اَڀياس ڪيو. هن پاٺ ۾ اَسين ڪجهه اَهميت رکندڙ مسئلن جو اَڀياسُ ڪنداسين. ڪجهه مسئلا صرف هڪ ديش جا نه رهندا آهن. اُنهن جو اَثر اِنيڪ ديشن ۽ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ جڳهه جي سڀني ديشن تي پوندو آهي. سڄي جڳهه کي ڏيڇارڻ وارن اِنهن مسئلن کي اَنترراشٽريه مسئلا چئجي ٿو. اَنترراشٽريه مسئلن کي ڇڏائڻ لاءِ سڀني راشٽرن کي گڏجي ڪوششون ڪرڻ جي گهرج هوندي آهي. اِنساني - حق، ماحول ۽ دهشتواد سان لاڳاپو رکندڙ مسئلن بنسبت هن باب ۾ اَسين اَڀياسُ ڪرڻ وارا آهيون، جلاوطني ماڻهن جي سوالن به اَنترراشٽريه روپُ ورتو آهي. تنهنڪري اُنهن جو به ويچار اَسين ڪرڻ وارا آهيون.

**اِنساني - حق:** اِنساني حقن جو ويچار جي پئدائش قدرتي حقن جي ويچار مان ٿي آهي. ائين ڏسڻ ۾ اَچي ٿو. اِنساني حق معنيٰ اِنسان جڏهن جنم وٺي ٿو، اُن وقت جيڪي حق اُن کي حاصل ٿين ٿا. اُنهن کي اِنساني - حق معنيٰ اِنسان طور ۽ سماج جي هڪ گهٽڪ طور جيئڻ لاءِ ضروري حق. اَميريڪن ۽ فرينچ راڄيه - ڪرانتيءَ وقت آزادي، هڪ - جهڙائي برادري - پاڪ نياءُ اِنساني - حقن جي پنيرائي ڪئي ويئي. اِنهن حقن جي حاصلات لاءِ لوڪشاهي - راڄ هئڻ ضروري آهي. اِنهيءَ ويچار کي طاقت ملي. يوروپ ۾ اَنيڪ راشٽرن لوڪشاهي راڄ ڪرڻ جي سرشتي ۽ سنوڌان کي قبول ڪيو. اُن سبب سرڪار جي طاقت کي مرياديا ملي. نگرواسين جي حقن جو بچاءُ ڪرڻ اِها سرڪار جي اَهميت ڀريل جوابداري مڃي ويئي.

اَنترراشٽريه به وهنوار ۾ اِنساني حق اِنهيءَ

**ويچار جو اُڀرڻ:** متحد - جماعت برپا ٿيڻ کان پوءِ اِنساني حقن جو وشو - وياپي پڌرنامو تيار ڪيو ويو. ١٠ ڊسمبر ١٩٤٨ع ۾ متحد - جماعت جي عام - سڀا ۾ اِهو پڌرنامو گهٽائيءَ سان منظور ڪيو ويو. اُن کان پوءِ ١٩٦٦ع ۾ شهر ۽ سياسي حقن جو اَنترراشٽريه قرار ۽ آرٿڪ، سماڄڪ ۽ سانسڪرتڪ حقن جو قرار ڪيو ويو. اِنهن ٻنهي قرارن کي متحد - جماعت جي عام سڀا منظور ڏني. اِهي ٻئي قرار اَنتر - راشٽريه قائدي جا حصا آهن. اِنهن قائدن جو پالن ڪرڻ ميمبر راشٽرن لاءِ ٻڌن - وارو معنيٰ لازمي آهي.

اِنساني حقن ۾ جيئڻ جو حق، اَناج، ڪپڙو گهر، تعليم ۽ صحت اِهي مکيه حق شامل آهن. اِهي حق بنيادي آهن. اِهي حق سڀني کي حاصل ٿين، اِها جاچ ڪرڻ، ڏسڻ راڄيه جي جوابداري آهي.

ٿڌيءَ جنگ وقت اِنساني حقن جا سوال متحد جماعت جي عام - سڀا ۾ اَنيڪ دفعا ٺاهي - جوڙي رکيا ويا. آفريڪا ۾ آيل رنگ - ڀيد اِنهن اِنساني حقن جي خلاف آهي. تنهنڪري رنگ - ڀيد ڪندڙ حڪومتن تي ٻهشڪار وجهڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ٻئنڪن کي آزادي، لوڪشاهي سرشتي کي اَپنائڻ تي زور اِهي ڪجهه مثال ڏيئي سگهون ٿا.

هاڻوڪي زماني ۾ ونش جو تڪرار، سرحد واد، دهشتواد اِنهن مسئلن سبب اِنساني حقن کي وڏي تعداد ۾ رنڊڪون اَچن ٿيون. اُن کان سواءِ دنيا جا سوال، جيئڻ نه ساٿي - روڳ، ماحول کي ٿيندڙ خطرو، قدرتي آپدائون. اِنهن سببن ڪري اِنساني حقن جي ويچار هاڻي وڌيڪ وياپڪ ٿي آهي ماحول، بچاءُ ٽڪاءُ ڪندڙ وڪاس جو به اِنساني حقن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو.

###  توهانکي ڄاڻ آهي ڇا؟

اِنساني حقن جي پڏرنامي ۾ ڪُل ۳۰ قائدا آهن. اِنهيءَ پڏرنامي ۾ شهري آزاديءَ بنبست نيم / قائدا آهن. ساڳيءَ طرح روزگار جا حق، هڪجهڙي ڪم لاءِ هڪ جهڙو پگهار، اَهڙن آرٿڪ حقن جو بندوبست ڪيل آهي. سڀني ميمبر راشٽرن کي پنهنجن نگرواسين کي اِنساني حق ڏيڻ ئي گهرجن، اِها اُميد آهي. اِنساني - حقن جي پڏرنامي وانگر ٻارن جي حقن جو پڏرنامو ۲۰ نومبر ۱۹۵۹ع ۾ ظاهر ڪيو ويو.

**اِنساني - حق ۽ پارت:** پارتيہ جوڙجڪ ۾ اِنساني - حقن کي بنيادي حقن جو درجو ڏنو ويو آهي. سنوڌان ۾ بنيادي حقن سان گڏ ڪمزور طبقي عورتن ۽ گهٽ تعداد واري طبقي جي بچاءُ جي جوابداري سرڪار تي آهي. ۱۹۹۳ع ۾ اِنساني - حقن جو بچاءُ جو قائدو ڪيو ويو.

###  ڪري ڏسو

هيٺ ڪجھ مسئلا ڏنا ويا آهن. اُنهن کي راشٽريہ ۽ اَنترراشٽريہ اِهڙن ٻن گروپن ۾ ورهايو:

- ڪمزور طبقي کي طاقتور ڪرڻ
- دهشتواد
- ساروجنڪ گندگي
- مالي سرشتي کي خانگي ڪرڻ
- اِنساني حقن کي توڙڻ
- ساروجنڪ آمدرفت جي گُهٽ
- غريبي بي علمي
- اَندروني فوٽ
- اوزون تھہ جو ڇڄڻ ٿيڻ

اِنهيءَ قائدي جي اَندر راشٽريہ اِنساني حق ڪميشن ۽ راجيہ اِنساني حق ڪميشن برپا ڪيا ويا آهن. اِنساني حقن جي ڀڃڪڙيءَ واري حالت ۾ اُن بنسبت شڪايت داخل ڪرڻ ۽ مناسب ڪارروائي ڪرڻ اِها اِنساني حق ڪميشن جي جوابداري آهي.

> **ٻڌايو ڏسون**
>
> هاڻي پارتيہ حق - ڪميشن جو پريزيڊنٽ ڪير آهي؟

**پسگردائي:** اَڄ جي وقت ۾ اِنساني حقن جو ويچار وڏيڪ وياپڪ ٿيندو وڃي ٿو. سلامتيءَ واري پسگردائي هڪ اَهميت رکندڙ اِنساني حق مڃيو وڃي ٿو. اَنترراشٽريہ سطح تي پسگردائيءَ جي ڄاڻ ۽ ان جي سنہ ۱۹۷۰ع ۾ رکي ويئي. وڏي پئماني تي ٿيندڙ ڪارخانن جو ڪاروبار، وڌندڙ شڪتيءَ جي ضرورت سبب پسگردائيءَ لاءِ خطرو پئدا ٿيو آهي. اِئين پسگردائيءَ جو اَڀياس ڪندڙ ماهرو جو ويچار هو. اِنهن ڪم - ڪندڙن ۲۲ اِپريل ۱۹۷۰ع ۾ پهريون ڌرتيءَ جو ڏينهن ملهايو ڪيتيءَ لاءِ وڏي پئماني تي رساين پاڻ ۽ جيوڙا مار دوائون، بسين، گاڏين سبب وڌندڙ آواز جي غلاظت، اَٽوُ - اوُرجا ٺنين مان ٿيندڙ ڪرڻ جو نيڪال، تيل جو وَهڻ يا ڪيميائي گئسن جو وهڻُ اِنهن سڀني سببن ڪري پسگردائي سلامت نہ رهي آهي. اُن سبب اَلڳہ - اَلڳہ مسئلا نرماڻ ٿين ٿا. اِنهيءَ ڄاڻ سبب پسگردائيءَ جي سلامتيءَ جو سوال اِنترراشٽريہ سطح تي بحث لاءِ وڌڻ لڳو.

۱۹۹۰ ڪان دنيا اَڇڻ ڪان پوءِ راشٽرن جو هڪ ٻئي تي آڌار وڌيو ۽ اُن سبب راشٽرن کي هڪ - ٻئي سان سهڪار ڪرڻ جي گهرج پئدا ٿي. ماحول خراب ٿيڻ سبب يا تيل وهڻ ۽ وايوُ وهڻ سبب پسگردائيءَ لاءِ خطرو پئدا ٿئي ٿو. اِهو خطرو صرف هڪ راشٽر لاءِ نہ آهي. اُن جا اَثر گهڻي عرصي تائين ٿين ٿا. اُن ڪري اِنهن اَثرن تي اُپاءُ - يوجنا ڪرڻ لاءِ راشٽرن کي گڏجي هڪ راءِ سان سهڪار ڪرڻ ضروري آهي.

ونسپتي ۽ پراڻي اِنهن جون جاتيون ختم ٿيڻ،

مٽيءَ جي سنگهه گهٽجڻ، پاڻيءَ جي اَڻاٺ ٿيڻ، برسات جو گهٽ - وڌ ٿيڻ، گرمي - پُڌ وڌڻ، ندي ۽ تلاءُ سُڪڻ، ندي ۽ سمنڊ جو پاڻي گندو ٿيڻ، نيون بيمارين جو پيدا ٿيڻ، تيزابي برسات وهڻ، اوزون تہ جو پگهرجڻ، اِهي سڀ پسگردائي جي بگڙجڻ جا نظارا اُن سبب آهن. اِنهن مان ڪي نتيجا خاص راشٽرن لاءِ محدود آهن، پر اُن جا وڏي وقت تائين اَثر هئڻ سبب اِنهن سوالن کي وشو- وياپي - روپ حاصل ٿيو آهي. اُنهن مان ڪي سُوال بنيادي طور وشو وياپي روپ جا آهن.



پسگردائيءَ جو بچاءُ: هڪ پيڙهيءَ کان ٻي پيڙهيءَ تائين

**ڪري ڏسو:**

خاص راشٽرن تائين محدود، دُنيوي سوال پيدا ڪندڙ پسگردائي مسئلن جا مثال ڏيو.

**ڪري ڏسو:**

اِنٽرنيٽ جي مدد سان پئرس پريشد جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪيو ۽ هيٺ ڏنل مُدن جي آڌار تي ڄاڻ گڏ ڪيو.

- حصو وٺندڙ ديشن جو اَنداز
- بحث - مباحثي جا وشيہ
- ڀارت طرفان رکيل مُدا

## اِسٽاڪ - هوم کان پئرس پريشد

اَنترراشٽريہ سطح تي پسگردائيءَ بنسبت ٿوري وقت ۾ وڏي - وقت جي مسئلن جي وشين تي بحث - مباحثو ڪرڻ لاءِ ۽ اُنهن کي اُپاءُ ڳولهڻ لاءِ اِسٽاڪ - هوم ۾ ۵ کان ۱۶ جوُن ۱۹۷۲ع جي عرصي ۾ متحد - جماعت اِنساني پسگردائيءَ وشيہ سان سنبند رکندڙ پريشد لڳي هئي.

- اِنهيءَ پريشد ۾ پردوشڻ ڪرڻ لاءِ سهڪار ڪرڻ اِها سيني راشٽرن جي جوابداري آهي. اِنهيءَ ڳالهہ تي زور ڏنو ويو.
- وڪاس - ٿيل ديش پسگردائيءَ جي خرابيءَ لاءِ وڏيڪ اَنداز ۾ آهن ۽ اِنهيءَ خرابيءَ کي روڪڻ لاءِ اُنهن ديش کي جوابداري کڻڻ گهرجي، اِهڙي پومڪا وڪاس ڪندڙ ديشن ورتي. اَڄ بہ وڪاس ڪندڙ ديش اِهائي پومڪا رکن ٿا.
- اِنهيءَ پريشد ۾ پسگردائيءَ لاءِ ڪم ڪندڙ غير - سرڪاري سنسٿائون حاضر هيون. اِها هن پريشد جي خاص خاصيت هئي.
- اِنهيءَ پريشد ۾ دنيوي گڏيل پونجيءَ جي بچاءُ جا مدا رکيا ويا. اِنهن ساڌنن جي حفاظت جي جوابداري سيني راشٽرن جي آهي. اُن لاءِ سيني يڪراءِ ڏني.
- اِنهيءَ پريشد کان پوءِ متحد راشٽريہ سنگهٺن 'گڏيل راشٽرن' پسگردائي ڪاريہ - ڪرم نرماڻ ڪيو
- اِنهيءَ پريشد کان پوءِ اِنيڪ اَنتر- راشٽريہ پسگردائيءَ بنسبت - قرار ٿيا. پسگردائيءَ جي بچاءُ لاءِ نيم تيار ڪيا ويا. اَنتر - راشٽريہ ۽ راشٽريہ سطح تي پسگردائي بنسبت تحرڪ وڏي - اَپئماني تي شروع ٿيا ۽ پسگردائي بنسبت اِنتر - راشٽريہ پريشد ۾ قيملي بابت غير سرڪاري سنگهٺنن جو سهڀاگ وڌيو.
- هن کان اَڳيون ڏاڪو معنيٰ ۱۹۹۲ع ۾ رئيو ۾ ٿيل پسگردائي - پريشد. اِنهيءَ پريشد ۾ 'ٽڪاڻو وڪاس اِنهيءَ ويچار تي زور ڏنو ويو. طرح - طرح جي جيون سائي - سبز گهرن هوا جي ماحول ۾ تبديل، جهنگلن جو بچاءُ وغيره وشين تي اَلڳ - اَلڳ قرار ڪيا ويا.

۱۹۹۷ع ۾ ٽيل پريشد ۾ وڪاس ٽيل ديشن کي آبهوا ۾ تيندڙ تبديل کي روڪڻ لاءِ ڪجهه ڳٽپ جا ماپ ڏنا ويا. اِهي ۱۵ سالن تائين لاڳو هئا.

اُن کان پوءِ نومبر ۲۰۱۵ع ۾ پئرس ۾ آبهوا تبديل اِنهيءَ وشيه تي پريشد پري ويئي. سڀني راشٽرن آبهوا تبديل کي روڪڻ لاءِ ۽ گرمي - پد جي واڌ روڪڻ لاءِ هڪ ٻئي کي مدد ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي ۽ وڪاس - ڪندڙ ديشن جي وڪاس لاءِ گهربل تڪنيڪي گيان ۾ وڪاس - ٽيل ديشن کي مدد ڪرڻ گهرجي. اِهڙي للڪار هن پريشد ۾ ڪئي ويئي.



### چا توهانکي ڄاڻ آهي؟

ساڱر سمنڊ جوترو، وايو - منڊل، پولار ساڌن - سمپتي اِهي سڀ ڄڳهه جي ساڌن - سمپتي ۾ شامل آهن. اِهي سڀ ڌن - دؤلت، شان - شؤڪن، ملڪيت ڄڳهه جي سڀني راشٽرن جي آهي. تنهنڪري سڀني راشٽرن کي اُن جي سنڀال ڪرڻ جڳائي.

**دهشتواد:** اِهو اَڄ جي وقت ۾ هڪ وڏو مسئلو آهي ڄڳهه جي اَنيڪ راشٽرن کي اِن مسئلي کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. ڄڳهه ۾ ڪوبه راشٽر صرف پنهنجيءَ شڪتيءَ جي زور تي دهشتواد جو مقابلو ڪرڻ ۾ اَسمرٿ آهي. دهشتواد اِهو وشو - وياپي مسئلو مڃيو ويو آهي.

### دهشتواد معنيٰ چا؟

راڄنيتڪ مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ عام ۽ بي - گناهه ناگرڪ - سرشتي جي خلاف هِنسا جو اِستعمال ڪرڻ يا اُن قسم جي ڌمڪي ڏيڻ ۽ اُن سبب سماج ۾ ڀيءِ ۽ دهشت ڦهلائڻ ۽ دهشتواد چئي سگهجي ٿو. دهشتواد ۽ اِها هڪ گڏيل، رٿيل نموني ڪيل هِنسا آهي.

دهشتواد جو اَنترراشٽريه سياست تي ڊگهي - عرصي وارا نتيجا ٿيا آهن. گڏريل ٻن ڏهاڪن ۾ اَلڳ - اَلڳ راشٽرن ۾ دهشتوادي تڪرار تيز ٿيل ڏسڻ ۾ اَچن ٿا. دهشتوادي تڪرار پرمپرا تيندڙ جنگ ٻن يا ٻن کان وڌيڪ خود- مختيار راشٽرن ۾ تيندڙ سنگرش آهي. اِهڙن قسمن جي جنگ ۾ مکيه طور راشٽرن جي جاگرافيڪل سلامتيءَ کي اَهميت ٿئي ٿي. معنيٰ راشٽر جي سلامتي جاگرافيڪل سرحدن سان واسطو رکندڙ هوندي آهي. پر دهشتوادي گروهه ڄڳهه جي ڪهڙي به ڪنڊ -ڪڙڇ ۾، ڪنهن به ڄڳهه تي هِنسا چار ڪري سگهن ٿا. دهشتوادي حملي جو مقصد جاگرافيڪل سرحدن کي خطرو پهچائڻ نه هوندو آهي. اُن جو مقصد ديش جي راڄ کي للڪارڻ يا سرڪار جي وجود کي نه مڃڻ هوندو آهي. وڌنڌڙ دهشتواد سبب ديش کي ٻاهرين سلامتيءَ سان گڏو گڏ اِندروني سلامتيءَ جو به خطرو پيدا ٿئي ٿو.

دهشتواد کي روڪڻ لاءِ اَلڳ - اَلڳ راشٽرن جي سلامتي سرشتي کي هڪ ٻئي سان گڏجي ڪم ڪرڻ ضروري آهي.

### ڳولهيو، ڏسان!

- سيريا اِنهيءَ راشٽر مان اَنيڪ لوڪ جلاوطني (نرواسي) چو ٿا ٿين؟
- ڄڳهه ۾ ٻين ڪهڙن راشٽرن جلاوطني ٽولا اَچي رهيا آهن؟

**نرواسين جا سوال :** جن شخصن کي چاهنا نه هوندي به يا زبردستيءَ پنهنجي ماتر ڀومي ڇڏڻي پوي ٿي ۽ آسرو ملڻ لاءِ يا سلامتيءَ لاءِ ٻئي راشٽر ۾ وڃڻو ٿي پوي ٿو. اَهڙن ماڻهن کي نرواسي چيو وڃي ٿو. خاص ونش، جي ماڻهن سان ڇل - ڪپٽ ڪرڻ يا اُنهن کي زبردستيءَ ٻاهر ڪيڻ، جنگ يا قدرتي آفت سبب ديش جو تياڳ ڪرڻ وغيره سببن سبب ماڻهو نرواسي ٿين ٿا. اَهڙين حالتن ۾ پنهنجو ديش ڇڏي ٻئي راشٽريه ۾ پناهه وٺڻ جي ويل اَچي ٿي.

ٻي مها ياري لڙائيءَ کان اڳ جرمنيءَ ۾ جيوَ لوڪن سان ڇَل - ڪِپٽي ٿيو. اُنهن جي ناگرڪتا ۽ ملڪيت ڪسي ويئي ۽ ڦُري ويئي. ان سبب جِيوُ

لوڪ نرواسي ٿيا. ١٩٧١ع ۾ اوڀر پاڪستان جي جنتا سان سياسي ۽ مذهبي ڇَل - ڪپٽ ٿيو اُن سبب اُتان جا ڪيترا لوڪ جلاوطني (نرواسي) ٿيا ۽ ڀارت ۾ پناه ورتائون. گذريل ڪيترن سالن کان ايراق ۽ سيريا ۾ جنگ جهڙيون حالتون هئڻ سبب اُتان وڏي اَنداز ۾ لوڪ جلاوطني طور ٻاهر ويندا وڃن ٿا. نرواسين جا اَهڙا اَنيڪ مثال اَسين ڏٺائي سگهون ٿا.



**نرواسين کي متحد جماعت جي مدد**

ڪنهن به راشٽر جي لوڪن کي جڏهن نرواسي ٿيڻ معنيٰ پنهنجي ديش ڇڏڻ جو وقت اَچي ٿو، تڏهن اُنهن کي اَنيڪ مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. اَهميت وارو مسئلو اِهو آهي ته پنهنجو ديش ڇڏي ڪيڏانهن وڃجي؟ ۽ اُهو راشٽر اُنکي قبول ڪندو ڇا؟ اِهي سوال، اُنهن جي سامهون هوندا آهن. ٻيو مسئلو اِهو آهي ته پاڻ سان گڏ ڪٽنب جي ماڻهن کي سلامتيءَ سان وٺي وڃڻ. اِنهن سوالن سبب وڏا جسماني ۽ مانسڪ تناءُ ٿين ٿا. اُن کان سواءِ ڏکيو رستو، لڪ - ڇپ وڃڻ، قدرتي مسئلا جيئن ته اُس، برسات، بادل، طوفان، اَناج، جي اَڻاٺ، بيماري، پٺيان ايندڙ دشمن وغيره مسئلا ٿي مسئلا آهن. اِنهن مسئلن سبب ڪيترن ماڻهن جو موت به ٿئي ٿو.

سلامتيءَ واري هنڌ پهچڻ کان پوءِ نوان مسئلا ٿيندا آهن. ڪم - ڌنڌو ڳولهڻ، رهڻ لاءِ جڳهه ۽ ٻيا روزانا سوال: اُنهن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. ٻئي راشٽر جي ڀاشا سنسڪرتي اَلڳ ٿين ٿيون، اُنهن سان ميلُ - ميلاپ رکڻ ۾ ڇڙڻ ۾ رنڊڪون اَچن ٿيون. جنهن راشٽر ۾ نرواسي نياهه وٺن ٿا، اُتان جو سماج اُنهن کي قبول ڪندو، اِئين ڇئي نه ٿو سگهجي. اُن کان اُبتڙ نرواسين جو تعداد وڌڻ سبب راشٽر تي وڌيڪ ٻوجهو پوي ٿو. زندگي جيئڻ لاءِ ضروري شين جي اَڻاٺ پيدا ٿئي ٿي. گناهن، ڏوهن جي اَنداز ۾ واڌ اِچي ٿي، مهانگائي وڌي ٿي. لوڪل ماڻهن جي نوڪرين تي گدا اَچي ٿي. شانتي ۽ سلامتيءَ جا سوال نرماڻ ٿين ٿا. اِهڙن قسمن جا اَنيڪ مسئلا نرماڻ ٿين ٿا. اُن سبب نرواسين کي آسرو ڏيڻ لاءِ ۽ اُنهن کي وري وسائڻ لاءِ ڪتيرا راشٽر تيار نه ٿيندا آهن.

نرواسين جي ڀَلائين کي ڌيان ۾ رکندي انترراشٽريه سطح تي ١٩٥١ع ۾ ڪجهه بندوبست ڪياو ويا. اُن موجب نرواسين کي اُنهن جي اِڇا جي خلاف اُنهن کي اَصلوڪي ديش ۾ واپس نه موڪليو ويندو. اِهڙو بندوبست ڪيو ويو هو. ساڳيءَ طرح اُنهن جي سوالن کي ڇڏائڻ لاءِ هاءِ - ڪميشن ڪارياليه برپا ڪيو ويو آهي.

اِنساني حقن جي بچاءُ ۽ واڌاري لاءِ سڀ راشٽر ڪوشش ڪندا ته اَنياءُ، ڏهڻ، ۽ هنسا ڪرڻ گهٽجندو.

سيني ماڻهن کي سلامتيءَ سان پنهنجو وڪاس حاصل ڪرڻ گهرجي. ماحول جو بچاءُ ڪرڻ گهرجي ۽ دهشتواد جو پورو خاتمو ڪرڻ گهرجي. اِئين ڪرڻ سان اِنساني حق وڌيڪ اَثرائتي نموني عمل ۾ آڻي سگهبا. جڳهه ۾ ڪنهن به لوڪ - سموه کي نرواسي نه ٿيڻو پوندو. اُن لاءِ ڪوششون ڪرڻ سان اِنساني ٻي - سلامتي دور ٿيندي ان لاءِ سيني راشٽرن جو گڏ اَچڻ، هڪ ٻئي سان سهڪار وڌائڻ، مضبوط ڪم ڪرڻ، ۽ ظاهرطور ڏسڻ ۾ اِچي اَهڙي تبديل آڻڻ وغيره لاءِ ڪوششون ٿيڻ گهرجن.

ايندڙ سال اَسين اِن جي آڌار تي آزاد ڀارت کهڙو سفر ڪيو آهي، اُن جو اَڀياسُ ڪرڻ وارا آهيون.

# اَڀياس

**١. ڏنل جوابن مان صحيح جواب چونڊي بيان پورا ڪيو:-**

(١) هيٺ ڏنل ڪهڙو مسئلو اَنترراشتريہ روپ جو آهي.

(الف) مهاراشٽر - ڪرناٽڪ سرحدواد
(ب) ڪاويري پاڻيءَ جي ورهاست
(ٿ) نرواسين جو مسئلو
(ڊ) آنڌر - پرديش ۾ آيل نڪسلواد

**٢.** هيٺ ڏنل ڪهڙا حق اِنساني - حقن ۾ شامل نہ آهن.

(الف) روزگار جو حق
(ب) ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو حق
(ٿ) ٻارن جا حق
(ڊ) هڪ - جهڙي ڪم لاءِ هڪ جهڙي پگهار جو حق

**٣. هيٺ ڄاڻايل ڏينهن مان ڪهڙو ڏينهن اِنترراشتريہ سطح تي ملهايو وڃي ٿو؟**

(الف) شڪشڪ ڏينهن -----
(ب) ٻال - دن (ڏينهن)
(ٿ) وسونڌرا دن (ڌرتيءَ جو ڏينهن)
(ڊ) ڏوڃ - دن (جهنڊي جو ڏينهن)

**٢. هيٺ ڏنل بيان غلط آهن يا برابر - اِهو سبب ڏيئي سمجهايو.**

(١) پسگردائي جي بگڙڻ (هِراس) تي اُپاءَ - يوجنا ٻولهڻ لاءِ سيني راشٽرن کي سهڪار ڪرڻ ضروري گهرجي.
(٢) نرواسين (جلاوطينن) کي آسرو ڏيڻ لاءِ راشٽر تيار آهن.

**٣. هيٺ ڄاڻايل ويچار چٽيءَ طرح سمجهايو:**

(١) اِنساني حق (٢) ماحول جو بگڙجڻ (٣) دهشتواد

**٤. ڏنل هدايت موجب ڪم ڪريو.**

هيٺ ڄاڻايل ويچار چٽر پورو ڪريو.

| نظرانداز نتيجا | | سبب |
|---|---|---|
| ١. | | ١. |
| ٢. | پسگردائيءَ جو بگڙجڻ | ٢. |
| ٣. | | ٣. |
| ٤. | | ٤. |

اُپاءَ - يوجنا

١.
٢.
٣.

**٥. هيٺ ڏنل سوالن جا ٿوري ۾ جواب لکو.**

(١) اِنساني حق برپا ڪرڻ ۾ ڀارت جي يوملڪا چٽيءَ طرح صاف ڪيو.
(٢) دهشتواد سبب ڪهڙا نتيجا ٿين ٿا، اِهي ٻڌائي دهشتواد کي روڪڻ لاءِ اُپاءَ سُجهايو.

**مشغولي:-**

(١) راجيہ ٻال - حق - ڪميشن (آيوگ) جي ڄاڻ اُستادن جي مدد سان حاصل ڪيو.
(٢) چين ۾ ”جهرڪي ماريو“ تحرڪ ۽ ڀارت ۾ ’چپڪو - تحرڪ‘ جي ڄاڻ حاصل ڪيو.
(٣) وڏن بندن سبب مسئلا پيدا ٿين ٿا ڇا؟ توهانجا ويچار لکو.
(۴) اِسڪول ۾ ملهايل ڌرتيءَ جو ڏينهن جو اَحوال لکو.

HXPR7Z

